ABC
CERTIFIED

# مهراڻ

۳-۴/۱۹۹۸ع



ڪيچ ۾ پنهونءَ جو قلعو

سنڌي ادبي بورڊ

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي رسالو]

جلد ۴۷] جولاءِ- ڊسمبر ۱۹۹۸ع [نمبر ۳-۴

ايڊيٽر
نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ.

**(Regd No. NS-20)**

Quarterly "MEHRAN" (Sindhi).

Vol: 47, No: 3-4, 1998

Published by the SINDHI ADABI BOARD

Sindh University Campus,

Jamshoro/Hyderabad. Sindh. Pakistan

Editer: Nafees Ahmed Shaikh

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه:

مئنيجر،

سنڌي ادبي بورڊ، بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

ساليانو چندو: چار سؤ رپيا

في پرچو: سؤ رپيا

(نوٽ: ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو پنج سؤ رپيا)

Printed and Published by the Secretary (Hon.) Sindhi Adabi Board, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sindh.

# گذارش

## پاڪستاني اديبن ۽ شاعرن جو احتجاج

پاڪستاني اديبن ۽ دانشورن اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان گذريل ١٦. نومبر ١٩٩٨ع تي اسلام آباد ۾ منعقد ڪيل ”وزيراعظم ادبي انعامات تقريب تقسيم“ جي موقعي تي، هڪ نعراءَ ذريعي احتجاج ڪيو هو تہ پنجابي، پشتو، بلوچي، سنڌي ۽ سرائڪي اديبن ۽ شاعرن کي نظرانداز ڪري، وزيراعظم جا انعام فقط انگريزيءَ ۽ اردوءَ ۾ لکندڙ اديبن ۽ شاعرن کي ڏنا پيا وڃن. اهڙيءَ ريت، ملڪ ۾، هڪ وني، لساني نفرت جو ٻج پوکيو پيو وڃي؛ اهو نيڪ ڪونهي. انهيءَ احتجاج ۾، پنجابي، پشتو، بلوچي، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جا ناميارا اديب ۽ شاعر شامل هئا. احتجاج جي نعراءَ جو متن سوڀي گيانچندڻي ۽ غلام رباني آگري پنهنجن ساٿين، حميد سنڌيءَ، جمال رند، تنوير عباسيءَ، جمال ابڙي، نفيس احمد ناشاد ۽ ٻين سان گڏجي تيار ڪيو هو. مدد علي سنڌي، نصير مرزا ، اياز گل، ادل سومري، مختيار ملڪ، تاجل بيوس، تاج بلوچ، ولي رام ولڀ ، راشد مورائي، بيدل مسرور، غلام نبي مغل، ناز سهتي، عطيہ دائود، مظهر لغاري، طارق عالم ۽ ٻين ڪيترن ئي ان جي تائيد ڪئي هئي. هال ۾، چيئرمن جي اڳيان پيش ڪرڻ کان اڳ، بلوچي، پشتو ۽ پنجابي اديبن کان صحيحون، مدد علي سنڌيءَ ورتيون هيون.

اجلاس ۾ اڪيڊميءَ وارن مائيڪ تان نعراءُ نہ پڙهڻ کان روڪي ڇڏيو، ڇو تہ اسٽيج تي اختيار سندن ئي هو. ليڪن، اڪيڊميءَ جي فاضل چيئرمن، جناب نذير ناجيءَ پنهنجيءَ تقرير ۾ اهو اعلان ڪيو تہ اسان انهيءَ گهُر تي همدرديءَ سان ويچار ڪنداسين.

اڪيڊمي آف ليٽرس ۽ حڪومت پاڪستان جي وزارت تعليم اجا تائين پاڪستان جي اديبن جي اُنهيءَ احتجاج جي جواب ۾ ڪوبہ تسلي بخش بيان ڪونہ ڏنو آهي. سو، شڪ ۽ شبهي جي فضا تہ ائين ئي موجود آهي. پر، اڪيڊميءَ، مسئلي جي نزاڪت جي پيش نظر، پنجابي، پشتو، بلوچي، سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ ”اڳوڻا هجري ادبي انعام“ وري ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ ان تي ڪاروائي بہ شروع ڪئي آهي. اهو سنو فيصلو آهي. پر، جيسين مڪيہ مطالبو پورو نہ ٿيندو، تيسين ڪنهن کي بہ اطمينان ڪونہ ٿيندو . جناب نذير ناجي هڪ زيرڪ ۽ معاملہ فهم شخص آهي. هن اڪيڊميءَ ۾ ڪافي سڌارا آندا آهن ۽ غلط ماڻهن کي هٽايو آهي. اميد تہ موصوف هن معاملي کي حل ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب ويندو.

## ماءُ! ڏنم اڄ مان مَڙهين ۾!

گذريل ڪجھ مهينن ۾ سنڌي ادب جي ناميارن لکندڙن- ظفر حسن، خيرالنساءِ جعفري، برڪت علي آزاد ، قلب علي خواجہ، دادا سنڌي، ارشاد ساگر ۽ نظام الدين ڪوسي هيءُ جهان ڇڏيو آهي!

اسان جا مٿيان نيڪ نانءُ ساٿي ڪنھن بہ رسمي تعارف جا محتاج ڪونہ آهن. سندن ادبي خدمتن کي سنڌي ادب ۾ هڪ مستقل حيثيت حاصل آهي. سنڌ جي ادبي حلقن ۾ سندن وڇوڙي کي وڏيءَ اذيت سان محسوس ڪيو پيو وڃي. سندن خدمتن ۽ ڪارنامن تي مهراڻ جي ورندڙ شماري ۾ تفصيل سان مواد ڏيڻ جو پروگرام رٿيو ويو آهي.

اسان هنن سڀني ساٿين جي روحن جي مغفرت لاءِ دُعا گهرندي، سندن پوين سان ڏک ۾ شريڪ آهيون. رب پاڪ مرحومين کي جنت ۾ جايون ڏئي. ن. ا. ش.



# سنڌ ۽

## شاعري


- سرويچ سڄاولي، وفا پَلي، تاج بلوچ ۽ تاج جويو ۵
- محسن ڪڪڙائي، احمد خان مدهوش،
غلام حسين رنگريز ۽ اياز گل ۶
- ادل سومرو، احمد سولنگي،
مظهر لغاري ۽ مولا بخش چانڊيو ۷
- سوز هالائي، مقصود گل ۽ ماڻڪ ملاح ۸
- روشن گهانگهرو ۽ وسيم سومرو ۹
- احمد ٽالپر، روبينه ابڙو ۽ ضمير ڦل ۱۰
- بخشڻ مهراڻوي ۽ رکيل مورائي ۱۱
- نياز ملاح، نياز پنهور،
بيخود بلوچ ۽ سعيد سومرو ۱۲


## مقالا


۱. ڪلهوڙن جي عروج ۽ زوال تي ماحوليات جو اثر - ايم.ايڇ.پنهور (سنڌيڪار: ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ) ۱۳
۲. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظي ترتيب جو مسئلو - محمد عمر چند ۲۵
۳. سنڌي ساهت سميلن - ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ۵۵
۴. شيخ اياز- ڀارت ۽ سنڌ جي هڪ پُل - رام امرلال پنجواڻي، ساوتري ڪوتومل منسکاڻي ۶۸
۵. چانڊڪي پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جا يادگار - سيد امام‌المتقين راشدي ۷۲
۶. سنڌي شاعريءَ تي ويدانت ۽ صوفي مت جو اثر - تنوير عباسي ۸۵
۷. فارسي ادبيات جي ترقيءَ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جون ڪيل خدمتون - غلام محمد لاکو ۹۵
۸. شيخ اياز ۽ ادبي تنقيد - ڊاڪٽر فهميده حسين ۱۰۷
۹. بلگرام جي هڪ علمي گهراڻي جي سنڌ ۾ وقايع نگاري - عارف نوشاهي (سنڌيڪار: محمد پنهل ڏهر) ۱۱۶
۱۰. "مرتضائي نثوي" جون ادبي خدمتون - ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه رضوي ۱۲۶
۱۱. سيرافَ ۾ ورتل سياح: 'هليو سيف الملوڪ' ! - نصير مرزا ۱۷۶
۱۲. ايران: اڄي ۽ هاڻي - غلام رباني آگرو ۱۹۳


## ڪهاڻيون


۱. زماني جو دستور - حميد سنڌي ۲۳۱
۲. ميڊم فاخره - انيس انصاري ۲۳۴
۳. ٻوجين جو وٺڪار - اڪبر لغاري ۲۳۹

# سچل جي سنڌ کي دعا

جوڙي پڪا جُوءِ، اجي وينا عمر آجڙي،
سدا سنگهارن جي، ٿي مٿي حوضن هُوءِ،
ٿيون گلزاريون گاهن جون، ٻي خُوب کُلي خوشبوءِ،
نئين رونق روءِ، ٿيو موٽي مُلڪ ملير جو.

سَدا هون سُکيا، ماروئڙا ملير ۾،
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي،

سَدا سرها هون، ماروئڙا تہ ملير ۾،
مٿي پنهوارن پونِ، مهر جا شل مينهڙا.

ٻيان ماروئڙن تي، مِهران وَسن مينهن،
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي.

سدا سي ساٿيهہ ۾، سُکيا هُئن سنگهار،
پکي منجهہ پنهوار، شل هئن سدائين سَرها.

سائين! سنگهارن جو، رکج ٻن پکي،
ڪوئي تا نہ لکي، هُئن سدائين سرَها.

ٻوڙن ۽ نُونڊيَن، مارُو چارنِ مالڙا،
گوڙيَن ۽ ڪِونديَن، سَرها ٿين ساهہ ۾.

پاڳين پَوَ لَٿا، وينا پانورَ ڪَنڌئين
اُنا مينهن مَٿا، آجڙين عيدان ڪيون.

وري وَسايو، مالڪ مُلڪ ملير جو،
سو اڳي ڪؤن اُجرو ٿيو، سائو سَوايو،
آڳي اگهايو، "سچوءَ" جو سوال ڪيو!

*

احمد ٽالپر

## گيت

مون کي اهڙي ڄاڻ نہ هئي ڪا، ساجن! توکان وسري ويندس.

چاهت- چيت، ڪِرڻ ڪان اڳ ۾،
آس جا گل، ٽِڙڻ ڪان اڳ ۾،
پن ڇڻ جي ڪنهن پيلي پن جان، واءُ لڳڻ سان وکري ويندس.

واٽون جنهن تنهن، پل جاچينديون،
جوڀن جُوالا ڪي سانديندي،
اوسيئڙي ۾ ٻرندي جهرندي، ميڻ بتيءَ جان پگهري ويندس.

عڪس هو منهنجو ۽ مان مَن مان،
تنهنجي نيڻن جي درپن مان،
ڪنهن وڏوا جي لُڙڪن وانگي، بي مُلهہ ٿي مان نڪري ويندس.

روبينہ ابڙو

## وائي

آخري پيرو آءُ،
سانوري سانجهہ جو.....

توکي ساريو آ مون، گهُلي اُتر جي واءُ،
سانوري سانجهہ جو.....

تاڪ منجهند جيان، تو بنا آهي تاءُ،
سانوري سانجهہ جو.....

ڪين تو بن وڻي، هيرَ توڙي هُڳاءُ،
سانوري سانجهہ جو.....

موتُ اڳ ۾ اچي، آءُ اڳ ۾ تون آءُ،
سانوري سانجهہ جو.....

☆

ضمير ڦُل

## نظم

ڏُور پهاڙين جي پويان
ڪو سنڪُ وڄي ٿو
شايد ڪوئي ساڏو آهي
جيڪو مون کي روز سڏي ٿو
آنءُ وڃان ٿو آنءُ وڃان ٿو
نيري امبر مان آڌيءَ جو
تارن جي ميڙاڪي مان ڪو
هڪڙو تارو دور ٽِٽي ٿو
ڄڻ ڪو منهنجو خواب ٽٽي ٿو
ڪيڏو پنڌ ڪري آيو هان
پريتءَ جو پيرو ڪونہ کٽي ٿو
آنءُ وڃان ٿو آنءُ وڃان ٿو
منهنجي سوچن جي لامن تي
درد جو پيلو پور ڦٽي ٿو
تنهنجي صورت جي ٺي صدقي
سنڌ سموري سيني ۾ آ
اکڙين جي آئيني ۾ آ
آنءُ چوان ٿو آنءُ چوان ٿو
ساري جڳ جي سندرتا آ
تنهنجي هڪڙي موهيڙي ۾
ڪيڏا قول ڦُٽي پيا آهن
هيل پٽن تي روهيڙي ۾
ڪيڏو درد سمايل آهي
سچل! تنهنجي ڏوهيڙي ۾
آنءُ وڃان پيو ڪوهيڙي ۾
ڏُور پهاڙين جي پويان
ڪو سنڪُ وڄي ٿو
شايد ڪوئي ساڏو آهي
جيڪو مون کي روز سڏي ٿو
آنءُ وڃان ٿو آنءُ وڃان ٿو
آنءُ وڃان ٿو.

## بخشڻ مهرائوي

# کهاڻي، جنهن جي ڪابہ پڄاڻي ناهي

توکي ياد ڪندي
پريل ٽانو جيان
اوچتو چڻ هارجي ويو آهيان
سياري جي اُس جهڙو تنهنجو ساٿ،
اداس ريلوي اسٽيشن جهڙي اڪيلائي ۾
لمحو لمحو ياد ٿو اچي
ڪوٽن سڪن جهڙا ڏينهن آهن.

شاعري جهڙي شام بہ راس نٿي اچي
ڳولا جي پولار ۾،
تون منهنجو آخري سڏ آهين
سمورا دکي گيت،
چڻ هڪڙي ئي پيار جو ورجاءُ آهن
هزارين ڪتابن ۾ ٽڪجي،
۽ گهري ننڊ ستل
لکين، ڪروڙين لفظ
ڪنهن مسافر جو ٽڪ ٽا لڳن.
اکيون،
تاريڪي جو اونداهو تصور ٿيون لڳن
جلائيندڙ سموريون روشنيون
اوندهہ لاءِ آئت نٿيون بڻجي سگهن
انساني عقل،
هزارين حصن ۾
ڪيترا قصا ٿو جوڙي
مگر موسمون،
ڪا اهڙي مالها نٿيون جوڙين
جنهن کي پائڻ ڪان پوءِ
سمورا بار هلڪا ٿي پون
رستا ڏيکاريندڙ اکيون،
پاڻ انڌيون ٿي ويون آهن.
ستين آسمان تائين هٿ نٿا پڄي سگهن
چار طرف آهن،
چارئي دروازا بند آهن
سمنڊ جي لهرن تي ڪير گهر جوڙي سگهيو آهي؟
پاڻي تہ،
ڪشتي جو بار بہ مشڪل سان ڪٽي ٿو سگهي
شاعري سمورا لفظ ڇورائي وئي آهي.
گونگا اشارا رهجي ويا آهن
اسان تہ آڪيرن مان هيٺ ڪريل
ڪچا پڪي آهيون
وقت پارڙن جو لشڪر اسان جي پويان ڇوڙي ڇڏيو آهي
سهڪندڙ ڇپن ۾،
ڪير پاڻي جا ڦڙا اوتيندو؟
چنڊ بہ رات جو راهي آهي.
سچ سان اسان جي سنگت هاڻ رهي ناهي.
رات جي هن پار وڃڻ وارن مسافرن ڪان،
آخري ٽرين بہ نڪري وئي آهي
هل تہ هلي ڪنهن انتظار گاهہ ۾، چانهہ جو ڪوپ پيئون
۽ هڪڙو وڏو ٽهڪ ڏيون!

## رکيل مورائي

# غزل

هيڪلاين جو عذاب پوڳي ٿو،
ڪائي تعبير خوابُ پوڳي ٿو.

ڪيترائي گناهہ مائيان ٿئين،
هيل هڪ ٿي ثواب پوڳي ٿو.

آ ڪبت کي ونئي ويو چارو،
جا تہ دوري ڪتابُ پوڳي ٿو.

ڪير آهُن جي ڪيفيت سمجهي،
قبر تي ڪيئن ڪتابُ پوڳي ٿو.

مرڪ ويئي لکي چپن ۾ ئي،
اُن جا اُڌما حجابُ پوڳي ٿو.



# مقالا

سنڌ جي تاريخ گھڻو آڳاٽي زماني کان شروع ٿئي ٿي، جا حد کان وڌيڪ دلچسپ بہ آهي نهايت اهم بہ: مگر اها اڄ تائين ڇڙوڇڙ ۽ بنا ڪنهن ترتيب جي پيل آهي. سنڌيءَ يا ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ ڪوبہ اهڙو ڪتاب نہ لکيو ويو آهي، جنهن کي سنڌ جي تاريخ جي شروعاتي خاڪو ڪوٺي سگھجي: يعني جنهن مان هن ملڪ جا تاريخي ۽ تمدني حالات، زمانيوار هڪ هنڌ معلوم ٿي گھن. انقلابي طوفان غالباً هن خطي کان زيادهہ، پاڪ ۽ هند جي ڪنهن بہ ٻئي خطي تي ڪين گذريا آهن.

قومن ۾ زندگيءَ جي جذبن ۽ ولولن کي تازي رکڻ، ۽ منجهن عملي جوش لاءِ نئين خون پيدا ڪرڻ جو سڀ کان اهم ذريعو قومي تاريخ آهي. قومي تاريخ جي ئي صفحن تي پنهنجي بزرگن جا اعليٰ ڪارناما، آئينده نسلن لاءِ هميشہ واسطي زندگيءَ جو سبق بنجن ٿا. انهيءَ ئي آئيني ۾ هر قوم پنهنجي ماضيءَ کي بي نقاب ڏسي سگھي ٿي ۽ پنهنجي عروج ۽ زوال جي اسباب ۽ عوامل تي ٿڌي سيني سان غور ڪري، آئينده جا خدوخال درست ڪري سگھي ٿي. جنهن قوم وٽ پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ اڪين آڏو نہ هجي، ان لاءِ سمجهڻ گهرجي تہ اها زندگيءَ جي ميدان ۾ عملي محرڪات جي هڪ نهايت ئي اهم وسيلي کان محروم آهي.

**-سيد حسام الدين راشدي**

**ايم.ايڇ.پنهور**

سنڌيڪار: ڊاڪٽر الهرکيو ٻُٽ

# ڪلهوڙن جي عروج ۽ زوال تي ماحوليات جو اثر

تاريخ بابت منهنجي تشريح هيءَ آهي تہ "اُها پيداوار جي ذريعن ۽ وسيلن جي تاريخ آهي، اُها پيداوار جي ذريعن ۽ وسيلن تي ضابطي جي تاريخ آهي ۽ اها پيداوار جي ورڇ جي تاريخ آهي." جيئن تہ پيداوار زير زمين پاڻي ۽ موسم جي اختيار سان گڏوگڏ سڌوسنئون "ماحوليات" جي اختيار هيٺ آهي، ان ڪري لامحالہ تاريخ ماضيءَ جي "ماحوليات" جي سرگذشت آهي. سنڌ جهڙو ملڪ، جنهن جو الهندو تاڪرو علائقو (ڪوهستان)، ايراني- بلوچ بيابان جي توسيع آهي ۽ ان جي ايرندي وارو وارياسو ٿر مهاڀارتي رڻ جي توسيع آهي، سو لازماً هڪ ريگستان آهي: تنهن هوندي بہ اُن جو وچولو سيلابي زرخيز ميدان، جيڪو سنڌو درياهہ سيراب ڪري ٿو، سو دنيا جي ٻن سخت ريگستانن جي وچ ۾ هڪ توسيعي خيابان / سرسبز علائقو آهي. ان سبب ڪان "سنڌ جي تاريخ جو دارومدار، درياهہ سنڌ جي پاڻي، زمين ۽ موسم پاران ڏنل پيداوار جي تاريخ آهي: سنڌو درياهہ ۾ آيل لاهہ چاڙهہ جي ڪري خوشحالي ۽ بدحالي جي تاريخ آهي." سنڌوءَ پاران رخ مٽائڻ لازماً هن ڌرتيءَ تي ڏڪار، بک، موت، آفتن ۽ حڪمران گهراڻن جي تبديليءَ جي برابر آهي. سنڌوءَ جي ميدانن گهڻو تڻو سنڌ جي اسي سيڪڙو آدم جي سمائتا ڪئي آهي. سنڌوءَ جي لاهہ چاڙهہ جو دارومدار وري هماليہ جي برف جي ڳارَ تي آهي: جيڪڏهن هلڪي گرميءَ سببان برف گهٽ ڳري تہ سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۾ لاٿ ايندي. ان حالت ۾ واهہ ڀرپور انداز ۾ نہ وهندا تہ آباد پوکيءَ هيٺ ايراضي گهٽجي ويندي ۽ اهڙيءَ ريت پيداوار بہ گهٽبي. جيڪڏهن هماليہ طرف گرمي وڌندي تہ واهہ بہ تار وهندا ۽ پوکي راهي هيٺ ايراضي بہ وڌي ويندي. سهنڌوءَ جي لاهہ ۽ چاڙهہ جو دارومدار ڪيس پريندڙ پنجاب ۽ ڪشمير جي پنجن دريائن واري علائقي ۾ پوندڙ بارش تي بہ آهي. برسات گهٽ پوڻ جي ڪري سنڌوءَ ۾ چاڙهہ ڪونہ ٿيندو، انڪري سنڌ جي پيداوار جو دارومدار ايرندي ۽ الهندي پنجاب، ڪشمير ۽ اترين هماليہ جبلن جي قطارن طرف موسمي حالتن تي آهي.

ٿر ۽ ڪوهستان جا چراگاهہ سنڌ جي مجموعي آباديءَ جي ٢٠ سيڪڙو جي سمائتا ڪن ٿا ۽ انهن جي خوشحاليءَ جي دارومدار بارش تي آهي. ٿڌ جي ڊگهي عرصي جي ڪري برسات گهٽجيو وڃي تہ پوکي هيٺ ايراضي بہ گهٽ ٿيو وڃي. ان حالت ۾ ماڻهو چوپائي مال چارڻ ڏانهن رخ ڪن ٿا. جيئن تہ چراگاهہ سنڌ جي سموري آدم جي سمائتا نٿا ڪري سگهن، ان صورت ۾ ڏڪار جون حالتون پيدا ٿي وڃن ٿيون ۽ مجموعي پيداوار سبب آدم بہ گهٽجيو وڃي. پيداوار جي ڪمي سبب نہ رڳو آدم گهٽجي ٿو، پر سماجي ۽ معاشي حالتن تي بہ برو اثر پوي ٿو.

پيداوار ۽ ان جي ورڇ کي ضابطي هيٺ آڻڻ لاءِ قديم معاشري ذات پات جو نظام رائج ڪيو: حڪمران (ڪتري) فوجي زور تي عوام کي دٻاءُ هيٺ رکڻ: برهمڻ (تعليم يافتہ ۽ مذهبي طبقو) محصول گڏ ڪرڻ، حڪمرانن پاران انتظام هلائڻ ۽ عوام ۾ سندن حصي جي برعڪس خريدڻ جي سگهہ پٽاندر پيداوار تي ضابطو رکڻ: وئش يعني ڪاشتڪار ۽ واپاري ۽ آخر ۾ ڪمي ۽ ڪاسبي (شودر)، جن جي ذمي پنهنجي لاءِ ۽ معاشري جي باقي ٽن مٿين طبقن لاءِ واپرائڻ جو شيون ۽ خدمتون فراهم ڪرڻ هو. ذات پات جي سرشتي گهڻو ڪري سنڌو تهذيب جي اوائلي دور ۾ جنم ورتو ۽ ڪئين هزار سالن بعد آريہ مت تي هلندڙ قومن ۾ مروج ٿيو. ذات پات جو سرشتو ميسوپوٽيما (قديم عراق)، قديم مصر، آمريڪا ۽ هوانگ هو (پيلو درياهہ) جي وادين ۾ بہ موجود رهيو. ان لحاظ ڪان ذات پات جو

سرشتو پيداوار وڌائڻ ۽ ان کي ضابطي هيٺ رکڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو. بعد ۾ پارت جي زوال پذير معاشري ۾ اهو سرشتو ظالمانہ ۽ انسان دشمن بڻيو ۽ ان پيداوار تي نهايت منفي اثر ڇڏيا.

گرم موسم ۽ سنڌ ۾ تهذيب جو اُڀار (۷۵۰۰-۲۰۰۰ ق.م)

سنڌ جي موسم هميشہ هڪجهڙي نہ رهي آهي ۽ ان ريت اُن جي خوشحالي بہ هميشہ هڪجهڙي نہ رهي آهي. ۷۵۰۰-۲۰۰۰ ق.م دوران گرم موسم جو دور رهيو ۽ مينهن ڏاڍا وسيا: سنڌو تار وهندڙ هو. سانوڻي وارا فصل باجهر، جوئر ۽ چانور اجا ناپيد هئا. پر سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو رخ ڪڍن ڪوٻن ۽ هيٺانهن علائقن ڏانهن موڙيو ويندو هو ۽ آڪٽوبر ڌاري وٽ تي خريف جا فصل جهڙوڪ (ڪڻڪ، جَوَ، سرنهن ۽ پاڄيون وغيره) پوکيا ويندا هئا. پوکيل فصلن جي پلي هجڻ جي ڪري مهرڳڙهہ (۶۵۰۰ ق.م)، آمري (۳۷۰۰ ق.م)، ڪوٽڏجي (۳۳۰۰ ق.م) ۽ موهن جو دڙو (۲۳۰۰-۱۶۰۰ ق.م) لڳاتار ۵۰۰۰ ورهيہ وجود ۾ رهندڙ تهذيب، جيڪا اجا تائين بي مثال آهي، سنڌ ۾ موجود رهي. (حوالو: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، ص ۱۷-۵۰)

خشڪسالي ۽ سنڌو تهذيب جو زوال (۲۰۰۰-۹۰۰ ق.م):

۲۰۰۰ ق.م ڌاري موسم خشڪ ٿيڻ شروع ٿي ۽ حالتون اينريقدر خراب ٿيون جو ۱۷۵۰ ق.م ڌاري هڙپا ۽ ۱۶۵۰ ق.م ڌاري موهن جو دڙو ختم ٿي ويا. موهن جي دڙي جي رهواسين چوپايي مال ڌارڻ ۽ چارڻ طرف رجوع ڪيو. هميشہ وانگر گذر بسر لاءِ سموري سنڌ ۾ چراگاهن جي قلت جي باوجود وڌيڪ جانور چارڻ تي زور ڏنائون، تان جو زمين (پيداوار جا وسيلا) ۽ معاشرو بدحالي ڏانهن وريا. هن کي عام طور "جهڪر ڪلچر" طور ڄاتو وڃي ٿو. ۱۳۰۰ ق.م ڌاري خشڪساليءَ جي وڌڻ ڪري تمدن وڌيڪ زوال پذير ٿيو. هيءَ صورتحال ۹۰۰ ق.م تائين رهي ۽ ان کي "جهانگار ڪلچر" طور ڄاتو وڃي ٿو. (حوالو: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ص ۵۱-۶۰).

غيرآباد بياباني قومن پاران سنڌ جي فتح (۵۱۹-۳۲۴ ق.م):

۹۰۰ ق.م کان پوءِ موسم قدري بهتر ٿي، مگر ڏکڻ ايشيا جي ٻين علائقن ۾ رونما ٿيندڙ تمدني ترقيءَ سان ڪلهي ملائڻ جهڙي نہ ٿي هئي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ۶ صدي ق.م جي آخري چوٿائي ۽ تقريبن ۳۰۰ ق.م دوران موسم بهتر ٿي. ان عرصي دوران سنڌ جون حدون ملتان تائين پکڙجي ويون، ملڪ خوشحال ٿيو ۽ اخمينين ان کي فتح ڪيو، جنهن کي ڳرا محصول پريندو هو، مگر انهن جي هڪ صديءَ جي تسلط دوران مقامي راڄڌانين جي صورت ۾ آزادي ماڻيائين. ۳۲۶ ق.م ۾ سڪندر اعظم سنڌ تي حملہ آور ٿيو تہ ستن راڄڌانين جي راجائن: ملوئي (Malloi)، آڪسيڊريڊس (Oxydrades)، موسيڪانس (Musicanus)، سامبس (Sambus)، آڪسيڪانس (Oxycanus)، مورس-اول (Moeres-1) ۽ مورس ٻيو (Moeres-II) جوانمردي ۽ بي جگريءَ سان مقابلو ڪري دنيا جي عظيم فاتح جي هوڏ کي لوڏي ڇڏيو. نتيجي ۾ مڪران جي صحرا ذريعي سنڌ کي تڪڙو خيرآباد چيائين. پاڄ دوران وٽراهہ ۽ پاڻيءَ کان اٿهوند واري ماحول سنڌس ڏند کٽا ڪري وڌا. سنڌ مان پاڄ کان پوءِ هڪ سال جي اندر بابل ۾ زهر ڏيڻي سنڌس انت آندو ويو. هن مان ظاهر آهي تہ جيڪڏهن موسم مهربان آهي تہ موت ۾ آباديءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو ۽ خوشحاليءَ جي ڪري ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ جي بچاءُ ۾ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. (حوالو: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، ص ۶۸-۸۴).

خشڪسالي ۽ وچ ايشيائي قومن پاران سنڌ جي فتح (۲۰۰ ق.م ۱۳۵۶ع):

تقريبن ۴۰۰ عيسوي تائين مختلف سطحن تي سنڌ ۾ خشڪسالي رهي. جڏهن بہ دنيا جي وسيع ايراضين ۾ خشڪسالي رهي آهي تہ بيابانن جا مالوند ماڻهو سُيراب دريائي ماٿرين جي امن پسند باشندن تي هلان ڪري ڏيندا

آهن ۽ موجوده حالتن ۾ سنڌ تي وچ ايشيائي مالوند ماڻهن جهڙوڪ ٻئڪٽرين، يوناني، سٿين، پارٿين، ڪُشن ۽ آخر ۾ ايران جي ساسانين قبضو ڪيو. غاصبن جي قبضي ظالمانه حد اختيار ڪئي تہ مقامي بغاوتن بہ منهن ڪڍيو ۽ غاصبن سنڌ ۾ ورلي ڪي يادگار عمارتون اڏيون. سنڌن دور ۾ ڪو خاص نالي وارو ٻڌ اسٽوپا نہ اڏيو ويو. (حوالو: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، ص ۸۴-۱۰۸).

**گرم برساتي دور ۾ ٻوڌي شان ۽ شوڪت (۴۰۰-۷۰۰ عيسوي):**

۴۰۰-۷۰۰ عيسوي دوران موسم گرم رهي ۽ ملڪ خوشحال ٿيو. اسان وٽ رڪارڊ موجود آهي، جيڪو ڏيکاري ٿو تہ سنڌ جي وهليڪن (Vahlikas) حڪمران، چندر گپت-۲ کي ڏيهہ نيڪالي ڏني ۽ راءِ سهارس -۲ جان جي نذرانو ڏيئي ۶۰۰ عيسويءَ ۾ مڪران وٽ ايراني لشڪر کي شڪست ڏني. راءِ سهاسي-۲، ۶۲۰-۶۳۰ عيسويءَ دوران هرساها (Harasaha) کي هڪالي ڪڍيو ۽ برهمڻ راجا ڏاهر سنڌ جي سازگار موسم جي ڪري آيل خوشحاليءَ واري هن زماني ۾ ٻُڌ اسٽوپا تعمير ڪرايا. (حوالو: "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ"، ص۱۰۸-۱۳۵).

**خشڪ موسم، عربن پاران سنڌ جي فتح ۽ عربن خلاف ۱۴۰ سال گهرو ويڙهہ:**

۷۰۰-۹۰۰ عيسويءَ وارو دور پوري دنيا ۾ خشڪ دور رهيو. اسلام جو قهلاءُ ۽ بزنطيني سلطنت (Byzantine Empire) جي ڪمزوري جا اسباب ۶۳۰ عيسوي کان پوءِ ڏکڻ يونوچ سمنڊ جي آسپاس خشڪسالي وارا سمجهيا وڃن ٿا. ۷۰۰ عيسوي ڌاري سنڌو درياهہ پنهنجو رخ مٽايو، نتيجي ۾ ڏکڻ سنڌ جي واهن جو سرشتو تباهہ ٿيو ۽ ماڻهن اهو علائقو خالي ڪيو ۽ محمد بن قاسم جي ڪمان هيٺ عربي لشڪر بغير مزاحمت جي هن ويران علائقي مان ڪهي اڳتي وڌيو. چند سالن جي خشڪسالي سنڌ کي ايترو تہ ڪمزور ڪيو، جو ملڪ آسانيءَ سان عرب لشڪر جي قبضي هيٺ اچي ويو. ۷۱۴-۸۵۴ عيسوي جي ۱۴۰ سالن واري دور ۾ سنڌ مٿان اُموي ۽ عباسي گهراڻن جا هرهڪ ۱۱ ۽ ۲۹ گورنر مقرر ٿيا. خشڪساليءَ جي ڪري سنڌ جي اڪثر ماڻهن مال چارڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيو. درياهہ جي رخ مٽائڻ ۽ سنڌ جي نهري آبي وسيلن سان عربن جي اڻواقفيت سبب واهن وسيلي پوکي راهي تمام محدود ٿي ويئي. عوام ٽئڪسن ڀرڻ جي قابل نہ رهيا ۽ جڏهن عرب گورنرن پاران وصوليءَ لاءِ زير بلر ٿيڻ لڳا تہ ويڙهاند ڏانهن وريا ۽ ايترو تہ دليريءَ سان وڙهيا، جو ۵۰ سيڪڙو گورنر بغاوت کي ڪچلڻ ۾ ناڪاميءَ سبب دمشق ۽ بغداد طرفان برطرف ڪيا ويا. ۲۵ سيڪڙو مقامي مهمن ۾ ماريا ويا ۽ فقط ۲۵ سيڪڙو جيئرا واپس پنهنجن ماڳن ڏانهن وريا. (سنڌ ۾ بغاوتن جو سربستو احوال موجوده ليک "ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ" ص-۱۲۶-۱۸۴ ۾ ڏنو آهي). گهرو لڙاين جي نتيجي ۾ عرب نسل جي هبارين، جيڪي سنڌن وڏن پاران ۱۲۵ سالن کان وٺي سنڌي عورتن سان شادين جي ڪري "مقامي باشندا" ٿي چڪا هئا، حڪومت جون واڳون سنڀاليون. انهن کي اصل مقامي عوام جي حمايت حاصل هئي ۽ سنڌن بخت ڀڙڪو کاڌو ۽ جلدي آب هوا سازگار ٿيڻ سان گڏوگڏ پيداوار ۽ رعايا بہ وڌڻ لڳي.

**موسم جي سازگاري يعني گرم ۽ برساتي موسم (۹۰۰-۱۲۵۰ع):**

۹۰۰-۱۲۵۰ع وارو عرصو پوري دنيا ۾ "سازگار موسم" جو دور ڄاتو وڃي ٿو. وڏيڪ برساتن جي ڪري درياهہ ۾ چاڙهہ ٿيو ۽ سنڌ اندر واهہ ڀرپور انداز ۾ وُڙها. ملڪ ۾ خوشحالي ٿي. هن عرصي دوران سنڌ ۾ آيل عرب سياحن جي وڏي انگ ملڪ ۾ بهتر امن امان، عوام جي خوشحالي ۽ بادشاهن جي راڄ پروري بابت لکيو آهي. انهن پيداواري جنسن (ميون، ڀاڄين، کاڌ خوراڪ جي اپمن) جي ڪثرت، ڪپڙي سازي ۽ مختلف عقيدن جي ماڻهن جي

سورهين صديءَ جي شروعات ۾ بابر اقتدار ڏٺي ٿيو ۽ ارغونن ۽ ترخانن کي قنڌار خالي ڪرڻ تي مجبور ڪيائين. هنن کي پنهنجي قوم کي بک ۽ بدحاليءَ کان بچائڻ لاءِ سنڌ کي فتح ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو. خود بابر لاءِ سمرقند جون موسمي حالتون برداشت کان ٻاهر ٿي ويون، جو ان ١٥٢٦ع ڌاري دهليءَ تي قبضو ڪيو. هي واقعو شاهہ بيگ پاران سنڌ فتح ڪرڻ کان هڪ سال پوءِ نمودار ٿيو. (شاهہ بيگ ١٥١٩ع ۾ سنڌ فتح ڪئي، اها معصوميءَ جي پُل آهي) ارغونن ۽ ترخانن لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونہ هو تہ هو سنڌ جا شمر خالي ڪرائي اتي پنهنجا ماڻهو آباد ڪرائين. اهوئي وقت هو جو سنڌ "ننڍي برفاني دور" ۾ جڪڙجي ويئي.

هڪ تازي سائنسي تحقيق مان پتو پيو آهي تہ ١٤٣٠ع کان ڪُرهءِ ارض جو درجہ حرارت هيٺ ڪرڻ شروع ٿيو. وچ ايشيا ۾ ان جو پهريون اثر ١٤٨٠ع ڌاري محسوس ٿيو، ١٥٠٠ع کان پوءِ حالتون وڌيڪ بگڙجڻ لڳيون، تان جو وچ ايشيائي قومن جي ١٥٢٠ع کان ١٦٦٠ع تائين ننڍي کنڊ ڏانهن منتقلي عمل ۾ آئي. سنڌ ڏانهن منسوب هن عمل جي وضاحت هينئين ريت ڪري سگهجي ٿي:

جيڪڏهن گرميءَ جو درجو ننڍي کنڊ جي ميدانن ۾ ڏهائي ٥ سينٽي گريڊ ۽ هماليہ ۾ هڪ سينٽي گريڊ هيٺ ڪريو تہ ان جو اثر عام سال جهڙوڪ ١٩٣٠ع جي مقابلي ۾ هنريت ٿيندو:

* برف جيڪا هماليہ ۾ اڪثر ڪري پهرين اپريل ڌاري ڳرڻ لڳي ٿي، سا ١٥-٣٠ ڏينهن دير سان ڳرڻ لڳندي، يعني ١٥ اپريل کان پهرين مئي تائين.

* برف جو ڳرڻ جيڪو ١٥ جون تائين پنهنجي انتها تي پهچي ٿو، سو هاڻ جون جي آخر تائين ترسندو ۽ گهٽ درجہ حرارت هماليہ ۾ چوماسي کي گهٽ ۾ گهٽ ١٥ ڏينهن تائين روڪيندو.

* ٻوڏ جي موسم ١٥ ڏينهن دير سان ايندي ۽ انتهائي برفاني ڳار واري ٻوڏ (چوماسو) سنڌ ۾ جولاءِ جي آخر ۾ رسندي.

* درياهہ سنڌ ۾ پاڻيءَ جي سطح عام سطح کان ڪيترا فوٽ هيٺ ٿيندي، انڪري اُتل سبب وهندڙ واهن ۾ پاڻيءَ جي سطح گهٽ هيٺ ٿيندي. ماڻهن وٽ پاڻيءَ کي مٿينءَ سطح تائين رسائڻ جو واحد ذريعو نار ٿيندو ۽ چانورن جي بجاءِ جوئر ۽ ٻاجهر جي پوکي ڪري سگهندا. ("معصومي"، باغبان جي علائقي ۾ اُنن پاران هلندڙ نارن جو ذڪر ڪيو آهي.)

* چوماسو ١٥ ڏينهن دير، پهرين جولاءِ جي بجاءِ ١٥ جولاءِ کان ١٥ آگسٽ تائين نمودار ٿيندو.

* چوماسي جي برسات درياءَ سنڌ ۾ ٻوڏ جو پاڻي آڻيندي ۽ سنڌ ۾ ان جي مٿينءَ سطح پهرين آگسٽ کان پهرين سيپٽمبر تائين رسندي.

* سيپٽمبر موجوده کان وڌيڪ ٿڌو ٿيندو.

* سيارو ١٥ ڏينهن اڳ ۾ شروع ٿيندو، يعني پهرين نومبر جي بجاءِ ١٥ آڪٽوبر کان ۽ پهرين مارچ جي بجاءِ ١٥ مارچ تائين چالو رهندو.

* ڏهائي ٥ سينٽي گريڊ درجہ حرارت جي هيٺ ڪرڻ جو اثر اتل تي سيراب ٿيندڙ فصلن جهڙوڪ چانورن ۽ ٻين تي هنريت پوندو.

– واهہ ١٥ ڏينهن دير سان وهڻ لڳندا ۽ چانورن جي روپني لاءِ پاڻيءَ جي يقيني فراهمي ١٥ جولاءِ کان پوءِ دستياب ٿيندي.

– الهندي ناري جهڙو واهہ دائمي وهندڙ نہ رهي سگهندو ۽ نہ ئي پڇڙيءَ تائين پاڻي فراهم ڪري سگهندو. ان

سبب جي ڪري "مظهر شاهجهاني" پاران سيوهڻ سرڪار ۾ ناري جو ذڪر موجود ڪونہ آهي.

- سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي سطح پهرين سيپٽمبر کان هيٺ ڪرڻ لڳندي ۽ ١٥ سيپٽمبر کان واهہ ماڳهين وهڻ ڇڏي ڏيندا.

- ١٥ جولاءِ تي پوکيل ڇانورن جي پوک واڍ ڪائيندي، مگر سيپٽمبر ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ ۽ آڪٽوبر ۾ جلد سياري جي شروع ٿيڻ سبب پوک پچي نہ سگهندي.

- فقط گهٽ جنسن وارا ڇانور جهڙوڪ رتڙيو، گنجو، ڪنگٽي وغيره، جن کي پچڻ ۾ ٦٠ ڏينهن لڳن ٿا، پوکي سگهبا ۽ اعليٰ جنس جهڙوڪ سڳداسي پوکي نہ سگهبا.

- ڪمتر جنسن وارن ڇانورن جي اپت گهٽ ٿئي ٿي، جيڪا اعليٰ جنس جي ڇانورن جي ٥٠-٦٠ سيڪڙي برابر آهي، انڪري مجموعي پيداوار گهٽ لهندي.

- ڇانورن جي پوک جلدي پچڻ خاطر انهن جي رونبي بجاءِ ڇٽ تي ڪبي. هن سان پيداوار جي ٽين پتي گهٽجي ويندي.

- ڇانورن جي پيداوار عام رواجي پيداوار جي ٤٠-٥٠ سيڪڙو برابر لهندي.

- جوئر ۽ باجهر، گهٽ مدي وارا فصل پيدا ڪري سگهبا ۽ پچي راس ٿي سگهندا. اهي ڇانورن جي جاءِ والاريندا، مگر انهن جي في ايڪڙ پيداوار ڇانورن جي مقابلي ۾ نهايت گهٽ رهندي ۽ اهي سنڌ جي آباديءَ لاءِ بلڪل ناڪافي هوندا.

- ڏگهو سيارو ڪڻڪ ۽ ٻين سياري جي فصلن جي پيداوار لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو، مگر سياري ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ ڪري اهي گهٽي ۽ وڏي ايراضيءَ تي پوکي نہ سگهبا. درياهي علائقن ۾ ڪڻڪ ۽ تيلي ٻجن جي پوک ڪري سگهبي، مگر انهن جي ايراضي محدود هوندي.

- ماڻهو مال چارڻ ڏانهن راغب ٿيندي ٿر ۽ ڪوهستان جي علائقن ۾ وڏيڪ چوپايو مال پالڻ لڳندا ۽ گهٽ وٽڪار تي وڌيڪ چوپايي مال جي بار سبب وڌيڪ ويراني پيدا ٿيندي ۽ ٿر ۽ ڪوهستان ۾ وڌيڪ مال پالڻ جي صلاحيت گهٽبي.

- عموماً خوراڪ جي قلت ٿيندي ۽ ڏڪر جي ڪري موت جو تناسب وڌي، آدم ۽ خوراڪ جي فراهمي کي برابر ڪندو. سنڌ ۾ ننڍو برفاني دور ١٥٢٥ع ڌاري ارغونن جي فتح ڌاري نمودار ٿيو. درجہ حرارت هيٺ ڪرڻ لڳو ۽ ساڳيءَ ريت زرعي پيداوار بہ گهٽجڻ لڳي. مقامي بغاوتن منهن ڪڍيو ۽ اهي ١٥٩١ع ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي تسلط جي خاتمي تائين ڪچلجي نہ سگهيون، اهي مغل دور ۾ بہ جاري رهيون.

- ١٥٧٨ع ڌاري سنڌ ۾ بدترين ڏڪار منهن ڪڍيو، جيڪو سانده ستت سال هليو. ترخان حڪمران مرزا باقي بيگ ظالم اناج جو وڏو ذخيرو ڪرائي رکيو، جنهن مان هو ذرو بہ ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو، تان جو پنهنجي ماڻهن هٿان سوڙهو گهٽيو ويو ۽ آخر ۾ پاڳلپڻي جي حد تائين پهتو ۽ پنهنجي ئي هٿ سان پنهنجي سيني ۾ خنجر هڻي انت آندائين.

- ننڍي برفاني دور برصغير کي ڏاڍو متاثر ڪيو، ايتري قدر جو مغلن جو نئون تخت گاهہ فتح پور سيڪري، نديءَ جي پاڻي سڪي وڃڻ جي ڪري ١٥٧٥ع ۾ تاراج ٿيو.

• اهڙين مصيبتن دوران اڪبر سنڌ فتح ڪري پنهنجي سلطنت سان ملائي، مگر ننڍي برفاني دور جي ڪري اناج جي قلت بدستور رهي ۽ سنڌي قومن بغاوت جاري رکي.

• ننڍو برفاني دور ١٦٦٥ع ڌاري چوٽ تي رسيو، تان جو سرڪاري اُپت ٦٥ سال اڳ واري حد کان ٢٠ سيڪڙو گهٽجي ويئي.

• سنڌ ۾ ننڍي برفاني دور جو زور ١٧٠٠ع ڌاري گهٽجڻ شروع ٿيو.

• پنجاب ۾ اهو ٥٠ سال اڃا بہ وڌيڪ رهيو ۽ "سک بغاوتن" جو سبب بڻيو.

• بغاوتن سموري هندستان کي پنهنجي لپيٽ ۾ ورتو ۽ لوڏي ڇڏيو، ايتري قدر جو ١٨ صديءَ جي شروعات ۾ مغل سلطنت جو زوال آيو.

• يورپ ۾ ننڍو برفاني دور ١٨٥٠ع تائين چالو رهيو.

• مغل سلطنت جو عروج ۽ زوال ننڍي ڪنڊ ۾ "ننڍي برفاني دور" سان منسوب ڪيو وڃي ٿو، جيڪو ١٥٢٥ع کان ١٧٠٠ع تائين برقرار رهيو.

"ننڍي برفاني دور" جو سماجي ۽ اقتصادي حالتن تي دٻاءُ ۽ سنڌ ۾ ١٥٢٥ع-١٧٠٠ع دوران ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف گهرو لڙايون:

"ننڍي برفاني دور" جا نتيجا هن ريت نمودار ٿيا: پيداوار جي قلت، ڏڪار، بدحالي ۽ موت، جنهن جي ڪري ١٥٢٥ع کان ١٧٠٠ع تائين ارغونن، ترخانن ۽ مغلن خلاف بغاوتون برپا رهيون. افراتفريءَ وارين حالتن سنڌي ماڻهن کي سنڌ مان ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ بهاولپور ڏانهن لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو. ڪيترا سنڌي جدي، مڪي ۽ مديني ڏانهن لڏي ويا، جتي سنڌن پونير اڃا تائين 'السنڌي' ڪوٺائين ٿا. سنڌ ۾ رهندڙ باشندن خانہ بدوشي ۽ چوپائي مال پالڻ واري زندگي اختيار ڪئي. رڳو هيٺاهين علائقن وارا واهہ وهڻ جي قابل رهيا. 'هڙا ٻڌ هاٿوڪي جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ اتر دادو وارن علائقن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. درياهہ جي ڪنارن وارن واهن مان ڪي ورلي وهڻ جي قابل هئا ۽ نوشهري فيروز، نوابشاهہ، سانگهڙ ۽ اتر حيدرآباد وارن علائقن ۾ "سَمن" قومن جي ڪمان هيٺ بغاوت جو عَلم بلند ٿيو. محصولن جي وصولي بہ فقط ڏاڍ جي زور تي ٿيندي هئي. اڪثر واهہ ڪاٽي نہ هئڻ سبب بريءَ طرح بند ٿي ويا هئا. عموماً پيداوار ۽ آدم ١٥٢٥ع واري حد جو اڌ وڃي بچيا هئا. اڌ جيترا ماڻهو باغي بڻجي چڪا هئا.

١٥٢٥ع کان ١٧٠١ع تائين ارغون، ترخان ۽ مغل گورنرن خلاف بغاوتون:

هن مضمون جي ليک "سنڌ ڪوارٽرلي" (١٩٩٥ع) ۾ ڇپيل پنهنجي هڪ مقالي "جاگيرداري خلاف سنڌ جي دليرانہ مهم" (Heroic struggle of Sindh against Fuedalism) ۾ انهن حالتن جو تفصيلي جائزو پيش ڪيو آهي، جن ان دور ۾ سنڌ ۾ طوائف الملوڪي پکيڙي ۽ اقتصاديات کي برباد ڪيو. هيٺيان اهم واقعا انهن حالتن جو آئينہ دار آهن:

* 'ننڍو برفاني دور'. سنڌ ۾ ڏڪر جو سبب بڻيو، جنهن سنڌ کي ١٥٢٥ع ۾ متاثر ڪيو. ٨٥-١٥٧٥ع ڌاري ڏڪر جون انتهائي بدترين حالتون نمودار ٿيون. اهو ساڳيو وقت هو جو اڪبر پنهنجي نئين تختگاهہ فتح پورسيڪري کي خيرباد چيو. اڪبر منصبداري سرشتو چالو ڪيو. منصبدار فوجي گورنر هو، جيڪو ڍل ۽ آبيانو وصول ڪندو هو. عدل فراهم ڪندڙ هو، پوليس امن امان جي ذميوار هئي. واهن جي ڪاٽي ۽ زمين جي ورهاست بہ سندس ذميوارين ۾ شامل هيون. منصبدار مقامي جابر هوندو هو، لامحدود اختيارات سان، هو فقط شهنشاهہ جي آڏو جوابده هو.

* ١٦٣٤ع ۾ يوسف ميرڪ، شاهجهان کي ٨٠٠ صفحن جو خط لکي، مغل گورنرن جي بدانتظاميءَ جا تفصيل ڏنا. واهن جي سرشتي جي بدحالي، سمن ۽ ٻين سنڌي قومن جي بغاوت بابت بہ لکيو. ارغون دور جي شروعات ۾

برپا ٿيل بغاوتن، جن گهرو لڙاين جو روپ ڌاريو ۽ شاهجهان جي حڪومت تائين هليون، تن جو ذڪر "بيگلارنامہ"، "ترخان نامہ،" "تاريخ طاهري" ۽ "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي رڪارڊ" (ايڊٽ ٿيل: فوسٽر، جنهن ڪي ٿئي ۾ ١٦٣٦-١٦٦٢ع ڌاري ڪوني هئي) ۾ بہ ڪيل آهي. انهن جي تصديق يورپي سياحن جهڙوڪ وارنگٽن، مانرڪ، منوڪي ۽ هئملٽن ۽ ملتان جي گورنريءَ دوران اورنگزيب پاران پيءُ ڏي لکيل ڪجهہ خطن ( "رقعات عالمگير" ۽ "مڪاتيب عالمگير" ) مان ٿئي ٿي.

اهڙين ابتر ۽ افراتفري وارين حالتن هيٺ سنڌ جو آبپاشي سرشتو درهم برهم ٿي ويو. "مظهر شاهجهاني" موجب گورنر، منصبدار ۽ حڪومت پاران مليل زمين جي مالڪن جي اڪثريت آبي زراعت کان ناآشنا هئا ۽ واهن جي کاٽي نہ ٿي. باغي قومون ڏوهي بڻجي زمين آباد ڪرڻ وارن کي ڦرڻ لڳيون. سربستن احوالن مان پتو پوي ٿو تہ:

- آباديءَ جو گهڻو ۾ گهٽ اڌ حصو باغي بڻيو. اهي چراگاهن تي مال پالڻ لڳا، محصول ڏيڻ کان نابري واري آبادگارن ۽ محصول ڏيندڙن تي حملا ڪرڻ لڳا.
- محصول جي وصولي رڳو ڏنڊي جي زور تي ٿيندي هئي.
- اڪثر واهن جي صفائي ڪانہ ٿيندي هئي، انڪري اهي بند ٿي ويا هئا.
- ڪيترئون سرسبز ايراضيون بريٽ ۾ تبديل ٿي ويون.
- نهري پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ ايراضين جي ڪوٽ جي ڪري ڪاڌ خوراڪ جي پيداوار گهٽجي ويئي ۽ اهڙيءَ ريت آدم بہ گهٽجي ويو.
- ذڪر جي حالتن منهن ڪڍيو.

١٦٦٢ع ڌاري سنڌ ۾ نهري آبادي واري ايراضي ۽ آدم ١٥٢٥ع واري حد جو اڌ وڃي بچيا. ١٦٦٥ع ۾ "آئين اڪبري" ۽ "برنيئر" جي انگن موجب نئين سرڪار پاران مرڪزي خزاني ۾ ويندڙ اپت ١٦٠٠ع جي ٢٠ سيڪڙي برابر وڃي بچي. ١٦٦٥ع جي محصولن جي اوڳڙ مان نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ پوڪيءَ هيٺ ايراضي ٥ لک ايڪڙن کان مٿي نہ هوندي ۽ آدمشماري ١٠ لکن ماٿهن کان وڌيڪ نہ هوندي.

١٦٦٢ع کان پوءِ جو ڪو رڪارڊ دستياب نہ آهي، مگر گهڻ ۾ گهڻ واريون حالتون اينتريقدر خراب ٿيون جو ملتان جي مغل گورنر (جيڪو بعد ۾ شهنشاهہ بهادر اول بڻيو) مقامي قومي سردار (ذات جو "پنهور") کي موجوده اتر دادو ۽ ڏکڻ لاڙڪاڻي ضلعن مٿان موروثي سرڪاري گورنر تسليم ڪيو. اهڙو بندوبست ڪيترائي ورهيہ سانده هليو. ڪلهوڙن کانئس ڪنهن خاص مزاحمت کان سواءِ اقتدار کسي ورتو، جيڪي اينترا طاقتور بڻجي چڪا هئا جو انهن دادو ضلعي ۾ شاهي لشڪر کي شڪست ڏني ۽ ملتان جي گورنر مجبورن کين پنهورن جي جاءِ تي موروثي سرڪاري گورنر تسليم ڪيو. پنهورن کي سومرن يا سمن-سومرن جي آخري ايامڪاري ۾ يا سمن جي شروعاتي دور ۾ راڌڻ کان ونئي ٿلتي تائين قائم درياهہ سنڌ جي هڪ ڇاڙ تي وسايو. ١٦ صدي عيسوي ۾ اها ڇاڙ سُڪي ويئي تہ کين سمن وري الهندي ناري جي پڇڙي جي بنهي ڪنارن تي دادو، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ آباد ڪيو. ١٧ صدي عيسويءَ جي آخر ۾ خود کي مقامي گورنر يا صوبيدار تسليم ڪرائيندي، هنن قمبر ۽ خيرپور ناٿن شاهہ تعلقن ۾ پڻ زمينون پنهنجي قبضي هيٺ آنديون. قمبر-واره تعلقن ۾ "پنهواري" نالي هڪ برانچ ڪئنال ١٩٣١ع تائين چالو رهيو. هنن خيرپور ناٿن شاهہ تعلقي ۾ "گهاڙي" نالي هڪ شهر بہ اڏيو. ڪلهوڙن انهن بہ تعلقن ۾ سندن جائداد تي قبضو ڪيو، مگر نور محمد ڪلهوڙي دادو تعلقي ۾ پاڻي رسائڻ لاءِ نور واهہ نالي هڪ مخصوص واهہ کوٽايو، جيڪو دادو، جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن جي پاڻيءَ ۾ اضافو ڪندو هو.

سمن، فاتحن خلاف ۱۷۵ ورهيہ هتي مهاڏو اٽڪايو ۽ جيڪي ڦري مالوند ماڻهو ٿيا هئا ۽ وٽن مرڪزي قيادت نہ هجڻ جي ڪري هو ڇڙوڇڙ هئا ۽ اقتدار لاءِ مقابلو ڪونہ ڪيائون. اهڙي حالتن ۾ ڪلهوڙا طاقتور ٿي اپريا ۽ اتر دادو ضلعي ۾ پنهورن کي هٽائي اقتدار ڏٿي ٻٺيا. ڪلهوڙن کي اورنگزيب جي پٽ معزالدين ۱۷۰۱ع ۾ ڏن پرينڊڙ مهندار تسليم ڪيو ۽ هنن باقي سنڌ جي علائقن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. ڪلهوڙن مغلن خلاف هڪ صديءَ تائين مزاحمت جاري رکي. هو موروثي پير هئا ۽ سندن پوئلڳن جي اڪثريت ۾ ديره غازي خان، مظفر ڳڙهہ، سبي ۽ ڪڇي جا بلوچ شامل هئا. اتر اولهہ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي بہ سندن پوئلڳ هئا. هو واهن کوٽائڻ جا ماهر هئا ۽ جيئن اسين اڳتي ڏسنداسين تہ هنن ۱۷۰۱ع کان ۱۷۵۴ع تائين ست سو کان هڪ هزار واهہ تعمير ڪرايا يا انهن جي مرمت ڪرائي.

سنڌ جو گرم ٿيڻ ۽ ڪلهوڙن جو اقتدار ۾ اچڻ (۱۷۰۱-۱۷۵۸ع):

ڪلهوڙن جي اقتدار ۾ اچڻ کي سنڌي قومن پاران زرعي زمينن هٿ ڪرڻ واري عمل ڏانهن منسوب ڪيو ويجي ٿو. جيڪي ۱۵۲۵ع کان ارغونن، ترخانن ۽ مغل گورنرن پاران اهڙن جاگيردارن ۽ منصبدارن کي ڏنيون ويون هيون جيڪي "مظهرشاهجهاني" موجب پوکي راهيءَ کان ناآشنا هئا. ۽ وڌيڪ تہ هُو نهري زراعت ۽ واهن کٽائڻ ۽ انهن جي سارسنڀال واري سنڌي سرشتي سان بلڪل مانوس ڪونہ هئا. سنڌي قومن جي اڪثريت باغي ٿي چڪي هئي ۽ جانورن پالڻ تي مبني معيشت اختيار ڪري چڪي هئي. فقط لاڙڪاڻي، اتر دادو ۽ٺٽي ضلعن جون چند ذاتيون ۽ قبيلا آبپاشي سان آشنا هئا ۽ نهري زراعت سان منسلڪ رهيا. تڙيل پکڙيل حوالن مان سُڌ پوي ٿي تہ سيوهڻ جي گورنر جي اقتداري سگهہ گهٽجڻ کان پوءِ ڪجهہ قومي سردارن/مقامي گورنرن هاٿي ڪي قدر موڪي نظام کي بهتر ڪيو، مگر قومن جي اڪثريت ان عمل کان عاري رهي.

ڪلهوڙن جي اڳواٽيءَ هيٺ، جيڪي مکيہ پيرن مان هئا (موروثي بزرگ)، ۽ خود کي "فقير" ڪوٺائيندا هئا، مقامي قومن هلان ڪري شاهي لشڪر کي مات ڏيئي، سندن نامزد منصبدارن کي هڪالي، هڪ ئي وار سان موجوده لاڙڪاڻي ۽ اتر دادو ضلعن تي تسلط قائم ڪري، پنهورن جي شهر 'خداآباد' جو نالو 'شڪارپور' ۾ تبديل ڪري، ان کي تخت گاهہ ناهيو. اورنگزيب جي وڏي پٽ ۽ ملتان جي گورنر مصلحتاً کين "سرڪاري گورنر" تسليم ڪري ورتو. ڪلهوڙا آهستي آهستي وڌندا، وڌيڪ علائقا پنهنجي هٿ هيٺ آڻيندا رهيا ۽ ۱۷۳۷ع تائين هو پوري سنڌ جا واڳ ڌڻي بڻجي ويا.

ڪلهوڙا ترقيءَ ۽ تعمير جي حوالي سان 'شاهہ-ڏاها' هئا. سندن ڪاميابيءَ جو راز نون واهن کوٽائڻ يا پراڻن واهن جي سرشتي کي بحال ڪرڻ ۽ انهن تي هارين کي آباد ڪرڻ هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ پوکيءَ هيٺ زمين جي ايراضيءَ بابت مختلف تخمينا موجود آهن. لئمبرڪ جي راءِ موجب اهي ۳۰ لک ايڪڙ ايراضيءَ جي حد تائين پهتا هئا، جڏهن تہ چيلاڻي ("سنڌ جي اقتصادي تاريخ") اها حد ۲۱ لک ايڪڙ سمجهي ٿو. راقم الحروف ۲۱ لکن جي محتاط تخميني کي مڃي ٿو، ڇو تہ ٻهراڙيءَ جي معيشت ۾ في ايڪڙ تي ۱۰۵ ماڻهو گذارو ڪري سگهي ٿو ۽ ۱۷۵۷ع ڌاري جڏهن پوکي راهي پنهنجي عروج تي هئي تہ سنڌ جي آدمشماري ۳۰ لکن کان هرگز مٿي ڪانہ هئي. ڪلهوڙن ڪهڙا واهہ کوٽايا، هن معاملي جو قطعي نبيرو نهايت محتاط تحقيق ذريعي ئي ٿي سگهندو. سرچارلس نيپئر جي 'ڪئنال ڊپارٽمينٽ' ڪجهہ رڪارڊ گڏ ڪيو هو، جو پوءِ جلد گم ٿي ويو. وري اهڙي قسم جي ڪابہ ڪاوش ڪانہ ٿي. گڏ ٿيل ڪجهہ معلومات جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ ڪلهوڙن هيٺيان واهہ کوٽايا:

- شاهہ جي ڪور: نور محمد ڪلهوڙي جي وزير شاهہ بهارو پاران کوٽايل.
- نصرت واهہ: نور محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ نصرت خان چانڊئي کوٽايو.

- مراد واهہ: مراد خان ڪلهوڙي پاران کوٽايل.

- فيروز واهہ: ڪلهوڙا دور ۾ فيروز کوٽايو.

- سرفراز واهہ: ميان سرفراز ڪلهوڙي کوٽايو.

-باغ واهہ: سيال قبيلي کوٽايو، جن کي ڪلهوڙن پنجاب مان آڻي سنڌ ۾ آباد ڪيو.

- نور واهہ: نور محمد ڪلهوڙي بيگاري واهہ مان کوٽايو.

- نور واهہ: نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت ۾ گهاڙ واهہ مان کوٽايو ويو.

- نور واهہ: نور محمد ڪلهوڙي جي راڄ ۾ الهندي ناري مان کوٽايو ويو. الهندي ناري وانگر پڇڙيءَ ۾ عموماً وهنڌڙ هو، جنتي ڪشش ثقل ذريعي پاڻي رسائيندو هو.

- بيگاري: نالي مان ظاهر آهي تہ زوري بيگار وسيلي کوٽايو ويو هو. هي ڪلهوڙن جي اوائلي دور ۾ کٽايو ويو هو، جنهن مان نور واهہ ۽ سوني واهہ بہ ڇاڙون ڦٽنديون هيون.

- شر واهہ: شر قبيلي جي نالي پٺيان، هاڻي شور ڪورٽ برانچ نالي سان گڏبو بئراج ۾ ضم ٿيل آهي.

- بنا نالي واهہ: ٽالپرن پاران ڦٽايل ۽ برگس واهہ نالي سان وري کوٽايل.

- رجب چتي: (گهٽ واهہ).

- مقصودو واهہ: ڪنهن وقت سنڌ ڊوري کي پريندو هو ۽ ٽالپرن جي راڄ ۾ ڦٽي ويو. جيڪب وري کوٽايو ۽ جيڪب واهہ سڏجڻ ۾ آيو. ١٨٧٢ع ۾ کوٽجي ڊنگ ٿيو ۽ ڊيزرٽ واهہ سڏجڻ لڳو.

- سون واهہ: مٿي ذڪر ڪيل بيگاري مان نڪتل.

- گهاڙ. قدرتي ڦاٽ لڳي ٿو ۽ بعد ۾ ڪلهوڙن پاران وهرايل ٿو پائنجي يا سمن جي دور جو 'ابڙو واهہ' ٿي سگهي ٿو.

- الهندو نارو بہ سنڌوءَ جو قدرتي ڦاٽ هو ۽ ڪلهوڙا، ٽالپور ۽ برطانوي دورن ۾ وهندو هو.

- ڏاتي جي ڪور: (ڏاتي کهاوڙ پاران کوٽايل).

- شاهہ جي ڪور: (نور محمد ڪلهوڙي پاران کوٽايل).

- نو لکي، داد ۽ ڏاميڙو: سمورا سنڌوءَ جا پراڻا ڦاٽ، ڪلهوڙن پاران واهن ۾ تبديل ڪرايل.

- گونگڙو: سنڌوءَ جي قدرتي ڇاڙ، جيڪا ١٧٥٨ع کان پوءِ جڏهن درياهہ هالن کان هيٺ موجود رخ اختيار ڪيو تہ ڪلهوڙن چالو ڪرايو.

- بگهاڙ: ١٦٩٩ع ۾ درياهہ جي قدرتي ڇاڙ، جيڪا ١٧٥٨ع بعد موسمي نالي ۾ تبديل ٿي هوندي، انڪري ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي باقاعدي واهہ جي طور چالو ڪرائي هوندي.

- ساڳي راءِ 'اوچتو' يا 'حجامڙو' ۽ 'ڪلري' واهن بابت قائم ڪري سگهجي ٿي.

- مڪي ڊنڊ جا ٽي واهہ، هرهڪ منڙائو، ڊين ۽ هيرڻ تڏهن وهڻ لڳا، جڏهن فائيف (Fife) ايرنڊي ناري کي روهڙيءَ کان اڳيان منهن / منڊ ڏنو. مگر اهي سمن- سومرن جي دور جا قديم واهہ مڃي سگهجن ٿا ۽ اهي نالي ماتر وهندا هئا، جڏهن سنڌو ۽ ستلج جو وڌيڪ پاڻي ايرنڊي ناري ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اهي غلام شاهہ ڪلهوڙي جي دور ۾ ڪڏهن ڪڏهن وهندا هئا، ڇو تہ هن اهو بندوبست ڪيو هو تہ اُيرندي ناري جو وڌيڪ پاڻي پُراڻ رستي ڪڇ کي نہ رسي سگهي.

ڪلهوڙا، ٽالپر ۽ برطانوي دور جا گهڻا پراڻا واهہ گڏبو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن واري واهن جي سرشتي ۾ ضم

ٿي ويا. سب ڊويزنل انجنيئر سطح جي مقامي وسيع تحقيق جي وسيلي ئي پراڻن واهن جي سرشتي جي تاريخ ۽ قدامت معلوم ڪري سگهجي ٿي. افسوس سان چئجي ٿو تہ موجوده اپپاس انجنيئري مناسبت سان نہ ڪيو ويو آهي، انڪري محڪمي ڪي هن مان ڪو خاص لاڀ نہ رسندو. اميد ٿي ڪجي تہ هڪ ڏينهن اقتصادي ۽ سماجي تاريخدان ۽ علمالانسان جا ماهر هن قسم جو سائنسي اپپاس ڪندا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ واهن جو گڏيل انگ ٧٠٠-١٠٠٠ تائين پهتل هوندو. ڪلهوڙن جي راڄ ۾ ١٧٥٧ع ڌاري موڪي طريقي سان پوکي راهي ٢١ لکن ايڪڙن جي گهٽ ۾ گهٽ حد کي پهتي. مگر انهن ڏينهن ۾ هڪ مکيہ آب رساني جو ڦيرو نمودار ٿيو. "ننڍي برفاني دور" گرم آبهوا ۽ درياهہ ۾ پاڻيءَ جي چاڙهہ ٥٦-١٧٥٥ع ڌاري سنڌوءَ ۾ آب رساني جي تبديلي آندي. ١٧٥٨ع ۾ درياهہ هالن کان اڏيرو لال، نصرپور، شيخ پرکيو، جُوڻ، پراڻي بدين ۽ رهمڪي کان ڪوري ڪاري وارو قديم گس / وهڪرو ڇڏي هالن کان اولهہ حيدرآباد ۽ هيٺ وارو نئون رخ اختيار ڪيو. هن تبديليءَ سبب هالن کان مٿي ٥٠٠ واهہ ڦٽي ويا ۽ اينترو تعداد هالن کان ڏکڻ واري علائقي ۾ بہ متاثر ٿيو.

درياهہ جي رخ بدلائڻ ڪري ١٧٥٧ع ۾ نهري زراعت هيٺ ٢١ لک ايڪڙ ايراضي گهٽجي ١١ لک وڃي بچي. سنڌ ۾ هن قسم جي مکيہ تبديلين باعث يقينن حڪومتن جو زوال ۽ حڪمران گهراڻن جي تبديلي نمودار ٿي. پهرين بغاوت بلوچ سردارن پاران ڪڙي ڪئي ويئي، جنهن کي عوام جي پنيرائي حاصل هئي. حڪومت جون واڳون مراد ياب جي جاءِ تي غلام شاهہ جي حوالي ٿيون.

غلام شاهہ جي حڪمرانيءَ کي احمد يار خان ۽ عطر خان للڪاريو. عطرخان، احمد شاهہ ابداليءَ کان سَند (حڪمراني ڪرڻ جو اختيار يا پروانو) وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ غلام شاهہ سندس حق ۾ اختيار ڦٽا ڪيا. آبي تبديليون اجا جاري هئڻ ۽ درياهہ پاران مستقل گس اختيار ڪرڻ باعث عطر خان حڪومت جو ڪاروبار وسيع ڪرڻ ۾ ناڪام ويو. انڪري بلوچ سردارن غلام شاهہ حڪومت ڪرڻ واري نينڊ ڏني ۽ ١٧٥٩ع ۾ هو بغير مزاحمت جي بنهي پاڙن کي هڪالي اقتدار ڏٽي بٺجي ويهي رهيو ۽ درياهہ جي نئين رخ موجب نئين زمينن تي پوکي راهي ٿيڻ لڳي. عام رواجي حالتن ۾ ان قسم جي عمل کي پنجاهہ سالن جي عرصو درڪار هوندو هو. خزاني پرڻ خاطر هن فتوحات جو سلسلو جاري ڪيو. ١٧٦٠ع ۾ ڪڪرالي، سنڌڙي (رڻ ڪڇ ١٨١٩ع واري زلزلي ۾ غرق ٿيو) لکپت ۽ بستہ کي سنڌ مان ملائي رڻ ڪڇ جو وڏو حصو پنهنجي تسلط هيٺ آندو. ساڳئي وقت اندروني فسادن ايندڙ پنجويهن سالن دوران ڪلهوڙن جي قوت کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ۽ سندن حڪومت جي جاءِ تي ٽالپر سنڌ جا حاڪم ٿيا. برطانوي تاريخنويسن ڪلهوڙن جي واهن جي سرشتي جي شاندار تعريف ڪئي آهي، اينتري قدر جو ١٩٣٧ع ۾ لئمبرڪ ("جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، ١٩٣٧ع) ۾ اعتراف ڪيو تہ "١٩٣٠ع تائين برطانوي راڄ جي ٨٧ سالن جي عرصي ۾ اينترو مس حاصل ٿي سگهيو جينترو ڪلهوڙن ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري حاصل ڪيو هو."

١٧٥٧ع ۾ لئمبرڪ جي ٽيهن لکن ايڪڙن واري ايراضيءَ کي ڇيلاڻي وري ٢١ لکن ايڪڙن واري محتاط اندازي ۾ تبديل ڪيو آهي، تڏهن سنڌ جي آدمشماري ٣٠ لک افراد تي مشتمل هئي. ڇيلاڻي جي راءِ موجب ١٦٠٠ع ڌاري سنڌ ۾ ١٣ لک ايڪڙ ايراضي پوک هيٺ هئي، جنهن مان "آئين اڪبري" ۾ ڏنل محصولن جي نرخن موجب حڪومت کي ٣٩٥، ١٢٥، ٦٦ دام اپت ٿي. ان موجب ١٦٠٠ع ۾ سنڌ ۾ ١٩ لک آدم آباد هو. اورنگزيب جي حڪمراني هيٺ ان حقيقت جي مدنظر تہ ١٦٦٥ع ۾ نئي سرڪار جي اپت سن ١٦٠٠ع جي ويهہ سيڪڙي اپت جي برابر هئي، تہ سنڌ ۾ پوک هيٺ ايراضي هر حالت ۾ ٥ لک ايڪڙ گهٽجي ويل هوندي. ائين سمجهڻ حق بجانب ٿيندو تہ ١٧٠١ع ۾ ڪلهوڙن پاران اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ آباد ٿيل آدم ١٢ لکن کان مٿي بہ هوندو ۽ پوکي هيٺ ايراضي سٺن لکن

ايڪڙن ڪان متي نہ هوندي. انڪري اهو ڪلهوڙن جو ڪمال آهي تہ سندن دور ۾ آبادي سان گڏوگڏ زرعي پيدائش جي حد وڌي ٿيڻي ٿي.

جاڻ هيٺ آيل حالتن موجب ١٥٢٥ع ۽ ١٧٠١ع جي وچ ۾ سمن جي حڪمرانيءَ ۾ ڪل آبادي ٢٥ لک ماڻهن تي مشتمل هئي ۽ زرعي زمين جي ايراضي ١٦ لک ايڪڙ هئي، توڙي جو ١٦ لک ايڪڙ هڪ محتاط اندازو آهي. ١٧٥ سالن جي وچ واري عرصي ۾ نہ فقط سنڌ ۾ زراعت هيٺ ايراضي گهٽ ٿي بلڪ آدمشماري ۾ بہ ڪمي آئي. ساڳيون حالتون ١٧٥٨ع تائين ٿڌي موسم جي موجودگي ۽ ١٨٥٠ تائين ننڍي برفاني دور جي سبب برقرار رهيون.

دورياهہ سنڌ جو رخ متائڻ ۽ سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو زوال ١٧٥٨ع-١٧٨٣ع:

١٧٥٨ع ۾ درياهہ جي رخ بدلائڻ جي ڪري نهري پوکي راهي هيٺ ايراضي ٢١ لکن ايڪڙن مان گهٽجي ١١ لکن ايڪڙن تي وڃي پهتي. ساڳئي وقت خصوصا ١٧٦٠ع کان بعد ٿڌ وري موٽ ڪاڌي ۽ ١٧٧٦ع تائين ڪلهوڙن پاران مسلسل ١٥ سالن جي جدوجهد باوجود پوکيءَ هيٺ زمين جي ايراضيءَ ۾ ڪو خاطر خواهہ اضافو ڪونہ ٿيو. ان صورتحال جي ڪري خوراڪ جي پيداوار ۽ گڏوگڏ ماڻهن جو انگ اڌو اڌ گهٽيو. ان سببان بک، بيماري ۽ موت ۾ اضافو ٿيو. ساڳئي وقت جياپي لاءِ بہ جدوجهد شروع ٿي. ڪلهوڙا حڪمرانن محسوس ڪيو تہ سنڌ ۾ سندن پاران جاگيردار طور آباد ڪيل بلوچ قومن جي سگهہ ۾ اضافو ٿي ويو هو ۽ انهن جي زور کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. بئي پاسي بلوچن ڏنو تہ سندن اهل و عيال جي جياپي جو دارومدار وڌيڪ زمين جي حاصلات تي آهي. اها دراصل گهرو لڙائي ٿي پيئي، جنهن جو لاڳاپو ميان مراديا ب کي هٿائي غلام شاهہ کي آڻڻ سان هو، جيڪا هاٿي حڪمرانن خلاف ڪُلي جنگ بڻجي ويئي هئي. ان کي دبائڻ خاطر حڪمرانن گهڻيئي حربا آزمايا، ايتري قدر جو مدد خان پٺاڻ کي بہ ڪوٺ ڏيئي گهرايو ويو، جنهن بلوچ سردارن جي زور ٽوڙڻ جي بهاني سموري سنڌ کي تلف ۽ تاراج ڪري ڇڏيو. آخري معرڪي ۾ بلوچن ڪلهوڙن کي نيڪالي ڏيئي زمين جي اڪثريت پنهنجي قبضي ۾ آندي. ڪجهہ آبادگارن کي دل تي زمين رکڻ جي بہ اجازت ڏنائون. آبادي، جيڪا ١٧٥٨ع ۾ ٽيهہ لک هئي، سا ١٨٤٣ع ۾ برطانوي راڄ برپا ٿيڻ وقت گهٽجي وڃي ١٤ لکن تي بيٺي. انگريزن آبپاشي سرشتي جي تباهي جي تهمت ٽالپرن تي هنئي. حقيقت ۾ ائين ڪونہ هو، ڇو تہ ١٨٥٠ع تائين لڳاتار هلندڙ ٿڌ واري عرصي جي ڪري درياهہ ۾ لاٿ سبب ڪلهوڙن جي دور جا ڇهہ فوٽ ويڪر وارا واهہ گهٽجي ٽيون حصو وڃي بيٺا هئا. ڪلهوڙن جي دور ۾ درياهہ ۾ چاڙهہ رهيو ۽ پوکيءَ هيٺ آيل ايراضي وڌي. ان بهتريءَ جو مکيہ محرڪ خود هاري هو، جنهن واهن جي ڪاٽيءَ جو ڪم پنهنجي ڪلهي تي کڻي سنڌ کي مالوند رولو معيشت مان ڇوٽڪارو بخشي، مستقل زرعي معيشت ۾ تبديل ڪيو. ٽالپر دور ۾ اهو محرڪ موجود ڪونہ هو. ٽالپرن بہ هالن جي ڏکڻ ۾ واهہ کوٽايا ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ شبهو نہ آهي تہ حالتن پٺاندر يعني درياهہ ۾ موجود پاڻيءَ جي ذخيري جي مناسبت سان آبپاشيءَ جي سرشتي جي واڌاري ۾ حصيدار بڻيا. ڪلهوڙا-ٽالپر تنازع جو گهڻو برو اثر هارين تي ئي پيو، جيڪي زمين لاءِ پاڻي ميسر نہ ٿيڻ جي حالت ۾ "مالونديءَ" ۾ تبديل ٿيا ۽ چراگاهن جي بتدريج غيرموجودگي سبب بدحالي ۽ آخر ۾ موت جو شڪار بڻيا. ملڪ جي آبادي ٽيهن لکن مان گهٽجي چوڏهن لک ٿيڻ واري صورتحال ۾ بہ اهو آبادگار هاري ئي هو، جيڪو بک، بدحالي ۽ موت جي منهن ۾ آيو، ڇو جو زرعي زمين جي ايراضي ٢١ لکن مان گهٽجي وڃي ٩ لکن ايڪڙن جي حد تائين پهتي. سنڌ ۾ زراعت جي ريڙهہ جي هڏي "هاري" ئي آهي ۽ گذريل اٺن هزارن سالن کان موسمن جي متاستا ۽ نامهربانين جو بَک بہ هي ويچارو ئي ڀڃيو آهي!

*

محمد عمر چند

# سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظي ترتيب جو مسئلو

نوٽ: "مهراڻ" ١٩٧٩ع جي ٻئي شماري ۾ "سنڌي ٻوليءَ جو مزاج: سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اُبتي ٻوليءَ جي دعويٰ" جي عنوان سان هڪ مضمون ڇپيو، جنهن ۾ ڪن ڪهاڻيڪارن جي اهڙن جملن جي سٽاءُ تي اعتراض ڪيو ويو، جيڪي 'فاعل+مفعول+فعل' واري نحوي قانون جي 'ڀڃڪڙي' ڪري لکيا ٿا وڃن ۽ ٻوليءَ جي سٽاءَ جي مقصدن (انتخاب، ترتيب، فعل جو لاڳاپو ۽ جهيلار) جي پابنديءَ جي ضرورت تي بحث ڪري اهو ثابت ڪيو ويو ته، "اُبتيو آهيان نند مان" جهڙا جملا 'غير فطري ۽ غلط آهن' . (١) اهڙن جملن کي ڪهاڻيڪارن جي 'ٻوليءَ جي سائنس جي علم کان واقف نه هئڻ ۽ سندن سنڌي زبان جي جملن جي سٽاءُ ۽ نحو جي قانون کان اڻڄاڻ هجڻ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت' (٢) ڄاڻايو ويو. فاضل مصنف جو خيال هو ته اهڙي 'اُبتي ٻولي' لکڻ مان لکندڙن جي مراد "شايد جملن ۾ لفظن کي بنا ڪنهن اصول جي، سواءِ ڪنهن معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ جي، ڦيرائي ڪڏهن جملي جي منڍ ۾، ڪڏهن وچ ۾ ته ڪڏهن جملي جي آخر ۾ رکڻ آهي." (٣)

انهيءَ مضمون پڙهڻ سان ائين معلوم ٿيو ته ڪن ڪهاڻيڪارن پنهنجن افسانن ۾ "اٿيو آهيان نند مان" جهڙا جملا لکيا. پڙهندڙن ڏٺو ته هنن جملن ۾ فاعل ته پنهنجيءَ جاءِ تي آهي ڪونه. انهيءَ وچ ۾ الائي ڪهڙي خيال سان هندوستان جي گني سامتاڻيءَ اهڙيءَ ٻوليءَ کي "اُبتي ٻولي" ڪوٺيو. (٤) معلوم ٿو ٿئي ته پوءِ انهيءَ معاملي تي گهڻن سطحن تي بحث شروع ٿي ويو ته انهيءَ کي "ابتي ٻولي" چئجي يا نه، انهيءَ کي 'نئون تجربو' چئجي يا نه، انهيءَ کي 'صحيح ٻولي ۽ فطري ٻولي' ڪري مڃجي يا نه؟ لائق ليکڪ خود انهيءَ خيال جو ٿو ڏسجي ته اهڙيءَ ٻولي کي نڪي اُبتو سمجهڻ گهرجي، نڪي نئون تجربو؛ انهيءَ ڪري جو اهڙي ٻولي ته "سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ پيئي هلي، پوءِ اها نئين ايجاد ڪيئن ٿي." (٥). ائين سمجهڻ ۽ چوڻ جي باوجود اُنهيءَ مقالي ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته اهڙا جملا 'غلط ۽ غير فطري' آهن.

زير نظر مضمون ۾ اول ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن ۽ گرامر جي ڄاڻن جو جيڪو اختلاف هلندو اچي، ان جو مختصر جائزو ورتو ويندو؛ ان کان پوءِ ڳالهايل ۽ لکيل ٻوليءَ جي مختلف لهجن هئڻ ۽ انهن جي مختلف گرامري (نحوي ۽ صرفي) تقاضائن جي فرق کي واضح ڪري جهيلار ۽ لفظي ترتيب جي معيارن تي انگريزي، (اردو) فارسي ۽ سنڌي ٻولين کي پرکيو ويندو جنهن مان پڌرو ٿيندو ته نه رڳو هڪ ئي لفظي ترتيب ۾ جهيلار جو مرڪز جملي ۾ جاءِ مٽائي سگهي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن جهيلار جو مرڪز (focus of intonation) ۽ جملي جو موضوع (theme) هڪُ ٿي سگهن ٿا. جن جي ڪري دنيا جي مڙني ٻولين وانگر انگريزي زبان ۾ به ضرورت جي لحاظ کان 'فاعل-فعل-مفعول' يا 'فاعل-مفعول-فعل' جي 'لفظي ترتيب' کان گريز ٿي سگهي ٿو؛ حالانڪ اها ٻولي لفظي ترتيب جي گهڻو پابند آهي ۽ اهو ته سنڌي ٻوليءَ جي تصريفي (inflectional) ٻولي هئڻ ڪري ان کي لفظي ترتيب جي پابنديءَ جو اُهو لاچار ڪونهي، جيڪو انگريزيءَ کي آهي ۽ هنن ٻنهي معيارن جي مناسبت سان، اهو ثابت ڪيو ويندو ته نه رڳو سنڌيءَ ۾ "اُٿيو آهيان ننڊ مان" جهڙا جملا صحيح ۽ فطري جملا آهن، پر خود انگريزيءَ ۾ به اهڙا جملا ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ۾ ايندا، جن کي گرامر جا ڄاڻو صحيح ٿا مڃين ته: (٦)

1. <u>Leave</u> him I <u>couldn't</u>......
2. His <u>face</u> I'm not fond of.....
3. <u>John</u> his name is.

*　　　*　　　*

## ٻوليءَ جي صحت جو مسئلو ۽ ان ۾ گرامر جي ڄاڻوءَ جي ذميداري

ٻوليءَ جي لفظي ۽ نحوي صورتن ۽ انهن جي صحت متعلق گهٽي وقت کان ٻہ رويا هلندا اچن. هڪڙو رويو آهي مَسهُن (نہ سهندڙن) جو، جنهن کي فريز "رسمي نقطہ نظر" (٧) ڪري سڏيو آهي. هيءُ نظريو ٻوليءَ جي ڪتابن، نحو ۽ صرف جي ڪتابن، تعليمي امتحانن ۽ ماپن جي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن جي ايڊيٽوريلن ۾ وقت ۽ 'بي' وقت ظاهر ٿيندو رهيو آهي. هن نظريي مطابق ٻوليءَ جي صحت جو نہ رڳو هڪ حتمي معيار ٿئي ٿو، جيئن رياضي ۽ حسابن جو هوندو آهي، پر ان جا ڪي اٽل، پڪا ۽ پختا قاعدا ۽ قانون ٿين ٿا. (جن جي سُڌ رڳو گرامر جي ڄاڻن ۽ لسانيات جي ماهرن کي هوندي آهي!) جن کي ٽوڙڻ ڪنهن بہ قيمت تي روا ناهي. ان جي ابتڙ ٻيو نظريو آهي 'علمي نقطہ نظر' وارو (٨). هيءُ نظريو ٻوليءَ جي علم جي ڄاڻن جي گهڻن ڪتابن ۾ ايندو رهيو آهي، ۽ هر زماني ۾ هر هنڌ هر ٻوليءَ ڳالهائڻ وارن جي گهڻائي هن نظريي جي پوئلڳن جي هوندي آهي. هنن جو خيال آهي تہ لکيل گرامر اول مُئل ٻولين بابت لکيا ويا ۽ ڳالهايل ٻوليءَ بدران لکيل ٻوليءَ جو اڀياس ڪن ٿا. هنن جو خيال آهي تہ جيڪا ٻولي عوام ۾ مروج ۽ مستعمل آهي اُهائي صحيح ٻولي آهي. ان ۾ جيڪي ٿورا فرق يا تنوع ڏسڻ ۾ اچن ٿا تن کي غلطيون نہ پر فرق، اختلاف يا آراڌايون (variations ) چئبو. ۽ سندن نقطہ نظر جي لحاظ کان گرامر جي ڄاڻوءَ جو اهو ڪم ناهي تہ رستي ويندي ڳالهائيندڙن جي جڀ پڪڙيندو وتي، پر سندس ڪم آهي تہ مستعمل ٻوليءَ جو مطالعو ڪري، ان مطابق گرامر جو نظريو ناهي. جيڪڏهن ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ گرامر ۾ ڪو اختلاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اُهو ڳالهائيندڙ جي گهٽتائي يا غلطي ظاهر نٿو ڪري، پر گرامر جي گهٽتائي (inadequacy) ظاهر ٿو ڪري. اُن ڪري جو ٻوليءَ جو جيڪو بہ نظريو ناهيو ان لاءِ ضروري ٿيندو تہ ٻوليءَ جي تخليقي عمل کي سمجهي؛ جيئن نوم چامسڪي ٿو چوي:

> *"This property of being innovative and stimulus-free is what I refer to by the term "creative aspect of language use...." Any theory of Language must come to grips with this fundamental property of language use......." (9)*

يورپ ۾ سترهين صديءَ ۾ شروع ڪيل هن لسانياتي نظريي کي هن زماني ۾ ٻيهر جيئرو ڪندي نوم چامسڪي چوي ٿو تہ:

"ٻوليءَ جو سڀ کان اهم پهلو اهو آهي تہ اُها محرڪ کان آزاد (stimulus-free) آهي ۽ ان ۾ نواڻ واري تخليقي قوت (creative capacity) آهي، يعني اسان اهڙا جملا لکندا ۽ ڳالهائيندا آهيون جي اڳ ڪڏهن بہ نہ لکيا سون نہ پڙهيا سون نہ ٻڌا سون. مثلاً هزارين ڪتاب عشق ۽ محبت جي ڳالهين تي لکيل آهن، پر ڪڏهن بہ ائين ڪونہ ڏسبو تہ اهي ساڳيا جملا جيڪي نئوءَ لکيا سو خيرو بہ لکي، يا انهن جي بناوت ۽ مضمون ساڳيو هجي. انهيءَ کي چامسڪي 'ٻوليءَ جو تخليقي پهلو' ٿو ڪوني. ۽ چوي ٿو تہ ٻوليءَ جو جيڪو بہ نظريو هاڻي نهندو ان لاءِ اهو ضروري ٿيندو تہ ٻوليءَ جي ان پهلوءَ کي نظر ۾ رکي. ان لاءِ پهريون لازمي قدم اهو ٿيندو تہ لسانيات جو ماهر ڳالهہ

سمجهي تہ هڪ ٻوليءَ جو هر ڳالهائيندڙ هڪ تخليقي گرامر (generative grammar) پنهنجي ذهن ۾ ناهي ٿو- قاعدن جو هڪ اهڙو نظام جنهن کي نوَن جملن ناهڻ لاءِ نَون، اڻ ٻڌل، اڻ سُئل ۽ اڻ-ڪيل ترڪيبن ۽ ميلاپن ۾ استعمال ڪيو ويندو ۽ ٻڌڻ وارو جڏهن اهڙا نوان جملا ٻڌندو تہ انهن کي معنوي لباس ڍڪائڻ جي صلاحيت رکندو.

*"A necessary but not sufficient step towards dealing with this problem is to recognize that the native speaker of a language has internalized a "generative grammar"-- a system of rules that can be used in new and untried combinations to form new sentences and to assign semantic interpretations to new sentences." (10)*

جيڪي ڳالهيون انهيءَ گرامر جي طريقي سان اسين واضح نہ ڪري سگهيا سون تہ ڳالهائيندڙ تي ڏوهہ ڏيڻ بدران سمجهندا سين تہ اڃا ڪي ڳالهيون آهن جيڪي اسان جي ڄاڻ ۽ علم کان ٻاهر آهن. هڪ عالم جي ڪوشش اها رهندي تہ انهن ڳالهين کي ڳولهي هٿ ڪري، جن جي ڪيس اڃا ڄاڻ ڪانهي.

*"The limitations of generative grammar are the limitations of our knowledge." (11)*

جنريٽو- ٽرنسفرميشنل گرامر جو هيءُ نظريو تقريباً ٽيهن سالن کان لسانيات جي سڀني شعبن تي اثر انداز آهي ۽ جيئن اڄڪلهہ طبعيات جي ڳالهہ آئنسٽائن جي نالي ونڻ کان سواءِ اڌوري رهندي، تيئن هن زماني ۾ لسانيات جي ڳالهہ 'نوم چامسڪي' جي نالي ونڻ کان سواءِ ڪانہ ٿيندي. هنن نوَن نظرين جي اثر هيٺ ويندي انگلستان جا انگريز بہ، جيڪي پراڻين ڳالهين کي چهٽلن مان مشهور آهن، انهيءَ خيال جا ٿي بيٺا آهن تہ جيڪي ماڻهو هڪ ٻوليءَ جا اصل ڳالهائيندڙ آهن، انهن جي ٻوليءَ ۾ "غلط ۽ صحيح" جهڙي ڪا شيءِ ڪانہ هوندي آهي. (١٢) ولڪنز تہ چوي ٿو تہ "جنهن گرامر ۾ لسانيات جي ماهر کي دلچسپي رکڻ کپي اهو ڳالهايل ٻوليءَ جو گرامر هئڻ کپي ۽ نہ لکيل ٻوليءَ جو." هو شڪايت ڪري ٿو تہ "گهڻا ماڻهو ڳالهايل ٻوليءَ کي ماڳهين اڻ-گرامري ٻولي سمجهندا آهن." (١٣)

اهڙا ماڻهو جيڪي ڳالهايل ٻوليءَ کي غير گرامري ٻولي (غلط ۽ غير فطري) سمجهن ٿا سي اڄڪلهہ گهڻو ڪري لسانيات جي علم کان ٻاهر جا ماڻهو آهن، پر اڳئين زماني ۾ خود گرامر لکڻ وارا ماڻهو اهڙا خيال رکندا هئا، ۽ اڄ ڳالهايل ٻوليءَ جي خلاف هيءُ جيڪو زهر پکڙيل ٿو ڏسڻ ۾ اچي سو اهڙن اڳين عالمن جو پکيڙيل آهي.

چارلز ڪارپينٽر فريز (Charles Carpenter Fries) اهڙن رسمي نقطہ نظر رکڻ وارن عالمن جون ڪي تمام دلچسپ ڳالهيون پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايون آهن. 'ڊيٽرائٽ فري پريس' اخبار جي ١٩٢٨ع جي هڪ ايڊيٽوريل جو حوالو ڏنو اٿس، جو هڪ پروفيسر جي انهيءَ 'چِڙواڳيءَ' واري تجويز جي خلاف لکيو ويو تہ aren't جو مخفف ain't، جيڪو سڀني ڳالهائيندڙن ان وقت ڳالهائڻ ۾ استعمال ڪيو ٿي، تنهن کي غلط نہ چئجي. اخبار لکيو:

"..... هن ملڪ [آمريڪا] ۾ گهٽي مقدار ۾ ودي انگريزي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ان جو علاج گرامر جي قاعدن تي نظر ثاني ڪرڻ ۾ نہ، پر انهن قاعدن کي وڌيڪ سخت هوشياريءَ سان اسڪولن ۾ نافذ ڪرڻ ۾ آهي..... گرامر جي قانونن ۽ رسمي استعمال خلاف [انهيءَ پروفيسر وارو] هيءُ اعتراض هن زماني ۾ چوڌس پکڙيل لاقانونيت جي انهيءَ نامراد لاڙي جو هڪڙو ٻيو اظهار آهي...... شاگردن کي سيکاريو وڃي. تہ صحيح ڳالهائڻ شائستگيءَ جو ثبوت آهي، ۽ اهو تہ صحيح ڳالهائڻ سکڻ لاءِ

ڪين انهن قاعدن قانونن تي دسترس هئڻ ڪپي، جيڪي ٻوليءَ جي استعمال سان لاڳو آهن....." (١٤)

ڊبليو. ڊبليو. چارٽرز ١٩٢٤ع ۾ لکيو:

"گرامر ڪن قاعدن ۽ وصفن جي سلسلي سان واسطو رکي ٿو.... جيئن ته..... سيني شاگردن ۽ استادن مان پنجانوي سيڪڙو اهڙن گهرن ۽ محلن مان اچن ٿا جتي غير صحيح (غلط) انگريزي ڳالهائي وڃي ٿي، (ان ڪري) منجهانئن گهٽ وڌ هر هڪ جي مٿان اها مشڪل ذميداري اچي ٿي ته هو انهن خراب عادتن کي پنهنجي وس ۾ آڻي بدلائين جيڪي هنن پنهنجي زندگيءَ جي اوائل واري زماني ۾، اسڪول ۾ اچي ٻولي ۽ گرامر سکڻ کان اڳ، پرايون هيون." (١٥)

هڪ پنگتيءَ جا پنجانوي سيڪڙو ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائين سا چنجي ردي، پنج سيڪڙو ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائين سا ئي شاندار (prestigious). ٻولي ۽ اهو ٿيو انصاف! اهڙي سوچ وارا ماڻهو اڳي به هئا، هينئر به آهن، پر انهيءَ رسمي نقطءِ نظر کان سواءِ هڪ علمي نقطءِ نظر اڳين ڏينهن ۾ به هو. گهٽائي ساڃاهه وارا ماڻهو هن نقطءِ نظر سان منفق هئا- (پنجانوي سيڪڙو؟) جن جو خيال هو ته گرامر جي ڄاڻوءَ جو ڪم اهو آهي ته پنهنجي پنگتيءَ ۾ ڳالهايل ٻوليءَ جو مطالعوڪري ۽ ان جي تشريح ۽ توصيف (describe) ڪري؛ سندس ڪم اِهو نه هو ته ڏنڊو کڻي ايندي ويندي تي صحيح ٻولي ڳالهائڻ جا قاعدا ۽ قانون لاڳو (prescribe) ڪندو وتي.

اڻويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ هينري سويٽ هڪ گرامر جو ڪتاب لکيو، جنهن ۾ گرامر جي ڪارج ۽ صحيح ٻوليءَ بابت لکيائين:

"جن اصطلاحن (ڪلمن) کي اڻ-گرامري ٿا چون، تن جي اصلاح لاءِ گرامر کي استعمال ڪرڻ بابت سوچيندي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته گرامر جي قاعدن جي، ڪن حقيقتن جي بيان (description) کان وڌيڪ ڪا اهميت ڪانهي. هڪ ٻوليءَ جي عام استعمال ۾ جيڪو (فقرو يا ترڪيب) مروج آهي سو بلڪل انهيءَ ئي سبب جي ڪري، گرامر جي نقطءِ نظر کان صحيح چئبو (جو اُهو زبان ۾ مروج آهي)." (١٦)

اُٽوييسپرسين ١٩٠٩ع ۾ پنهنجو گرامر جو ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن چيو ته:

ٻوليءَ جي فرقن ۽ ڦيرين گهيرين، اختلافن يا آزاڪين کي غلط چوڻ بدران هو ان عمل کي هڪ جيئري ٻوليءَ جي ترقي پذير هئڻ جو ثبوت ٿو سمجهي، ۽ گرامر کي سخت تعصبي قانونن جو مرصع ڏيکارڻ بدران (جن جي ڪري ڪن ڳالهين کي صحيح چئجي ڪن کي بلڪل غلط) هو ڪوشش ڪري اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿو ته ٻولي لڳاتار لاهين چاڙهين ۽ ڦيرين گهيرين هيٺ وڌي ويجهي رهي آهي ۽ ڏيکارڻ چاهي ٿو ته ڪيئن گرامر ماضيءَ تي بنياد رکي آئيندي جي لاءِ واٽ سنئين ٿو ڪري. گرامر هڪ اهڙي شيءِ آهي جا سدائين هڪ جهڙي، اڻ بدلجندڙ ۽ ڪامل ناهي، پر ترقي پذير ۽ تڪميل پذير آهي- هڪ لفظ ۾ ڪٿي چئجي ته انسانيت پسند (ماڻهپي وارو) آهي." (١٧)

١٩٢٥ع ۾ گراٽن ۽ گري "اسان جي (جيئري) ٻولي" جهڙي نالي وارو هڪ ڪتاب لنڊن مان ڇپرايو، جنهن ۾ هنن هڪ پنگتيءَ ۾ ڳالهايل ۽ لکيل ٻوليءَ کي گرامر جو هڪ حصو سمجهي، گرامر کي ان جي توضيح لاءِ استعمال ڪرڻ جي سفارش ڪندي لکيو:

"ڪنهن ٻوليءَ جو گرامر انهن قاعدن جي پٽي يا فهرست ڪانهي جيڪي علمي ماهرن وٽان ڳالهائيندڙن مٿان مڙهيا ويا هجن؛ پر (گرامر) ڳالهائجندڙ ۽ لکجندڙ ٻوليءَ جي

اصل نوادرات جو هڪ علمي دستاويز آهي. جيڪڏهن هڪ پنگتي ڪنهن ٻوليءَ جون ڪي مختلف صورتون عادتاً استعمال ڪري ٿي تہ اُهي صورتون ان پنگتيءَ جي ٻوليءَ جي گرامر جو هڪ حصو آهن." (١٨)

انهيءَ ساڳئي زماني ۾ آڪسفرڊ مان ايچ. سي. وائلڊ جي ڪتاب 'انگريزي گرامر' ۾ ابتدائي سبق، جهڙي نالي سان ڇپيو، جنهن ۾ مصنف چوي ٿو:

"گرامر جو ڪتاب اها ڪوشش نٿو ڪري تہ ماڻهن کي سيکاري تہ ڪين ڪيئن ڳالهائڻ کپي. پر ان جي ابتڙ- سواءِ انهيءَ جي جو اها ڪا بنهہ ردي يا ڪا تمام پراڻي تصنيف هجي- فقط ايترو ٻڌائي ٿو تہ ان تصنيف لکڻ وقت اتي جا ماڻهو ڪا ٻولي واقعتاً ڪيئن ٿا ڳالهائين."

*"A Grammar book does not attempt to teach people how they ought to speak, but on the contrary, unless it is a very bad or a very old work, it merely states how, as a matter of fact, certain people do speak at the time at which it is written." (19)*

## لکيل ٻولي ۽ ڳالهايل ٻوليءَ جي لهجن جا الڳ گرامر

پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻئي تائين پهچائڻ ۾ لکيل ٻوليءَ کي ڪي مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون، جيڪي ڳالهايل ٻوليءَ کي آڏو ڪونهن، ۽ ان جي ابتڙ لکيل ٻوليءَ کي وري ڪي سهوليتون بہ حاصل آهن جيڪي ڳالهايل ٻوليءَ کي ميسر ڪونهن. لکيل ٻوليءَ جو جملو جيڪڏهن وڏو يا ڏکيو هوندو تہ ورائي ڏسي سگهبو، ڳالهايل ٻول سمجهہ ۾ آيو تہ ود واهہ، ويو تہ ڇُٽو. لکيل ٻوليءَ جو حوالو اصل لفظن ۾ ڏئي سگهبو، ڳالهايل ٻوليءَ تي ڪنهن کي جملڻ ڏکيو ٿيندو. سائنس ۽ قانون جا منجهائيندڙ جملا رڳو لکي سگهبا يا پڙهي سگهبا، ڳالهائي گهٽ سگهبا. لکيل ٻوليءَ کي وري ٻيهڪ جون نشانيون آهن، پئراگرافن ۽ بابن ۾ ورهايل حصا آهن، جيڪي ڳالهہ سمجهڻ ۾ مدد ڏيندا، تجزئي ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪندا. ٻئي پاسي ڏسجي ٿو تہ ڳالهايل ٻوليءَ کي جهيلار آهي، ٽون آهي، آواز جي لاهي چاڙهي آهي، لفظن تي سندن اهميت ۽ ڪارج آهر زور آهي، ڳالهائڻ وقت منهن جا تاثرات آهن، هٿن پيرن، نڪ، اک، ٻلڪ سڄي بت جي پائيواري آهي. معنيٰ ادا ڪرڻ ۾، اک جو رابطو آهي جنهن سان اڳلي جي تاثرات جي خبر پئي پوي. ان سارو ڳالهائيندڙ پنهنجو آواز گهٽائي ۽ وڌائي ٿو، لفظ ۽ جملا ورجائي ٿو، ضرورت وقت ڳالهہ سڄي ورجائي ڪري ٿو جيستائين پڪ ٿئيس تہ اڳلو ڳالهہ سمجهي ويو آهي. هاڻي اِهي سيئي ڳالهيون لکت ۾ ڪٿان اينديون؟ لکت ۾ تہ اها بہ خبر ڪانہ پوندي تہ مون اهو جملو چوندي ڪهڙي لفظ کي جملي جي اطلاع جو مرڪز بنايو. جيڪو جملو هونئن آءٌ ڪنهن دوست کي اک پيچي، پوڳ ڪري چوان ها، انهيءَ جي هاڻي لکت مان ڪيئن خبر پئي تہ مون پوڳئون چئي يا ساپيئون.

انهيءَ بي سرو سامانيءَ يا اپاهجپڻي جي ڪري، اسان کي لکت ۾، فطري ٻوليءَ کي ڇڏي غير فطري (٢٠) انداز ۾، جملن جي ساخت اهڙي نموني ڪرڻي ٿي پوي جو وقت ۽ فاصلي جي دوريءَ جي باوجود پڙهندڙ کي اسان جي ٻولي سمجهہ ۾ اچي وڃي، ۽ ڪنهن مونجهاري جي گنجائش نہ رهي.

انهيءَ لحاظ کان لکيل ٻوليءَ جو گرامر الڳ ٿيندو ۽ ڳالهايل ٻوليءَ جو گرامر الڳ ٿيندو. ولڪنز چوي ٿو: "جيئن تہ لسانيات جي ماهر جو واسطو ڳالهايل ٻوليءَ سان آهي، ان ڪري گرامر يا گرامر جا ٽڪرا جيڪي هو

ان جي پابنديءَ مان ڪڏهن پرايت پرايائين، نڪي آسرو اٿس تہ جي لسانيات جي ماهر جو چيو مڃيم نہ ڪو پگهار ۾ واڌارو ٿيندو، سو جنان وٽندس اتان پيو ايندو، جنان وٽندس اتان پيو ويندو. پر سندس اها ٻولي فطري ٻولي هوندي، ڪنهن اسڪول ماستر جي پڪيڙيل تعصبي تنظيمي پابنديءَ کان آزاد هوندي. اها تہ ٿي دنيا ۾جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڳالهہ. اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي وري خصوصيت اها آهي جو نج پاڪ ۽ سٺي ٻولي آهي ئي ٻهراڙيءَ جي اڻپڙهيل ماڻهن وٽ. ان کان پوءِ هڪڙو ڪهاڻيڪار يا ناول لکڻ وارو آهي، (جنهن جي ٻوليءَ هيءُ سڄو جهڳڙو پيدا ڪيو آهي-) ان ڪهاڻيڪار کي حق آهي تہ جڏهن لسانيات جي ماهر کي ڳالهائيندي ڏيکاري تہ 'فاعل-فعل ۽ فاعل-مفعول' جو ان کي پابند ڏيکاري، جڏهن عام ماڻهوءَ کي ڳالهائيندي ڏيکاري تہ ان جي فطري ٻوليءَ جي عڪاسي ڪري. جيڪڏهن پاڳناڙيءَ کان سنڌ ۾ تازي آيل ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪري تہ لکندڙ کي حق آهي تہ "منهنجو پنج ڏڳي مري ويو" جهڙا جملا بہ لکي، جيڪي مادري زبان واري جو داخلي تخليقي گرامر ڪڏهن بہ تخليق نہ ڪندو.

## جهيلار جو لفظي ترتيب سان لاڳاپو:

> 'اٿيو آهيان نند مان' جهڙن جملن کي غير فطري يا غلط جملا انهيءَ ڪري سڏيو ويو آهي جو اُنهن جي لکڻ مهل يا اُنهن جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۾ تبديل ڪرڻ وقت جهيلار جو اصل خيال ئي نہ رکيو ويو آهي، بلڪ ڪهاڻيڪارن کي اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪنهن گفتار ۾ جهيلار جو هجڻ اشد ضروري آهي." (٢٦)

اول تہ اها ڳالهہ واضح ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ اسان جو انهيءَ ڳالهہ تي ڪو تڪرار ڪونهي تہ 'ڪنهن گفتا ۾ جهيلار جو هجڻ اشد ضروري آهي. ڪڏهن ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي ڪا سنڌي ٻوليءَ جي شيءِ پڙهڻ لاءِ ڏيو جيڪو اُهي لفظ تہ پڙهي وجي پر انهن جو مطلب نہ سمجهندو هجي، جنهن کي اها خبر نہ هجي تہ هنن لفظن مان فعل ڪهڙو، فاعل ڪهڙو ۽ مفعول ڪهڙو؛ ڪهڙي مونث ۾ ڪهڙي قسم جي ڳالهہ چيل آهي. يا سنڌي رسم الخط ۾ ڪنهن انگريزي نہ ڄاڻندڙ سنڌيءَ کي پنج ست انگريزيءَ جا جملا لکي ڏيو تہ اوهان کي پڙهي ٻڌائي. اوهان کي اُنهيءَ جهيلار جي اهميت جي خبر پوندي، جيڪا لکندڙ جي ذهن ۾ لکڻ وقت هئي ۽ پڙهندڙ جي ذهن ۾ پڙهڻ وقت اچي ٿي. ان جهيلار جي لباس کان سواءِ جيڪو اسان پاڻ جملن کي پهرايون ٿا جملا بي معنيٰ آهن. ڪڏهن اوهان ويچاريو آهي تہ ڪو ڪتاب يا ڪا اخبار زور سان پڙهندي اوهان هڪڙي جملي کي هڪ جهيلار ۾ ادا ڪندي ڪندي موٽ ٿا کائو ۽ هڪ خاص جڳهہ تان ٻيءَ جهيلار سان جملي کي ڪٿي اچي پورو ڪريو ٿا، سو ڇو؟ انهيءَ ڪري جو پڙهڻ وقت اوهان جي ذهن وارو ڪمپيوٽر اڳڪٿي ڪندو ٿو اچي تہ جملي جو ايندڙ حصو ڪهڙو هوندو. اها اڳڪٿي گهڻو ڪري صحيح بيهي ٿي ۽ ماڻهو صحيح ٽون سان، صحيح جهيلار سان پڙهندو وڃي ٿو، پر ڪٿي ڪٿي لکندڙ ڪا اهڙي ترڪيب استعمال ڪريو ٿو وڃي جا اوهان جي اڳڪٿي ڪندڙ ڪمپيوٽر جي ويچار کان مختلف ٿيو پوي. اوهان فورا پوئتي هٽو ٿا، پنهنجي وارو گيئر مٽائي، ۽ ڳالهہ کي اتان کڻو ٿا جتان اوهان کان غلطي ٿي هئي.

مطلب تہ جهيلار ٻوليءَ جو اڻٽوٽ حصو آهي. جيئن آوازن کان سواءِ ڳالهائيل ٻولي ٻولي نٿي ٿي سگهي، تيئن جهيلار کان سواءِ ٻوليءَ جو تصور نٿو ڪري سگهجي. جينوٽيڪ دنيا ۾ هيتري علمي ترقيءَ کان پوءِ بہ اهڙو ڪو رسم الخط اڃا ايجاد نہ ٿيو آهي جنهن جي مدد سان لکندڙ جي موڊ، زور، ٽون ۽ جهيلار کي پڙهڻ وارو بلڪل اهڙي انداز سان پڙهي سگهي جهڙي انداز سان لکڻ واري لکيو.

اهو خيال صحيح ناهي تہ لکندڙ لکڻ وقت "جهيلار جو اصول" خيال ۾ نٿو رکي. ائين ڪرڻ هن لاءِ ممڪن ئي ڪونهي. ائين برابر آهي تہ ڊينيئل جونز جي ڪتاب ۾ جيڪي اُصول ڄاڻايل آهن سي دنيا جي هر ڪنهن لکندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ڪونہ پڙهيا هوندا. پر انهن کي پڙهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪا اهڙي ضرورت بہ ڪانہ اٿن. بهرحال جيڪو بہ ماڻهو ڪو جملو لکي ٿو سو ائين لکي ٿو جيئن هن جو ذهن سوچي ٿو ۽ ڪو بہ جملو ذهن ۾ جهيلار کان سواءِ پيدا نٿو ٿي سگهي. ڪٿي ائين چئجي تہ لکندڙ جيڪو جملو لکي ٿو سو لفظن ۽ ترتيب جي صورت ۾ جهيلار سان گڏ ذهن ۾ اچي ٿو. الفاظ جڏهن ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا تہ جملي جي ترتيب ۽ معنوي ۽ صوتياتي دخل کان سواءِ پيدا نٿا ٿين. لکندڙ هر جملو اندر ۾ ورجائي ٿو، اُن جي موسيقي، آهنگ ۽ جهيلار سندس ذهن ۾ اچن ٿا. پوءِ ڪڏهن ائين بہ ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪا علمي ڳالهہ لکڻي آهي يا ڪنهن ڏارئين ماڻهوءَ کي ڪا ڳالهہ مؤدبانہ انداز ۾ چوڻي آهي تہ اڳ لکيل جملي جي موسيقي، آهنگ ۽ جهيلار کي پرکڻ لاءِ هر لفظ کي وري وري ورجائي ٿو ۽ لفظن کي ڪاٽي ڇاٽي، اڳتي پوئتي ڪري ٿو ۽ پنهنجي اندر جي ڪنن کان راءِ وٺي ٿو تہ جيئن جملو ڪنن کي ٻاڙو نہ لڳندو هجي تان جو جملي جي ساخت ۽ بيهڪ جي موسيقيءَ مان سندس اندر جا ڪن راضي ٿا ٿين ۽ ڳالهہ کي اڳتي وڌائي ٿو.

ان کان سواءِ جيئن زندهہ رهڻ، ساهہ کڻڻ، هلڻ ڦرڻ جي عملن کان اڳ اسان جي لاءِ اهو ضروري ناهي تہ طبي، علم ۽ علم بدن ۾ جيڪا ترقي ٿي آهي ان جي ڄاڻ رکون، يا بدن ۾ موجود عضون جي ڪارڪردگيءَ جي واقفيت رکون. ڦڦڙن جي ساخت، انهن جي ڪم جي طريقي کان واقف ٿيون يا مُشڪن جي بناوت ۽ رت جي نهڻ ۽ سڙڻ جي عملن جي سُڌِ رکون، تيئن اسان لاءِ اهو بہ ضروري ناهي تہ ڳالهائڻ يا لکڻ کان الڳ صوتيات جو علم ڄاڻون يا جهيلار جا اُصول ڊينيئل جونز جي ڪتاب مان پڙهي ياد ڪريون. اسان جي ناميار ي ليکڪ جو اهو قول جهيلار جي عالمن تي ٺٺولي آهي تہ

"بلڪ کهاڻيڪارن کي اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪنهن گفتار ۾ جهيلار جو هجڻ
اشد ضروري آهي." (ص ١٣٨)

صوتيات، جهيلار، گرامر ۽ لسانيات تہ ڊاڪٽرن، ماهرن ۽ ڏاهن ماڻهن جي ذهانت ۽ قابليت جا اوزار آهن. انهن جي ڄاڻ جِي اُنَ عام ماڻهوءَ کي ڪهڙي ضرورت آهي جيڪو اُها فطري ٻولي ڳالهائي ٿو جيڪا پنهنجي چوڌرد ٻڌي ٿو ۽ ذهن جي خداداد لياقت innate quality کي استعمال ڪري سگهي ٿو. ڪنهن گرامر جي ڪتاب کي پڙهي ڪونہ ٿو سگهي. جنهن کيس پيدا ڪيو آهي، اُهو ئي کيس بيان جي صلاحيت بہ ٿو ڏئي.

خَلَقَ الانسان، عَلَمَه البَيَانَ• (الرحمٰن ٣-۴)

زير بحث مضمون جي جهيلار وارو حصو، جيڪو مهراڻ ١٩٧٩/٢ع جي صفحي ١٣٦ تي هيٺان کان ائين سِٽَ کان شروع ٿي آخر تائين پهچي ٿو، علمي وڏائيءَ ۽ لاچاريءَ جو عجب مرصع آهي. انهيءَ ڪري جو هن کان اڳ اهو ٻڌايل قاعدو تہ "جملي جي بيهڪ ۾ پهريائين هميشہ فاعل جاءِ وٺي بيهندو، پوءِ مفعول ۽ ان کان پوءِ فعل" جهيلار جي هن بحث تي پهچي پاڻ ئي ٽُٽي ٽڪرا ٿي پيو. ليکڪ صاحب جي چوڻ مطابق "انهيءَ ڪري هر تحرير ۽ تقرير ۾ جملي جي ترتيب، عبارت ۽ اسلوب جو انداز، جهيلار ۾ تبديل ۽ ڦيرڦار آڻڻ سان، ڦيرائي سگهبو آهي. جهيلار ۾ تبديلِي آڻڻ سان جملي ۾ لفظن جي ترتيب ۾ بہ تبديلي ايندي تہ اصل معنيٰ ۾ بہ فرق ايندو." ان هوندي بہ ضد اهوئي تہ اهي کهاڻيڪار آهن جيڪي جاهل آهن، جهيلار جي علم کان بي خبر آهن، ۽ 'فاعل ۽ مفعول' جي اصول کي ٽوڙي 'نئين نسل کي گمراهہ' ڪري رهيا آهن.

## انگريزي ٻوليءَ جي جهيلار جا ڪي نمونا ۽ انهن جا اُصول:

هن بحث ۾ اول تہ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ جينوٽيڪ گرامر جا ڪي آفاقي پهلو آهن جي ٻولين ۾ هڪجهڙا هوندا آهن. (٢٧) ان جي باوجود هيءُ بحث انگريزي ٻوليءَ جي جهيلار متعلق آهي. سنڌي جهيلار متعلق جيڪو ٿورو گهڻو ڪم ٿيل آهي. (٢٨) اهو اسان جي هن بحث ۾ ايڏو مفيد ڪونهي. ان لاءِ جيستائين ڪو ڄاڻو ماڻهو سنڌي ٻوليءَ جي جهيلار جا نمونا گڏ ڪري، انهن جا اصول مرتب ڪري ڪو نظريو نہ ٿو ڏئي ۽ وڌيڪ تحقيق تي ان کي ٻيا ماڻهو نہ پرکين، تيستائين هنن ڳالهين جا خيالي نتيجا ڪٿي انهن تي نظريا ٻڌڻ اجايو آهي. ان کان سواءِ لسانيات جي ڄاڻوءَ جي لاءِ اهو تمام ضروري آهي تہ جنهن ڪتاب کي (مثلاً ڊينيئل جونز جي) هو سَنَدَ بنائي ماڻهن کي 'فاعل-فعل' ۽ 'فاعل-مفعول' جي ترتيب جو قانون ڏئي ٿو ۽ ان سان لڳندڙ جهيلار سان ڳالهائڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي، ان کي چڱيءَ طرح سمجهي ۽ ان کان اڳ ۽ پوءِ جي ٿيل تحقيق تي بہ نظر رکي. جيڪي ڳالهيون هڪڙي علم جي دائري ۾ نہ هجن يا جيڪي ڳالهيون هڪڙي علم مان ثابت نہ ٿينديون هجن سي هروڀرو ان علم سان لاڳو ڪري ان علم جي ساک نہ وڃائي.

انگريزي ٻوليءَ جي جهيلار جا جيڪي نمونا آهن سي ٿُلهي ليکي هيٺن آهن:

**(١) چڙهندڙ (ايرندڙ، مٿي ويندڙ) ٽون** (rising intonation) جنهن ۾ جملي جي آخر ۾ آواز مٿي وڃي پورو ٿيندو. ائين لڳندو جڻ ڪا شيءِ هوا ۾ اٽڪي پئي. ڳالهہ ڪندي، جيئن، ماڻهو ائين اوچتو، چپ ڪري بيهي رهي جو ٻڌڻ وارو چوي تہ "پوءِ!" هن مان ڳالهائڻ واري جي مراد اها هوندي آهي تہ ڏيکاري تہ ڳالهہ اجان توڙ تائين نہ پهتي آهي. هيءُ طريقو ڳڻپ ۾ آخري انگ تي پهچڻ کان اڳ، اڳين انگن اچارڻ وقت بہ استعمال ڪبو آهي.

١- چار⇑، پنج⇑، ڇهہ⇑، ست⇑......

جهيلار جو هيءُ انداز تڏهن بہ استعمال ڪبو آهي جڏهن جملي جو باقي رهيل فقرو (clause) اجان اچڻو هوندو آهي،

٢- جڏهن آءٌ ڪراچيءَ ويس⇑، تڏهن.... يا جڏهن 'ها- يا- نہ' واري سوال جي جواب جي طلب هوندي آهي:

٣- احمد ڪراچيءَ ويو⇑؟

**(٢) لهندڙ يا ڪرندڙ ٽون** (falling intonation)، هيءُ جهيلار اهڙن جملن ۾ ٿيندي آهي جن مان خبر پوي تہ (١) ڳالهہ پوري ٿي (٢) سِڌي بيانيہ جملن، ۽ 'اطلاعيہ سوالن (٢٩) لاءِ هيءُ جهيلار استعمال ٿئي- (٣) هڪ لفظي جواب، توڙي لفظ، ناڪ يا اکر جيڪي هيڪلا اُچاريا وڃن سي هن جهيلار سان ادا ٿيندا:

١. مون ڪتابُ خريد ڪيو.⇓

٢. تون سڀاڻي ڪيڏانهن ويندين؟⇓

٣. هُوسڙيءَ.⇓

٤. هيءُ ڪهڙو اکر آهي؟⇓

٥. في. ⇓

اِهي بہ مکيہ جهيلار جا نمونا آهن. ٻيا چار نمونا جيڪي عام رواجي گفتگوءَ ۾ استعمال ٿين ٿا، انهن ٻن جي ملاوت سان ٺهندا آهن.

**(٣) ڪِري- ايرندڙ** (fall-rise intonation) شڪ شبهي واري فقري لاءِ،

**(٤) ايري- ڪرندڙ** (rise-fall intonation) سچي يا طنزيہ گرمجوشي، حيرت يا صدمي ظاهر ڪرڻ لاءِ،

**(۵) هموار يا هڪ ساريڪو** (level intonation) ورلي استعمال ٿئي. اڳئين جيڪا ڳالھ اچڻي آهي ان جي توقع ۾، ان جي اڳڪٿي ڪندي تہ ايندڙ لفظ جو ٽون بہ انھيءَ ئي سطح تي هوندو.

**(٦) ڪرندڙ واڌو ايرندڙ** (fall-plus-rise) هن جي هڪڙي فقري ۾ بہ جھيلار جا مرڪزي (tone nucle:) هوندا آهن. هن سان ڳالھائيندڙ ٻنھي تضاد ادا ڪندو آهي.

هاڻي، ڪي وڏا جملا ٿين ڪي ننڍا. ڪي ٻن چئن فقرن وارا جملا ٿين، ڪي ماڳھين هڪ لفظ وارا. جنھن جملي ۾ جيترا فقرا هوندا جھيلار جا مرڪز بہ اوترائي هوندا؛ جڻ هڪ ئي جملي ۾ بہ يا ٻن کان وڌيڪ، ويندي چار يا پنج جھيلاري يونٽ بہ ٿي ويندا. هر يونٽ جڻ جھيلار جو هڪ مڪمل نمونو هوندو. 'هڪ-لفظي' جملن جي جھيلار بہ مڪمل جھيلار هوندي. هڪڙي ڳالھ جيڪا هن بحث مان ثابت ٿئي ٿي سا اها تہ جھيلار تيستائين 'جھيلار' ڪانہ سڏبي جيستائين ان ۾ 'فاعل-فعل' يا 'فاعل-مفعول-فعل' واري ترتيب نہ هجي. البتہ هڪ ڳالھ هلندي هلندي چوندا هلون تہ هي جھيلارون 'عام گفتگوءَ جي معمولي جملن' لاءِ استعمال ٿيندئيون. هنن ۾ جھيلار جو مرڪز (focus of tone) "عموماً" جملي جي آخري ڪليل لفظ (اسم، فعل، صفت يا ظرف) تي پوندو آهي. "عموماً" بند لفظ آرٽيڪل، ضمير، جر، جملو، ندا تي زور نہ پوندو آهي.

## جملي ۾ اطلاع جو مرڪز ۽ اطلاع جا يونٽ (focus and units of Information)

انگريزي يا ٻي ڪابہ ٻولي هڪ ڳالھايل پيغام کي اطلاع جي حصن يا ٽڪرن (يونٽن units) ۾ ورهائي ٿي ۽ اھا ورهاست ڳالھائڻ وقت جھيلار مان ظاهر ٿيندي آهي. هنن مان جھيلار جو هر يونٽ هڪ اطلاعي يونٽ جي نمائندگي ڪندو آهي، ۽ اُها جاءِ جتي زور جو مرڪز ٿيندو، سا اطلاع جو مرڪز هوندي آهي. هڪ جملي ۾، جيئن اڳي چيوسين، گھٽ ۾ گھٽ هڪ ٽون يونٽ هوندو، پر جيڪڏهن جملي جي شروع ۾ ڪو ظرف وارو فقرو هوندو، ڪو تنبيل ڪلمو، يا ندائي اسم هوندو تہ ان فقري يا ڪلمي يا لفظ وارو حصو بہ هڪ الڳ ٽون يونٽ ٺاهيندو.

(۱) گذريل سال، اسان موڪلون مريءَ ۾ گذاريون. (بہ ٽون يونٽ)

(۲) جپاني، جن جي محنت ملڪان ملڪ مشهور آهي، صنعت ۽ حرفت ۾ دنيا کي ماريو ٻيٺا آهن. (بہ ٽون يونٽ)

(۳) حمد، ٽون هلنديون. (بہ ٽون يونٽ)

## پڇاڙيءَ وارو مرڪز ۽ تقابلي مرڪز (end-focus and contrastive focus)

انگريزي ٻوليءَ ۾ جھيلار جي ٽون جو مرڪز عام طرح جملي جي آخري ڪليل ڪلاس جي لفظ (۳۱) (اسم، فعل، صفت ۽ ظرف) جي زور ڏنل حصي تي پوندو آهي. عام طرح واريءَ اهڙيءَ جھيلار کي پُڇڙي واري مرڪز واري جھيلار (end focus intonation) چئبو آهي. جيئن، جيڪڏهن چئجي:

1. Dylan Thomas was born in Swan sea.

۱. ("ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ ڄائو.)

تہ انگريزي جملي جي آخري لفظ "سوانسي" جي پهرئين پد "سوان" تي زور پوندو، اهو جڻ عام طرح اطلاع جو مرڪز ٿيندو، ۽ اهوئي جھيلار جو مرڪز.

پر جڏهن ڪو خاص مقصد ادا ڪرڻو هوندو آهي تہ ڪليل ڪلاس جي آخري لفظ بدران جملي ۾ ٻيو ڪو بہ لفظ، پوءِ ڀلي ڪليل ڪلاس جو هجي يا بند ڪلاس جو، اطلاع جو مرڪز ٿي سگھندو آهي ۽ انھيءَ ڪري جھيلار جي

نيوڪلئس بہ ان تي ٿي ڪرندي آهي. اهڙي مرڪز کي تقابلي مرڪز (contrastive focus) چئبو.

مثئين "ڊلن ٿامس سئوانسيءَ ۾ ڄائو" واري مثال ۾ ڏنوسين تہ عام بياني جملي ۾ "سوانسيءَ" جي "سوان" بد تي زور پيو. پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ اها ڳالهہ چڱيءَ طرح نہ ٻڌي، ۽ پڇڻو پويس تہ "سوانسيءَ ۾ ڪير ڄائو؟" تہ ان کي جواب ڏيڻ لاءِ چئبو.

2. Dylan Thomas was (born in Swansea).

(ڊلن ٿامس [سوانسيءَ ۾ ڄائو هو]) اهڙيءَ طرح ٿامس جي "ٿام" تي زور پيو.

( 'بارن ان سوانسي' کي ڏنگين ۾ رکڻ جو مطلب آهي تہ چوڻ واري کي اختيار آهي تہ انهيءَ فقري کي حذف ڪري يا چوي.)

پر فرض ڪيو تہ ڪنهن ٻڌندڙ اها ڳالهہ صحيح نہ ٻڌي، جمڻ جي بدران پاڻيائين تہ ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ پرڻيو هو. پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائين "ڇا ڊلن ٿامس سوانسيءَ ۾ پرڻيو هو؟" ڳالهہ ٻڌائيندڙ، سواليءَ جي تصحيح ڪندي چوندو:

3. No, he was BORN in Swansea.

(نہ، هو سوانسيءَ ۾ ڄائو هو." زور ڄا بہ مرڪز ٿيا "نو ۽ بارن)

عام طرح اسم ۽ ان جي صفت مان اسم تي زور ايندو؛ 'ڊلن ٿامس' واري فقري ۾ ڊلن جڻ ٿامس جي توصيف ٿو ڪري (ڪهڙو "ٿامس"؟ ڊلن). ان ڪري عام ڳالهايل جملي ۾ "ڊلن" تي زور ڪونہ ايندو. پر جيڪڏهن ڳالهہ ٻڌندڙ کي پڪ نہ ٿيني تہ ايڊورڊ ٿامس جي ڳالهہ پئي هلي يا ڊلن ٿامس جي؛ ۽ پڇڻو پويس تہ "ڇا ايڊورڊ ٿامس سوانسيءَ ۾ ڄائو هو؟" تہ ان جي تصحيح لاءِ چئبو:

4. No, Dylan Thomas (was born in Swansea)

(نہ ڊلن ٿامس [سئوانسيءَ ۾ ڄائو هو]).

اهڙيءَ طرح لفظن ۽ فقرن تان تہ مرڪزي زور بدلجي ٿو، پر ويندي هڪ لفظ جي پدن تائين اها ويڙهہ هلي ٿي. (ڏسو ڪُورڪ ص ٩٣٩) ۽ مرڪز بدلجڻ جو هڪڙو سبب 'نئين اطلاع' کي اهميت ڏيڻ بہ آهي.

## موضوع جو جهيلار جي مرڪز تي اثر:

جهيلار جي مرڪز (focus of intonation) ڪانسواءِ جملي جو ٻيو هڪ اهم جزو آهي موضوع (theme) جو، جنهن جي باري ۾ سڄو جملو چيل هجي. ظرف وارن لفظن يا فقري کي ڇڏي، جملي جي منڍ ۾ جيڪو بہ لفظ يا فقرو ايندو هجي، اهو ٿيو موضوع. هيءُ فاعل بہ ٿي سگهي ٿو. انگريزيءَ ۾ سوال جو آپريٽر (do, did, does يا موڊل) ٿي سگهي ٿو. سواليہ لفظ (ڪير، ڇا، ڪٿي، ڪيڏانهن وغيره) ٿي سگهي ٿو، يا خود فعل ٿي سگهي ٿو. مرڪز ۽ موضوع جملي جا بہ مکيہ جزا آهن. موضوع هميشہ جملي جي شروع ۾ ٿو اچي ۽ مرڪز، جيئن اڳي ڏنوسين، آهي تہ ريچڪائي پر عموماً جملي جي آخر ۾ ايندو آهي. موضوع جڻ ڳالهہ کٽي ٿو، مرڪز ان کي توڙ تائين پڄائي ٿو. جيئن تہ موضوع جملي جي مُنڍَ ۾ ٿو اچي، ان کي اطلاع جو گهڻو بار کڻڻو پوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، جيئن مٿي چوٿين جملي ۾ ڏنوسين، ائين بہ ٿيندو آهي جو جملي جو مرڪز بہ اهوئي هوندو آهي، جيڪو ان جو موضوع هوندو آهي.

4. Dylan Thomas was born in Swansea.

يا جي ڪنهن کان پڇجي تہ اهو رسالو ڪنهن ڏنئي، تہ چوندو:

۾ اچي ٿو ۽ جملي جا باقي ٽڪرا پوءِ ويچاريل جي حيثيت سان جڻ ان ۾ پوءِ وڌائجن ٿا." (۳۴)

*"It is as if the thematic element is the first thing that strikes the speaker, and the rest is added as after thought." (34)*

زير بحث مضمون جو فاضل مصنف لکي ٿو:

"هن ڏس ۾ اسان جا نقاد ۽ اُبتي ٻوليءَ وارا اديب ڪنهن انگريزي يا فرانسيسي ڪهاڻيڪار جا مثال يا ڪو مثال دليل طور ڏئي سگهندا، جن ۾ ٻوليءَ جي اصولن کي ڦيرايو ويو هجي." (۳۵)

ٻوليءَ جا اُهي اصول ڪهڙا آهن، تنهن لاءِ فاضل مصنف لکي ٿو:

"سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي ستاءُ موجب ڪنهن بہ جملي ۾ پهرين فاعل پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو آهي ۽ ان کان پوءِ مفعول ايندو آهي ۽ آخر ۾ فعل روزمره: گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو انهن اصولن ۽ قانونن جو پابند هوندو آهي." (۳٦)

ٻوليءَ جي اصولن کي ڦيرائڻ جي تہ اسين ڳالهہ ڪونہ ٿا ڪريون، پر هي مٿيان جملا ۽ هيٺ ڄاڻايل ٻيا مثال ڪنهن ڪهاڻيڪار جي افساني يا ناول تان نہ، پر عصر حاضر جي معتبر لسانيات جي ماهرن جي لکيل ان گرامر تان ورتل آهن، جيڪو اڄ لسانيات جي دنيا ۾ مستند مڃيو وڃي ٿو.

ڪُورڪ ۽ سندس همڪارَ (۳۷) پنهنجي هن گرامر ۾ موضوع (جملي جي شروع وارو جزو) جي جاءِ تي ايندڙ اهڙن لفظن جا گهڻا مثال ڏنا آهن (۳۸)، جيڪي عام گرامر ۾ هوند جملي جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ اچن. ڳالهايل ٻوليءَ جا ڪي مثال مٿي ڏناسين. انهن کان سواءِ خطيبانہ (rhetorical) ٻولي ۽ لکيل ٻوليءَ جا بہ اهڙا مثال ڏنا اٿن.

۱. خطيبانہ ٻوليءَ ۾ جاءِ مٽايل موضوع جا مثال:

1. His FACE I'm not FOND of.......

هن جملي ۾ حرف جر آ (of) جو واڌارو (هز فيس His FACE) موضوع جي حيثيت سان استعمال ٿيو آهي. هن ۾ فيس ڪرندڙ جهيلار سان چئجي ٿو ۽ فانڊ لفظ ڪرِي-اُڀرندڙ ٽون سان ڳالهائبو. سنڌيءَ ۾ چئجي "سندس بُوٿ جو آءٌ گهورو ناهيان." عام طرح هوند هيءُ جملو چئجي ها:

آءٌ سندس بوٿ جو گهورو ناهيان. (I am not fond of his face)

2. but his CHARActer I desPISE.

"پر سندس لڇڻ آءٌ ڌڪاريان ٿو."

جملي جي هن حصي ۾ CHARA ۽ PISE وارن پدن تي زور آيو ۽ اُهي ٻئي ڪرندڙ ٽون سان اُچاريا ويا. هن جملي ۾ اتهامي مفعول (ڊائريڪٽ آبجيڪٽ) موضوع جي جاءِ تي استعمال ٿيو آهي. هونئن هوند عام طرح چئجي ها.

- but I despise his character:

پر آءٌ سندس لڇڻ ڌڪاريان ٿو.

3. RICH I may be (but.....)
(هموار)

(I may be rich [but....])
(سگهيو ڪٽي آءُ هجان......)

(هن جملي ۾ فاعل جو وڏاءُ، نئين معنيٰ ۾، موضوع جي حيثيت سان. هونئن عام طرح چئجي ها:

4. LEAVE him I COULDn't.....
ڪرندڙ (ڪري اپرندڙ)

(ڇڏي (تہ) ڪيس (آئون) نٿي سگهيس.....)

پريڊيڪيشن جو فعل موضوع جي حيثيت سان. هونئن عام طرح هوند چئجي ها:

(I couldn't leave him)
(but atleast I could make his life a misery; I have promised to do it)
5. So 'do it I SHALL.

هونئن عام طرح چئجي ها:

(And I shall do it)

٢. لکيل علمي ٻوليءَ ۾ جاءِ متايل موضوع جا مثال:

1. <u>Most of these problems</u> a computer could take in its stride.

هونئن عام طرح چئجي ها:

(A computer could take most of these problems in its stride.)
2. This later topic we have examined in chapter 3, and need not reconsider.

هونئن عام طرح چئجي ها:

(We have examined this later topic in....)
3. To this list may be added ten further items of importance.

هونئن چئجي ها:

(One may add ten further items of importance to this list, Ten further items may be added to this list.....)

هن بحث مان ٻہ ڳالهيون ثابت ٿيون:

١. ساڳي لفظي ترتيب واري جملي ۾ جهيلار جو مرڪز جاءِ متائي سگهي ٿو. جنهن تہ جهيلار لفظي ترتيب جي پابند ناهي.

٢. ڪنهن خاص مقصد ادا ڪرڻ لاءِ جملي جي منڍ ۾ جملي جو ڪو اهڙو حصو آڻي رکي سگهجي ٿو، جيڪو عام طرح منُڍ ۾ نہ ايندو آهي. "موضوع کي منڍ ۾ آڻڻ" (thematic fronting) واري انهيءَ طريقي سان جملي جي لفظي ترتيب لازمي طرح بدلبي آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي فطري نظام ۾ ڪو ڪهرام ڪونهي مچندو.

## ٤. ٻولين ۾ لفظي ترتيب جي ڳهرج:

فاضل مصنف پنهنجي زير بحث مضمون ۾ ٻوليءَ کي هڪ اهڙو قدرتي نظام ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن جي ڪنهن بہ قانون جي ڀڃڪڙي ٿي تہ "ڪهرام مچي ويندو" ۽ ڊاڪٽر صاحب جن جي لکت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ

ٻوليءَ جي انهيءَ نظام جا اهي قانون جن جي استعمال سان ٻولي نهي ٿي، اُهي لسانيات جي ماهرن کي معلوم آهن، مثلاً 'فاعل-فعل' يا 'فاعل-مفعول' جي سٽاءَ جا اُهي سَٽ قانون جن ۾ فاعل هميشہ جملي جي مُنڍَ ۾ ايندو، فاعل جو وڏاءُ جي هوندو تہ اُهو ان کان اڳيان ايندو، فعل هميشہ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو، وغيره وغيره (٣٩) مصنف صاحب جن لکن ٿا:

"روزمره گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو انهن اصولن ۽ قانونن جو پابند هوندو آهي." انهيءَ کري چون ٿا تہ: "آهي ڪاتب جو قلم هي' غلط اهي، ۽ 'هي ڪاتب جو قلم آهي، صحيح آهي." (٤٠)

اڳتي چون ٿا تہ انهن اصولن جي پابندي سٽاءَ جي چئن مقصدن (انتخاب، ترتيب، فعل جو لاڳاپو ۽ جهيلار) جي لاءِ ضروري آهي، ان ڪري "اٿيو آهيان ننڊ مان" جهڙن جملن کي لفظي ترتيب ۽ جهيلار جي اصولن تي پرکي غلط ثابت ڪيو ويو آهي. اسان مٿي ڏٺو تہ جهيلار لفظي ترتيب جي پابند ناهي. هاڻي ڏسنداسين تہ ٻولين ۾ لفظي ترتيب جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ تي اهڙي ضرورت جو ڪيتري قدر اطلاق ٿئي ٿو:

## ٤.١ گرامري تصورات: (٤١)

ڪنهن بہ جملي ناهڻ سان ڪابہ ٻولي ڪي نحوي (گرامري) تصورات ادا ڪري ٿي جن مان هڪڙن کي لازمي يا اٿتر تصورات چئي سگهجي ٿو ۽ ٻين کي ثانوي. جيڪڏهن هڪَ رڇَ ۽ هڪ ماڻهوءَ جي ڳالھ ڪبي ۽ اهو ڏيکارڻو هوندو تہ هڪَ ٻئي کي ماريو تہ اهو لازمي ٿيندو تہ ڏيکارجي تہ ڪهڙي مارڻ جو عمل ڪيو ۽ ڪهڙو ان عمل جو شڪار ٿيو. دنيا جون سڀئي ٻوليون اهو لاڳاپو، جنهن کي فريز "نام-نهاد فاعل-مفعول لاڳاپو، (٤٢) ٿو ڪوني، ادا ڪن ٿيون. ٻئي پاسي مارڻ جو عمل ڪهڙي وقت ٿيو (زمان ۽ ٽينس)، يڪدم (جهت ۾) ٿيو يا ان عمل ۾ وقت لڳو (آسپيڪٽ (٤٣). رڇ هڪڙو هو، بہ هئا يا گهڻا هئا (عدد)، ۽ ڳالھ ڪندڙ اها ڳالھ پاڻ ٿيندي ڏٺي يا ڪنهن سُئي پيو ٻڌائي، اهي سڀئي ڳالهيون ثانوي نحوي (گرامري) تصورات ۾ اچي وڃن ٿيون. انهن مان ڪيتريون ڳالهيون ڪيترين ٻولين ۾ ٻڌائڻ ضروري آهن، ڪيترين ٻولين ۾ غير ضروري آهن.

هنن نحوي تصورن جي اظهار لاءِ مختلف ٻولين جي گرامرن وٽ ٽي مختلف وسيلا يا اوزار (devices) آهن. لفظي ترتيب (word order) وارو وسيلو انهن مان هڪڙو آهي، پر جيئن اڳتي واضح ٿيندو، ٻين سڀني وسيلن کان ڪمزور ۽ محدود وسيلو اهو آهي. انهيءَ مقصد کي ادا ڪرڻ لاءِ ٻيا جيڪي بہ وسيلا ٻولين وٽ آهن تن مان 'ڪارجي لفظ' (function words) هڪڙو آهي ۽ لفظي صورتون يا تصريفون (inflections) ٻيو آهي. هنن ٽن وسيلن جي ورهاست هيئن آهي: جيڪا ٻولي تصريفن جي ذريعي 'فاعل-مفعول' جو لاڳاپو ادا ڪري سگهي ٿي، ان جي اختيار ۾ ڪارجي لفظن ۽ لفظي ترتيب جا وسيلا بہ آهن: (جيئن سنڌي)، جيڪا ٻولي تصريفن وسيلي تہ اهو لاڳاپو ادا نٿي ڪري سگهي، پر 'ڪارجي لفظن' ذريعي اهو ڪمُ سرانجام ڏئي سگهي ٿي تنهن وٽ لفظي ترتيب جو اختيار بہ هوندو آهي (جيئن اردو). ۽ جيڪا ٻولي تصريفن ۽ ڪارجي لفظن ٻنهي ذريعن کان محروم آهي، سا انهيءَ لاڳاپي جي اظهار لاءِ سڄو دارومدار لفظي ترتيب تي ٿي رکي. (جيئن انگريزي) مثلاً سنڌي ٻولي جيڪا رڇَ ۽ رڇُ ۾ آخري حرڪتن وارين تصريفن سان فاعلي حالت ۽ اتهامي مفعول (accusative) حالت جو اظهار ڪري ٿي، ان لاءِ اهو بہ ممڪن آهي تہ لفظي ترتيب ۽ ڪارجي لفظن جي مدد سان (يا انهن جي مدد کان سواءِ) 'فاعل-مفعول' جي لاڳاپي جو اظهار ڪري، هن ٻوليءَ وٽ جڻ ٽئي هٿيار ٿيا، سخت پابندي رڳو تصريفن جي ڪرٽي اٿس، باقي ٻئي وسيلا سندس اختيار ۾ آهن، سندس غلام آهن، سندس حڪم جا ٻندا آهن:

١. رڇَ ماڻهو ماريو. ⇦ (فاعل رڇ، مفعول ماڻهو)

٢. ماڻهوءَ رڇُ ماريو. ⇔ (فاعل ماڻهو، مفعول رڇ)
٣. رڇُ ماڻهوءَ ماريو. ⇔ (مفعول رڇ فاعل ماڻهو)
٤. رڇَ ماڻهوءَ کي ماريو. ⇔( فاعل رڇ، مفعول ماڻهو + ڪارجي لفظ 'کي' )
٥. ماڻهوءَ کي رڇَ ماريو. ⇔ (مفعول ماڻهو، ڪارجي لفظ کي، فاعل رڇ)
٦. رڇ کي ماڻهوءَ ماريو. ⇔ (مفعول رڇ + کي، فاعل )
٧. ماڻهوءَ رڇَ کي ماريو. ⇔ (فاعل ماڻهو، مفعول رڇ + کي،)

سنڌي ٻوليءَ جي مقابلي ۾ وري اردو ٻولي آهي، جيڪا لازمي نحوي يا گرامري تصورن جو اظهار تصريفن سان نٿي ڪري سگهي، ان ڪري ان جو دارومدار ڪارجي لفظن جي استعمال ۽ لفظي ترتيب تي آهي. پر جيئن ته درجي بنديءَ ۾ ڪارجي لفظن وارو وسيلو لفظي ترتيب واري وسيلي کان وڌيڪ سگهارو ۽ وسعت وارو آهي ان ڪري لفظي ترتيب جي هٿيار کي پنهنجو زيردست، پنهنجي حڪم جو ٻندو، پنهنجو غلام ڪري استعمال ڪري ٿو: اردوءَ ۾ ڪارجي لفظن جي موجود هئڻ ڪري لفظي ترتيب کي حاڪميت حاصل ڪانهي؛ فاعل-مفعول کي جاءِ بدلائڻ جي آزادي آهي:

١. ريچھ نے آدمی کو مارا. (فاعل + ڪارجي لفظ 'نے' + مفعول + ڪارجي لفظ 'کو' )
٢. آدمی کو ريچھ نے مارا. (مفعول + کو، فاعل + نے )
٣. ريچھ کو آدمی نے مارا. (مفعول + ڪارجي لفظ 'کو' + فاعل + ڪارجي لفظ "نے" )
٤. آدمي نے ريچھ کو مارا. (فاعل + نے، مفعول + کو)

بهرحال اردو ٻوليءَ ۾ هيٺن ڪونه چئي سگهبو جيئن سنڌيءَ ۾ چئبو آهي: (غلط جملي لاءِ لسانياتي لکڻين ۾ ستاري جو نشان ڏبو آهي).

* ١. ريچھ آدمی مارا. (رڇَ ماڻهو ماريو يا رڇُ ماڻهوءَ ماريو)
* ٢. آدمی ريچھ مارا. (ماڻهوءَ رڇُ ماريو يا ماڻهو رڇَ ماريو)

هنن ٻنهي ٻولين جي مقابلي ۾ انگريزي ٻولي وري اهڙي آهي، جو منجهس اهو لاڳاپو نڪي 'فاعل-مفعول' وارين تصريفن سان ادا ٿي سگهي ٿو، نڪي 'ڪارجي لفظن' سان، اُن ڪري انگريزيءَ کي مڪمل طور لفظي ترتيب تي ياڙڻو ٿو پوي. انگريزيءَ ۾ عام طرح فاعل جملي جي شروع ۾ ايندو، ان کان پوءِ **فعل** ۽ ان کان پوءِ **مفعول**. (خاص حالتن ۾ انهيءَ ترتيب جي پابنديءَ کي ٽوڙي به سگهبو، جيئن جهيلار جي بحث ۾ واضح ڪيو ويو) هاڻ، انگريزيءَ ۾ رڇ ۽ ماڻهوءَ جي اِها ڳالهه صرف هڪ طريقي سان ٿي سگهي ٿي. معروف فعل جيڪو اڳيان آيو سو ٿيو مارينڙ، جيڪو آخر ۾ سو ٿيو مئل (جيڪو اڳي سو تڳي):

1. The man killed the bear. ماڻهوءَ رڇُ ماريو.
2. The bear killed the man. رڇَ ماڻهو ماريو.

هن زماني جي انگريزيءَ ۾ ڪا تصريف ڪانهي جيڪا "بيئر" ۽ "مئن" جي جاءِ مٽائڻ کان پوءِ به سندن اصلي "فاعل-مفعول" وارو لاڳاپو قائم رکي؛ ڪو "ڪارجي لفظ" ڪونهي جو اهو ڪم سرانجام ڏئي. انگريزيءَ وٽ هڪڙو ئي وسيلو آهي، هڪڙو ئي هٿيار آهي، لفظي ترتيب جو. (ذهن ۾ اها ڳالهه رکجي ته هت passive جي ڳالهه ڪانه پيئي هلي.) انهيءَ ڪري انگريزيءَ لاءِ لازمي آهي ته انهيءَ هڪڙي وسيلي جي چڱيءَ طرح پابندي ڪري. هاڻ، اسان ڏٺو ته: تصريف، ڪارجي لفظ ۽ لفظي ترتيب مان

١. سنڌيءَ ۾ تصريف جو هٿيار آهي، جنهن جي ڪري ڪيس ڪارجي لفظن ۽ لفظي ترتيب تي اختيار آهي. جڏهن جيئن وٽيس تڏهن انهن کي تيئن استعمال ڪري: پر انهن کان سواءِ به ڪم هلائي سگهي ٿي.

٢. اردوءَ ۾ تصريف ڪانهي. ڪارجي لفظن هئڻ ڪري ڪيس اختيار آهي ته لفظي ترتيب جي هٿيار کي جيئن وٽيس تيئن استعمال ڪري:

٣. انگريزيءَ وٽ رڳو لفظي ترتيب آهي، ان ڪري اها مجبور آهي ته ان جو چڱيءَ طرح پابنديءَ سان استعمال ڪري.

انهيءَ ڳالھ جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ ڪي مثال ٿا وٺون.

مثال ۾ تصريف پرڳڻي جو حاڪم آهي. 'ڪارجي لفظ' ضلعي جو حاڪم آهي، ۽ 'لفظي ترتيب' تعلقي تي اختيار رکي ٿي.

اجان به ٻيو مثال وٺون ته تصريف بندوق آهي جيڪا گولي، تکي اوزار ۽ ڏنڊي ٽنهي لاءِ ڪم اچي ٿي: 'ڪارجي لفظ' ڪهاڙي آهي جا تکي اوزار ۽ ڏنڊي ٻنهي جو ڪم ڏئي ٿي، ۽ لفظي ترتيب ڏنڊي وانگيان آهي جيڪا رڳو ڏنڊي جو ڪم ڏيندي. اجان به وڌيڪ مثال ڏجي ته تصريف سج وانگي آهي جنهن جي اڳيان چنڊ تارا ٻينا هجن ته به جڻ ته ڪونهن. 'ڪارجي لفظ' چنڊ وانگي آهي جنهن جي آڏو تارن جي روشني جهڙي آهي تهڙي ناهي. 'لفظي ترتيب' تارن وانگي آهي جيڪي اونداهيءَ رات ۾ واٽهڙوءَ کي واٽ ڏسڻ ۾ هڪڙو ڪردار ادا ڪن ٿا. هاڻي ڪير آهي جو پرڳڻي جي حاڪميت ڦٽي ڪري.

ڪير تعلقي جو حاڪم ٿيڻ پسند ڪندو: ڪير آهي جو سج کي هٿان ڏئي تارن جو سودو ڪندو: ڪير آهي جو جهيڙي وقت بندوق اڇلي سوُنٽو وٺڻ پسند ڪندو. اهو سودو ته سراسر ٽوٽي وارو ڇئبو جنهن ۾ لسانيات جو ماهر ڳالهائيندڙ کي صلاح ڏيندو هجي ته تصريفن وارو پنهنجو قيمتي وسيلو اڇلي، ڊينيئل جونز سان نينهن نڀائڻ خاطر، لفظي ترتيب جو وسيلو ڪٽي قابو جهلي.

هاڻي سنڌيءَ کي جيڪي حاصل آهي، سو اردوءَ کي ڪونهي (٤١). جيڪي اردوءَ کي حاصل آهي سو انگريزيءَ وٽ ڪونهي. هتي ياد رکڻ وارو هڪڙو نقطو اهو آهي ته هنن ٽن وسيلن جي هڪ درجي بندي آهي ۽ انهن مان جيترو مٿئين درجي وارو وسيلو ڪنهن زبان کي حاصل آهي ته 'اها هيٺين درجن جي وسيلن کان بي نياز آهي، اُهي وسيلا سندس 'ڪمي' مددگار آهن، جن کي پنهنجي پسند تي استعمال ڪندي. اُردوءَ م ڏنوسين ته فاعل مفعول جو لاڳاپو تصريفن سان ادا نٿو ٿئي ۽ انگريزيءَ ۾ ڏنوسين ته اهو لاڳاپو نڪي تصريفن سان ادا ٿو ٿئي نڪي ڪارجي لفظن سان. هن زماني جي انگريزيءَ ۾ ڏنوسين ته رڳو هڪ طريقو ممڪن آهي جنهن سان "فاعل-فعل" جو لاڳاپو ادا ڪري سگهجي- اهو آهي "لفظي ترتيب" وارو. اهو لاڳاپو ڏنوسين ته لازمي گرامري تصور وارو لاڳاپو آهي. انگريزيءَ ۾ جيڪي به چار تصريفون وڃي رهيون آهن، اهي ثانوي گرامري تصورن جي ادائگيءَ جي لاءِ استعمال ٿين ٿيون- جيئن عدد جمع واري ايس (s)، ٽئي شخص واحد جي فعل تي ايس، ماضيءَ جي ed فعل جي پويان، يا پارٽيسيپل جي ing-فعل.

## ٤.٢ جڏهن پراڻي انگريزي تصريفن واري ٻولي هئي.

انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪو اهڙو ڏينهن خدا جو هن ٻوليءَ جي تاريخ ۾ به هو جڏهن منجهس لازمي توڙي ثانوي (گرامري) تصورات تصريفن سان ادا ٿيندا هئا، جيئن اڄ سنڌيءَ ۾ ٿين ٿا.

ڳالهايل ٻولي ۽ لکيل ٻوليءَ جي انهيءَ تاريخي ڇڪتاڻ ۾ انگريزي آهستي آهستي تصريفي ٻولين جي قطار مان پاڻ کي ڪيندي وئي ۽ پاڻ کي لفظي ترتيب جي پابند ٻولين جي قطار ۾ آڻيندي وئي ۽ اڄ مڪمل طرح لازمي تصورن کي ادا ڪرڻ لاءِ تصريفن ۽ ڪارجي لفظن کي ڇڏي، لفظي ترتيب کي اختيار ڪري چڪي آهي ۽ باقي رهيل تصريفن کي رڳو ثانوي تصورن ادا ڪرڻ لاءِ رکيو ويني آهي.

پراڻي انگريزيءَ (Old English) ۾ تقريباً سڀئي گرامري لاڳاپا- لازمي توڙي ثانوي- تصريفن سان ادا ٿي سگهيا ٿي ۽ تقريباً سڀئي تصريفن سان ادا ٿيندا هئا. ڪي لاڳاپا 'ڪارجي لفظن' ('to' وغيره) سان ادا ٿيندا هئا. پر ڪوبه لاڳاپو لفظي ترتيب تي ٻڌل ڪونه هو: جيئن فريز ٿو چوي:

> *"In Old English practically all the grammatical relationships to which the language gave attention could be expressed by inflections and nearly all were so expressed. Some were expressed by function words, but none, so far as I know, actually depended upon word order for expression." (45)*

سنڌيءَ جي فاعل ۽ مفعول جو تعلق اڄ بہ تصريفن (انفليڪشنز) سان ادا ٿئي ٿو:

۱. ماڻهوءَ پاڻي لوڙهيو. (= ماڻهوءَ ٻنيءَ کي ڏيڻ لاءِ پاڻي ورايو)

۲. ماڻهو پاڻيءَ لوڙهيو. (= ماڻهو پاڻيءَ ۾ ٻڏي مري لڙهي، وهي ويو)

پهرين جملي ۾ ماڻهوءَ جي /ءَ/ ۽ ٻئي جملي ۾ پاڻيءَ جي /ءَ/ فاعلي تصريف آهي. اهڙيءَ طرح پراڻيءَ انگريزيءَ ۾ بہ فاعل، غير صريح مفعول ۽ اتهامي مفعول (نامِينٽو، ڊيٽو ۽ اَڪيوزِٽو) لاءِ الڳ الڳ تصريفون هيون.

مفعول اتهامي يا صريح (accusative object) جملي ۾ ڪابہ جاءِ والاري سگهيو ٿي. ان جملي ۾ لفظن جي ترتيب جو جملي جي معنيٰ تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿي ٿيو. نحوي لاڳاپو ساڳيو ئي رهيو، مفعول اتهامي ڀلي ڪهڙيءَ بہ جاءِ تي هجي. مثني رڇَ ۽ ماڻهوءَ جي جهيڙي واري ڳالهہ جيڪا ڪئي سون، پراڻيءَ انگريزيءَ ۾ ان کي هنن چئن نمونن سان لکي ۽ ڳالهائي سگهبو هو.

[انگريزيءَ جي اڄڪلهہ واري حرف تعريف (ڊيفنِٽ آرٽيڪل) دَ، دي (the) وانگي ان زماني ۾ مختلف حرف تعريف هوندا هئا جيڪي حالت (case) جي اعتبار سان تصرف ٿيل (inflected) هوندا هئا. مثلاً Se. فاعلي حالت لاءِ ڪتب آڻبو هو ۽ thone مفعولي اتهامي (ڊائرڪٽ آبجيڪٽ يا اَڪيوزِٽو) حالت لاءِ ۽ 'sloh' جي معنيٰ تي 'هنيو يا ماريو' ، جنهن مان هاڻوڪي انگريزيءَ ۾ slay, slew ٿا ڇوَن.]

جملي جي لفظي ترتيب جي لحاظ کان هي چارئي صورتون ممڪن هيون: ( )

۱. ماڻهوءَ رڇُ ڪُنو. — 1. Se mann thone beran sloh.
(The man the bear slew.)

۲. رڇُ ماڻهوءَ ڪُنو. — 2. Thone beran Se mann sloh.
(The man the bear slew.)

۳. رڇُ ڪُنو ماڻهوءَ. — 3. Thone beran sloh se mann.
(The bear slew the man.)

۴. ڪُنو ماڻهوءَ رڇُ. — 4. Sloh se mann thone beran.
(Slew the man the bear)

هن چئن لفظي ترتيبن منجهان ڪا هڪڙي لفظي ترتيب بہ اهڙي ڪانهي جنهن کي اڄڪلهہ واري انگريزيءَ جي لفظي ترتيب مطابق صحيح چئجي: حالانڪ پراڻيءَ انگريزيءَ ۾ اهي چارئي صحيح هيون ۽ هڪڙي ئي معنيٰ ٿي ڏنائون تہ "ماڻهوءَ رڇ ڪنو."

٢. چارلز فريز انهيءَ ساڳئي نقطي تي ١٠٠٠ع ۾ ايلفرڪ (Aelfric) جي واعظي خطبن ۾ مفعول انهاميءَ جي مثالن کي ڳڻي اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪيترا ڀيرا فعل کان اڳ ۽ ڪيترا ڀيرا پوءِ استعمال ٿيو آهي. ڪيس معلوم ٿيو تہ مفعول انهامي ان وقت ٿيونجاهہ سيڪڙو فعل کان اڳ استعمال ٿيو هو ۽ سٺيتاليهہ سيڪڙو فعل کان پوءِ. مفعول + فعل جا ڪي مثال:

1. "and Crist to helle gewende and thone deofol gewylde.
   (and Christ to hell went and the devil overcame.

(۽ حضرت عيسيٰ دوزخ ڏانهن ويو ۽ شيطان (کي) مات ڪيائين)

2. aelc mann...... the.... thone otherne hyrwde...."
   (each man.... who..... the other despised....)

(هر ماڻهو جنهن ٻئي (کي) ڌڪاريو)

3. and butan se AELmihtiga God tha dagas gescyr.
   (and but (unless) the Almighty God those days shorten.

١٠٠٠ع کان ١٤٠٠ع ڌاري تائين مفعول انهامي پنهنجي صورت ڦيرائيندو گهيرائيندو رهيو هو. اهڙيءَ طرح نيٺ فعل کان پوءِ واري هن جي جاءِ وڃي پڪي ٿي بيني. جيئن لفظي ترتيب ثابتي ٿيندي ٿي وئي تيئن تصريفون بہ منجهائنس نڪرنديون ٿي ويون.

**ٽيبل: مفعول انهامي جي جاءِ فعل کان اڳ ۽ پوءِ: (٤٧)**

| | ١٠٠٠ع | ١٢٠٠ع | ١٣٠٠ع | ١٤٠٠ع | ١٥٠٠ع |
|---|---|---|---|---|---|
| Direct Object<br>انهامي مفعول فعل کان اڳ<br>(مفعول + فعل) | ٥٢.٥ % | ٥٣.٧ % | ٤٠ % | ١٤.٣ % | ١.٨٧ % |
| انهامي مفعول فعل کان پوءِ<br>(فعل + مفعول) | ٤٧.٥ % | ٤٦.٣ % | ٦٠ % | ٨٥.٧ % | ٩٨.١٣ % |

هن بحث مان اهو ثابت ڪرڻ مقصود هو تہ انگريزي ٻولي جنهن نموني سان اڄڪلهہ نام نهاد 'فاعل-فعل-مفعول' جي لفظي ترتيب (word order) کي مضبوطيءَ سان جهلي پئي آهي اهو ان ڪري جو هُن پنهنجي اوسر دوران تصريفن کي ٻوليءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي فاعل-مفعول جي لاڳاپي کي ادا ڪرڻ لاءِ لفظي ترتيب تي سڄو بار وڌو. هاڻي هي پهريان بہ جملا مختلف گرامري لاڳاپا تا رکن ۽ پويان بہ انهيءَ لحاظ کان غلط آهن تہ انگريزي ڳالهائيندڙ ماڻهو ائين ڪونہ چوندو:

1. The man killed the bear. (ماڻهوءَ رڇ ماريو.)
2. The bear killed the man. (رڇ ماڻهو ماريو.)

جي صورت ۾ "ماڻهوءَ" ۾ /اُوءَ/ جو آواز ٿو ٿئي. ٻئي پاسي (ب) ۾ وري جڏهن ماڻهو ڪم ڪندڙ ٿو ٿئي ۽ رڳ تي ان ڪم جو اثر ٿو ٿئي، تہ فاعل "ماڻهوءَ" ، جو آخري آواز سڀني صورتن ۾ /اوءَ/ ٿو ٿئي ۽ تصريفن وارن چئن مثالن ۾ مفعول رڳ جي ڇي تي پيش/ڇُ/ ۽ ڪارجي لفظن سان گڏ استعمال ٿيندڙ مفعول رڳ جي ڇي تي زبر /ڇَ/ ٿي ٿئي. ڏنو تہ ڪيئن ڪارجي لفظن جي استعمال سان مفعول جون اهي حرڪتون بدلجي ويون، جيڪي دراصل اسمن جون حالتون ٿيون بڻائين. اُردوءَ وانگر جيڪڏهن اِهي حرڪتون سنڌيءَ مان بہ نڪري وڃن، جيئن گهڻن شهرين جي ٻوليءَ مان نڪرنديون ٿيون وڃن، تہ پوءِ اسان جي لسانيات جي ماهرن جي دل جي اها مراد بہ جلد ئي پوري ٿي ويندي ۽ سنڌيءَ کي بہ 'فاعل-مفعول-فعل' جي لفظي ترتيب جو پابند غلام ٿي رهڻو پوندو.

مٿين جملن ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل جيڪا جاءِ مٿائين ٿا، انهن مان هر هڪ جو الڳ مقصد ٿو ٿئي: ۽ ڪنهن لفظ جو جملي جي مُنڍ ۾ اچي جملي جو موضوع بڻجڻ ڪو خاص مقصد ٿو رکي ۽ انهن مان ڪهڙو جملو ڪهڙي وقت استعمال ٿيندو ان جو دارومدار ڳالهہ-ٻولهہ جي متن (context) ۽ طرز گفتگوءَ تي آهي- جيئن جهيلار واري بحث دوران واضح ٿيو. رهيو سوال تہ هنن جملن ۾ ڪهڙو جملو گهڻائيءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو، ان لاءِ چنجي تہ سنڌيءَ جي مختلف ساختن جي ڪثرت استعمال (frequency of usage) معلوم ڪرڻ لاءِ اجان ڪو علمي مطالعو ڪونهي ڪيو ويو. پر لکت جي ٻوليءَ کي ڏسڻ مان معلوم ٿيو تہ هن خاص حالت ۾ جتي فاعل بہ اسم هجي ۽ مفعول بہ اسم هجي، پهريون ۽ ٻيو استعمال هڪڙي پاسي ۽ پنجون ۽ ڇهون استعمال ٻئي پاسي ڪثرت استعمال ۾ نظر ايندا. پر فاعل ۽ مفعول، يا اُنهن مان ڪو هڪ جڏهن جڏهن ضمير جي صورت ۾ ادا ڪرڻو پوندو تہ استعمال جي ڪثرت (frequency) ۾ فرق ٿيندو.

٢. جيڪڏهن رڳ اسم کي، جيڪو هڪڙي پاسي (الف ۾) فاعل ۽ ٻئي پاسي (ب ۾) مفعول آهي، ضمير جي صورت ۾ ادا ڪرڻو پوندو تہ هيٺيان جملا ٺاهي سگهبا. انهن مان ڪي وڏيڪ استعمال ۾ ايندا، ڪي گهٽ، پر انهن مان ڪوبہ جملو اهڙو ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو جنهن جي ٺالي چئي سگهجي تہ هيءُ جملو ڳالهايل ٻوليءَ ۾ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو.

٢. الف: جنهن ۾ رڳ فاعل هجي (١٢ ممڪن جملا)

| فاعل لاءِ ضمير جي الڳ حيثيت قائم | | ضمير جي ادائگي فعل ۾ تصريف سان | |
|---|---|---|---|
| ڪارجي لفظ ڪان سواءِ | ڪارجي لفظ سان | ڪارجي لفظ ڪان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| ١. هُن ماڻهو ڦٽيو. | ٥. (هُن ماڻهوءَ کي ڦٽيو.) | ٩. ماڻهو ڦٽيائين. | ١١. ماڻهوءَ کي ڦٽيائين. |
| ٢. ماڻهو هُن ڦٽيو. | ٦. (ماڻهوءَ کي هُن ڦٽيو.) | ٩. ماڻهوءَ ڦٽيائين. | ١١. ماڻهوءَ کي ڦٽيائين. |
| ٣. ڦٽيو هُن ماڻهو. | ٧. (ڦٽيو هُن ماڻهوءَ کي.) | ١٠. ڦٽيائين ماڻهو. | ١٢. ڦٽيائين ماڻهوءَ کي. |
| ۴. ڦٽيو ماڻهو هُن. | ٨. (ڦٽيو ماڻهوءَ کي هن.) | ١٠. ڦٽيائين ماڻهو. | ١٢. ڦٽيائين ماڻهوءَ کي. |

٢ ب: جنهن ۾ (رڳُ) مفعول هجي (١۴ ممڪن جملا)

| مفعول لاءِ ضمير جي الڳ حيثيت قائم | | ضمير جي ادائگي تصريف سان | |
|---|---|---|---|
| ڪارجي لفظ ڪان سواءِ | ڪارجي لفظ سان | ڪارجي لفظ ڪان سواءِ | ڪارجي لفظ سان |
| ١. اهو ماڻهوءَ ڦٽيو. | ٥. انهيءَ کي ماڻهوءَ ڦٽيو. | ٩. ماڻهوءَ ڦٽيُسِ. | ١١. ڪيس ماڻهوءَ ڦٽيو. |
| ٢. ماڻهوءَ اهو ڦٽيو. | ٦. ماڻهوءَ انهيءَ کي ڦٽيو. | ٩. ماڻهوءَ ڦٽيُسِ.. | ١١. ماڻهوءَ ڪيس ڦٽيو. |
| ٣. ڦٽيو اهو ماڻهوءَ. | ٧. ڦٽيو انهيءَ کي ماڻهوءَ. | ١٠. ڦٽيُسِ ماڻهو. | ١٣. ڦٽيو ڪيس ماڻهوءَ. |
| ۴. ڦٽيو ماڻهوءَ اهو. | ٨. ڦٽيو ماڻهوءَ انهيءَ کي. | ١٠. ڦٽيُسِ ماڻهوءَ | ١۴. ڦٽيو ماڻهوءَ ڪيس. |

۾ قائم رکڻ بدران، گھڻو ڪري ڪيرائي ڇڏبو آهي- انهيءَ ڪري جو ضميري ٻجاڙي اڳئي فعل ۾ موجود آهي. اُن جي مقابلي ۾ انگريزيءَ ۾ ڏسندؤ ته اهو ضمير وارو فاعل رڳو هڪ صورت، امريءَ ۾ ڪري ٿو. جڏهن 'تون هيئن ڪر' ۾ 'يو' (you) جي استعمال جي ضرورت نٿي رهي. ٻيءَ ڪنهن به حالت ۾ ڪهڙو به ضمير ورلي ڪيرائي سگھبو.

جن جملن تي ڊاڪٽر الانا صاحب اعتراض ڪيو آهي، انهن مان هڪُ آهي:

"اٿيو آهيان ننڊ مان..."

ڊاڪٽر الانا صاحب جن چون ٿا ته هن جملي ۾ فاعل مُنڍَ ۾ هئڻ کپي ها، پوءِ مفعول ۽ ان کان پوءِ فعل. 'ننڊ مان' جو فقرو فاعل به ڪونهي ته مفعول به ڪونهي، اهو جري فقرو (prepositional phrase) آهي، ان ڪري 'ننڊ مان' کي جيڪڏهن جملي جي اڳيان آڻبو ته به ڊاڪٽر الانا صاحب وارو اعتراض رهندو ته جملي ۾ فاعل پنهنجيءَ جاءِ تي ته نهيو، مرڳو آهي ئي ڪونه:

"ننڊ مان اٿيو آهيان."

اِجا به فاعل جڻ ته جملي جي شروع ۾ ڪونهي. اهو تڏهن 'صحيح ٿئي ها، جڏهن چئون ها' 'آءٌ ننڊ مان اٿيو آهيان يا آءٌ اٿيو آهيان ننڊ مان.'

جيڪڏهن اسان جي ٻولي انگريزيءَ جهڙي ٻولي هجي ها، تاريخ جي ساڳين حادثن مان گذري اچ تصريفن کان وانجهي، لُنڊي يا ٻُٽي ٿيل هجي ها ته پوءِ اسان لاءِ 'شايد' اهڙي ڳالهه لازم ٿئي ها، جنهن ۾ "اٿيو آهيان" کان اڳ "آءٌ" لکڻ ضروري ٿي پوي ها. پر سنڌيءَ جو جيڪو فعل آهي ان ۾ فاعل جي تصريف هميشه آهي، ڪڏهن ڪڏهن منجهس مفعول به آهي ۽ ان هڪ تصريف مان زمان، فاعل ۽ مفعول جي شخصيت (person)، جنس ۽ عدد ۽ حالت سڀ جاٿايل هوندا آهن. سنڌيءَ ۾ هيئن چوڻ صحيح آهي.

۱. ماريو سونس. (اسان هُن کي ماريو.)

۲. ڏکُ هٿنديسانءِ. (آءٌ (مونث) توکي ڏک هٿنديس.)

۳. ڇڏائيندوسانِ. (آءٌ هنن کي ڇڏائيندس.)

هنن جملن ۾ جيئن ته فاعلُ فعلَ جو هڪ تصريفي حصو آهي ان ڪري 'اسان'، 'آءٌ'، 'مون' کي الڳ فاعل جي صورت ۾ لکڻ جي ضرورت ڪانه رهي. ۽ نتيجتاً حذف ڪيا ويا. هاڻي، جملي ۾ جڏهن فاعل جي الڳ حيثيت ئي ڪانهي ۽ (گھڻو ڪري مفعول جي به الڳ حيثيت ڪانه رهي) ته پوءِ اهو ڪيئن چئي سگھبو ته روزمره گفتار جي ٻوليءَ جي هر جملي ۾ پهريائين فاعل پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو، پوءِ مفعول ء آخر ۾ فعل ايندو.

اهڙي قسم جا جملا جيڪي ڊاڪٽر الانا صاحب جي 'فاعل-فعل' يا 'فاعل-مفعول' واري قاعدي جي ڀڃڪڙي ڪري لکيا ٿا وڃن، نه رڳو شاهه جي ڪلام يا عام ڳالهايل ٻوليءَ ۾ ملندا، پر چڱن لکيل پڙهيل ماڻهن جي لکڻين ۾ به ملي سگھندا. انهن جملن ۾ ائين نٿو ٿئي جيئن ڊاڪٽر صاحب چاهي ٿو ته : "عام سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءُ موجب ڪنهن به جملي ۾ پهرين فاعل پنهنجيءَ جاءِ وٺي بيهندو آهي ۽ ان کان پوءِ مفعول ايندو ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي." (۴۹)

اچو ته هنن جملن ڏسون ته فاعل پنهنجي جاءِ ڪهڙي هنڌ ني بيٺو آهي:

۱. "ڪنهن خادم جي هٿان چوائي موڪليائين ته پلاٽي ڪري ڪو پاٽيءَ جو ڪوزو مون کي ڏياري موڪليو." (۵۰)

(يعني هُنَ ڪنهن خادم هٿان چوائي موڪليو ته اوهان پلاٽي ڪري....)

٢. "جنهن خاندان سان دوستي ٿيس تہ وري ڪانہ ٽوڙيائين." (٥١)
(يعني: هن جي دوستي جنهن خاندان سان ٿي تہ هُن وري اها دوستي ڪانہ ٽوڙي)

هنن ٻنهي جملن ۾ ڏسو تہ ڊاڪٽر صاحب جي مرضيءَ جي خلاف فاعل پنهنجا مورچا ڇڏي ڪيئن وڃي فعل جي گهر ۾ لڪا آهن.

٣. "ساري عمر مرحوم جي اها حالت رهي." (٥٢)
(مرحوم جي اها حالت ساري عمر رهي.)

۴. "انهتر ميل جي ڊسچارج وٺڻ لاءِ مون کي اختياري هئي." (٥٣)
(انهتر ميل جي ڊسچارج وٺڻ جي اختياري مون کي هئي.)

هنن ٻن جملن کي ڏسي فيصلو ڪريو تہ فاعل ڪهڙا آهن ۽ ڪٿي چا وينا ڪن؟

وري هي چار جملا پڙهي هر هڪ ۾ ڏسو تہ فقير فاعل آهي يا مفعول ۽ پنهنجي مورچي ۾ وينو آهي يا پرائي ۾:

٥. "فقير کي ٿي تهجد ڪرڻ گهرجن." (٥۴)
٦. فقيرَ کي ٿي مانيون ڏنيون سين." (اسان ٿي مانيون فقير کي ڏنيون)
٧. فقير کي ٿي تهجد ڪندي ڏٺم. (مون فقير کي ڏٺو، فقير ٿي تهجد ڪيا.)
٨. فقير ٿي تهجد ڪيا.

خود ڊاڪٽر الانا صاحب مَعياري ۽ لاڙي اچارن بابت لکيو آهي، جن ۾ فاعل حذف ٿيل آهي ۽ جملو فعل کان شروع ٿئي ٿو يا فاعل حذف آهي ۽ جملو مفعول کان شروع ٿئي ٿو. (٥٥)

٩. ڏسين ٿو = آءٌ توکي ڏسان ٿو. (ڏِسئين ٿو')
١٠. ڏسين ٿو = تون ڏسين ٿو.
١١. ڏسني ٿو (يا ڏِسَنِي ٿو') = هو توکي ڏسي ٿو.
١٢. گهر اڏرايو مانس = (مون هن کان گهر اڏارايو.)

اهڙيون ترڪيبون فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ بہ آهن، جن ۾ جدا فاعل حذف ٿيل آهي. فاعل جو اظهار رڳو تصريف سان ٿئي ٿو، جيڪا فعل کي لڳل هوندي آهي، ان ڪري عموماً مفعول سان جملو شروع ٿيندو آهي:

| | |
|---|---|
| ١. حيلت آن ساخت | اتڪل اها ڪيائين تہ ڪيئن هٿي |
| کہ چون گريزد | ( يعني هن اها اتڪل ڪئي تہ ڪيئن ڀڄي.) |
| طبيبي از سامانيان راصلت نيکوداد، | ويج هڪڙي سامانين جي کي صلو (بدلو) ناهوڪو ڏنائين |
| پنج هزار تومان، | پنج هزار تومان |
| ومراورا دست گرفت | ۽ انهيءَ جو هٿ ورتائين |
| و عهد کرد | ۽ ناهُ ڪيائين... (پوءِ گهوڙي تان ڪري بيماريءَ جو منهن ڪيائين) |
| وبه پرسش امير آمد." (٥٦) | ۽ پڇا لاءِ امير آيو. |

فاعل-مفعول جا پوئلڳ هوند لکن ها:

"هُن اتڪل اها ڪئي تہ هو/ڀاڄ ڪيئن هٽي. هن سامانين جي هڪڙي ويج کي ناهوڪو بدلو ڏنو، پنج هزار تومان- ۽ هن سنا ں هٿ ورتو ۽ هُن سائس معاهدو/ناهہ ڪيو... ۽ امير سندس پڇا لاءِ آيو..."

| | |
|---|---|
| ۲. "پادشاهي راشنيدم بکشتن اسيري اشارت کرد" (۵۷) | بادشاھ کي ٻڌم (تہ) مارڻ لاءِ قيدي جي حڪم ڪيائين { مون هڪ بادشاھ جي نالي ٻڌو تہ هن هڪ قيدي جي مارڻ جو حڪم ڪيو. } |
| ۳. پيره مرد! حالت چطوره! | (عزرائيل پَرئي مڙس کي چيو) "پريا مڙس حال ڪهڙا اٿئي؟" يعني تنهنجا حال ڪهڙا آهن. |
| "اگر بازهم ميخواهي | جي اجا بہ چاهين (جيڪڏهن تون اجا بہ چاهين |
| زنده بماني | (تہ جيئرو رهين) |
| حرفي ندارم." | (ڪو) اعتراض ڪونهيم. (تہ مون کي ڪو اعتراض ڪونهي) |
| | (پَرئي مڙس چيو:) |
| "اگر مرا قبض روح نگني | جي منهنجو ساھ نہ ونندين |
| شکايت را بخدا ميکنم" | (تہ) ميار خدا وٽ پچائيندس." |
| عزرائيل هم فوري جانش را گرفت | عزرائيل بہ جهٽ ساھُ کي ورتو |
| وراحتش کرد. (۵۸) | ۽ سُکيس ڪيائين. (۽ سکيو ڪيائينس.) (۵۸.۱) |

۴. "اين خانہ را مجبور شديم بخريم...... يک خانہ رفتيم بخريم به صد و چهل هزار تومان ولي حيف که يکروز زود تر خريدندش." (۵۹)

(هن گهر کي مجبور ٿياسون (تہ) ونون...... هڪ گهر وياسون (تہ) ونون- هڪ سؤ چاليھ هزار تومان ۾- پر افسوس جو هڪ ڏينهن اڳواٽ خريد ڪري ويَسِ)

ڪتابي انداز ۾ لکبو:

"اسين مجبور ٿياسون تہ اهو گهر ونون.... اسين هڪُ گهَرُ هڪ سؤ چاليھ هزار تومان ۾ ونڻ وياسون پر افسوس جو ڪي ماڻهو هڪُ ڏينهن اڳ اُهو گهرُ وٺي ويا."

## ۵. ٽَٽُ:

هن سڄي بحث ۾ اول ڏنوسين تہ لسانيات جي ماهرن جي ذميداريءَ جون ڪي حدون آهن، ۽ ڳالهائيندڙن کي جاهل ۽ لسانيات جي علم کان اڻڄاڻ سمجهي اهڙا قاعدا قانون مڙهڻ نہ کپن، جيڪي ڏارين ٻولين جي پراڻي زماني جي لکندڙن پنهنجي علمي ڪم مايگيءَ جي زماني ۾ ناهيا هئا. لسانيات جي ماهر جو هينئر فرض آهي تہ ڳالهايل ٻوليءَ جو مطالعو ڪري، پنهنجي گرامر جو نظريو ان جي مناسبت سان ناهي، ۽ ڏنوسين تہ جهيلار جي لحاظ کان ساڳي لفظي ترتيب ۽ اطلاع جا مرڪز الڳ الڳ ٿي سگهن ٿا. ۽ انهن جي لحاظ کان جهيلار جا مرڪز بہ بدلجي سگهندا. ۽ وري اطلاع جو مرڪز ڪڏهن ڪڏهن جملي جي اول ۾ اچي موضوع بہ بنجي سگهندو آهي، جيڪو هونئن عموماً جملي جو موضوع نہ هوندو آهي. ان لحاظ کان نہ رڳو سنڌي، پر خود انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ بہ مقصد ادا ڪرڻ لاءِ اهڙي لفظ يا فقري کي جملي جي منڍ ۾ آڻبو آهي جيڪو هونئن جملي جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ ايندو آهي. آخر ۾ ڏنوسين تہ ٻولين کي لازمي نحوي يا گرامري لاڳاپن جي اظهار جا جيڪي وسيلا حاصل آهن (تصريفون، ڪارجي لفظ ۽ لفظي ترتيب) تن مان سنڌي ٻوليءَ کي، تصريفي ٻولي هئڻ ڪري، حرڪت جي جيڪا آزادي حاصل آهي سا اردو ۽ انگريزيءَ کي حاصل نہ آهي ۽ تصريفي ٻولي هئڻ ڪري ئي سنڌي ٻولي فاعل-مفعول-فعل جي لفظي ترتيب جي پابند نہ آهي. انهيءَ لحاظ کان ائين چوڻ غلط ٿيندو تہ "روزمره گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو انهن اصولن ۽ قانونن جو

پابند هوندو آهي." ۽ ڪهاڻيڪارن جي متعلق ائين چوڻ ته انهن "جهيلار جو اصل خيال ئي نه رکيو آهي"، يا سندن "وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته ڪنهن گفتار ۾ جهيلار جو هئڻ اشد ضروري آهي"، غير لسانياتي ۽ غير علمي آهي. اهڙيءَ طرح لسانيات جي علم کي عام ماڻهوءَ جي پهچ ۽ سمجهه کان مٿيرو "ڪارو علم" ظاهر ڪري بلومفيلڊ ۽ ڊينيئل جونز (٦٠) جي طلسمي نالن جي هنيار سان نوجوانن کي هيسائي، کين لسانيات جي علم کان خائف ۽ متنفر ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

## حوالا ۽ تشريحون


(١) ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ٻوليءَ جو مزاج: سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اٻتي ٻوليءَ جي دعويٰ"، مهراڻ ١٩٧٩ع شمارو ٢، ص ١٢٥ .

(٢) ساڳيو حوالو: ص ١٣١

(٣) ساڳيو حوالو: ص ١٣٣

(٤) ساڳيو حوالو: ص ١٣٨

(٥) ساڳيو حوالو: ص ١٣٨

(٥.١) ساڳيو حوالو: ص ١٢٥، ١٣٨، ١٣٩

(6) Randolph Quirk, Sidney Greenbaum, Geoffrey Leech, Jan Suartvik: A Grammar of Contemporary English. Seminar Press (H.B.J. Longman), London, 1972, p.946.

(7) 'Conventional point of view'-- in Charles Carpenter Fries: American English Grammar, Appleton Century Croft, New York 1940, p.4.

(8) 'Scientific point of view'- in Fries, above. p.4.

(9) Noam Chomsky: "Linguistic Theory" in Mark Lester, Readings in Applied Transformational Grammar, Holt, Rinehart & Winston, Inc. (1973, 2nd ed.), p. 40-41.

(10) Naom Chomsky, above, p. 41.

(11) Noam Chomsky, above, p. 41.

(12) D. A. Wilkins: Linguistics in Language Teaching, The Massaahusetts Institute of Technology, Cambridge, Mass 1972, p. 2.

(13) Wilkins, above, p. 10.

(14) Detroit "Free Pres", Dec. 9, 1928 as cited in Fries, above, p. 2.

(15) W. W. Charters: Teaching the Common Branches, Macmillan, New York. 1924, pp. 96, 98.

(16) Henry Sweet: New English Grammar, Vol I (Oxford, 1891).

(17) Otto Jespersen: A Modern English Grammar, Heidelberg, 1909, I Preface.

(18) Grattan and Gurrey Our Living Language: Thomas Nelson and Sons, London 1925, p. 25.

(19) H. C. Wyld: Elementary Lessons in English Grammar: Oxford, 1925, p. 12.

(۲۰) ولڪنز، مٿي ڄاڻايل ڪتاب ۾ ۽ جوشوا فشمن پنهنجي ڪتاب ۾ الڳ الڳ طرح لکيل ٻوليءَ کي غير فطري ۽ ڳالهايل ٻوليَ جي پيٽ ۾ ثانوي حيثيت واري ٿا چون. اڄڪلهه جي لسانيات جي ڄاڻن جو گهڻي ڀاڱي اهو نظريو آهي. ولڪنز چوي ٿو (ص ۷):

*For the Linguist Speech is the primary manifestation of Language, and writing in both secondary to it and dependent on it."*

۽ جوشوا فشمن توضيحي لسانيات جي توصيف ڪندي لکي ٿو:

*Its [Descriptive Linguistics'] emphasis is definitely on spoken Language, the assumption being that written Language is both derivative and different from natural Language or speech." Joshua Fishman: Advances in the Sociology of Language, Vol I, Monton, 1971, p. 372.*

(21) Wilkins, cited above, p. 10.

(۲۲) ڏسو: ڊاڪٽر غلام علي الانا: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ۱۹۷۹ع.

(23) Social dialects or sociolects.

(24) Registers - "Variety according to use"- M. A. K. Holliday, August Macintosh, Poter Strevens: The Linguistic Sciences and Language Teaching, Longman, London, 1964, Chapter 4, The users and uses of Language."

(25) 'Frozen, formal, consultative, casual, intimate' styles. stlyle is one of the four 'usage-scales of native English", the other three scales being age, breadth, responsibility; in Martin Joos: The Five Clocks, A Harbinger book, Harcourt, Brace & World, Inc., New York, 1967 (first Edition 1961); p. 11 disting; description in subsequent III, IV & V chapters p. 19-67. Quirk and others call these five styles rigid, formal, normal, informal and familiar.

(۲۶) غلام علي الانا: مهراڻ ۱۹۷۹/۲ع حوالو اڳ ڏنل: ص ۱۳۸.

(۲۷) دنيا جي ٻولين جي آفاقي پهلوئن بابت لسانيات جي متعلق اڄڪلهه جي هر ڪنهن ڪتاب ۾ جامع يا مفصل احوال هوندو. خاص طرح ڏسو:

a. Roman Jakobson: Child Language, Aphasia, and Phonological Universals, Mouton, The Hague, 1968;

b. Emmon Bach & Robert Harms (ed): Universals in Linguistic Theory, H. R. W. New York, 1968.

(۲۸) جان جارج بورڊي، ۱۹۵۸ع ۾، يونيورسٽي آف ٽيڪساز (آسٽن) مان "توضيحي سنڌي صوتيات" نالي

ٿيسز لکي پي. ايچ. ڊي ڪئي. (A descriptive Sindhi Phonology)؛ لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي ١٩٦٣ع ۾ پينسلوانيا يونيورسٽيءَ مان پي. ايچ. ڊي ڪئي، سندس ٿيسز جو نالو "هندوستاني سنڌيءَ جو هنديءَ کان متاثر ٿيڻ" (Acculturation of Indian Sindhi to Hindi). انهن کان سواءِ يمونا (يمنا) ڪاچرو ۽ احمد صديقي هندي ۽ اردوءَ متعلق يونيورسٽي آف اليونائز ۾ ٽرنسفرميشنل-جنريٽو گرامر جي نوعيت تي ڪجھ ڪم ڪري چڪا آهن، جنهن ۾ هندي ۽ اردوءَ جي جملن جو تجزيو به ٿيل آهي. هيءَ ڳالھ هتي انهيءَ ڪري ڄاڻايم ته جيئن پڙهندڙن کي خبر هجي ته دنيا ۾ ٻين هنڌن تي گهٽ ڪجھ ٿي رهيو آهي، جنهن جي اسان کي سُڌ رکڻ گهرجي.

(٢٩) جيڪي به سوال ڪير، ڪنهن، ڪيڏانهن، ڪٿي، ڪيئن، وغيره جهڙن لفظن سان شروع ٿا ٿين (جيڪي انگريزي ۾ WH سان شروع ٿيندڙ لفظن سان ٿيندا آهن) تن کي 'انفرميشن' (اطلاعاتي) سوال چئبو آهي، ڇو جو انهن جي جواب ۾ ڪو اطلاع ڏيڻو پوندو آهي. اهڙا سوال ها-يا-نه وارو جواب نه گهرندا آهن. انهن جي مقابلي ۾ جيڪي سوال انگريزيءَ جي موڊلز يا آگزلري فعلن يا Do, did وغيره جهڙن لفظن سان شروع ٿا ٿين، تن جو جواب هميشه "ها" يا "نه" ۾ هوندو آهي؛ ان ڪري انهن کي ها-يا-نه سوال چئبو آهي. اطلاع طلب سوالن جي جملن جو نمونو ڪرندڙ ٿيندو: ها يا نه سوالن جي جملن جو نمونو اٿندڙ يا ايرندڙ ٿيندو.

(٣٠) هيءُ سڄو بحث ڪُورڪ ۽ سندس همڪارن جي ڪتاب (متي، نمبر ڇهون) جي چوڏهين باب ۾ ڏنل آهي.

(٣١) ڪليل ۽ بند ڪلاسن جو بحث متي ڄاڻايل ڪُورڪ ۽ سندس همڪارن جي ڪتاب (حاشيو نمبر ڇهون) ۾ ٤٤ صفحي کان شروع ٿو ٿئي. ڪليل ڪلاس ۾ رسمي گرامر جا اسم، فعل، صفت ۽ ظرف اچي وڃن ٿا. هنن کي ڪليل انهيءَ ڪري ٿو سڏجي جو هن ڪلاس جا لفظ نوان نوان پيا نهن، ۽ هڪ جملي ۾ انهن لفظن مان استعمال ڪيل ڪنهن لفظ جي اڳيان پويان ٻيا لفظ وڌائي سگهجن ٿا. جملي ۾ جتي 'ماڻهو' لکيل هوندو ان کي ڦيرائي 'سنو پوڙهو ٽڪل ماڻهو' ڪري سگهجي ٿو. 'اڄ' کي ڦيرائي "اڄ صبح جو ساڍي ستين بجي" ڪري سگهجي ٿو، پر بند ڪلاس وارن لفظن جهڙا نڪي روز ڪي نوان لفظ ٿا نهن، نڪي جملي ۾ آيل انهن لفظن مان ڪنهن کي ٻيا لفظ اڳيان پويان ڏئي وڌائي سگهجي ٿو. انهيءَ گرامر جا حرف تعريف (انگريزيءَ جي آرٽيڪل the, a, an) ضمير اشارو، ضمير، حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا هن ڪلاس ۾ اچي وڃن ٿا.

(٣٢) ڪُورڪ ۽ سندس همڪارن وارو ڪتاب (حاشيو ڇهون) ص: ٩٤٥.

(٣٣) ساڳيو حوالو: ص ٩٤٥.

(٣٤) ساڳيو حوالو: ص ٩٤٦.

(٣٥) غلام علي الانا: مهران ١٩٧٩/٢ع حوالو ڏنل: ص ١٣٨.

(٣٦) ساڳيو حوالو: ص ١٣٤، ١٣٥.

(٣٧) ڪُورڪ ۽ همڪار (حاشيو ڇهون): "مرڪز، موضوع ۽ زور" جي بحث بابت چوڏهون باب سمورو ڪارائتو آهي (ص ٩٣٥ کان ٩٧٢ تائين؛ جملن لاءِ اپينڊڪس (ضمن) II ڏسو. (ص ١٠٣٢ کان ١٠٥٢ تائين) Stress, Rhythm & Intonation جي نالي سان سمورو ڪارائتو آهي. گرامر جي ٻين مڙني پهلوئن کي جديد لسانيات جي نقطهءِ نظر سان ڏسڻ لاءِ هيءُ سڄو ڪتاب مفيد آهي. هن ضخيم ۽ مهانگي ڪتاب جو هڪ جامع اختصار به لانگمن وارن University Grammar of English جي نالي سان ڇاپيو آهي، جنهن ۾ اصل وارن سڀني بحثن جو مختصراً احاطو ٿيل آهي.

(٣٨) ڪورڪ ۽ همڪار: ص ٩٤٥ کان ٩٥٠ تائين.

(٣٩) غلام علي الانا: حوالو اڳ ڏنل: ص ١٣٥.

(٤٠) ساڳيو حوالو ١٣٥.

(41) "Grammatical Ideas"- as in Fries (حاشيو ستون) Chapter X.

(٤٢) فريز مٿيون حوالو (حاشيون ستون): ص ٢٤٨.

(٤٣) tense جنهن کي زمان چئجي ٿو، گذريل، هلندڙ يا ايندڙ وقت ڏيکاري ٿو. aspect زمان ۾ ٿيل ڪم جي نوعيت يا انداز جي وضاحت ڪري ٿو ته اهو ڪم لڳاتار (استمراري) (continuous) نوعيت جو هو، يا غير استمراري: مطلق (perfective) هو يا غير مطلق. ڏسو ڪُورڪ ۽ ٻيا ص ٩٠ ۽ اڳتي.

(٤٤) اردو ۽ سنڌي ٻوليون جيئن هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿي رهيون آهن تيئن سنڌيءَ مان فاعل ۽ مفعول کي پڌري ڪرڻ واري تصريفي حرڪت جيڪا رچَ ۽ رچُ جي زبر ۽ پيش ۾ موجود آهي، سا شهري ڳالهائيندڙن جي ٻوليءَ مان نڪرندي ٿي وڃي؛ ۽ سنڌي، اصل نسل، جي واتان اهڙا جملا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا "چوڪر انب کاڌو"، يا "سليم هُن سان گڏ ويو." حالانڪ سنڌي ڳالهائيندڙُ 'چوڪرَ' جي 'ري' تي زبر، انبَ جي 'بي' تي پيش، 'سليمُ' جي 'ميمَ' تي پيش، هُنَ جي 'نون' تي زبر، ۽ گڏُ جي 'ڏي' تي پيش ڏيندو. (نٿو ڏئي ته سنڌي ناهي). پر سنڌيءَ ۽ غير سنڌيءَ جو سنڌو اٿين وڃي ٿُٽندو. ٻئي طرف ڏسجي پيو ته سنڌ ۾ رهي اردوءَ به پنهنجي اصل صورت کان گهٽو ڦري وئي آهي. اُنهءَ جو احوال وري اهڙي ڪنهن هندوستاني مهمان کان پڇجي، جيڪو هتي جي مائٽن سان پهريون دفعو ملڻ آيو هجي. فاعل-مفعول واري تصريف جي سلسلي ۾، اوهان ڪڏهن ڪڏهن "بس ميں بيٹھ کرجانا" جهڙا جملا ٻڌندؤ، جنهن ۾ بس جي سين تي حرڪت اچي وئي آهي.

(٤٥) فريز جي جاڻايل ڪتاب (مٿي، حاشيو ستون) جو ڏهون باب (The uses of word order) سڄو هن بحث لاءِ ڪارائتو آهي.

(٤٦) فريز ص: ٢٥١.

(٤٧) فريز ص: ٢٥٢.

(٤٨) پراڻي انگريزي جي تصريف، انهي زماني ۾ رڳو آرٽيڪل تي پوندي هئي. سنڌي ۾ اهي تصريفون خود اسم ۽ فعل تي ٿيون پون. جيئن ته فعل به تصريف ٿيل هوندو آهي، جڏهن فاعل يا مفعول ضمير هوندو آهي ته ان کي استعمال ڪرڻ يا حذف ڪرڻ اختياري هوندو آهي.

هو انب نٿو کائي = انب نٿو کائي.

هُنن هن کي ماريو = ماريائونس

چوڪرن هن کي ڪُٽيو = چوڪرن ڪُٽيُس.

(٤٩) غلام علي الانا: حوالو ڏنل: ص ١٣٤.

(٥٠) "رسالهء ڪريمي" قليچ بيگ: ص ٧٦.

(٥١) پير علي محمد راشدي: "اُهي ڏينهن اُهي شينهن" (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، ٻيو ڇاپو ١٩٧٤ع، ص ٥٩١.

(٥٢) راشدي: ساڳيو حوالو ص ٤٢٨.

(٥٣) محمد صادق ميمڻ: "تان ڪي ڏونگر ڏوريان" مهراڻ ١٩٧٩/٢ع - ص ٩١.

(۵۴) رسالہ ڪريمي: ص ۸۴.

(۵۵) ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ۱۹۷۴ع، ص ۱۰۱، آخري مثال ص ۸۹.

(۵٦) گزيدهٔ تاريخ بيهقي از ابوالفضل محمد بن حسين بيهقي، شرڪت سهامي ڪتابهاي حبيبي، تهران ۱۳۴۸هہ (شمسي) ص ۱۵۹. سامانين جي وزير ابوالمظفر برغشيءَ جي ڳالهہ پئي هلي جنهن جڏهن ڏٺو تہ ساماني اميرن جو راڄ پوين پساهن ۾ آهي تہ رڻ ڪيائين تہ ڪيئن آهستي آهستي آهستي امير جي، نوڪريءَ مان نڪري بہ وڃي ۽ منس ميار بہ نہ اچي.

(۵۷) گلستانِ سعدي.

(۵۸) عروسڪ سنگ صبور قصہهاي ايراني، جلد سوم: سيد ابوالقاسم انجوي شيرازي، امير ڪبير تهران ۱۳۵۴هہ، ص ۸. "پير مرد و عزرائيل" پوڙهو مرڻ کان نٽائيندو ٿو رهي ۽ عزرائيل کي هر سال ڏٺو ڏيو واپس ڪيو ڇڏي. نيٺ هڪڙي سال پورُ پيُس تہ هاڻي مرڻ گهرجي، سو خدا کي چيائين تہ "هن سال آءٌ تيار آهيان." عزرائيل اچي ٿو جيڪو اچا بہ پوڙهي کي مهلت ڏين لاءِ تيار آهي، پر پوڙهو چئي ٿو تہ هن سال جي مارڻ ۾ گبسر ڪيئي تہ توتي دانهين ويندس رب وٽ.

(۵۸.۱) ميارءِ، ساهُسِ ۽ سُڪِيُس جهڙا لفظ جاڻي واڻي ترجمي کي نباهڻ لاءِ ناهيا ويا آهن. اهڙيون ترڪيبون جيڪي فارسيءَ ۾ ڏسو تہ اچا بہ آهن، سنڌيءَ مان نڪرنديون وڃن.

(۵۹) ايرج پزشڪزاد: "تنگ بي پولي" در طنز آوران امروز ايران: تاليف بيژن اسدي پور و عمران صلاحي، انتشارات مرواريد، تهران ۲۵۳٦ (شهنشاهي!) ص ۳۳.

(٦۰) ڊينيئل جونز جو مشهور ڪتاب An Outline of English Phonetics جيڪو ۱۹۱۸ع ۾ لکيو ويو ۽ بلومفيلڊ جو ڪتاب Language جيڪو ۱۹۳۳ع ۾ ڇپيو، لسانيات جي بحث ۾ هن وقت رڳو تاريخي حيثيت رکن ٿا. جونز جو ڪتاب هاڻي گمپسن سڌاري ٻيهر ڇپرايو آهي ۽ جونز ۽ گمپسن ٻنهي جي ٿالي پائيواري سان ۽ بلومفيلڊ جو ڪتاب پنهنجي وقت ۾ وڏي انقلابي حيثيت رکندو هو، پر خود بلومفيلڊ جي شاگردن پوسٽ بلومفيلڊين "اسٽرڪچرلزم" وارو انقلاب آندو، جنهن جو اثر ۱۹۵۰ع واري ڏهاڪي جي اڳين سالن تائين رهيو. گذريل ويهن سالن کان ٽرنسفرميشنل-جنريٽو گرامر جي نظريي جو راڄ هلي رهيو آهي، جنهن ۾ ڪيترين ڳالهين نيون ٿي پراڻيون ٿي ويون آهن. يورپ ۽ آمريڪا جي يونيورسٽين ۾ هينئر جيڪو لسانيات تي بحث هلي رهيو آهي، سو اڄان ڪنهن بئي انقلاب ڏانهن اکيون کڻي نهاري رهيو آهي. بلومفيلڊ ۽ ڊينيئل جونز هاڻي سقراط، افلاطون ۽ دانتي وانگي لسانيات جي ميوزيم (عجائب گهر) ۾ سينگار ۽ تاريخي حوالي جو ڪم ڏيندا آهن.

☆

ڊاڪٽر انور ’فگار‘ هَڪڙو

# سنڌي ساهت سميلن

## (شڪارپور- ۱۵ اپريل ۱۹۳۳ع)

سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ هر زماني ۾ شڪارپور مان اهڙا نوس ۽ سنجيده علمي ۽ عملي قدم کنيا پئي ويا آهن، جن اسان جي ادب کي وڏي سگهه ۽ ساجاهه ڏني آهي. ورهاڱي کان اڳ اهڙن اُپائن مان هڪ مکيه قدم ”سنڌي ساهت سميلن“ به آهي، جنهن کي ادبي تاريخ ۾ اها اهميت جوڳي جاءِ ان ڪري ملي نه سگهي آهي، جو ڪنهن به محقق ان جو رڪارڊ محفوظ نه ڪيو آهي. سنڌي ساهت جي اوسر ۾ سميلن، سيمينارن ۽ ڪانفرنسن جيڪو فعال ڪردار ادا ڪيو آهي، سو ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. اهڙن ميڙن ۽ محفلن سان ادب جي اوسر لاءِ نين راهن جو تعين ٿيندو آهي ۽ اهڙا اهم فيصلا ٿيندا آهن، جي ادب جي اوج ۽ عروج جي ضمانت هوندا آهن، ڇاڪاڻ جو اديب، شاعر، دانشور ۽ محقق گڏ ويهي نئين سوچ کي پکيڙڻ لاءِ پنهنجا سناءَ سنِي انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ۽ جتن ڪندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي ساهت لاءِ جيڪي به سَميلن، سيمينار ۽ ادبي ڪانفرنسون ٿيون آهن، تن ۾ ’سنڌي ساهت سميلن‘ پنهنجي سهٽي سناءُ ۽ نئين فڪري نويد لاءِ انفرادي حيثيت جو حامل آهي. انهيءَ ’سنڌي ساهت سميلن‘ سڏائڻ جو سمورو سهرو ’سنڌو‘ رسالي جي سمپادڪ مانائتي ٻولچند وسومل راجپال تي هو، جنهن پنهنجي سهٽي سنڌي رسالي ’سنڌو‘ وانگر ’سنڌي ساهت سميلن‘ سڏائي سنڌي ساهت جي وڏي خدمت ڪئي. حقيقت اها آهي ته جيڪي ماڻهو پنهنجيءَ پَر ۾ ’اداري‘ جي حيثيت رکندڙ هوندا آهن، شريمان ٻولچند راجپال به انهن مان هڪ هو. ٻولچند راجپال جي زماني کي نظر ۾ رکي، جيڪڏهن سندس نوس علمي ۽ ادبي قدمن کي ڏسبو ته هن جي مثبت ادبي سوچ کي سَو سلام ڪرڻا پوندا. ڇاڪاڻ ته سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ هو انهن اهم ۽ بنيادي ادبي روايتن جو باني ۽ امين آهي، جن کي امرتا حاصل آهي. سندس ادارت ۾ شايع ٿيل ’سنڌو‘ کي ساراهجي يا سندس ’سنڌو ساهتيه منڊل‘ پاران شايع ٿيل معياري ڪتابن جي اشاعت تي ڪيس ڌهرا داد ڏجن! ڪشنچند بيوس بلڪل برابر فرمايو ته:

جان تنهنجي مان نوان جوهر ٿيا جلوه نما،
تنهنجي مستڪ تان بکي ماه منور جان مٽي.
آهي ’سنڌو‘ جي مثل تنهنجي درياهه دلي،
پنهنجي مقدار ۾ نقصان جي ڳڻ تو نه ڳڻي.
تو اتر سنڌ ۾ ساهت جو ڪيو مان مٽي؛
جا اتر سنڌ ڏکڻ سنڌ جي پيرن جي پٽي.
جن گهٽي توتي شروع ۾ ٿي ڪئي خنده زني،
تن جي دل ۾ به ڪيئي نيڻ وجي هنڌ هٽي.
تنهنجي ڪشتي تي ڪري باد مخالف نه اثر،
سخت طوفان م جُهري شال نه اولي جي اٿي. (۱)

شري ٻولچند وسومل راجپال جنوري ۱۹۳۲ع کان معياري رسالو ”سنڌو“ جاري ڪيو، جو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ وڏو ڪارنامو هو. ٿوري ئي عرصي ۾ آڪٽوبر ۱۹۳۲ع جي شماري ۾ مهتممي نوٽ ۾ ”سنڌي ساهت سميلن

جي ضرورت" جي عنوان هيٺ ويچار ڏيئي پنهنجي دانائي ۽ دانشمنديءَ جو ثبوت ڏنائين. ان ضرورت تي زور ڏيندي لکي ٿو ته:

"مغربي ملڪن جي ترقي ڏسيو عجب ٿيو وجي! ڏينهون ڏينهن هو ان طرف وڪ وڌائي رهيا آهن. سندن ترقي، واڌاري ۽ سڌاري جو راز سندن ساهتيه ۾ سمايل آهي. اُن جي ساهتيه ايتري ته ترقي ڪئي آهي، جو قلم کي طاقت نه آهي جو ان جو بيان ڪري سگهي. هر سال لکن جي تعداد ۾ نوان نوان ڪتاب پريس مان ڇپجي نڪرن ٿا ۽ اهڙيءَ ريت ساهتيه جي سوني مُوڙي وڌندي رهي ٿي.

"اسان جو ساهتيه بيٺل پاڻي جيان بانس هڻي ويو هو، سندس واڌاري تي روڪ پئجي ويئي هئي. گذريل ٿورن سالن کان اسان جي ديس واسين جون اکيون پٽيون آهن. هاڻ هنن جو ڌيان ساهتيه روپي املهه خزاني گڏ ڪرڻ طرف رجوع ٿيو آهي. ملڪ جو هر هڪ پرانت ان ڏس ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

"ڪجهه سال ٿيا ته بنگالي ساهتيه به پنتي پيل هو، ان ڪري بنگالي بابن کي ڌڪار جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، پر ويجهڙائيءَ ۾ هنن غضب جي ترقي ڪئي آهي. خاص ڪري بابو رويءَ [ٽئگور] جي ڪويتائن ته بنگالي کي نئون ساهه ڏنو آهي. هينئر ولايت جا ودوان به بنگالي ساهت تي موهت ٿي پيا آهن. آڪسفورڊ يونيورسٽي ته بنگالي ساهتيه کي ٻين ٻولين سان گڏ جاءِ ڏني آهي. اتي هينئر بنگالي ٻولي لاءِ جدا پروفيسر مقرر ٿيل آهن."

"هندي پڻ خاطر خواهه ترقي ڪئي آهي. خاص ڪري مهاتما گانڌي جيڪا هنديءَ جي شيوا ڪئي آهي، سا تعريف جوڳي آهي. اهو انومان ڪيو وڃي ٿو ته جهڙي وک هندي ٻولي کنئي آهي، سا جيڪڏهن ڪٿندي آئي ته ٿوري ئي وقت ۾ هندستان جي ٻين سڀني ٻولين کي لتي ڇڏيندي. هنديءَ جا رسالا ۽ مخزنون اهڙا ته سُندر ٿا نڪرن جو ڏسيو دل بهار بهار پئي ٿئي."

"ساڳئي نموني جي ترقي هندستان جي ٻين ٻولين جهڙوڪ اڙدو، مرهٽي ۽ گجراتي پڻ ڪئي آهي. حيدرآباد دکن جي نظام جيڪا اڙدوءَ ۾ وگيانڪ وشين تي عثمانيه يونيورسٽي جي ذريعي ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪوشش ورتي آهي، تنهن پڻ تعريف لهڻي.

"اسان جي پاڙيسرين جو ايتري ٿوري وقت ۾ ايڏي ترقي ڪئي آهي، تنهن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ هو هر سال ساهتيڪ ڪانفرنسون ڪوٺائين ٿا، جن ۾ ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري بنسبت بحث مباحثا ٿيندا آهن ۽ ودوان خاص وشين تي پنهنجا لکيل مضمون اچي پڙهندا آهن. گذريل سال جون رپورٽون پڙهيون وينديون آهن، جن ۾ جاٿايل هوندو آهي ته رپورٽ واري سال ۾ ڪهڙين ڏسن ۾ اجا ڪوتاهي آهي. جاٿايل ڪوتاهين کي دور ڪرڻ جون ڪوششون ونديون آهن. ان کان سواءِ اهي ڪانفرنسون اهڙيون به ڪاميٽيون مقرر ڪنديون آهن جي جهونن اڻ ڇپيل پستڪن کي ڳولهي هٿ ڪرڻ جو ڪم ڪن. اهي ڪاميٽيون ملڪ جو دورو ڪري، اهڙا پستڪ هٿ ڪري ٻوليءَ کي شاهوڪار بڻائينديون آهن. اهڙين ڪاميٽين ذريعي انيڪ ڪارائتن ڪتابن اونداهين غارن مان نڪري سج جي روشني ڏٺي آهي."

"ان کان سواءِ اهي ڪانفرنسون سٺن ليکڪن کي انعام ڏينديون آهن يا آفرين ناما عطا ڪنديون آهن، جنهن ڪري انيڪ ليکڪ انعامن هٿ ڪرڻ لاءِ نوان نوان پستڪ پيا لکن. انهن رستن اختيار ڪرڻ سان

منتين بولين جو ساهتيڪ خزانو تمام وڏي ويو آهي ۽ اجا وڌندو رهي ٿو.

"وڏي افسوس جي ڳالھه آهي تہ اسان جي سنڌ اجا ان ڏس ۾ قدم ڪونہ کنيو آهي، جنھن ڪري ان جو ساهتيہ تمام پوئتي پيل آهي. نظم جھجھو ئي آهي، باقي نثر نہ هئڻ جي برابر آهي. نظم جيڪو چيل آهي، سوبہ چڙوچڙ ٿيل آهي، جنھن کي ڪٺي ڪرڻ جي ضرورت آهي. ائين ڪونهي تہ سنڌي ٻين جي ڀيٽ ۾، گھٽ لياقت وارا آهن. اسان جي دعويٰ آهي تہ سنڌي هر طرح ٻين سرتا آهن. فقط انھن کي ملائي گڏجي ڪم ڪرڻ جي هير وجھڻي آهي. جڏهن هنن ملي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن اسان کي خاطري آهي تہ سنڌي ٻين کان پوئتي نہ پوندا. ائين برابر آهي تہ ٿورن ڏينھن کان سنڌين جو ٻولي طرف ڌيان ڇڪيو آهي. بمبئي يونيورسٽي بي. اي. ۾ سنڌيءَ کي جاءِ ڏيئي ان کي چڱي هٿي ڏني آهي، پر اتاهہ ڪمِ اجا رهيو پيو آهي. اهو ڪم ڪو هڪ ماڻھوءَ جو ڪونهي. انھن مرادن کي برثواب ڪرڻ لاءِ گھڻن بيدار مغزن جو ڪپ آهي.

"اهو تڏهن ٿي سگھندو جڏهن سڀيئي سنڌي ليکڪ هڪ جاءِ تي گڏجي پاڻ ۾ پھہ ڪندا تہ اهو اتاهہ ڪم ڪيئن ورهائي ڪٽجي. ان لاءِ 'سنڌي ساهت سميلن' جي ضرورت آهي." (٢)

مسٽر ٻولچند وسومل راجپال جي ان وشال ويچار جي سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن دل جي گھراين سان آجيان ڪئي ۽ ڏانھنس ان بھترين قدم کڻڻ لاءِ اتساهيندڙ مراسلا موڪليا، جن مان ڪجھہ هيٺ ڏجن ٿا:

جيٺمل پرسرام جي چٺيءَ جو متن هن طرح آهي:

"سنڌو" جي آڪٽوبر واري پرچي ۾ جيڪو اوهان نوٽ 'سنڌي ساهتيہ سميلن' جي ضرورت تي لکيو آهي، تنھن چڱو ويچار لھڻو. سنڌي ساهتيہ سميلن جي عظيم ضرورت آهي ۽ انهيءَ ڪم کي راس ڪرڻ لاءِ 'سنڌو' هن وقت قدم کڻي سا پڻ خوشيءَ جي ڳالھه آهي. قوم جي عمارت جو مکيہ ٿنڀو آهي علم ادب. ٻيون ٻوليون ان ڏس ۾ گھڻو واڌارو ڪري رهيون آهن، رڳو سنڌي ٻولي پٺتي رهجي ويئي آهي. منھنجي راءِ آهي تہ اوهين اهو سميلن بيشڪ شڪارپور ۾ سڏايو ۽ آواز ڪريو تہ مڙيئي ساهتيہ جا شائق اچي گڏ ٿين. ويچار ڪن ۽ رٿون رٿين. سنڌ کي هڪ باقانون 'سنڌي ساهت سڀا' Academy of Sindhi Literature جي ضرورت آهي. پروفيسر گربخشاڻي، مسٽر لعلچند جڳتياڻي، مسٽر دائود پوٽي ۽ ٻين جي محنت سان منتين سڀا ڪراچيءَ ۾ قائم ٿيل آهي ۽ ڪجھہ ڪم پئي ڪيو آهيس. منھنجي راءِ آهي تہ اوهين انھن مڙني باني‌ڪارن کي هاڪاريو تہ هو سميلن ۾ انهيءَ سڀا جو پڪو پايو اچي وجھن.

'سنڌو' مخزن پوري وقت تي پرگھٽ ٿي آهي ۽ ساري سنڌ تي سندس اثر پيو آهي. انهيءَ سان گڏ چيدن ڪتابن جي ضرورت آهي. هيلتائين چڱا گرنٿ تيار ٿي نڪتا آهن. پر هينئر سمو آيو آهي جو سنڌي جا جاٺو گڏ ٿي، هڪڙي تجويز ڪن خاص ڪتابن رچڻ جي. تيار ڪن اهي ڪتاب. رڳو نقلي تي ترجمو نہ هجن، پر اصليت جي دعويٰ رکي سگھن. مون کي پڪ آهي تہ سنڌ ۾ اهو دل ۽ دماغ آهي جو هاٺوڪي اوٺائي جي پوئواري ڪري سگھندو.

هندو ۽ مسلمان مڙيئي سنڌيءَ جا عاشق ڪٺا ٿي هن ڪم کي لڳي وڃن تہ گھڻي ڪلھين ڇپر ڪجي پوندو. منھنجي توهان سان هن ڪم ۾ سورهن ئي آنا همدردي آهي." (٣)

حڪيم آغا صوفي لکي ٿو تہ:

"آڪٽوبر واري پرچي ۾ سنڌي ساهت سميلن جي ضرورت بنسبت ايڊيٽوريل نوٽ نظر مان گذريو. هر هڪ لٽرري ماڻهوءَ جي دل ۾ چٽنگ نہ چڱي اڇلي اٿو. مگر ائين نہ ٿئي، جو ڦوڪ نہ ڏيڻ ڪري اها چٽنگ اجهامي وڃي. تنهن ڪري تڪليف وٺي مهرباني ڪري جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد اهڙي مفيد خيال کي زنده رکڻ ۾ مسيحا جو ڪم ڪري ڏيکاريندا. اميد تہ هر هڪ صاحب علم ۽ اهل ذوق اوهان سان اهڙي ڪم ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي پنهنجي فرض ادائي ڪرڻ ۾ ڪين گسندو." (۴)

'سنڌو' جي مشهور ليکڪ شيوارام ڀاڳچند لالا پنهنجي خيالن کي هن طرح ظاهر ڪيو:

"سنڌي ساهت سميلن" تي جيڪو مهتمي ليک پيل هو تنهن سنڌي گهٽگهرن جو گهڻو ڌيان لهتو. سنڌ ۾ عالم آهن ۽ نثر ۽ نظم جو خزانو پڻ موجود آهي. ڪجهہ ظاهر آهي، ڪجهہ دٻيل آهي ۽ سنڌ کي پنهنجو شاندار ماضي خواهہ مستقبل آهي. پوءِ ڇو سنڌي پوئتي پون؟ گهٽائي اهڙا مثال موجود آهن جن مان ثابت آهي تہ سنڌي دماغي جوڙجڪ ۽ انتظام ۾ گهڻن کان اڳرا آهن، تنهنڪري جي مثين قسم جو ميڙ ڪي ودوان همت ڪري يڪ صلاحي تي سڏائيندا تہ پڪ آهي تہ پورن ڪاميابي حاصل ٿيندي. هڪ دفعو جي ساهت جي مسئلي کي چنڊي ڇاڻي صاف ڪري جدا جدا ڀاڱن ۾ ورهائي هر هڪ فقري لاءِ هڪ ننڍي ڪاميٽي سال لاءِ مقرر ڪبي تہ جدا جدا ڏسن ۾ ڪم ٿيندو رهندو ۽ سال بسال هر ڪنهن ڪانفرنس ۾ اسان پاڻ کي ٻہ قدم اڳتي ڏسنداسون. باقاعده انتظام نہ هئڻ ڪري ساهت جي ڪيتري سوني موڙي ڌوڙ ۾ دٻي پيئي آهي ۽ ڪيترو پورهيو برباد پيو وڃي. نہ فقط ايترو پر ٻولي جي نزاڪت ۽ ترقي کي پڻ ڪيترن نمونن ۾ ڦهري ڌڪ لڳي رهيو آهي.

'سنڌو' وسيلي جيڪہ مال هن وقت تائين ظاهر ٿيو آهي يا جيڪو ايڊيٽر جي ميز تي پهتل نظر اچي ٿو تنهن تي نظر ڊوڙائڻ سان هڪدم دل کي خاطري مليو وڃي تہ صرف سندرو ٻڌي ڪوشش ڪرڻي آهي. باقي ٿوري ئي وقت اندر چڱا نتيجا اکين پسبا. جيڪڏهن ٻي طرح ڪو بندوبست نہ ٿئي تہ مان 'سنڌو' جي نيڪدل ايڊيٽر کي عرض ڪندس تہ ايسٽر جي موقعي تي 'سنڌو' جي ليکڪن ۽ ٻين ودوانن جو ننڍڙو ميڙ شڪارپور ۾ سڏائي ٻہ ٽي ڏينهن محفل لڳائي تہ هڪ دفعو گڏ ٿيڻ ۽ روبرو مڙڻ سان ڪنهن ڪارائتي طريقي تي پهچي وڃبو. پوءِ پاڻ ئي سڀئي سڳي کي سوريندي رهندي. هن وقت ايشور جي ڪرپا سان 'سنڌو' انهيءَ منزل تي اچي ويئي آهي يا ڊجي چئجي تہ پهچڻ تي آهي جنتي ان کي ساهت جو مرڪز سڏڻ ۾ هرورو وڏائي ڪونہ ٿيندو. منجهس اپر سنڌ ۽ لوئر سنڌ جو معدو گڏوگڏ ڪم ڪري رهيو آهي، تنهنڪري سني ساهت جي بنياد ٻڌڻ ۾ 'سنڌو' وک وڌائي تہ ان ۾ سندس پاڻ تي هموار ڪيل فرض جي ادائي آهي." (۵)

پروفيسر شيوارام ڦيروائي، سنڌي ساهتيہ سميلن تي مفصل روشني وڌي. سندس مفصل مضمون 'سنڌي ساهتيہ سميلن' 'سنڌو' جي ڊسمبر ۱۹۳۲ع جي شماري ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪيترائي مفيد نُڪتا سمايل آهن. اقتباس هن ريت آهي:

"ساهتيہ جي سميلن جو مطلب ۽ مراد ٿيندي اِها تہ ساهتيہ جي درياهہ مان ماڻڪ موتي گولهي ڪيڄن ۽ سماج جي ڌيان تي آڻجن. سماج جي حياتي اوچ ڪرڻ لاءِ ضرورت موجب دائمي سچ رواجي ۽ سولي ٻولي ۾ وٺندڙ طرح سماج جي اڳيان پيش ڪجن. جيابي لاءِ ضروري آزمودا ماڻهن ۾ جاري ڪجن ۽ ماڻهن جا خام خيال ۽ سُونسا دور ڪجن ۽ ڀرم ڀولا ڀڄجن. سندر ۽ سستو ساهتيہ ماڻهن لاءِ موجود

ڪجي. آتمڪ، اخلاقي، آرٽڪ، دنيوي، شاريرڪ، بدني، سرشٽيءَ جو قدرتي، هنر ۽ ونڊر جو وگيان، وشيش گيان، خاص خبر ماڻهن تائين سليس ٻولي ۾ پهچائجي، جيئن سڀيئي دل درست، من درست، تن درست ۽ ڪار درست ٿي سگهن.

"جيئن انگريزي ساهتيہ ۾ 'هوم يونيورسٽي لائبريري' گهر گهر يونيورسٽي پيدا ڪرڻ لاءِ پستڪ مالها آهي يا پيپلس بڪس، عام جنتا لاءِ ڪتابن جي حفاظت آهي، تيئن سنڌي ٻولي ۾ بہ هئڻ کپي. اهڙين لائبررين جي وسيلي هر هڪ مضمون جا خاص ڄاڻو، ماڻهن کي حاصل ٿيل حقيقتون سـ‌لي ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ساهتيہ سميلن جي وسيلي اڳئين زماني جا ڪيترا سني ۾ سنا ڪتاب، جي اڃا ڇاپي ۾ نہ آيا آهن، اهي ڳولهي پڌرا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. نئين گيان حاصل ڪرائڻ لاءِ خاص ڄاڻن کي وينتي ڪئي ويندي آهي ۽ وره وره جنهن بہ شخص نثر يا نظم ۾ ڪو تمام اثرائتو ۽ اصلي ڪتاب لکيو هوندو آهي، تنهن کي انعام ڏنو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌي ساهتيہ ۾ نئين وگيان داخل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ عام جنتا لاءِ ضروري اصولن کي سولي طرح سمجهائڻ جي ڪوشش، سني ساهتيہ کي مان ڏيڻ ۽ ان جي شان وڌائڻ جي ڪوشش، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪل ڪيترا ڪتاب لکيل يا ڇپيل آهن انهن جي ياداشت ناهڻ ۽ جيڪي گهٽتايون آهن انهن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش، انهن سڀني ڪمن لاءِ جيڪڏهن ويچار وارا ۽ ساهتيہ پريمي اچي ڪنا ٿيندا ۽ دل دماغ ملائي، هردو هوش هلائي اينڊز ايسٽر ۾ شڪارپور ۾ ڪنو ٿي ڪوشش ڪندا تہ سنڌي ساهتيہ جي خزاني جي بچائڻ ۽ وڌائڻ جا چڱا چوکا اپاو ۽ خيال عمل ۾ آڻي سگهبا. هن پنگتي ورثي جي نگهباني جي ڏاڍي ضرورت آهي. انهيءَ لاءِ اڪيلي سر ۽ ڪني ڪوشش ڪرڻ جي گهرج آهي. اها گهرج سميلن ۾ 'سم ودنوم ۽ سم گڇدوم' گڏجي ڳالهائڻ ۽ گڏجي وک کڻڻ جي وسيلي ئي پوري ٿي سگهندي.

"تنهن ڪري ساهتيہ پريمين ۽ ساهتيہ ميڙڪن کي منهنجي وينتي آهي تہ 'سنڌو' ۾ اينڊز ايسٽر تي شڪارپور ۾ ساهتيہ سميلن ڪني ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي سا قبول ڪن ۽ ڪنو ٿي هن ڪم ۾ 'سهہ وير سم ڪرو اوهي' بهادري سان گڏجي ڪم ڪن ۽ هي ضرورت ڪيئن پوري ڪجي تنهن لاءِ اچي پهہ پڇائين ۽ پڪيون تجويزون ڪن." (٦)

اديبن ۽ عالمن کان 'سنڌي ساهت سميلن' جي سٿاءَ ۽ مفيد مقصدن لاءِ ڀرپور تجويزن ملڻ کان پوءِ شري راڄپال 'سنڌو' جي فيبروري ١٩٣٣ع جي اشاعت ۾ ڪجهہ نُڪتا نروار ڪندي مهتمي نوٽ لکيو تہ:

"اسين گذريل آڪٽوبر کان 'سنڌو' ۾ ڏئيندا آيا آهيون تہ سنڌ ۾ 'سنڌي ساهت سميلن' ٿيڻ کپي. هندستان جون ٻيون ٻوليون سنڌي کان گهڻو اڳتي نڪري ويون آهن ۽ جنهن رفتار سان انهن ٻولين جي اوسر ٿيندي رهي ٿي، سا نيٺ ڪين ڪنهن ڏينهن اوچ تي آڻيندي ۽ سندن ڳڻ دنيا جي مکيہ ٻولين ۾ ڪئي ويندي.

"اسان جي مقصد جي سنڌ جي ڪيترن ئي ڄاڻن پنيرائي ڪئي آهي. جڏهن اسان کي ڪيترن دوستن جا خط آيا تہ اها ڪانفرنس شڪارپور ۾ ٿيڻ کپي، تڏهن اهو بهتر ڄاتو ويو تہ اها ڪانفرنس شڪارپور ۾ سڏائي وڃي.

"اسان پنهنجن دوستن پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، آغا صوفي، ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، پروفيسر

تاراچند گاجرا وغيره سان ڪانفرنس جي ڳالهه چوري، جي صاحب پڻ ان ڳالهه ۾ متفق راءِ ٿيا ته ڪانفرنس شڪارپور ۾ ڪوٺائجي. اسان کي اها اميد ڪانه هئي ته اسان جو ڏنڻ ڪو اينرو جلد نتيجو آڻيندو. هينئر اسان کي ظاهر ڪندي ڏاڍي خوشي ٿي ٿئي ته شڪارپور ۾ سنڌي ساهت جو پهريون ميڙ ١٥-١٦ اپريل تي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي زير صدارت ٿيندو، جنهن موقعي تي ساري سنڌ جا ودوان اچي ڪٺا ٿيندا.

"هن ڪان اڳ وڏا ننڍا ميڙ جدا جدا هنڌن تي ٿيا آهن، پر ڪانفرنس ڪٿي ڪانه ٿي آهي، جنهن ۾ ساري سنڌ جا ودوان ڪٺا ٿيا هجن. اميد ته ساري سنڌ جا ودوان ۽ عالم ٻيا سوين ڪم ڇڏي به هن ميڙ ۾ اچي شامل ٿيندا. هن ڪان اڳ ۾ جيڪي به سنڌ ۾ ڪانفرنسون ٿيون آهن، تن مان سواءِ ٿلهن نهرائن پاس ٿيڻ جي ٻيو ڪو خاص ڪڙ تيل ڪونه نڪتو آهي. هينئر سڀني ودوانن کي پروگرام رٿي اچڻ کپي ته ڪهڙيءَ ريت هن ڪانفرنس کي فتحياب بڻائجي. ڪانفرنس فتحياب تڏهن ٿيندي، جڏهن اهڙو ڪو پروگرام رٿيو ويندو جو ڪانفرنس پوري ٿيڻ ڪان پوءِ به ساهت جو ڪم ٻيو هلندو ۽ ائين نه ٿئي جو ڪانفرنس گذرڻ بعد هرڪو وڃي گهرن ۾ ڪونگهرا هڻي.

"هندي، اردو، گجراتي، مرهٽي ۽ بنگالي ۾ ساهت جو ايڏي ترقي ڪئي آهي، تنهن جو هڪ سبب اهو آهي جو ڪانفرنس ۾ لائق ليکڪن کي انعامن ڏيڻ جو رواج آهي. سنڌ ۾ به اهڙي ڪا رٿ نهڻ کپي جو هر سال سنن ليکڪن کي انعام ملن. ان مان نه فقط پراڻن ليکڪن جو قدر ٿيندو بلڪ انيڪ نوان ليڪڪ جاڳندا جي انعامن رستي مشهوري حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي ساهت جي شيوا ۾ لڳي ويندا. ان مان ٻيو اهو به فائدو ٿيندو ته هر سال انيڪ ڪتاب وجود ۾ ايندا جي اصليت جي دعويٰ رکي سگهندا.

"ٻيو مکيه سوال ڪانفرنس اڳيان هي ايندو ته سنڌي ساهت سڀا کي پڪي پايي تي بيهارجي ۽ ان جو انتظام باترتيب رٿجي. 'سنڌي ساهت سڀا' جي جوڙجڪ اهڙي رٿڻ کپي جيئن اها بوجو نه ٿئي بلڪ پنهنجو خرچ پاڻ لاهي.

٢- هڪ مرڪزي لئبرري نهڻ کپي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ سڀ ڇپيل ڪتاب جمع رهن. اهڙي لئبرريءَ جي وجود ڪان اڳ ۾ سڀني ڇپيل ڪتابن جي لسٽ نهڻ کپي. فريئر لئبرري ڪراچي جي لئبررين (ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته) اهڙي لسٽ ترتيب ڏني آهي. بهتر ٿئي ته جيڪڏهن ان کي سڏاري مڪمل لسٽ ناهجي. جيڪڏهن فريئر هال واري لئبرري کي مرڪزي لئبرري ناهجي ته بهتر ٿيندو. ان ڪم ۾ سرڪاري خواهه ڪراچي ميونسپل ڪان مدد وٺي سگهجي ٿي.

٣- سنڌ ۾ اڻاهه ڪافيون ۽ گيت آهن، جي ڇاپي هيٺ ڪونه آيا آهن. ڪيترن وٽ جهونا نسخا پڻ موجود آهن. هڪ ته انهن کي ڪٺي ڪرڻ جي ضرورت آهي ٻيو ته اهي ڪٺا ڪري ڇپائڻا آهن. اهڙي ڪا تجويز رٿڻ کپي جيئن اهي ڪٺا ڪري ڇاپي هيٺ آڻجن.

٤- هڪ سستو ساهت منڊل برپا ڪرڻ کپي جيئن اجمير ۾ هندي ڪتابن جو آهي. ان مان اهو فائدو رسندو جو هر هڪ سنڌ واسي کي دنيا جا سٺي ۾ سٺا ڪتاب سستا پهچائي سگهبا. ان ڪم ۾ تڏهن فتحياب ٿي سگهبو، جڏهن سنڌ جا داني پرش هن ڪم ۾ سهائتا ڏيئي سگهندا.

٥- هر هڪ شهر لاءِ ساهت سڀا جون شاخون نهڻ کپن، جي ڪانفرنس ۾ رٿيل پروگرام موجب ڪم هلائينديون رهن.

٦- اهڙيون ڪاميٽيون نهڻ ڪپن جي سجو سال هينين ڳالهين جي ڪوجنا ڪنديون رهن ۽ جڏهن ٻي ڪانفرنس ٿئي، تڏهن ڪيل ڪم جو تفصيل پيش ڪن.

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جي ڪوجنا.

(ب) سنڌي ٻولي.

(ج) سنڌ جي تاريخ جي ڪوجنا.

(د) وگياني لفظن جي لغت ڪاميٽي.

"اهي ٿوريون ڳالهيون آهن، جن تي ڪانفرنس کي ويچار ڪري ڪو عملي پروگرام رٿڻ کپي. عملي ڪم کان سواءِ ڪابه ڪانفرنس فتحياب ليکي ڪانه سگهبي. اميد تہ سنڌ جا ودوان ۽ عالم جڏهن ڪانفرنس ۾ اچن تڏهن انهن ۽ ٻين ڳالهين تي ويچار ڪري اچن." (٧)

"سنڌي ساهت سميلن" جي سهٽي سٿاءَ کي سجائڻ ۽ ان جي مقصدن کي ماڻڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري، شڪارپور واسي اديب، شاعر، دانشور ۽ استاد سخت محنت ڪندا رهيا. هنن جاتو ٿي تہ سندن سهڻو سميلن آئينده سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ بنيادي روايت طور ياد رهندو ۽ آئينده جيڪي بہ سميلن، ڪانفرنسون يا ساهتي گڏجاڻيون ٿينديون، تن جا سٿاءَ، مقصد ۽ مرادون ڪهڙيون هئڻ گهرجن. 'سنڌي ساهت سميلن' جي سٽينڊڙن کي پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي جهڙي دانشور جي رهبري ۾ هر ڏکيو ڪم بہ آسان ٿي نظر آيو. ڇاڪاڻ جو پروفيسر ڦيرواڻي جهڙي مدبر، اتر سنڌ ۾ تعليم ۽ ادب جي اوسر لاءِ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا هئا. حقيقت اها آهي تہ پروفيسر ڦيرواڻي سنڌ جو اهو سونو سڪو هو، جنهن جي هڪ پاسي تي 'سکيا ۽ ساهت' تہ ٻئي پاسي تي 'ايڪتا ۽ اهنسا' جا الفاظ نپيل هئا. اهڙي سيبتي ساهتڪار جي سهڪار ساهت سميلن سڏائيندڙن ۾ وڏي اتساهہ ۽ اڃا جا جذبا پيدا ڪيا ۽ هو ان گهڙي جي اوسيئڙي ۾ رهيا، جنهن گهڙيءَ ساميءَ جي شهر شڪارپور ۾ اهو مانداڻ مچيو هو. آخرڪار اهو اپريل جو مهينو آيو ۽ اهي طئہ ٿيل تاريخون بہ مٿان بيٺيون. 'سنڌو' جو اپريل جو شمارو بہ اچي پڌرو ٿيو، جنهن ۾ 'ساهت سميلن' لاءِ مهتمي نوٽ جو سرو ئي 'پهريون سنڌي ساهت سميلن شڪارپور' هو، جنهن ۾ جاڻايل هو تہ:

"اڄ اسان جي لاءِ سوني جو سورج اڀريو آهي جو سالن جا سپنا سچو روپ وٺي سيني اندر سانديل سڪون پيا لاهين. ٿورن مهينن جي ڳالهہ آهي جو سنڌو 'ساهت سميلن' جو سر آلاپيو. آواز ويو پکڙبو ۽ اعتبار نہ ڪرڻ جيتري ٿوري عرصي اندر سمورو مانداڻ منڊجي ويو، جنهن کي ٻن ٽن ڏينهن اندر ظاهر روپ ۾ ڏسڻ وارا آهيون. هيڏانهن هي مهتمي نوٽ پيو لکجي تہ هوڏانهن ساري سنڌڙي مان ايندڙ اديبن جي استقبال جي تياري جا گهند پيا وڄن. عالم ۽ فاضل هر طرف کان اچڻ وارا آهن، جي اڄي هن جهوني شهر ۾ ادبي عمارت جو بنياد وجهندا. اسان 'سنڌو' جي ڀاران ۽ شهر شڪارپور جي طرفان سيني مهمانن جي آجيان ٿا ڪريون. نماڻي سنڌ جا ودوانو ڀلي آيا! جيءُ آيا ۽ نج آيا. شال مالڪ اوهان جي قدم قدم تي رکيا ۽ رهبري ڪري ۽ برڪت پوي اوهانجين تقريرن ۽ تحريرن ۾.

"سنڌ ۾ عام طرح ڪوتاهہ نظري ۽ تنگ دلي گهٽي آهي ۽ ڪم ڪندڙن جي وات ڪڍهن بہ ڦلن ڇانئين ڪانہ ٿي رهي. البت سرهائي جي ڳالهہ آهي تہ هن سميلن جي مقصدن ۽ پروگرام ۾ اخبار نويسن ۽ عام ماڻهن گهٽي فراخدلي ڏيکاري ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ سجاڳ ٿيندي پيئي وڃي ۽ ٻين پرانتن سان ميدان گوءِ ۾ دم پڄائڻ لاءِ تياري پيئي ڪري. البت ايڪڙ ٻيڪڙ اخبارن يا شخص بغض وچان ڪانفرنس جي نيڪ مرادن تي پليد ڇندا اڇليا آهن، پر ٻڪرين جي ڦولهڙين جي ڪري ڪو درياهہ جو

پوتر پاڻي خراب ٿيندو ڇا؟ هڪڙي ضروري موت يا جيوت جي مسئلي جي حل ڪرڻ جهڙي شيء ڪم ۾ غليظ حملن جو خيال ڪرڻ نہ گهرجي. 'قافلو هلندو هلي، ڪتا ڀوڪندا ئي رهن.'

"سنڌي ٻولي جي سڌاءَ لاءِ اڻٿڪ پورهئي جي اشد ضرورت آهي. صورت خطي ۾ انقلاب، سائنس، حڪمت ۽ جاگرافي وغيره علم سان لاڳاپو رکندڙ لفظن جي پيداواري قلمي نسخن جي صورت ۾ سنڌ جي اڪت شاعري خزاني جي کوجنا، ڳوناڻن اصطلاحن، ٽوٽڪن ۽ اتهاسي شعر جي ڪٺي ڪرڻ جي ڪوشش، سنڌي لغت جي رچنا، ڪارگر تواريخي ڪتابن جي پڌرائي ۽ ٻين ڏسن ۾ تڪر تاڪڻ جي ضرورت آهي ۽ اسان کي خاطري آهي تہ هن سميلن ۾ گهٽ ۾ گهٽ سمورو ميدان نظر مان ڪڍي ڪا عملي تجويز تيار ڪئي ويندي ۽ 'سيرو ڪاڏو پاتل ڦاٽي' واري الزام کان پاڻ بچايو ويندو.

"سنڌ واسين کي گهرجي تہ هن پوتر ميدان ۾ مذهبي وروڌ نہ آڻين. سنڌي ساهتيہ کي ٻنهي پائرن هندو خواه مسلمان جي محنت جي ضرورت آهي. جيتري علحدگي ڪبي اوترو پائمال ٿينداسون ۽ موت کي ويجهو پونداسون. جيتري ملاوت ڪبي اوترو بلند ٿينداسون ۽ زندہ رهنداسون." (٨)

طئہ ٿيل پروگرام موجب 'سنڌي ساهت سميلن' ١٥ اپريل ١٩٣٣ع تي منعقد ٿيو، جنهن جي صدارت ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي ڪئي. اڳين طئہ ٿيل سڌاءَ موجب اُن جي صدارت ناميارِي عالم ۽ محقق ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي کي ڪرڻي هئي، مگر هو پنهنجي پٽ جي ناچاڪيءَ سبب اوچتو بمبئي ويل هو.

ساهت سميلن ۾ آيل اڪابرن کي آجياڻو ڏيندي سيڪريٽري ٻولچند وسومل راجپال چيو تہ:

"اڄوڪو ڏينهن منهنجي شخصي زندگي ۾ بلڪل سڀاڳو آهي. ڪيتري نہ دل کي خوشي اٿم جو شاگردي اوستا کان وٺي جنهن حياتي جي ڪم جو تصور ڪندو رهيو آهيان تنهن جي هڙئي شانائتي شروعات اکين سان ڏسي رهيو آهيان. آشا اٿم تہ جنهن ڪاميابيءَ سان شروعات ٿي آهي تنهن کان وڌيڪ ڪاميابي سان هن ڏس ۾ ترقي ٿيندي رهندي.

"ڪانفرنس جي اڳيان جيڪو ڪم آهي، ان بابت صرف ڪي ٿورا ويچار پنهنجي الپ ٻڌيءَ آهر اوهان جي اڳيان پيش رکون ٿا. پهريون ڪم جو اوهان صاحبن کي ڪرڻو آهي سو آهي 'سنڌي ساهت سڀا' برپا ڪرڻ، ان جي مرڪزي آفيس ۾ هڪڙو پگهاردار ڪلارڪ مقرر ڪرڻ. 'ساهت سڀا' جي مرڪزي آفيس ۽ ضلعي آفيسون مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ڪم ڪار لاءِ قانوني سرشتو تيار ڪرڻ. سڀا جا مقصد ۽ اُن جو رٿيل سڌاءَ سلسلہ وار تقسيم ڪري ڪم جي ورهڱ ڪرڻ جو ضرور آهي. انهيءَ جوڙجڪ کان پوءِ ڪي اثرائتا عملي قدم کڻڻا آهن. جهڙوڪ سستو ساهتيہ منڊل برپا ڪرڻ. انهيءَ کان سواءِ انعامن جو سلسلو شروع ڪرڻ گهرجي. انهيءَ رستي اختيار ڪرڻ سان ٻين ٻولين چڱي ترقي ڪئي آهي. پئسي وارن کي ناروي جي مسٽر نوبل جو مثال اکين اڳيان رکي پنهنجي ڏراوت جو ڪجهہ حصو ساهتيہ جي سچي بئنڪ ۾ جمع ڪرائي پنهنجو نالو هميشہ لاءِ امر ڪرڻ کپي. انهيءَ باري ۾ اسان ديوان ڏيارام جي ڇڏيل پئسي ڏانهن اشارو ڪري سندس فرزند کي وينتي ڪنداسون تہ ڪجهہ حصو انهن انعامن جي ڏيڻ ۾ هلائي. ٻين ڪيترن بزرگن جا يادگار فنڊ برپا ٿيندا آهن. اسان انهن فنڊن جي بانيڪارن کي عرض ڪنداسون تہ هن قسم جي پوتر يادگار کي خيال ۾ رکن.

"قلمي نسخا ڪيترا سنڌ ۾ پيل آهن، جن لاءِ تازو مون ڪن دوستن سان گڏ رهڙيءَ ۾ ڪن سڄڻن سان صلاح ڪئي، جن چيو تہ ڪيترا اهڙا هٿ جا لکيل پستڪ هندو خواهہ مسلمان درويشن جي

درگاهن ۾ موجود آهن، پر اهي ٻاهر نہ ڪيندا. وڏي ۾ وڏي رعايت هو اها ڪندا جو اتارڻ ۾ اعتراض نہ ونندا. انهيءَ لاءِ پگهاردار ماڻهن جي ضرورت ٿيندي جي روزانو ٽڪر اتاري هفتي وار مقرر ڪيل ڪاميٽي کي سپرد ڪندا. مان پانيان ٿو تہ جي پرواري سنڌي اسڪول جي ماستر کي ڪجهہ ماهيانو الائونس ڏبو تہ هو چاهہ سان ڪم ڪندو ۽ مطلب بہ سڌ ٿيندو.

"هڪڙي ڪاميٽي ڇهن جڻن جي ناهي وجي، جيڪا سائنس جي جدا جدا شاخن سان لاڳاپو رکندڙ وگياني لفظن لاءِ سنڌي لفظ مقرر ڪري پڌرا ڪري. اهڙي ٻي ڪاميٽي جاگرافي لاءِ، ٽين حڪمت لاءِ ۽ ٻيون ٻين جدا جدا شاخن لاءِ هئڻ کپن. ساهت سڀا کي اهڙا لغتي ڪتاب ڇپائي ماڻهن جو اپياس سولو ڪرڻ گهرجي. ڳوناٽن اصطلاحن، شعر ۽ گهرو آکاڻين کي قلمبند ڪرڻ گهرجي. هڪ مرڪزي لئبرري جي سخت ضرورت آهي. ان ۾ سڀ سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتاب آڻي ڪنا ڪجن ۽ جي ڪتاب سولا نہ ملي سگهندا هجن، تن کي هٿ ڪري اتي رکجي، هنن ڪتابن ڪني ڪرڻ ۾ ساري سنڌ جي ساهت جي پريمين جي ضرورت آهي. انهن ڪتابن کان سواءِ ٻين ٻولين ۾ سنڌ تي ڇپيل ڪتاب موجود رکجن.

سنڌيءَ ۾ سڀني ڇپيل ڪتابن جي فهرست نهڻ کپي، جا ڇپائي وڪري لاءِ موجود رکجي. ان ۾ ڪتاب جو نالو، ليکڪ جو نالو، ڇپائيندڙ جو نالو، ملڻ جو هنڌ، ڪيفيت ۽ قيمت وغيره جاٽايل هجي." (٩)

ساهت سميلن ۾ مسٽر ٻولچند راجپال جي سرهائيءَ واري آجياڻي ۽ مفيد رٿن پيش ڪرڻ کان پوءِ ٻين ودوانن پڻ ويچار ونديا. مسٽر جينمل پرسرام گلراجاڻي صدارتي تقرير ڪندي جن خاصن خيالن جو اظهار ڪيو سي پڙهي دل بهار ٿي وجي ٿي. آءٌ چاهيان ٿو تہ سندس تقرير جو سمورو متن پيش ڪريان، پر طوالت کان پرهيز ڪندي رڳو اقتباس تي اڪتفا ڪريان ٿو، جي پڻ سوچڻ تي مجبور ڪندا:

"آءٌ مرحبا ڪاميٽيءَ جو ٿورائتو آهيان جو هنن هن نهايت عظيم موقعي تي مون کي چونڊي پهرين سنڌي ادبي ميڙ جي ڪرسي ڏني آهي. سنڌيءَ جي خدمت مون ڪا ذري مس ڪئي آهي، پر مون کان وڌيڪ ٻين ڪئي آهي، سا مون لاءِ حقيقت جي ڳالهہ آهي. گربخشاڻي، پرمانند، پيرومل، لعلچند ۽ آغا، علم لغت، اصطلاح ۽ رواني‌ءَ ۾ مون کان گهڻو ڪٽر آهن. منهنجو اوهان مڙني جلسي ۾ حاضر صاحبن کي عرض آهي تہ جنهن بہ وقت هن ڪرسيءَ کي ڏسو، تنهن وقت مون ۾ گربخشاڻيءَ جو سايو ڏسجو. جي ڪا آءٌ چڱي ڳالهہ ڪريان جا اوهان کي پسند اچي تہ پانئجو تہ اها گربخشاڻي ٿو مون مان ڳالهائي، پر جي ناپسند ٻولُ ٻوليان تہ اهو مون ناقص وٽان سمجهجو.

"منهنجو بخوبي اهو رايو آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ ساهت جو آئيندو جلويدار آهي. منهنجي من ۾ سنڌ جي ايندڙ ترقيءَ جا صفا چٽيل مشاهدا آهن، تن مان هڪڙو اهو آهي، جنهن تي سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ مون اشارو ڪرڻ واجب سمجهيو.

"هر ڪنهن ديس جي ٻوليءَ جو پنڌ سندس اتهاس (تاريخ) تي ٻڌل آهي. تاريخ جو هرڪو پير ٻوليءَ تي نشان ڇڏي ٿو. سنڌ جي تاريخ پراچين ۾ پراچين آهي. اها سُڌ پراڻن ماڻهن کي تہ اڳيئي هئي ۽ پڻ انهن نون کي جي اولهہ جي جادو هيٺ نہ آيا آهن، پنهنجي پراڻي هندستاني سڀيتا (تمدن) ۽ علم ادب کان غير واقف نہ رهيا آهن. هينئر وگياني کوجنا ڪندڙن، موهن جو دڙو کولي جهان جي تاريخي فهم ۾ انقلاب آڻي ڦٽو ڪيو آهي ۽ دنيا جي عالمن جون اکيون اچ انهيءَ دڙي جي دز تي حيران آهن. چيو وڃي ٿو تہ موهن جي دڙي واري تهذيب آرين تهذيب کان اڳي واري آهي، تہ چئبو تہ سنڌ انهيءَ تهذيب

جو بہ پراڻو مرڪز آهي. سنڌي ٻولي اڄ ٻڻ شبد وديا جي جاڻن جي راءِ پٽاندڙ سنسڪرت ڪي ٻين مڙني هندي ڀاشائن ڪان ويجهي آهي. ڪن صاحبن جو تہ بلڪ اهو بہ رايو آهي تہ ممڪن هجي تہ سنڌي خود سنسڪرت جي ماءُ آهي. اهڙين ڳالهين جو فيصلو نہ جذبي وهيٽو آهي نہ جهيٽي دماغ ڪان ٿي سگهي ٿو؛ بہ نگاهون آهن. هڪ آهي تہ اول شبد بگڙيل هئا پوءِ ويا سڌرندا. مثلاً اول شبد 'ڪم' هو، پوءِ 'ڪرم' ٿيو؛ اول 'ڌم' هو، پوءِ 'ڌرم' ٿيو. جي ائين آهي تہ اول 'سنڌي' ۽ 'پالي' هئي، پوءِ سنسڪرت 'ڪرم' ۽ 'ڌرم' ٿيا. اسان جو ڄاڻو ڀاءُ سوامي گوونداننڊ اهڙين نگاهہ وارو آهي تہ 'سنسڪرت جي ماءُ سنڌي آهي.'

"اڄ سنڌيءَ ۾ تاريخي پنڌ پٽاندڙ عربي ۽ پارسي جا ڪيترائي شبد اچي ويا آهن، انهيءَ ڪري آءٌ سرهو آهيان، ارهو نہ آهيان. قدرت ڪوبہ قدم بنا معنيٰ جي ڪين ٿي کڻي. تنهن هوندي بہ گهٽائي منجهس سنسڪرت شبدن جي آهي ۽ وياڪرڻ تہ ساڳيو ئي ساڳيو اٿس. اتر سنڌ وارن، خاص شڪارپور واسين وٽ سنسڪرت وياڪرڻ جا نمونا حيدرآباد ڪان بهتر آهن. مثلاً 'جالان' (زالان) اچارڻ تي اسين حيدرآبادي کلندا آهيون، پر وياڪرڻ پٽاندڙ شڪارپور واسي صحيح آهن."

"منهنجو بخوبي رايو آهي تہ سنڌي ٻولي اپڀرنش ڪان گهڻو گهڻو سڌريل آهي. سرائڪي ٻولي ۾ اهو بختري اثر قدري آهي. عربي ڪان وڌيڪ سنڌيءَ تي پارسيءَ جو اثر پيو."

جيٺمل پرسرام جي انهن ويچارن ڪان سواءِ ٻين ڪيترن پنهنجا خيالات ظاهر ڪيا، جن ۾ پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، پوجراج ناگراڻي، آغا صوفي ۽ محمد حنيف صديقي نهايت اهم آهن.

مسٽر محمد حنيف صديقي "آريہ سڀيتا جي اصليت" جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪيو هو، جنهن ۾ فاضل محقق ڊاڪٽر وڊيل Dr. Waddell جي ڪتاب Makers of Civilization (سڀيتا جا باني) جي حوالي سان ڄاڻايو هو تہ: "دنيا جون مکيہ سڌريل قومون جهڙوڪ انگريز، مصري، يوناني، فونيشي، ايراني، هندو وغيرہ آريہ نسل جا آهن ۽ آرين جي سڀيتا پهريائين ايشيا ڪوچڪ (Asia Minor) جي ڪئپاڊوشيا (Cappadocia) علائقي مان شروع ٿي، جتان پوءِ هنن عراق فتح ڪيو. عراق ۾ آرين خوب زور ورتو ۽ ڏورانهان ملڪ فتح ڪيائون ۽ هاڻوڪي سڀيتا جو پايو وڌائون. هنن جي هڪڙي ٻيڪ سنڌ هوندي هئي تہ ٻي آئرلنڊ. چون ٿا تہ آمريڪا جو ڪنڊ بہ ڳولهي لڌو هئائون. انهن قديم آرين کي تاريخ نويس سوميري (Sumerians) ڪري ڪوٺين ٿا. جيتوڻيڪ هو انهيءَ نالي سان پاڻ کي ڪونہ سڏائيندا هئا. انهيءَ وچ ۾ اشورين جي اڻ سڌريل قوم زور ورتو ۽ سوميرين کي شڪستن پٺيان شڪستون ڏيئي ملڪ مان ڪڍي ڇڏيائون. سوميرين جي ڇٽيهين بادشاهہ جو نالو 'برو-جن' = "پراسن-وات" (سنسڪرت) هو. مهاڀارت ۾ لکيل آهي تہ پراسنوات سارو مشرق فتح ڪيو، دنيا جي اوڀارينءَ حد تائين جتان سج ابري ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌ بہ ان جي بادشاهت ۾ اچي وڃي ٿي ۽ موهن جي دڙي مان جي مهرون لڌيون آهن اهي بہ ساڳي شاهدي ڏين ٿيون." (١١)

سنڌي ٻوليءَ جي هن مثالي ساهت سميلن ۾ هيٺيان ٺهراءَ پاس ٿيا.

(١) هن سميلن جو ٺهراءُ آهي تہ ڪانفرنس جي ڪم ڪار ۽ عام طرح سنڌي ساهت جي ڪم ڪار هلائڻ لاءِ هڪڙي دائمي سڀا پڪيءَ طرح شڪارپور ۾ برپا ڪجي، جنهن جو نالو ٿيندو "سنڌي ساهت (ادبي) سڀا" ۽ جنهن جو مقصد ٿيندو سنڌي ساهت (ادب) جو واڌارو. انهيءَ سڀا جا ميمبر هيٺينءَ ريت ڦي ڀريندا.

مربي (٢٥٠) ادائي سؤ رپيا

حياتي لاءِ (٥٠) پنجاهہ رپيا
رواجي (١) هڪ روپيو ساليانو.

سميلن جو هاڻوڪو پريزيڊنٽ صاحب ۽ ٻہ سيڪريٽري سارو سال انهيءَ حيثيت ۾ ڪم ڪندا. وائيس پريزيڊنٽ مسٽر آغا صوفي ۽ خزانچي پروفيسر ڦيرواڻي ڪم ڪندا. آئينده قا... ي جوڙجڪ هيٺ ڄاڻايل خاص ڪاروباري ڪاميٽي ڪانهيندي. انهيءَ سڀا جي ڪم لاءِ هڪ عام ڪاروباري ڪميٽي مقرر ڪجي ٿي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ هڪ سو ميمبر ٿيندا ۽ هاڻوڪي هيٺ ڄاڻايل تعداد ۾ انهيءَ حد اندر وڌيڪ ڳنڍڻ جو اختيار هيٺ ڄاڻايل خاص ڪاروباري ڪاميٽي کي رهندو. انهيءَ ڪاميٽي جي ميڙ لاءِ ڪورم ڏهہ ميمبر ٿيندا. هن وقت هيٺيان صاحب انهيءَ ڪاروباري ڪاميٽي جا ميمبر مقرر ڪجن ٿا.

١- پريزيڊنٽ، ٢- سيڪريٽري، ٣- جوائنٽ سيڪريٽري، ۴- وائيس پريزيڊنٽ، ٥- لعلچند امر ڏنومل، ٦- ڊاڪٽر گربخشاڻي، ٧- محمد صديق ميمڻ، ٨- عبدالخالق، ٩- پيرومل مهرچند، ١٠- ڪشنچند بيوس، ١١- هاسارام پمناڻي، ١٢- ساڌو واسواڻي، ١٣- پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، ١۴- پرنسپال ٻتاڻي، ١٥- ڊاڪٽر دائود پوٽو، ١٦- ڪرمچند هنگوراڻي، ١٧- هريسندر، ١٨- پروفيسر تاراچند گاجرا، ١٩- غلام علي نانا، ٢٠- امر لعل هنگوراڻي، ٢١- منوهرداس، ٢٢- ڏيارام ميرچنداڻي، ٢٣- نانڪرام ميرچنداڻي، ٢۴- جهامنداس ڀاٽيہ، ٢٥- علي محمد عباسي، ٢٦- آسانند مامتورا، ٢٧- محمد حنيف صديقي، ٢٨- پوهومل ٻجلاڻي، ٢٩- هيرانند، ٣٠- خوشيرام، ٣١- واڌومل گوڪلاڻي، ٣٢- ناڪرداس ناگراڻي، ٣٣- مرزا نادر بيگ، ٣۴- منوچهر بيگ، ٣٥- مرزا غلام مصطفيٰ، ٣٦- خانصاحب گل حسن خان، ٣٧- ويرومل، ٣٨- پروفيسر اجواڻي، ٣٩- عبدالرزاق، ۴٠- ايسرداس رائسنگهاڻي، ۴١- آسودومل پريا، ۴٢- موردنمل منياڻي، ۴٣- لوڪومل ناروشاهہ، ۴۴- پرنسپال ڪاليج شڪارپور، ۴٥- پرنسپال ڪاليج حيدرآباد، ۴٦- هيرانند سکر، ۴٧- پير علي محمد راشدي، ۴٨- شيوارام لالا، ۴٩- پرمانند ميوارام، ٥٠- نارائڻداس ملڪاڻي، ٥١- خانچند درياڻي، ٥٢- منگهارام ملڪاڻي، ٥٣- ليکراج ڪشنچند، ٥۴- چاندومل ڪتري، ٥٥- محمد صالح پٽي، ٥٦- محمد صديق مسافر، ٥٧- خان بهادر واحد بخش خان، ٥٨- عبدالستار پيرزادو، ٥٩- ڪوڏو سنگهہ، ٦٠- پير الاهي بخش، ٦١- روچيرام سڌاڻي، ٦٢- علي محمد قادري، ٦٣- ٽيڪم داس گاجرا، ٦۴- چيلارام آڏواڻي، ٦٥- ڌرمداس سکر، ٦٦- دين محمد وفائي، ٦٧- گوبند رام ننڌاڻي، ٦٨- تيرٿ داس سپاڻي، ٦٩- خانصاحب حسام الدين خان، ٧٠- ماستر سهجرام، ٧١- دميتني ديوي، ٧٢- رامچند، ٧٣- عثمان علي انصاري، ٧۴- هزاري مل، ٧٥- لڌارام، ٧٦- فتح چند مينگهراج، ٧٧- تاراچند ڪيسواڻي، ٧٨- جهوڙومل مينگهراج، ٧٩- نرملداس گربخشاڻي، ٨٠- آتمارام ڪرپالاڻي.

انهن ڪان سواءِ ڪم ڪرڻ لاءِ سال لاءِ هڪ خاص ڪاروباري ڪاميٽي هيٺين ويهن صاحبن جي ٿيندي جا ڪانفرنس جا ٺهراءَ عمل ۾ آڻيندي ۽ عام طرح جيڪو ساهت جو ڪم ڪرڻو هجي ان لاءِ ڪم ڪندي رهندي. انهيءَ جو ڪورم ٥ ميمبر ٿيندو ۽ هيٺيان صاحب ميمبر ٿيندا.

١- پريزيڊنٽ، ٢- وائيس پريزيڊنٽ، ٣- سيڪريٽري، ۴- جوائنٽ سيڪريٽري، ٥- ڪشنچند بيوس، ٦- پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، ٧- ڊاڪٽر گربخشاڻي، ٨- هريسندر، ٩- محمد صديق ميمڻ، ١٠- شيوارام لالا، ١١- محمد حنيف صديقي، ١٢- تاراچند گاجرا، ١٣- پروفيسر ٻتاڻي، ١۴- ناڪرداس ناگراڻي، ١٥- پرنسپال شڪارپور ڪاليج، ١٦- مرزا غلام مصطفيٰ، ١٧- واڌومل گوڪلاڻي، ١٨- ڪرمچند هنگوراڻي، ١٩- پهومل ٻجلاڻي، ٢٠- لعلچند امرڏنو مل.

(٢) جنهن صورت ۾ سنڌي اول مئٽرڪ تائين پاڙهي وڃي ٿي ۽ وري ايف. اي. انٽر آرٽس ۾ رکيل نہ آهي ۽ وري وڃي بي. اي. ۾ ٿي منهن ڪڍي، اهو طريقو مفيد ثابت ڪونہ ٿيو آهي، تنهن صورت ۾ هي ڪانفرنس وس وارن کي استدعا ٿي ڪري تہ مئٽرڪ کان وٺي باقاعدي ايف. اي. انٽر آرٽس ۽ ايم. اي. تائين سنڌي پاڙهي وڃي.

(٣) سنڌي درسي ڪتابن ۾ نظم ۽ نثر ٻئي ڪنا آهن، جنهن ڪري شاگردن جو نظم طرف چت چوکو نٿو لڳي ۽ اها اهڙي نموني جي چونڊ آهي جو انهن درجن جي ٻارن لاءِ سچ پچ ڏکيو آهي. تنهن ڪري اختياري وارن کي استدعا ڪجي تہ انگريزي ڪتابن وانگر نظم جون ڪتابڙيون نثر کان الڳ رکيون وڃن، جن ۾ درج ڪيل نظم شاگردن جي درجي موافق هئڻ گهرجي.

(۴) جنهن صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي چالو صورتخطي ۾ ڪيتريون بيقاعدگيون رهجي ويون آهن، جن ۾ ڦيرڦار آڻڻ جي ضرورت آهي، تنهن صورت ۾ نهراءُ ٿو ڪجي تہ هيٺين صاحبن جي ڪاميٽي مقرر ٿئي انهيءَ مراد سان تہ اهي صاحب ويچار ڪري صورتخطيءَ ۾ جوڳيون درستيون ۽ ضروري ڦيرڦار ڏسين ۽ عمل ۾ آڻڻ لاءِ اپاءَ ٻڌائين.

١- مسٽر جيٺمل، ٢- لالچند جڳتياڻي، ٣- آغا صوفي، ۴- ڊاڪٽر گربخشاڻي، ۵- ڊاڪٽر دائودپوٽو.

(۵) شاهہ ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ جيڪي فارسي-عربي لفظ آهن سي هن وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ هلندا اچن، پر جيڪي اڳيان جهونا ديسي الفاظ آهن سي ڏينهون ڏينهن وڃن ٿا گم ٿيندا. جيڪڏهن اهي ساڳيا لفظ ڦيرائي درسي ڪتابن ۾ ڪم آندا وڃن تہ هڪ تہ سنڌي ٻوليءَ جو ذخيرو مالا مال ٿي پوندو، ٻيو هم معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ انيڪ ٿي پوندا، ٽيون شاهہ صاحب جو شعر جو هينئر ماڻهن کي ڏکيو ٿو لڳي سو سهل نظر ايندو ۽ شاهہ جي شعر جي هستي سنڌي ساهت ۾ دائمي زندهہ رهندي. تنهن ڪري هي ڪانفرنس سنڌي ساهت جي ليکڪن کي استدعا ٿي ڪري تہ انهيءَ طرف رجوع ٿين.

(٦) سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي مڪمل فهرست ڪانہ آهي ۽ خبر پئجي ڪانہ ٿي سگهي تہ سنڌيءَ ۾ ڪيترا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، تنهن ڪري ڪاروباري ڪاميٽي کي هدايت ڪجي ٿي تہ ڇپيل ڪتابن جي مڪمل لسٽ تيار ڪرڻ جي ڪوشش يڪدم شروع ڪجي.

(٧) سنڌي ٻوليءَ جي ميدان کي وسيع ڪرڻ لاءِ هن ڪانفرنس جو رايو آهي تہ جتي جتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، اتي سنڌي ٻوليءَ جي سيکارڻ جو اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بندوبست رکيو وڃي ۽ اختياري وارن کي اهڙو عرض ڪيو وڃي.

(٨) هي سميلن سنڌ جي مڪاني ناٽڪن جي منڊلين کي عرض ٿو ڪري تہ اڳتي جيڪي بہ هو ناٽڪ ڪن سي جيترو پڇي اوترو سنڌي ٻوليءَ ۾ هجڻ گهرجن ۽ ناٽڪن مان جيڪا ڪين بچت ٿئي تنهن مان پڻ جيترو پڇي اوترو سنڌي ڪتابن تي خرچ ڪن. (١٢)

- خاص ڪاروباري مجلس جو پهريون ميڙ:

ساهت سميلن جي ٻئي ڏينهن شام جو خاص ڪاروباري مجلس جو ميڙ ٿيو، جنهن ۾ ٩ ميمبر حاضر هئا. ميڙ ۾ هيٺيان نهراءَ پاس ڪيا ويا:

١- ميمبريءَ جا داخلا فارم ۽ رسيد بوڪ ڇپائجن، ٢- جدا جدا ماڻهن تي جدا جدا شهرن ۾ ميمبرن داخل ڪرڻ جو بار رکيو ويو، ٣- جنهن شهر ۾ پنجاهہ ميمبر ٿين ان ۾ ساهت سڀا جي شاخ کولجي. پنجن هزارن کان گهٽ آدم شماريءَ واري ڳوٺ ۾ ٢۵ ميمبرن جي داخلا بعد شاخ کولجي. هر ڪا شاخ هر هڪ ميمبر تي ان آنا هيڊ آفيس ڏانهن موڪلي ۽ ٻيا پيسا پاڻ وٽ ڪم ڪار لاءِ رکي. ۴- جڏهن هزار رپيا ڪٺو ٿئي، تڏهن سڀا رجسٽر ڪرائي وڃي،

۵- يارنهن شڪارپور واسين جي هڪ ڪاميٽي ناهي وڃي جا مالي سهائتا حاصل ڪري. ٦- ساهت سڀا جي مرڪزي آفيس "سنڌو" آفيس ۾ ٿيندي. ٧- عام ڪاروباري مجلس ۾ باقي ڪنل تعداد وارن ميمبرن جي مقرري سيڪريٽري ڪندو، پر صدر جي صلاح سان. ٨- ڪتابن ڇپائڻ ۽ ميمبرن ۾ ورهائڻ ۽ وڪري جي بندوبست ڪرڻ لاءِ هريسندر هڪ تجويز تيار ڪري سيڪريٽري کي ڏئي جو ميمبرن ۾ ڦيرائي آخر صدر کي موڪلي جو بحال ڪري. ٩- مرڪزي لئبرريءَ جي برپا ڪرڻ لاءِ هڪڙي پنجن شڪارپورين جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. ١٠- جيڪي ڪتاب ڇپائڻ تن جي منظور ڪرڻ لاءِ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. ان سان گڏوگڏ اهو ٺهراءُ بہ پاس ٿيو تہ اها ڪاميٽي ايندڙ هڪ ٻن سالن ۾ گهربل ڪتابن جي فهرست تيار ڪري ڪاروباري ڪاميٽي کي ڏئي. (١٣)

ادبي تاريخ جو اهو پهريون منظم ساهت سميلن شڪارپور جي 'ڏرم اُپڪار اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي' جي هال ۾ منعقد ٿيو. هن سميلن ۾ ساهت جي اوسر ۽ عروج لاءِ جيڪي اهم مسئلا ۽ معاملا ويچار هيٺ آيا، سي اڳ ڪنهن بہ ڪانفرنس ۾ بحث هيٺ نہ آيا هئا. سنڌي ڪتابن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ لئبرريءَ جو بنياد رکڻ، قلمي نسخن جي حفاظت، سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي ترتيب ڏيئي ڇپائڻ ۽ تحقيق طرف توجهہ ڏيارڻ لاءِ هن سميلن ۾ خاص ويچار ڪيا ويا.

مسٽر بولچند وسومل راجپال 'ساهت سميلن' ۾ ٿيل ڳالهين کي رڳو ڳالهين تائين محدود نہ رکيو، پر ٻين کي بہ سرگرم ڪندو رهيو. هن ڪيترن ئي صوفي شاعرن جو ڪلام گڏ ڪيو ۽ مختلف موضوعن تي تحقيقي ڪم ڪرائيندو رهيو. سندس سموري ڪوشش 'سنڌو' جي صفحن مان بکي رهي آهي.

## حوالا

(١) "سنڌو" : جنوري ١٩٣٢ع، ص ٢٩.
(٢) "سنڌو" : آڪٽوبر ١٩٣٢ع، ص ص ٣٢٣-٣٢٥.
(٣) "سنڌو" : نومبر ١٩٣٢ع، ص ص ٤٠٠-٤٠١.
(٤) ايضاً.
(٥) ايضاً.
(٦) پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي : "سنڌي ساهتيہ سميلن" : "سنڌو" : ڊسمبر ١٩٣٢ع، ص ص ٤١٠-٤١٢.
(٧) "سنڌو" : فيبروري ١٩٣٣ع، ص ص ١٥٧-١٥٩.
(٨) "سنڌو" : مارچ ١٩٣٣ع ص ص ٢٣٩-٢٤٠.
(٩) "سنڌو" : اپريل ١٩٣٣ع، ص ص ٢٩٢-٢٩٧.
(١٠) "سنڌو" : اپريل ١٩٣٣ع، ص ص ٢٤٣-٢٥٢.
(١١) "سنڌو" : نومبر ١٩٣٣ع، ص ص ٣٤١-٣٤٦.
(١٢) "سنڌو" : اپريل ١٩٣٣ع، ص ص ٣١٥-٣١٩.
(١٣) ايضاً.

اي ڪاش، اهو تون ڳائين ها
ڪلهه رات پڳت سنگهه ڦاسيءَ تي
جو گيت اڌورو ڳاتو هو!
اي ڪاش، اُهو تون پائين ها
جو هار هوائن ۾ لُڏندي
ڪالهه تانتيا ٽوپي پاتو هو!

تاريخ جي خوني گلين مان
هر وقت صدا ڪا ايندي آ
هر وقت لهوءَ جي لاڙن ڏي
ڪا توڪي ڇڪ ڇڪيندي آ

جڻ اوڊائر جي ڪا گولي
اڄ تائين توکي تاڙي ٿي
۽ تنهنجا تنهنجي مقتل ڏي
جڻ پير اچانڪ لاڙي ٿي-
تاريخ بُکايل چيتي جئن
چئُواٽي تي چنگهاڙي ٿي-

اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها
ڇا تن جي قيمت ٿيندي آ،
جنهن آزاديءَ جا گيت چيءَ
سا آزادي ڪٿ نيندي آ!
اي ڪاش، اهو تون ڄاڻين ها،
سا آزادي ڪئن ايندي آ!

رام جي منهن مان بي اختيار لفظ نڪري ويا، "واهه! واهه! اهي جهومندا، نچندا ۽ ڳائيندا لفظ ڪنهن جا آهن؟ انهن لفظن ۾ ردم بہ آهي، اَرڏائي بہ آهي. هوڪار، للڪار ۽ بي خوفي بہ آهي. ڪويتا ۾ ڪيترو نہ جوش، ولولو ۽ سجاڳي آهي! نوجوانن کي ويڙهہ وڙهڻ لاءِ وڏو هنيار آهي. ڪويءَ ڪيئن نہ سونهن، سوبيا، سچائيءَ ۽ قومي تاريخ جا تانا بانا اُڻندو، مٽس آسن ۽ اميدن جا جرڪندڙ موتي پوئي، هڪ قومي چادر ناهي آهي. اها سنڌ جي اجرڪ آهي. ٻڌاء نہ اهو گيت ڪنهن جو آهي؟"

ساوتري اهو سوال ٻڌي حيران ٿي ويئي. ساوتري جواب ڏنو تہ "اهو بهادري ۽ ويرتا جو گيت، اهو سچائيءَ ۽ سندرتا جو گيت، اهو بغاوت ۽ بيباڪيءَ جو گيت، اهوسنڌ جو گيت آهي. انهيءَ گيت ۾ نئون ساهہ، نئون روپ، نئين زندگي ۽ نئين روشني ڏسڻ ۾ ٿي اچي. انهيءَ گيت ۾ تون ڏسندين جيئڻ جي راهہ ۽ لڳاتار جدوجهد جو ڏس. انهيءَ گيت جي ذريعي سنڌ قوم کي ڏونڌاڙي بيدار ڪري سگهجي ٿو. جيئن رابندر ناٿ ٽيگور ڀارت جي بيداريءَ لاءِ گيت

ڳايا آهن، تيئن شيخ مبارڪ اياز سنڌ جي سجاڳيءَ جا گيت ڳايا آهن. اياز سنڌ جو ٽيگور آهي. اياز جي روحانيت ٽيگور واري روحانيت آهي. اياز انسان جي دلين ۾ اُتساهه پيدا ڪري ٿو. انسان جي آسن، اميدن ۽ اُمنگن کي اُڀاري ٿو، اُڀاري ٿو ۽ نچائي ٿو. هاڻي اياز بابت تون ڪجهه ٻڌاءِ؟"

رام سانت ۾ اچي ويو. ڪجهه وقت ساوتري ۽ رام خاموشيءَ سان گهمندا رهيا. رام سوچي رهيو هو ته ڪٿان شروع ڪري؟ ٿوري وقت کان پوءِ رام چيو، "هن صديءَ جي شروعات ۾ پهرين مهاڀاري جنگ لڳي. انهيءَ جنگ کان پوءِ روس ۾ انقلاب آيو. هندستان غلام هو. هندستان جي مٿان انگريزي سامراج جي حڪومت هئي. روس جو انقلاب نئين قسم جو انقلاب هو. مزدورن، ملٽري جي سپاهين، وديارٿين پاڻ ۾ گڏجي ظالم زار جو تختو اُلٽو ڪري ڇڏيو هو. سنسار جي سطح تي نئين پرهه ڦٽي. اها سرخ پرڀات هئي، جا نچندي، ٽپندي، ڳائيندي سڄي پرٿويءَ تي ڇانئجي ويئي. هندستان جي قومي هلچل ۾ جان اچي ويئي. هندستان جو سنل روح جاڳي پيو. ماڻهن ۾ آزادي لاءِ وڏيڪ جذبو پيدا ٿيو. ڪجهه سالن کان پوءِ سيپٽمبر ۱۹۳۹ع جو ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي. انهيءَ کان اڳ ۾ سڄي ديش ۾ ڪانگريس آزاديءَ جي لڙائي لڙي هئي. ملڪ ۾ اُٿل پٿل هئي، ماڻهن ۾ آزاديءَ لاءِ بي چيني هئي. اهڙي دور ۾ سن ۱۹۴۱ع ۾ اياز مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج جي اندر قدم رکيو. يورپ ۾ فاشزم جون طاقتون جرمني ۽ اٽليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ دنيا ۾ سڀيتا جي شمع ٻُجهائڻ لاءِ تيار هيون. يورپ ۾ جيان جرمني جو ساٿ ڏئي رهيو هو. اهڙي دور ۾ اياز سان دوستي ٿي. ڪراچي جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ دوستي جي شروعات ٿي، پورا ست سال هلي، ۱۹۴۱ع کان ۱۹۴۷ع تائين. ڪاليج جا ڏينهن ڪهڙا نه شاندار ڏينهن هئا! ڪاليج جون راتيون ڪهڙيون نه مست ڪندڙ هيون! رستي جي هڪ طرف مينارام هاسٽل ۽ ٻئي طرف ڊي.جي.سنڌ ڪاليج، ٿورو اڳتي وڌبو ته آرٽس ڪاليج، ان کان پوءِ سامهون برنس گارڊن. برنس گارڊن جي هڪ حصي ۾ ايس.سي.شهاڻي لاڪاليج. ڊي.جي.سنڌ ڪاليج جي پرسان هو اين.اي.ڊي.انجنيئرنگ ڪاليج. اهو هو تعليم جو مرڪز، ڪليل، ڪشادو ۽ وسيع! سنڌ جي وديا جو چشمو هو، هر هميشه وهندڙ، صاف ۽ اوجل! سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شاگرد يونيورسٽيءَ جي وديا حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. رام چار سال مينارام هاسٽل ۾ گذاريا. انهن ڏينهن ۾ ڪاليج جي وديارٿين ۾ راڄنيتي شعور هو. حشوڪيولراماڻي، سوڀوگيانچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي، شيخ مبارڪ اياز ۽ رام امرلعل پنجواڻي جي هڪ سنگت هئي. انهيءَ سنگت ۾ سنڌي ادب کان سواءِ قومي راڄنيتي کي به وڏو دخل هو. نوان نوان ڪتاب پڙهڻ فخر ۽ خوشي جي ڳالهه سمجهي ويندي هئي. حشو ڪيولراماڻي انگلنڊ کان واپس وريو هو. هن اچڻ سان اسٽوڊنٽ تحريڪ کي زور ورتو. سرڪار ڪيس ۱۹۴۰ع کان ۱۹۴۱ع جي وچ ۾ ۱۸ مهينا جيل ۾ رکيو. حشو عمر ۾ اسان کان وڏو هو. هو ترقي پسند خيالن جو صحيح سوچ رکندڙ ۽ باهمت، وڏيءَ نگاهه وارو، دل جو درياءُ ۽ قلم جو بادشاهه هو، انهيءَ ڪري اسين سڀ هن جي ويچارن کي اهميت ڏيندا هئاسين.

آرٽس ڪاليج جو پرنسپل ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي هو. اياز جڏهن ڪاليج پهتو، ان کان اڳ هن جون ڪيتريون ئي ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون "سنڌو" رسالي ۾ ڇپجي چڪيون هيون. اهڙيءَ ريت رام جون پنج ڇهه ڪهاڻيون شايع ٿيون هيون. پرنسپل ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ جي مهرباني ۽ اجازت سان ڪاليج جي هڪ هال اندر 'سنڌي سرڪل' جي بيٺڪ ۾ هرهڪ ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي يا ڪويتا پڙهندو هو. پڙهڻ کان پوءِ ان تي ڪڙي نقطه چيني ٿيندي هئي. ساراهه جون سُرڪيون به پيئبيون هيون، ليڪن سڄو وايومنڊل دوستي جو هو. ماحول ۾ محبت ۽ رواداري هئي، انهيءَ ۾ دغا، دولاب ۽ خوشامد کي ڪابه جڳهه ڪانه هئي. اها هئي ترقي پسند ادب جي شروعات. خيالن جي ڏي وٺ کُليل دل سان ٿيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ پريمچند، ڪرشن چندر، اُپندر ناٿ اشڪ، سعادت حسن منٽو، راجندر سنگهه بيدي، ديوندرناٿ ستيارٿي، سجاد ظهير ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن جا ڪتاب چاهه سان پڙهيا ويندا هئا. "سنڌي سرڪل" جي هڪ بيٺڪ ۾ سُجهاءُ آيو ته سنڌيءَ ۾ اصلي لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب ڇپايو وڃي. اُنهيءَ

جو بار گوبند مالهيءَ پنهنجن ڪلهن تي کنيو. هن سنڌي ادب جون نج سنڌي ڪهاڻيون گڏ ڪري ترقي پسند اديبن طرفان هڪڙو ڪتاب شايع ڪيو. ڪتاب جو نالو آهي "ريگستاني ڦول" (Flower of Desert) انهيءَ ۾ اياز جي ڪهاڻي آهي. ٻئي ڪهاڻي رام جي آهي. ڪهاڻي جو نالو آهي "جعفر بيلدار." سنڌ جي ترقي پسند ادب جو پهريون ڪتاب "ريگستاني ڦول" آهي. انهيءَ زماني ۾ ڪتاب جي سمالوچنا انگريزيءَ ۾ شيوڪ ڀوڄراج ڪئي هئي، جيڪا آرٽيڪل بمبئيءَ جي روزاني اخبار "بمبئي ڪرانيڪل" ۾ شايع ٿي هئي.

ساوتري پڇيو تہ "اياز ڪهڙا ڪتاب پڙهندو هو؟"

رام جواب ڏنو، "عام طرح هن جي مٿان ايم.اين.راءِ ۽ ٽراٽسڪي جي ڪتابن جو اثر هو، پر پوءِ مٿين سنگت ۾ اچڻ کان پوءِ ٻيا ڪتاب بہ پڙهندو هو. مثال طور:

1- Soviet Communism New Civilization by Sydney and Webb.

2- Ten Days that Shook the world.

3- My Autobiography by Jawaharlal Nehru.

4- Experiments with Truth by M.K.Gandhi.

5- Lady Chatterly by D.H.Lawrence.

6- Man and Superman by Bernard Shaw.

7- Oil by Upton Sinclair.

8- Jungle by Upton Sinclair.

9- Grapes of wrath by Jhon Steinback.

انهن مان ڪجهہ ڪتاب حشو ڪيولراماڻي ڏيندو هو ۽ ڪجهہ ڪتاب منگهارام ملڪاڻي وٽان ملندا هئا ۽ ڪجهہ ڪتاب ڪاليج جي لئبرريءَ مان هٿ ڪيا هئا. ان ڪانسواءِ الڊس هڪسلي ۽ رومين رولانڊ ۽ ٽيگور جا ڪتاب بہ پڙهندا هئاسين."

اياز جون ڳالهيون ٻڌي ساوتريءَ جي چهري تي مُرڪ اچي ويئي. هن جي دل گدگد ٿي پيئي. باغ ۾ گهمندي گهمندي ڳالهہ ڪيائين تہ "اها اسان سنڌين جي بدقسمتي آهي جو اسان اياز جهڙي املهہ هيري جو نہ صرف مناسب ۽ جوڳو قدر نہ ڪيو آهي، بلڪ انتر راشٽري سطح تي ڪيس روشناس ڪرائڻ ۽ سندس مهانتا مڃائڻ لاءِ بہ ڪو واڪاڻ جهڙو قدم نہ کنيو آهي. اياز ٻڙ جي وڻ وانگر گهاٽو، گهرو ۽ وشال ساهتڪار آهي. تنهن تہ اٿين ڪپي تہ هن مهان ڪويءَ جي مجتا طور ڪيس انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري، مٿس سيمينار ۽ سمپوزيم ڪوٺائي، مقالا ۽ مضمون لکي، سندس فن ۽ ڪويتائن کي اجاگر ڪري، ڌرتيءَ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ ڦهلايو وڃي. سندس ذات ۽ لات کي دائمي قدرن جي حوالي سان. وڏ کان وڏ ماڻهن تائين رسائيءَ جو موقعو ڏنو وڃي. ائين ڪرڻ سان سنڌ ۽ سنڌين جو شان وڌندو. اهڙي ڪاريہ لاءِ "ڀارت-سنڌ اياز فائونڊيشن" ناهيو وڃي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪروڙ روپين جو سرمايو ڪٺو ڪيو وڃي. سنڌي هٿ جا سخي آهن. فڪر ۽ غم جي غبار کان بنهہ خالي سدائين پيا ٻهڪندا ۽ ٽڙندا ۽ ٺهڪ ڏيندا، جڻ لکن جي لاٽري ملي اٿن. سڄو ڏينهن ڏاند وانگر ڪم ڪندا. رات جو سُومر رس جي بوتل ڪڍي، بہ ڍُڪ پي وٺندا. صبح جو وري وڃي ڪم تي لڳندا. اسپتالن، ڪاليجن ۽ ڌرم شالائن ٺهرائڻ ۾ اڳي کان اڳرا. شينهن جهڙي دل رکي دان ڪندا، پر سنڌي ساهت کي واهر ڪرڻ ۾ پيا ڪيٻائيندا. پنهنجو پلاند ڇڏائيندا. انهيءَ هوندي بہ اسان کي اميد آهي تہ 'ڀارت- سنڌ اياز فائونڊيشن' لاءِ هو پنتي نہ پوندا."

ساوتري ائين چئي خاموش ٿي ويئي. اياز جون ڳالهيون پوريون ٿيون. ڀارت جا پکي ۽ پرندا، گل ۽ ڦل آڪاس، چنڊ، ستارا ۽ سمنڊ بہ خوشيءَ ۽ آنند ۾ اچي، ها ۾ ها ملائي رهيا هئا.

سيد امام المتقين راشدي

# چانڊڪي پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جا يادگار

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙن جو دؤر تعمير ۽ ترقيءَ جو جديد دور ليکيو وڃي ٿو. سڄي سنڌ ۾ ڪلهوڙن پنهنجا يادگار، عاليشان مسجدن، مقبرن ۽ واهن جي صورت ۾ ڇڏيا آهن. سنڌن اهم يادگارن جو ڳڙهه لاڙڪاڻو، دادو، نواب شاهه ۽ حيدرآباد ڏسجن ٿا. هن ئي دؤر ۾ عمارت سازي، نقش نگاري ۽ خطاطيءَ جهڙن اهم فنن هڪ نئين دور ۾ پير پاتو.

سنڌ کي باقاعدي سنوارڻ ۽ خوشحال بڻائڻ ۾ ڪلهوڙن حڪمراننڀرپور ڪردار ادا ڪيو. هنن جو سڀ کان وڏو ۽ اهم ڪارنامو آبپاشيءَ جو نظام قائم ڪرڻ آهي، جنهن سان سنڌ ۾ "زرعي انقلاب" اچي ويو ۽ سنڌ جي ماڻهن جي زندگي خوشحال ٿيڻ سان گڏ، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طور تي به سنڌ منظم ۽ مستحڪم بڻجي وئي.

ڪلهوڙن کي سنڌ سان ذاتي محبت هئي ۽ انهيءَ محبت جي قيمت به کين ڏاڍي ڳري ادا ڪرڻي پيئي. هنن سنڌ لاءِ شاندار جدوجهد سان گڏ وڏيون جنگيون به لڙيون ۽ شهادت به ماڻي. هنن کي قبيلن کي اگر تنگ به ڪيو، ته ان جي پنيان ڪي سبب به هئا. انهيءَ جي باوجود ڪلهوڙن جي سنڌ لاءِ ڪيل مثالي جدوجهد ۽ خدمتن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سنڌ جي چانڊڪي پرڳڻي (موجوده لاڙڪاڻو ضلعو) کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي. هنن پنهنجي سياسي جدوجهد ۽ زمينداريءَ جي شروعات به هتان کان ئي ڪئي. نه صرف ايترو پر ڪلهوڙن سڀ کان اول چانڊڪي پرڳڻي ۾ آبپاشيءَ جو جديد نظام رائج ڪيو، جيڪو آبپاشيءَ جي بهترين نظامن ۾ شمار ٿئي ٿو، جنهنڪري هي علائقو خوشحاليءَ جي هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي ويو.

چانڊڪي پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن پنهنجا اڻ مٽ نقش مختلف يادگارن جي صورت ۾ ڇڏيا آهن، جيڪي هڪ طرف سنڌ جي تاريخ تي ڀرپور مواد فراهم ڪن ٿا ته ٻئي طرف سنڌ جي ثقافت جو خوبصورت نمونو به پيش ڪن ٿا. هيٺ چانڊڪي پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جي اهم يادگارن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

**چانڊڪو پرڳڻو:**

سترهين صديءَ ۾ بکر سرڪار اٺن پرڳڻن تي مشتمل هئي. جن ۾ پنج پرڳڻا ڪاڪڙي، دربيلو، ماڇيلو، اروڙ ۽ لڏوڳاگن درياهه جي کابي پاسي روهڙيءَ طرف هئا. ۽ ساڄي پاسي جيڪي ٽي پرڳڻا هئا، انهن ۾ جنوئي پرڳڻو، چانڊڪو ۽ ٺَکر پرڳڻو شامل هئا. چانڊڪو پرڳڻو بکر سرڪار جو وڏي

۾ وڏو پرڳڻو هو، جنهن جي اوپر ۽ ذڪڻ ۾ سنڌو درياهه ۽ گھاٽا ٻيلا ۽ اولهه ۾ واريا سا پٽَ ۽ ڪيرٿر جا پهاڙي سلسلا موجود هئا.

تاريخ جي واضح اشارن مان معلوم ٿئي ٿو ته "چانڊڪو پرڳڻو" سمن جي دؤر ۾ موجود هو، جيڪو شروع کان ئي چانڊين جو ڳڙهه رهيو آهي ۽ مٿس اهو نالو به چانڊين جي گھڻائيءَ سبب پيل آهي. مولائي شيدائي لکيو آهي ته "چانڊين جي پهريائين ناڙيءَ تي رياست هئي، پوءِ سنڌ جي اتر الهندي ۾ چانڊڪا رياست قائم ڪيائون." (١)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب ان جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته، "ڄام ننڊو پنهنجي قابل سپه سالار دريا خان جي هٿ هيٺ شاهه بيگ ارغون کي شڪست ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر چاڙهي موڪليو.. انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي واري پرڳڻي ۾ چانڊين جي سرداري هئي. چانڊين جي سردار سريمڻ خان دريا خان جي فوجي مدد ڪئي، انهيءَ ڪري شاهه بيگ ارغون کي شڪست آئي. هن ويڙهه ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ سلطان محمود مارجي ويو، انهيءَ ڪري دريا خان، سريمڻ خان چانڊيي تي تمام گھڻو راضي ٿيو ۽ کيس وڏي جاگير انعام طور ڏنائين. اهڙيءَ طرح لاڙڪاڻي واري علائقي تي 'چانڊڪا پرڳڻو' نالو پئجي ويو." (٢)

شروع کان ئي هن پرڳڻي ۾ ابڙن، ماڇين ۽ چانڊين جي اڪثريت هئي. ماڇين جو گذر سفر ڊنڍن وغيره تي هو. زمينن جي آبادي ابڙا ڪندا هئا، جن جو گذران ٻني ٻارو ۽ چوپايو مال هو. جڏهن ته چانڊيا پڻ ٻنيون آباد ڪندا هئا ۽ اهو ئي سبب هو جو هنن جا ابڙن سان پاڻيءَ جي معاملي تي اڪثر جهڳڙا ٿيندا رهندا هئا. چانڊين جي اهڙين ارهه زورين تي ابڙن ڪنهن ٻاهرين طاقت لاءِ واجهايو. ابڙن جي چڳي مڙس ڪبڙ خان، بکر مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کي وني اچي هن پرڳڻي جي "هٺڙي علائقي" ۾ رهايو. آدم شاهه پنهنجي بزرگيءَ جو ڏاڪو ڄمايو. ڪيترائي قبيلا سندس مريد ٿيا، جن ۾ چانڊيا به شامل هئا.

ميان آدم شاهه جو دؤر ١٥٢٠ع کان ١٦٠٠ع آهي. گمان آهي ته هو ١٥٨٠ع ڌاري چانڊڪي پرڳڻي ۾ آيو هوندو، ڇو ته ڪلهوڙا ايستائين غير معروف ڏسجن ٿا. جڏهن ميان آدم شاهه بکر مان نڪري چانڊڪي پرڳڻي ۾ آيو، تڏهن هن خاندان پنهنجي سياسي حيثيت مڃرائي ۽ سياسي طور مستحڪم ٿيو.

جڏهن اڪبر بادشاهه مرزا عبدالرحيم خان خانان کي سنڌ جي هيٺين علائقن ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال کي درست ڪرڻ ۽ ٺٽي جي حاڪم مرزا جاني بيگ کي سبڪ ڏيڻ جي لاءِ روانو ڪيو، تڏهن هُو مختلف علائقن مان بزرگن کان فتح جون دعائون گھرائيندو، چانڊڪي پرڳڻي ۾ آدم

(١) جنت السنڌ: ص- ٣٩٨. (٢) "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو": ص- ٦-٧، سال ١٩٨٤ع.

شاهہ کان پڻ فتح جي دعا گهرائي اڳتي وڌيو. مرزا خان خانان ’چاندڪو پرڳڻو‘ ميان آدم شاهہ کي ١٥٩٢ع ۾ جاگير طور لکي ڏنو، جنهن سان چاندين جو زور ٽٽو.

**ميان دائود جي مزار:**

ميان دائود بن ميان آدم شاهہ جو دؤر خاموشيءَ وارو ڏسجي ٿو. هُو ننڍپڻ ۾ مَسندَ تي وينو، پر حڪومت جو ڪاروبار آغا شاهہ محمد ڪوتوال هلائڻ لڳو. هُن ننڍيءَ عمر ۾ ئي وفات ڪئي. تاريخون پڻ ميان دائود جي ڄُربُر، وفات ۽ مدفن تي خاموش آهن. ميان آدم، ميان دائود ۽ ميان الياس، تنهي جو مرڪز ’ هنڱڙي‘ ڏسجي ٿو. روايتن موجب سندس مزار ميان الياس محمد جي مقبري جي ٻاهران هڪ ٿلهي تي ٻين قبرن سان گڏ واقع آهي.

ميان الياس جي مقبري جي ڏکڻ اوپر ڪنڌ تي لاڳيتو هڪ ٿلهو آهي جنهن تي پنج قبرون آهن. چار زبون ٿي چڪيون آهن. اوپر کان چوٿين نمبر قبر، چڱي حالت ۾ آهي ۽ ان تي پَڙ بہ پيل آهي. مقامي روايتن موجب اها قبر ميان دائود جي آهي. اسان جي خيال ۾ ميان دائود جي مزار اهائي آهي، جنهن جي تصديق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ غلام محمد لاکو پڻ هن تاريخي ماڳ جي مشاهدي کان پوءِ ڪري چڪا آهن.(١)

البت اهو سوال توجهہ طلب آهي تہ سندس فرزند ميان الياس جي مزار تي قبو تعمير ٿيو ۽ پيءُ تي چو نہ؟ ممڪن آهي تہ ٻنهي جي مزارن تي مقبرن تعمير ڪرڻ جو پروگرام هجي، پر ميان الياس جي مزار تي مقبرو جُڙي سگهيو ۽ ميان دائود تي نہ، ۽ ميان غلام شاهہ هي جهان ڇڏيو هجي. يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ميان دائود جي پيٺ ۾ ميان الياس جو ڪردار ٿورو گهڻو مزاحمتي ۽ پنهنجي خاندان جي نالي روشن ڪرڻ وارو رهيو آهي.

**ميان الياس محمد جو مقبرو:**

ميان الياس بن ميان دائود پيءُ جي وفات کان پوءِ گاديءَ تي وينو. هُو پنهنجي ڏاڏي (آدم شاهہ) جيان خداداد صلاحيتن جو مالڪ هو. کيس خانداني رتبي ۽ شان و شوڪت کي بحال رکڻ جو گهڻو فڪر هو. هن پنهنجي وڏڙن جون وجايل يا کسيل زمينون ٻيهر حاصل ڪري پنهنجي خانداني روايتن کي برقرار رکيو ۽ مريدن ۾ اضافي سان گڏ اثر رسوخ بہ وڌايو. ابڙن سان خانداني ناراضگي سندس دؤر ۾ بہ جاري رهي. ابڙن پڻ ميان الياس سان مهاڏو اٽڪائڻ پئي چاهيو، پر ميان سان حياتي وفا نہ ڪئي ۽ هو فوت ١٦٢١ع ۾ ٿي ويو. سندس دؤر مات وارو ڏسجي ٿو.

غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ ”’محمد دائود‘ ۽ ’الياس محمد ‘ هڪ ٻئي پنيان ميان آدم شاهہ جا جانشين بڻيا. هي ٻيئي بزرگ مثالي ڏاهپ سان تصادم کان پاڻ بچائي ۽ زميني توڙي مريدي

(١) هن سلسلي ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ سائين غلام محمد لاکي سان روبرو ڳالهہ بولهہ ٿي.

خادميءَ جي سلسلي کي وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيا." (١)

مِيان الياس محمد جي مزار هنڙيءَ واري علائقي (تعلقو ڏوڪري) جي ڳوٺ 'مجاوَر' ۾ آهي.



مٿس عاليشان مقبرو تعمير ٿيل آهي، جيڪو ميان غلام شاهه ڪلهوڙي سن ١٧٧٤ع ۾ جوڙايو هو. هي مقبرو ڪشادو ۽ سهڻو آهي. اندران خوبصورت چِٽسالي ۽ گُلڪاري ٿيل آهي. اندر مقبري ۾ ٽي مزارون آهن، جن مان وڏي مزار ميان الياس جي ۽ ٻيون سندس عزيزن يا اميرن جون ٻڌايون وڃن ٿيون.

مولانا غلام رسول مهر کان وٺي اڄ تائين سڀني تاريخدانن، ميان الياس محمد جي مزار "گهاڙ واهه" جي ڪناري تي ڄاڻائي آهي، جيڪا درست نه آهي. اصل ۾ سندس مزار تعلقي ڏوڪري جي باقراڻي ڳوٺ جي اوڀر طرف ڳوٺ "مجاوَر" ۾ واقع آهي، جنهن وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هڪ تاريخي قبرستان به موجود آهي، جنهن ۾ ڪيترائي فقير ۽ امير آرامي آهن.

**ميان مينگهو فقير:**

مينگهي فقير جو شمار، ميان الياس محمد جي خاص فقيرن ۾ ٿئي ٿو. هُو اصل ۾ 'هندو' هو. سندس مزار تي مقبرو جڙيل هو، جيڪو هينئر ڪافي ڊهي ويو آهي. موجود فقيرن ان مقبري کي ڪمري جي صورت ۾ تعمير ڪرايو آهي. سندس مزار ميان الياس جي مقبري جي ٻاهران (ڳوٺ مُجاوَر) ۾ آهي.

**ميان شاهل محمد جو مقبرو:**

ميان شاهل محمد، ميان دائود جو ٻيو نمبر پٽ هو. وڏي ڀاءُ ميان الياس جي وفات کان پوءِ، سن ١٦٢١ع ڌاري پنهنجي موروثي گاديءَ جو ڌڻي بڻيو. هُو پنهنجي خاندان جو ٻيو فرد هو، جيڪو مغلن جي هٿان شهيد ٿيو. سندس شهادت جو سبب، چانڊڪي پرڳڻي ۾ ابڙن ۽ سانگين سان اُرهه رورايون هو. سندس خاص توجهه زراعت تي رهيو. چانڊڪي پرڳڻي ۾ "گهاڙ واهه" جي نئين سر کوٽائي ڪرائي، هن جيڪو زرعي ڪارنامو سرانجام ڏنو، اهو مثالي آهي. سنڌ جون سڀئي

(١) "واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو" - ص: ٢٩، سال ١٩٩١ع.

تاريخون سندس انهيءَ عمل کي ساراهين ٿيون.

مير علي شير قانع لکي ٿو ته، "لاڙڪاڻي جو گهاڙ واهه ميان شاهل محمد جو کوٽايل آهي." (١)



خانبهادر خداداد خان لکيو آهي ته، "مشهور آهي ته گهاڙ واهه نالي وڏو واهه، جو لاڙڪاڻي وٽان وهي ٿو، ميان شاهل محمد جو کوٽايل آهي." (٢)

ميان شاهل محمد جو سڄو دؤر ويڙهاند وارو رهيو آهي. هڪ طرف هُن زمينن جي آباديءَ لاءِ ڪن قبيلن کان زوريءَ زمينون کسي ۽ ونيون آباديءَ لائق بڻايون ۽ ٻئي طرف اهي ئي قبيلا سندس دشمن ٿي بيٺا، جن ۾ ابڙا پيش پيش هئا.

ابڙا ۽ سانگي ميان شاهل محمد جا مريد به هئا. ابڙن جا سردار جلال خان ابڙو ۽ جام صديق نه ميان جي خاص مريدن ۾ شامل هئا. جڏهن ميان شاهل محمد کانئن زمينون کسي ۽ ونيون پنهنجن پائرن ۽ اولاد ۾ ورهائڻ لڳو، تڏهن هُنن مغلن کان وڌيڪ دشمن ڪلهوڙن کي ڄاتو. پوءِ اهو ئي سبب بڻيو جو ابڙن سردارن سڀ ناتا ٽوڙي ميان سان مهاڏو اٽڪائي جنگ ڪئي. جڏهن ميان سان پُڄي نه سگهيا ته هنن بکر جي مغل فوجدارن وٽ دانهيو. ان سلسلي ۾ بکر جي فوجدار خواجه عبدالواحد کي صورتحال کان واقف ڪيو ويو. خواجه عبدالواحد وڏو لشڪر ساڻ ڪري، جنهن ۾ ابڙا به شامل هئا، ميان سان جنگ ڪئي. پر ميان سان پُڄي نه سگهيو ۽ وڏو تعداد ماڻهن ۽ اڪابرن جو مارائي پڄي وڃي بکر ۾ ساهه پٽيائين. ان کان پوءِ به ابڙن جون دليون ٺڏيون نه ٿيون. ان وچ ۾ بکر جي حاڪم خواجه عبدالواحد کي هٽائي، سندس جڳهه تي نواب شيخ احمد کي بکر جو حاڪم بڻايو ويو. ڪيس مغل شاهي دربار مان ميان شاهل محمد جي قوت کي زير ڪرڻ جون سخت هدايتون مليل هيون. هُن ميان سان فيصله ڪُن جنگ جي تياري شروع ڪئي. ميان صاحب پڻ ڪنهن امڪاني صورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ لڳو. بالآخر نواب شيخ احمد، چاندڪي پرڳڻي ۾ پهچي ويو. ان سڄي پس منظر ۾ ڏسجي ٿو ته هُو ميان

(١) تحفة الڪرام- ص: ٢٥٨-٢٥٧، سال ١٩٥٧ع.

(٢) لب تاريخ سنڌ- ص: ١٣٦، سال ١٩٨٩ع.

سان جنگ ڪرڻ جو سَت ساري نہ سگھيو ۽ اٽڪل ڪري صلح جو سڏ موڪليائين، جنهن کي ميان صاحب پڻ قبول ڪيو. مگر نواب شيخ احمد موقعي کي غنيمت ڄاڻي ميان شاهل محمد کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس سِسي شاهي دربار ۾ موڪلي ڏني. اهو واقعو ١٦٥٧ع ۾ ٿيو. البت تاريخون اهو ٻڌائڻ کان قاصر آهن تہ سندس سِسي ڪٿي دفن ڪئي ويئي. هڪ طرف ميان شاهل محمد جي شهادت سياسي حڪمت عمليءَ جو نتيجو بڻي تہ ٻئي طرف ڪلهوڙا خاندان کي اقتدار ۾ اچڻ جي راهہ ملي ويئي. (١)

ميان شاهل محمد کي "گهاڙ واهہ" جي ڪنڌيءَ تي ٻيڙو چانديو ڳوٺ (تعلقو قمبر) جي اولهہ ۾ دفن ڪيو ويو. سندس مزار تي عاليشان مقبرو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سن ١٧٧۴ع ۾ تعمير ڪرايو. ميان سان گڏ سندس پٽ شاهہ حسن جي مزار بہ آهي. مقبرو ڏاڍو دلڪش ۽ متاهينءَ تي اڏيل آهي. جيڪو پري کان ڏسجي ٿو. چوڏيواريءَ جي اندر مقبرو ساڍا ١۵ فوٽ هم چورس ۽ ٣۵ فوٽ اوچو آهي. مقبري جي ٻاهران وڏو قبرستان بہ آهي، جنهن ۾ ميان جا خاص فقير ۽ اڪابر مدفون آهن.

**چاڪر خان ڪهاوڙ جو مقبرو:**

ڪهاوڙ، ڪلهوڙن جا خاص معتقد ۽ امير رهيا آهن، جن مان چاڪر خان ڪهاوڙ بہ هڪ آهي. هُو ميان شاهل محمد جي خاص فقيرن منجهان هو ۽ مختلف موقعن تي ميان صاحب جو ساٿاري رهيو. سندس مزار مٿان هڪ سهڻو مقبرو جڙيل آهي. جيڪو ميان شاهل محمد واري مقبري جي احاطي کان ٻاهران موجود آهي ۽ خوبصورت ڪلڪاريءَ سان سجيل آهي. مقبري ۾ اندر ٿلهي تي ٽي قبرون آهن، جن مان هڪ چاڪر خان جي ۽ ٻيون سندس اولاد جون چيون وڃن ٿيون. چاڪر خان ڪهاوڙ 'شهدادڪوٽ' ۽ 'گاجي ڪهاوڙ' ۾ رهندڙ ڪهاوڙن جو وڏو آهي.



**شاهہ بهاري جو مقبرو:**

شاهہ بهارو جهنجهڻ ڪلهوڙا دور جو وڏو بهادر ٿي گذريو آهي. هُو ميان نور محمد ڪلهوڙي جو هڪ باصلاحيت فوجي جرنيل هو. سندس

(١) ميان شاهل محمد جي سياسي جدوجهد ۽ شهادت جي تفصيل لاءِ نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾ لکيل، محترم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ جو مقالو، "ميان شاهل محمد ڪلهوڙو ۽ بکر جا مغل نواب. مهراڻ ١٩٩۵/٢ع پڙهڻ گهرجي.

**پير جان محمد ڪلهوڙو:**

تاريخ ۾ نظرانداز ڪيل پير جان محمد جي ڪٽي، ڪلهوڙا خاندان سان ملائي وجي ٿي. روايتن موجب هُو شاهه بهاري جو خاص امير هو. سندس مزار نئين ديري شهر جي اتر ۾ عام زيارت گاهه بڻيل آهي.

**غريب شاهه جو قبرستان:**

غريب شاهه جو قبرستان نئين ديري شهر جي اوڀر ۾ واقع آهي، جيڪو پنجاهه سٺ جريبن تي ڦهليل آهي. هينئر ان قبرستان جو ڪافي حصو قبضا گروپ آباديءَ لائق بڻايو آهي. روايتن موجب هي قبرستان وڏو جنگاهه رهيو آهي، جتي گمنام شهيدن جون مزارون آهن، جن ۾ ڪيترا امير، فقير ۽ سورهيه شامل آهن. جنگ بابت وڌيڪ ڪوبه تفصيل نه ٿو ملي. البت اهو مشهور آهي ته ان جاءِ تي شاهه بهاري جنگ لڙي هئي. هن قبرستان ۾ غريب شاهه نالي بزرگ جي مزار پڻ آهي، جنهن لاءِ چيو وجي ٿو ته هو شاهه بهاري جو ساٿي هو. هن قبرستان کي "شهيدن جو مُقام" به سڏيو وجي ٿو.

**جيوڻ شاهه جو قبرستان:**

جيوڻ شاهه جو تاريخي قبرستان ڪلهوڙا دؤر جي اهم يادگار طور سڃاتو وجي ٿو. هي تاريخي مقام نئون ديرو، رتو ديرو روڊ سان، خانواهه ڳوٺ جي پرسان آهي. چيو وجي ٿو ته هي قبرستان ڪلهوڙن ۽ پناڻن جي وچ ۾ جنگ جو ميدان رهيو آهي. هت ڪيترن ئي جوڌن ۽ ويڙهاڪن جون عاليشان مزارون ۽ مقبرا هئا، جيڪي زماني جي ڏوڙ ميساري ڇڏيا؛ اِج رڳو انهن جا آثار ڏسجن ٿا. هتي ميرڻ شاهه، قادو ڏامراهو، ٻلهڙو ۽ ٻيا جنگي جوڌا آرامي آهن. ميرڻ شاهه، ميان دين محمد ڪلهوڙي جو خاص ساٿي ۽ سورهيه هو. هُن ڪيترين ئي جنگين ۾ حصو ورتو ۽ سوڀارو ٿيو.

**ڪيريلو:**

هي شهر لاڙڪاڻي جي ڏوڪري تعلقي ۾ آهي. هتي هڪ تاريخي قبرستان پڻ آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي ته اهو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ٿيل هڪ جنگي معرڪي ۾ مري ويلن جو آهي. ان ۾ ڪيترائي سورهيه مدفون آهن. اتي هڪ مقبرو به آهي، جيڪو تاريخي نوعيت جو آهي ۽ هن وقت زبون آهي. ان ۾ ڪنهن سورهيه يا امير جي مزار آهي. هن شهر ۾ هڪ قديم مسجد به آهي، جنهن لاءِ روايت آهي ته اها ميان نور محمد ڪلهوڙي جي نهرايل آهي.

**ڪوٽ غلام شاهه:**

ڪوٽ غلام شاهه نالي سان هڪ پراڻو ڳوٺ، قمبر وايا ميرو خان روڊ سان 'هُليا ڳوٺ' کان ٻن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اولهه طرف واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پراڻي قلعي جا ڦٽل نشان موجود

آهن، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ٺهرايو هو. قلعي جي اندر ڪجهہ قبرون بہ آهن، جن لاءِ عجيب غريب روايتون مشهور آهن.

## مددي ڪتاب


١ - تحفة الڪرام- ١٩٥٧ع

٢ - جنت السنڌ - ١٩٩٣ع

٣ - تاريخِ مظهر شاهجهاني-١٩٩٤ع

٤ - تاريخِ سنڌ- ڪلهوڙا دور (اردو) ڀاڱو ١- ١٩٥٨ع

٥ - تاريخِ سنڌ-ڪلهوڙا دور (اردو) ڀاڱو ٢- ١٩٥٨ع

٦- لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو- ١٩٨٤ع

٧ - لاڙڪاڻو صدين ڪان- ١٩٩٥ع

٨ - سنڌ جا قديم آثار- ١٩٩٥ع

٩ - تاريخِ سنڌ- ڪلهوڙا دور (سنڌي) ڀاڱو ١- ١٩٩٦ع

١٠- تاريخِ سنڌ- ڪلهوڙا دور (سنڌي) ڀاڱو ٢-١٩٩٦ع

١١- لُبِ تاريخِ سنڌ - ١٩٨٩ع

١٢- واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو- ١٩٩١ع

١٣- منشور الوصيت - ١٩٦٤ع

١٤- سنڌوءَ جو سفر- ١٩٩٤ع

١٥- جنگ ناما - ١٩٨٤ع

١٦- سنڌ جي اقتصادي تاريخ- ١٩٦٨ع

١٧- تاريخ تمدن سنڌ - ١٩٥٩ع

١٨- خان خانان ناما - ١٩٩٠ع

١٩- پٽ جو شاهہ- ١٩٩٢ع

٢٠- ٽہ ماهي 'مهراڻ' جا مختلف پرچا.


****

تنوير عباسي

# سنڌي شاعريءَ تي ويدانت ۽ صوفي مت جو اثر

تصوف ۽ ويدانت هڪ روش، هڪ رويو يا هڪ لاڙو آهي، جيڪو هر مذهب، فلسفي ۽ شاعريءَ ۾، هر زماني ۾ موجود رهيو آهي. قديم زماني جي مذهبي ڪتابن مان پراڻي عهدنامي (توريت)، چين جي تائو، ويد، گيتا، اپنشد، انجيل ۽ قرآن مجيد ۾ اهڙا لاڙا ملن ٿا.

انسان جڏهن کان سوچڻ شروع ڪيو ته هن کي ڪائنات ۾ "گهڻائي" نظر آئي ۽ سدائين هو ان جي پنيان "هيڪڙائي" (وحدت) جي ڳولا ۾ رهيو. هن پراڪرتيءَ جي هيڪڙائي ۽ خلقيندڙ ۽ خلقت جي هيڪڙائي.

توريت ۾ آهي ته "مان تنهنجي حضور کان ڪاڏي ڀڄندس؟ جي آسمان ڏي ويندس ته تون اُتي به آهين، جي پاتال ۾ ويندس ته اُتي به تون آهين."

تائو جي ڪتاب ۾ آهي: "آسمان ۽ زمين جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ 'هڪ' وجود هو، جيڪو صورت ۽ مادي کان سواءِ موجود هو. اهو هر جاءِ تي جاري ۽ ساري آهي. اسان ان کي ڪائنات جي هر شيءِ جو سرچشمو چئي سگهون ٿا. اهو ڪائنات آهي. اسان ان جي نالي کان واقف ناهيون، پر ان کي 'تائو' جي عارضي نالي سان سڏيندا آهيون."

انهيءَ ئي 'تائو' جي ڪتاب ۾ اڳتي آهي:

"هن دنيا ۾ ان جو مثال ائين آهي جيئن نديون، درياهه ۽ سمنڊ سان ملي وڃن ٿيون."

ويد ۾ آهي: "تت توم اسي."

"سڀ ڪجهه هو آهي" ساڳيا لفظ: "همه اوست"

"اهم برهما اسمي"

("مان برهما آهيان.")

ٻئي هنڌ آهي: "ايڪو اهم بهو سامي."

("هڪ آهيان، گهڻا ٿيڻ ٿو چاهيان.")

گيتا ۾ آهي: "جنهن به رستي کان ايندؤ، مون ڏانهن ئي ايندؤ."

انجيل ۾ حضرت عيسيٰ چيو:

"جنهن مون کي ڏٺو، اُن منهنجي پيءُ کي ڏٺو."

"مان هن ۾ آهيان، ۽ هو مون ۾ آهي، هو ۽ مان هڪ آهيون."

اُپنشد ۾ "تخليق جو نغمو" هيئن ٿو چوي: "جڏهن وجود به نه هو ۽ علم وجود به نه هو،

جڏهن دنيا نه هئي، آسمان نه هو، جڏهن سڀڪجهه غبار ۾ لڪل هو، تڏهن انهي اونهيءَ اونده ۾ ڇا هو؟"

"جڏهن موت به نه هو ۽ امرتا به نه هئي، جڏهن رات ڏينهن کان ڌار نه هئي، تڏهن هڪ هستي جمود ۾ تڙپي رهي هئي، جنهن کي پنهنجي ذات جو شان هو ۽ ان کان سواءِ ڪنهن به ٻي شيءِ جو وجود نه هو."

اُپنشد ۾ آهي "اها آتما، ڇُرڻ کان سواءِ ٿي من کان وڌيڪ تيز آهي. هڪ جاءِ تي بيٺل هجڻ جي باوجود هوءَ انهن کان اڳ ٿي ڪڍي، جيڪي ڊوڙن ٿا. هوءَ ڇُرندڙ به آهي ته اڻ ڇُرندڙ پڻ. هو هرڪنهن جي اندر به آهي، ته هرڪنهن کان ٻاهر پڻ. هوءَ سڀني هستين کي پنهنجي پاڻ ۾ ڏسي ٿي ۽ پنهنجي پاڻ کي هر هستيءَ ۾ ڏسي ٿي."

هاڻي ڪجهه قرآن مجيد مان.

- "ونحن اقرب اليه من حبل الوريد. ("اسان توهان کي ڪنڌ جي رڳن کان به ويجها آهيون.")
- "فاينما تولّوا فثمّ وجه الله" ("جنهن طرف به منهن ڪريو، الله جو منهن آهي.")
- "وفي انفسڪم أفلا تبصرون" ("هو توهان ۾ آهي، ڇو نه ٿا ڏسو.")

فلسفي تي اچو ته قديم يوناني فيلسوف هيراڪليٽس چيو آهي ته، "سڀ شيون 'هڪ' مان نڪرن ٿيون، ۽ سڀني شين مان 'هڪ' نڪري ٿو." ايڪهارٽ کي صوفي فيلسوف سڏيو ويندو آهي. شوپنهار، اسپنوزا ۽ برگسان صوفياڻن خيالن وارا آهن.

هند جو فيلسوف شنڪر آچاريه صوفي آهي. مغربي شاعرن مان بليڪ، ورڊسورٿ، شيلي، بائرن ۽ ڪولرج وٽ صوفياڻا خيال ملندا.

بليڪ چيو: "اسان ڇو ڏڪندا خدا کي سڏيندا وتون. پاڻ کي ڇو نه سڏيون، جن جي اندر ۾ خدا وسي ٿو."

ورڊسورٿ چيو: "جيڪي مون ڏٺو، ائين لڳو، ڄڻ منهنجو پنهنجو پاڻ هجي."

ڪولرج چيو: "ها، منهنجي حياتيءَ ۽ حياتيءَ جي لڪل خوشيءَ منهنجي پڪڙجندڙ روح ڪنهن سگهاري روحاني منظر کي ويڙهي ڇڏيو، ۽ ان ۾ رچي ويو ۽ پنهنجي فطري صورت ۾ آسمانن ڏانهن وڌندو رهيو."

شيلي چيو: "هو سونهن آهي، جنهن ۾ سڀ شيون رهن ۽ هلن ٿيون. هر پيهي ٿو وڃي ۽ سڄيءَ ڪائنات کي پنهنجي پيار ۽ سونهن سان ڀري ٿو ڇڏي."

فرانسيسي شاعر بودليئر چيو: "مان ئي خنجر آهيان، ۽ مان ئي گهاءُ آهيان."

ترڪيءَ جي شاعر يونس ايمري چيو: "محبوب جو پيار ئي منهنجو جنون آهي. منهنجي ٻيائي

هاڻي ختم ٿيڻ گھرجي، ۽ هاڻي مون کي ۽ خدا کي ڌار ڌار رهڻ نه گھرجي."

اجا به جي تحقيق ڪبي ته دنيا جي هر ٻوليءَ جي عظيم شاعريءَ ۾ تصوف ۽ ويدانت جا لاڙا ملندا. جيستائين "اسلامي تصوف" جو تعلق آهي ته اهو برابر سنڌ ۾ ٻاهر کان آيو، پر اهڙا لاڙا، سنڌ ۾ اڳي ئي "ويدانت" جي صورت ۾ موجود هئا. تصوف جي اوائلي ڪتاب "اللمع" ۾ لکيل آهي ته "بايزيد بسطامي چيو ته هڪ سنڌي نئين مسلمان ابوعلي سنڌيءَ مون کي هيڪڙائي (وحدانيت) سيکاري، ۽ مون هن کي اسلام سيکاريو." مشهور صوفي شهيد منصور حلاج جي باري ۾ فرينچ اسڪالر لوئي ماسينون لکيو آهي ته هو هندستان ۾ به آيو. اسلامي تصوف تي، هند جي ويدانت جو اثر هڪ تاريخي حقيقت آهي. ڊاڪٽر محمد حسن "هندي ادب کي تاريخ" ۾ لکيو آهي ته هندي ادب ۾ "نرگن واد" "جي تحريڪ اسلام جي اچڻ کان پوءِ شروع ٿي، ليڪن اهي لاڙا ويدن ۾ اڳ ۾ ئي هئا.

"يجرويد" ۾ آهي ته "ڀڳوان جي ڪابه صورت نه آهي."

قرآن مجيد ۾ آهي: "ليس ڪمثله شيئاً."

( "هن جهڙي ڪابه شيءِ نه آهي." )

ساڳيو ويد چوي ٿو:

( "هو ڄاول ناهي، ۽ ڄڻ جهڙو ناهي." )

قرآن مجيد چوي ٿو: "لم يلد ولم يولد."

( "نه هو ڄائو آهي، نه هو ڄڻندو آهي." )

آلفريڊ ٽوائن بي (Toynbee) پنهنجي ڪتاب "Historians Approach to Religion" (جيڪو هن دنيا جي تاريخ جي ضخيم جلدن لکڻ کان پوءِ لکيو، ۽ جنهن لاءِ لکيو اٿائين ته اهو سندس دنيا جي تاريخ جي اڀياس جو نچوڙ آهي.) ۾ لکي ٿو ته "اهڙيءَ ريت، سڀئي ست مذهب هڪ ئي آواز ۾ ڳالهائن ٿا، سڀئي مذهب هڪ ٻئي سان (Absolute Reality) (ازلي سچ) جي باري ۾ سهمت آهن ۽ ان ڳالهه کي قبول ڪن ٿا ته (Absolute Reality) (ازلي سچ) کي هڪ غير شخصي (Impersonal) پهلو آهي. ٻڌ مت لاءِ اهو آهي 'نرواڻ'، زردشتين لاءِ اهو آهي 'اهر مزد' جون تجريديk خاصيتون، ۽ صيهوني مذهبن يهوديت ۽ عيسائيت ۽ اسلام لاءِ اهو صوفين جو (Experience) آهي.

هاڻي اچون ٿا مغربي فيلسوفن تي:

ايڪهارٽ چيو: "جيڪڏهن هڪ به جملو منهنجي زبان مان نڪتو، جنهن حقيقت بيان ڪئي ته انسان خدا جي عشق جي نشي ۾ چور ٿي پاڻ خدا ٿي ويندو، ته توهان مون کي سنگسار ڪري ڇڏيندؤ."

ارسطو لکيو: "هو مڪمل طور تي مڪمل آهي، انڪري هو ڪنهن بہ شيءِ جي خواهش نٿو ڪري، انڪري هو ڪجهہ بہ نٿو ڪري. هن جو هڪڙو ئي ڪم آهي تہ بستين جي روح تي ڌيان ڏئي چو تہ هو پاڻ ئي سڀني شين جو روح آهي. هو سڀني شڪلين جي شڪل آهي، هن جو سمورو ڪارج آهي پنهنجي پاڻ تي ڌيان ڏيڻ." هو وڌيڪ چوي ٿو تہ "خدا دنيا کي ائين ٿو هلائي، جيئن ڪو معشوق پنهنجي عاشق کي هلائي."

جرمن فيلسوف اسپنوزا لکيو: "مان چوان ٿو تہ سڀڪجهہ خدا آهي. هر شيءِ خدا ۾ ٿي رهي، ۽ ان ۾ ئي ٿي هلي چلي." هن وڌيڪ لکيو: "هيءُ حقيقي شين ۽ صورتن جي ڪائنات خدا لاءِ ائين آهي، جيئن هڪ پُل پنهنجي دزائين (رٿا) لاءِ هجي. ان جي جوڙجڪ ۽ رياضيءَ ۽ ميڪانڪيءَ جي اصولن، جن سان ان کي جوڙيو ويو آهي، اهي ان جي وجود جا بنياد آهن. انهن کان سواءِ اها ڊهي پوندي، ان پل وانگر، دنيا بہ ان جوڙجڪ ۽ اصولن سان ٻڌل آهي ۽ اهي خدا جي هٿ ۾ آهن."

فرانسيسي فيلسوف برگسان لکيو: "هو اڻ کٽندڙ حياتي، عمل ۽ آزادي آهي. تخليق، جنهن جو اهڙيءَ ريت تصور ڪجي، ڪو اسرار نہ آهي. اسان کي پاڻ ان جو احساس ٿئي ٿو، جڏهن اسان آزاديءَ سان عمل ڪريون ٿا."

اسپنوزا ۽ برگسان تي فلسفي جو اثر هو.

آمريڪا کي "قومن جي ڪُناري" (Melting Pot of Nations) چيو ويندو آهي. سنڌ کي "مذهبن جي ڪُناري" (Melting Pot of Nations) چئجي تہ صحيح ٿيندو. ويدانت ۽ تصوف جي اثر هيٺ، سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪي ٿمورتيءَ، شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جو اپياس ڪبو تہ اهو ظاهر ٿيندو، تہ هنن وٽ رواجي ۽ ظاهري مذهب پنهنجي معنيٰ وڃائي ٿو ويهي، ۽ هو "همہ اوست" يا "وحدت الوجود" ۾ سڀ تعصب ٻوڙي ڇڏين ٿا. سنڌ تي ٻڌ مت وارن، ٿوري وقت لاءِ برهمڻن، مسلمانن ۽ عيسائين جون حڪومتون رهيون آهن. تاريخ ۾ تمام ٿوري وقت لاءِ اهڙا دور آيا آهن، جن ۾ تعصبي حڪومتون رهيون آهن. عام طرح سنڌ ۾ سهپ، رواداري ۽ ڪشاده دليءَ جو ئي اثر رهيو آهي، ۽ صوفين توڙي ويدانتين جي اثر هيٺ سنڌ ۾ پيار، محبت، امن ۽ سلامتيءَ واريون حالتون رهيون آهن، ۽ سڄي ننڍي کنڊ ۾، سنڌ ئي اهڙو علائقو آهي، جتي مذهبي روادريءَ جي سببان گهٽ ۾ گهٽ فساد ٿيا آهن، ۽ گهٽ ۾ گهٽ انساني جانيون ضايع ٿيون آهن.

شاهہ لطيف کان اڳ وارن شاعرن، قاضي قادن، شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري ۽ ميين شاهہ عنات جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي. شاهہ عنات وٽ جوڳين جو ذڪر ڪجهہ تفصيل سان آهي، پر شاهہ لطيف وٽ جوڳين تي بہ سُر آهن: هڪ پورب ۽ ٻيو رامڪلي. شاهہ لطيف جا سڀئي سوانح نگار ان ڳالهہ تي سهمت آهن تہ شاهہ لطيف جوڳين جي صحبت ۾ رهيو. انهن سان پيرين پيادو هنگلاج،

لاهوت لامڪان ۽ جهوناڳڙهه تائين سفر ڪيائين. اسلام پورب کان نہ آيو، پر پڇم کان آيو، پر شاهه لطيف لکيو سر پورب، جتان اهي جوڳي ايندا هئا.

پورب مارياس، ڪنهن کي ڏيان دانهڙي.

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

پوربيا پوري وئا، آسڻ اڄ صبوح،
ڪستوري خوشبوءِ، آهي آديسين ۾.

شاهه لطيف ٻنهي مذهبن جي ظاهر پرستن کي نندي ٿو. مسلمانن کي چوي ٿو:

اِن پر نہ ايمان جئن ڪلمہ گو ڪونائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

هندوءَ کي چوي ٿو:

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوناءِ،
هِندو هڏ مَ آهيين، جَٽيو تو نہ جُڳاءِ.

-

گولا جي گراهہ جا، جُونا سي جوڳي،
قتل او قوڳي، جنين سانڍيو شڪم کي.

هن وٽ 'نات پنٿ' جي مسلڪ جو اهڃاڻ پڻ ملي ٿو:

لنگ ڪڍيائون لانگ، موٽي ڪن م مسحو،
جا اسلامان اڳي هئي، سا سٽيائون بانگ،
سڀ وڃائي سانگ، گڏئا گورکنات کي.

گرو گورکنات، نات پنٿ جو پايو وجهندڙ هو، ۽ مهاتما ٻڌ جو ٻتيهون بجرياني سَڌ هو. شاهه لطيف جوڳين جي صحبت ۾ پيرين پيادي سالن جا سال گهميو، ۽ ڪانئن نات پنٿ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪئي.

شاهه لطيف وٽ هندو مذهب جي ديومالا مان ڪيترائي اهڃاڻ (Symbols) ملندا. هو سناسين جي مونن کي طورسينا ٿو چوي. اهو طورسينا، جنهن جبل تي حضرت موسيٰ الله سائين جو جلوو ڏٺو هو.

مونا طورسينا سندا سناسين،
سجدي ۾ سيد چئي گوڏا گوڏڙين،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ ٿا نانگا ائين نمن.

انهيءَ بيت ۾ قرآن شريف جون ٻيون ٻه آيتون آيل آهن، پر مٿي ڏنل ست ۾ آيت ان ڌاتي جي آهي، جڏهن رسول پاڪ ﷺ جن معراج تي ويا هئا، ۽ الله سائينءَ ۽ سندن جي وچ ۾ فقط ٻن ڪمانن جيترو مفاصلو هو. شاهه لطيف اهو مرتبو سنياسين (جوڳين) جي مونن کي ڏنو ڏئي.

شاهه لطيف رام ڀڳتيءَ مان ٻه واقف هو ۽ شري رامچندر کي ٻه اهڃاڻ طور پيش ڪيو اٿائين:

روح ۾ رهين رام، ٻهر ٻولن ڪي ٻيو،
پيالو پُر ڪري جوپ پيتائون جام،
تهان پوءِ تمام، تن تڪئا تاڪي چڙيا.

هڪ ٻيو بيت آهي:

هر هر ڪن هرنام، ڏون ڏيهاڙي ڏوتيا،
جن نه ريجهايو رام، ناٿ نه نمي تن سين.

اهڙيءَ طرح شاهه لطيف سر رامڪلي، پورب، توڙي سامونڊيءَ ۾ ڪيترن ئي هندو ديومالا جي ڪردارن کي اهڃاڻ طور آندو آهي.

سچل سرمست ته "همه اوست" جو ڪليو ڪلايو پرچارڪ آهي. ان مستيءَ ۾ اچي هڪ جاءِ تي هو هنومان کي به ان ۾ شامل ڪريو ڇڏي ۽ چوي ٿو:

ڪاٿئين احمد بلاميمي ڪاٿئين هنومان.

(يعني ڪٿي ميم کان سواءِ احمد يعني احد (الله) آهي ۽ ڪاٿي هنومان آهي.)

هڪ ٻيءَ ڪافيءَ ۾ چوي ٿو:

ڪاٿئين مغ برهمڻ تون، ڪاٿئين ٻانگ ٻڌائين،
ڪاٿئين منهن محراب ۾، ڪاٿئين تلڪ لڳائين،
ڪاٿئين ممبر واعظي، ڪاٿئين پوٿيون پڙهائين،
ڪاٿئين هنومان ڪوٺائين، ڪاٿئين ڏهيسر ڏسائين،
ڪاٿئين ٿئين رام يا سيتا، ڪاٿئين لڇمڻ لڪائين.

ساميءَ جا هينيان سلوڪ پڙهو:

سامي چئي شريڪ آهي ڪونه الله جو،
ڪيو سڪ سچيءَ سان طالب تحقيق،
چڙهيا عين عرش تي ٿي بيحد باريڪ،
نئنن ڪئون نجيڪ سُتهه ڏسن سپرين.

اڻ هوندي بازي بازيگر برحال کي،
ڪاٿي پير فقير امير ٿيو ڪاٿي شيخ ملان قاضي،
ڪاٿي گرو گسائين گياندان، ڪاٿي حج ڪري حاجي،
ڪاٿي راجا پرجا چوڌري، ڪاٿي مهتو ميانجي.

-

"شهه رڳ کئون نزديڪ" ، سجڻ اٿئي اوڏڙو،
ڪڏي غير اندر مون ڪري ڏس تحقيق،
خاحق ڪرم ڪيڪ سامي چئي سمجهه ري.

مٿئين سلوڪ ۾ قرآن مجيد جي آيت "ونحن اقرب" جو ترجمو آهي:

بنا رب رفيق ڪونهي ڪنهن جو ڪٿهين،
مرشد سان ملي ڪري ڪيو طالبن تحقيق،
ستي پنڊ سامي چئي ٿيا بيحد باريڪ،
نئنن کئون نزديڪ، پيهي ڏنائون پاڻ ۾.

-

ثابت رک صدق الذي عين الاهه تي،
جو سامي سيڪنهين کي رزق ڏئي رازق.
اٿي الس آڪاس جان اندر باهر هڪ،
لنو سان ڪڏي لڪ سنمک ڏسن سورج جان.

-

پڙهي قرآن ڪتاب، قاضي ڪوهه قصا ڪرين،
ملي ونڻ محبوب سان چڏي زور جواب،
متان اوچتي اڙپي ڪريئي ڪال ڪباب،
ٿيندين پوءِ خراب سچ لٿي سامي چوي.

-

ستگر سهج سياءُ ڪيو اپديش انيئي،
رکي ويساهه وچن تي نکي ڪڏ نه پاءِ،
پاڻ ورائي پاڻ ۾ سامي سَمرَ لنو لاءِ،
ته خلق منجهه خداءِ، ڏسن خلق خداءِ ۾.

مٿئين سلوڪ ۾ همه اوست جو فلسفو آهي.

هزارن جي هڪ ڳالهه ٻڌائي ستگرو،
خلق وسي خالق ۾ خالق منجهه خلق،
الٽي ڏس اکين سان سامي رکي سڪ،
ڪوهه چٽين ٿو چِڪَ در در ديوانن جان.

هيءُ سلوڪ به وحدت الوجود جو فلسفو سمجهائي ٿو:

منجهين لوڪ لڪين تون پاڻ ڪرين نه پڌرو،
انئي پهر عجيب جي منجهين سڪ سڪين،
چاڪن منجهه چڪين نه پاڻ ٻنڌني پٽيون.

-

مورک ناهه مذاق لائڻ عشق الاهه سان،
سامي سپيرين جي اٿي سوريءَ تي اوطاق،
سر سٽي سودو ڪري ڪي وجي پهتا پاڪ،
خاڪي ٿئڙا خاڪ نور محل جي نيوَ تي.

-

هڪ چپات هنئين جنهن ڪي عشق الاهه جي،
سو سامي مري نه سورمو ڏنڌا ڍير ڏنئين،
استت ننِدا لوڪ جي، سر تي سپ ڪنئين،
ونئي واٽ سنئين پهتو پورن پد تي.

-

پڙهي ٿيا پرپڪ عاشق اکر انيئي،
رکيائون رهت سان ويڙهي سڀ ورق،
خلق ڏسن خالق ۾، خالق منجهه خلق،
سامي ٿي سيوڪ رهيا ساڌ سنگت ۾.

-

جني خواهش خريد، ٿئي تن عشق الاهه جو،
ائين چون ٿا اوليا سامي سڀ شهيد،
مري جن مرشد ڪون وڏي درشن ديد،
ڪن ايندي عيد، مني نتِ محبوب سان.

-

خلق ۾ خالق، خلق وسي خالق ۾،
ساک ڏني سامي چئي انيئي عاشق،
ڏنو جنھن آڪاس جان ھردو سوڏي ھک،
ميٽي ڦير فرق، ماٽي موج مھت جي.

ھيءُ سلوڪ تہ سڄو سارو تصوف سان ٽمٽار آھي.

جنھن عاشق لايو سچو عشق الاھہ سان،
جيئندي تنھن جھان ۾ سڀ ممت مٽايو،
جاٽي ڪونہ اندر ۾ پنھنجو پرايو،
سامي سمايو جل پپوٽو جل ۾.

-

مومن مسلمان ڪوڙن ۾ ڪو ھڪڙو،
جو واصل وحدت ۾ ڪڍي گير گمان،
نور محل جي نيو تي سيل ڪري سُجان،
تنھن ڪي سڀ جھان، جاٽي دوس خداءِ جو.

-

ٻولي ٻڌائي سنت لڪائن سمتا،
سامي ڏسي ڪو سورمو گھر ۾ گھتائي،
چڙھي ويھي چوڏول تي پورڻ پدُ پائي،
جاڏي واجھائي تاڏي سڄڻ سامھون.

ھن بيت ۾ سامي ”جيڏانھن ڪيان پرک تيڏانھن سڄڻ سامھون“ واري شاھہ لطيف جي بيت کان متاثر ٿيل آھي.

بيحد بيپرواھہ سامي ڏنا ست جن،
رکن نہ رتيءَ جيتري چت ۾ چنتا چاھہ،
چڙھيا انيئہ اچ تي رھت سچيءَ جي راھہ،
جاڏي ڪن نگاھہ تاڏي سڄڻ سامھون.

ساميءَ جي مٿين سلوڪن مان ظاھر ٿئي ٿو تہ ھن کي اسلامي تصوف جي چڱي ڄاڻ ھئي.

الله، خالق، مخلوق، قرآن، ڪتاب، قاضي، وحدت ۽ ٻيا اهڙا لفظ ڪم آندا اٿائين، جيڪي اسلامي تصوف مان آهن. ان ڪان سواءِ ڪٿي ڪٿي شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جو اثر پڻ قبول ڪيو اٿائين.

مٿئين ڏنل اڀياس مان معلوم ٿيندو ته ويدانت ۽ تصوف، هڪ لاڙو آهي، جيڪو بين الاقوامي آهي، جيڪو انساني سوچ جي تاريخ جي شروعات کان وٺي هر مذهب، هر فلسفي ۽ هر شاعريءَ ۾ موجود آهي. اهو لاڙو هند ۽ سنڌ مان ٻاهر ويو ۽ بايزيد بسطاميءَ، منصور حلاج، اسپنوزا، شوپنهار ۽ برگسان وٽ پهتو، اڄ نه اهو لاڙو آهي، جيڪو هن دکيءَ دنيا جي دردن جو درمان آهي.

[ "شاهه، سچل، سامي، - سيمينار" ، بمبئي، ١٩٩٢ع ۾ پڙهيل.]

غلام محمد لاکو

# فارسي ادبيات جي ترقيءَ لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جون ڪيل خدمتون

ويهين صديءَ جي سنڌ جيڪي بہ وڏا اديب، دانشور، محقق، تاريخدان ۽ نقاد پيدا ڪيا آهن، مانواري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو نالو انهن سيني ۾ نهايت نمايان نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جا لکيل، مرتب ڪيل، ايڊٽ ڪيل ۽ جوڙيل ڪتاب پڪ سان هڪ سؤ کان بہ مٿي ٿيندا. انهن ڪتابن ۾ بلوچ صاحب نهايت معتبر ۽ مڃتاڻون اسڪالر ۽ عالم نظر اچي ٿو. ٻولين جي حساب سان مون کي فارسي، عربي، اردو، انگريزي ۽ سنڌي ۾ سندس قلمي پورهيو سُجهي ٿو. هن مختصر مقالي ۾ اسين ڊاڪٽر صاحب جي فارسي علم ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو احاطو ڪنداسين.

سنڌ ۽ ايران صدين کان پاڙيسري ملڪ رهيا آهن. عربن ايران کي فتح ڪيو ۽ اتي اسلام جي پکڙجڻ بعد جڏهن جديد فارسي اسري ۽ نسري نروار ٿي، تڏهن هن زبان عربي رسم الخط قبول ڪيو ۽ ان ۾ شعر و شاعري توڙي تصنيف تاليف شروع ٿي. ايراني ادبيات جو ترت اثر اول سنڌ تي پوندو هو ۽ هندستان تي پوءِ ٿيندو هو. سنڌ ۾ ايراني علم ادب جا چِٽا ثبوت، سومرن جي دور کان ملن ٿا. سمن جي دور ۾ ڪجهہ وڏيڪ شاعرن جا نالا ملن ٿا. جن فارسي زبان ۾ شعر چيو(١). ارغونن جي دور کان وٺي فارسي ٻولي رياستي سرپرستيءَ ۾ آئي. ان طرح فارسي شعر و سخن ڪتابي ذخيرو پلان پل پيدا ٿيو. سنڌ ۾ هن زبان کي سرڪاري پُشتي ميرن جي زوال تائين حاصل رهي. برٽش دور ۾ سرڪاري سهاري کان سواءِ بہ هيءَ ٻولي ڪنهن حد تائين زنده رهي، ۽ ان ۾ شعر و شاعري ۽ تصنيف تاليف ٿيندي رهي. هن دور ۾ ڪراچي مان فارسي اخبارون بہ جاري ٿيون. قيام پاڪستان کان پوءِ پوري ملڪ وانگر سنڌ ۾ پڻ هي ٻولي زوال پذير آهي، جنهن هت ساڍا ٽي سؤ سال دربار، خانقاه ۽ علمي مرڪزن تي راڄ ڪيو. ائين ٿو لڳي تہ ايڪويهين صديءَ ۾ فارسي زبان جي سنڌ ۾ صفائي ٿي ويندي. اسين هِت محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي فارسي ادبيات لاءِ ڪيل خدمتن جو هڪ سرسري جائزو وٺنداسين.

## چچ نامه (٦١٣هہ):

سنڌ ۾ ١٠١٠ع (٤٠١هہ) ڌاري هبارين جي جاءِ تي سومرن جي بادشاهي قائم ٿي. سومرن جي دور بابت ڪو معتبر اپياس نہ هجڻ سبب پڪ سان ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهجي. سومرن جي حڪومت ڪڏهن سمنڊ کان وٺي ملتان تائين قائم ٿيندي هئي، تہ ڪڏهن وري هي بادشاهي لاڙ ۽ سيوهڻ تائين محدود رهجي ويندي هئي. سومرن جا متعدد تختگاهہ هئا ۽ انهن جا ويهن کان بہ وڌيڪ بادشاهہ ٿي گذريا آهن. هي دور ٽن صدين کان بہ وڌيڪ عرصي تي حاوي آهي. سن ٧٣٤هہ ۾ ابن بطوطہ سنڌ ۾ هو، تڏهن هن سومرن خلاف بغاوتون ڏٺيون هيون. سن ١٣٥١ع ۾ سمن چامن پرپور مزاحمت ڪري سومرن جي خاتمو ڪيو ۽ سنڌ ۾ پنهنجي بادشاهت قائم ڪئي.

سنڌ ۾ فارسي ادب ۽ علم جا پڪا پختا ثبوت سومرن جي دور کان ملن ٿا. ناصرالدين قباچہ ٦٠٢هہ ۾ اتر سنڌ ۾ "اچ" کي تختگاهہ مقرر ڪري، پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، جنهن جون حدون بکر تائين هيون؛ باقي سڄيءَ سنڌ تي سومرن جي سرداري جاري رهي. قباچہ جو خاتمو ٦٢٥هہ ۾ ٿيو. ٻن چئن شاعرن جو ڏس پتو ملي ٿو، جن

(١) سنڌ ۽ ايران جي قديم تعلق تي ابتدائي دور جي شاعرن بہ پنهنجن شعرن ۾ روشني وڌي آهي. (سيد حسام الدين راشدي: "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون"، ص ص ١٠٧- ١٠٩، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٩٢ع).

فارسيءَ ۾ شعر چيو ۽ اهي قباچہ جي دربار سان لاڳاپيل هئا. سنڌ جي لاءِ هن دربار جي حوالي سان ٻہ ڪتاب يادگار جي حيثيت رکن ٿا. علي بن حامد ڪوفي فارسي زبان ۾ تاريخي ڪتاب "چچ نامہ" سن ٦١٣هہ برابر ١٢١٦ع ۾ مڪمل ڪيو ۽ محمد بن محمد عوفي ٦١٨هہ برابر ١٢٢١ع ۾ فارسيءَ ۾ شاعرن جو پهريون تذڪرو "لباب الالباب" مرتب ڪيو. سومرن جي دور ۾ فارسي ادب جي تعلق ۾ ٽيون نالو قلندر لعل شهباز جو آهي. هو ٥٦١هہ ۾ مرند (افغانستان) ۾ پيدا ٿيو ۽ سيوهڻ جي شهر ۾ اچي قيام ڪيائين. هت ٻہ سال رهيو هو، جو ٦٧٣هہ ۾ وفات ڪيائين. تذڪرن ۾ قلندر لعل جي فارسي ادبيات جو ذڪر ٿيو آهي. البتہ هن ڏس ۾ ڪا نوس تحقق نہ ٿي آهي، جنهن جي ازحد ضرورت آهي. مغربي نقادن ۽ اسڪالرن جي نظر "لباب الالباب" تي پئي ۽ ان کي ويهين صديءَ جي ابتدا ۾، چندي ڇاپي ايڊٽ ڪري شايع ڪيو ويو. هن ڏس ۾ ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو ١٩٠٣ع ۾ پروفيسر برائون ايڊٽ ڪري لنڊن مان شايع ڪيو. ان بعد وري پهريون ڀاڱو ١٩٠٦ع ۾ علامہ محمد قزوينيءَ سان گڏ ايڊٽ ڪري ڇپرو ڪيائين. هي ٻيئي جلد هڪ جلد ۾ مرحوم سعيد نفيسيءَ جي سعيي سان تهران مان ١٩٥٤ع برابر ١٣٣٥هہ. ش. ۾ شايع ٿيا آهن. سنڌ جي هن خدمت جو ايراني عالمن ۽ محققن ٻہ واشگاف لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي.

قباچہ جي دربار جو ٻيو يادگار ڪتاب "چچ نامہ" آهي. هي ڪتاب اصل ۾ ڪنهن عرب ليکڪ سنڌ جي عرب فتح بابت عربي زبان ۾ لکيو هو. ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪنهن اصل ڪتاب لکيو، ان بابت گهڻي ڄاڻ ميسر ڪانهي. البتہ عربي ڪتاب جو فارسي ترجمو علي بن حامد ڪوفيءَ سن ٦١٣هہ برابر ١٢١٦ع ۾ مڪمل ڪيو ۽ ان کي قباچہ جي وزير جي زنده پٽ عين الملڪ فخرالدين حسين جي نالي منسوب ڪيائين. گمان آهي تہ اصل ڪتاب جو نالو "فتح نامہ سنڌ" هو، فارسيءَ ۾ ترجمو ٿيو تہ "چچ نامہ" سڏجڻ ۾ آيو. ان جو وڏو سبب هي آهي تہ ڪتاب ۾ راجا چچ جو گهڻو ذڪر ملي ٿو. سنڌ جي تاريخ بابت هي پهريون تحريري دستاويز آهي. نہ رڳو اينترو پر سڄي برصغير پاڪ و هند ۾ تاريخ بابت هيءُ پهرين تحريري ماخذ ڏسجي ٿو. ان بعد ئي هن خطي ۾ تاريخي ڪتاب لکجڻ شروع ٿيا. ڪتاب ۾ اسلام کان اڳ جي سنڌ جي ٻن حڪمران خاندانن راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ خاندان جو مفصل احوال ملي ٿو. ان کان علاوه عرب فتوحات جو تفصيلي مواد بہ هن ڪتاب ذريعي حاصل ٿئي ٿو. هن ڪتاب جي لکجڻ سان سنڌ جي تاريخ نويسيءَ جو آغاز ٿيو ۽ پوءِ هر دور جي مؤرخ "چچ نامہ" کي ڏسڻ ضروري سمجهيو. هي سلسلو مير معصوم بکريءَ کان هلي خانبهادر خداداد خان تائين پهتو.

جديد دور شروع ٿيندي ئي "چچ نامہ" جي اهميت اجاگر ٿيڻ لڳي. ايليٽ ١٨٥١ع ۾ هند بابت تاريخ جو خاڪو اٺن جلدن ۾ جوڙيو. جلد اول ۾ هن ڪتاب تي روشني وڌائين ۽ ڪي اقتباس انگريزيءَ ۾ ترجمو بہ ڪيائين. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم "چچ نامہ" کي مڪمل طور تي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جو ١٩٠٠ع ۾ ڪمشنر پريس ڪراچيءَ شايع ڪيو. اڳتي هلي مرزا صاحب ان کي ٻن حصن ۾ سنڌيءَ ۾ بہ ڇپرو ڪيو. ان هوندي بہ علي ڪوفيءَ جي اصل فارسي ترجمي جي اشاعت شدت سان محسوس ڪئي پئي وئي. ان ضرورت تحت ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي صاحب "چچ نامہ" جو فارسي ايڊيشن تيار ڪيو، جنهن کي حيدرآباد دکن جي مجلس مخطوطات فارسيہ سن ١٩٣٩ع ۾ شايع ڪيو. ڊاڪٽر صاحب مقدمي نگاريءَ کان وٺي تعليقات تائين سڄو ڪم فارسي زبان ۾ مڪمل ڪيو هو. سنڌي ادبي بورڊ هن ايڊيشن جي مدد سان "چچ نامہ" جا سنڌي ۽ اردو ترجما ڇپرا ڪيا، ان هوندي بہ علمي دنيا کي هن ڪتاب جي وڌيڪ مستند ۽ معتبر فارسي ايڊيشن جي ضرورت محسوس ٿي.

٧٩-١٩٨٠ع ڌاري حڪومت پاڪستان پندرهين صدي هجريءَ جي آغاز وقت، نيشنل هجره ڪميٽيءَ جي تشڪيل ڪئي، جنهن جو صلاحڪار سنڌ جو هاڪارو عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. هن ڪميٽيءَ موقعي جي

مناسبت سان علمي ڪم ڪرڻ جي رٿا جوڙي. اهڙين رٿائن مان هڪ پراجيڪٽ تحت هند پاڪ جي اسلامي تاريخ ڪي پنجويهن جلدن ۾ پيش ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو. هن اسڪيم موجب پهريون جلد "سنڌ ۾ مسلمانن جي آمد" عنوان سان شايع ٿيڻو هو. هي جلد وري ٻه ٽن حصن ۾ ورهايو ويو: حصو پهريون "چچ نامہ" جو فارسي ايڊيشن، حصو ٻيو ان جو انگريزي ڇاپو ۽ حصو ٽيون ساڳئي ڪتاب جو عربي ڇاپو. ان ريت "فتح نامہ سنڌ" عرف "چچ نامہ" جو جديد فارسي ايڊيشن تيار ٿيو، جنهن کي اسلام آباد جي تاريخ ۽ تمدن بابت قومي اداري ١٩٨٢ع ۾ ڇاپي نروار ڪيو آهي.

سنڌ جي تاريخ جي هن پهرئين قديم ترين ماخذ ۽ هن خطي ۾ تحرير ٿيل اوائلي فارسي ڪتاب جو هي جديد تحقيقي ايڊيشن، اسان جي دور جي بين الاقوامي شهرت يافتہ عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تيار ڪيل آهي. ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب جي ادبي بورڊ لاءِ ڪيل سنڌي ۽ اردو ترجمن تي نظرثاني ڪئي هئي ۽ وضاحتي علمي ۽ تاريخي حاشيا تحرير ڪيا هئا. ان وقت ئي کيس "چچ نامہ" جي جديد ۽ مڪمل فارسي ڇاپي جي ضرورت محسوس ٿي هئي. ان ريت ڪي سبب ٻہ هئا، جن جي ڪري ڊاڪٽر صاحب هن ڪم تي توجہ ڏنو. سندن خيال آهي تہ ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم هي علمي ڪم نهايت عجلت ۾ پورو ڪيو هو، ان ڪري ڪتاب جو مذڪوره ايڊيشن تڪميل ڪي نہ پهتو هو. ان ڏس ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ سن ١٠٦١ هہ جو ڪاپي ڪيل "چچ نامہ" بہ جديد ايڊيشن لاءِ هڪ جواز پيدا ڪندو رهيو. قلمي نسخن ۾ هن ڪتاب جو هي قديم ترين نسخو آهي جو دنيا ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر دائودپوٽي بہ هن نسخي کي ڪتب آندو، پر ان کي ايتري اهميت نہ ڏنائين. لهذا ڊاڪٽر بلوچ هن قديم ترين نسخي کي اساس بنائي ۽ وڌيڪ ٻن نسخن کي بہ استعمال ڪري "چچ نامہ" جو نئون ڇاپو تيار ڪيو. اهي ٻہ نسخا ڊاڪٽر دائودپوٽي جي نظر ۾ نہ آيا هئا. ان کان علاوه ڪتاب جي درست ۽ مڪمل متن تيار ڪرڻ لاءِ وڏي تعداد ۾ عربي ادبي تاريخي ماخذن کي بہ ڪتب آندو ويو آهي تہ جيئن نقل ڪندڙن جي غلطين ۽ جملي ٿيل ڪوتاهين جو ازالو ڪري سگهجي. فاضل مرتب جي دعوٰي آهي تہ هن ڏس ۾ ڪين گهڻي ڪاميابي حاصل ٿي آهي (١). جملي قلمي نسخن جا اختلاف آخر ۾ ڏنا ويا آهن، جنهن جي ڪري ڪتاب جو صاف سٿرو متن تيار ٿي پيو آهي. موجوده ڇاپي جي خاص خوبي هي آهي تہ انگريزيءَ ۾ ١٨ صفحن جي مقدمي سميت ١٥٨ صفحن تي مشتمل تاريخي ۽ وضاحتي حاشيا ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ مختصر مقدمو فارسي زبان ۾ بہ لکيو ويو آهي. ان طرح ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنت، علمي دنيا ۾ روز روشن وانگر عيان ٿي بيٺي آهي. ڪتاب جو انتساب ڊاڪٽر دائودپوٽي ۽ پروفيسر عبدالعزيز ميمڻ جي نالي ڪيو ويو آهي.

فاضل مرتب ڪتاب جي تفصيلي ۽ تنقيدي اڀياس کان پوءِ ڪي نتيجا ڪڍيا آهن:

(١) سنڌ جي عرب فتوحات جو "چچ نامہ" مفصّل تحريري رڪارڊ آهي جو ڪنهن بہ ٻئي ڪتاب ۾ نٿو ملي. ان ريت هي ڪتاب انڊو مسلم اتهاس جو پهريون مستند دستاويز ٿي پيو آهي.

(٢) سنڌ جي فتح لاءِ ڪافي اڳ تياري ڪئي ويئي هئي ۽ جنگي حڪمت عمليءَ (Strategy) جي خيال کان بہ خاص رٿا تيار ڪئي ويئي هئي. فوج کي جو ڪجهہ بہ گهربل هو سو ڏنو ويو ۽ خاص طرح بحري قوت کي بہ استعمال ڪيو ويو هو. نهايت معتبر ملٽري آفيسر سنڌ جي مهم لاءِ چونڊيا ويا، جي هڪ کان سواءِ سڀ پنهنجي ڪمانڊر ان چيف سان وفادار رهيا.

---

(١) هن ڏس ۾ البتہ وڌيڪ علمي بحث علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر نذير احمد ڪيو آهي، (ڏسجي: سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي جي جرنل "تحقيق" ۾ ڊاڪٽر صاحب جو ڇپيل مقالو، نمبر ٥، سال ١٩٩١ع). هي مقالو محمد پنهل ڏهر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ رسالي "مهراڻ" (٣/١٩٩٥ع) ۾ ڇپيو.

(۳) جنگ جي لاءِ سنڌ ۽ عراق جي وچ ۾ مواصلات جو بھترين نظام قائم ڪيو ويو ۽ واسط ۾ حجاج جي دفتر کي، فوج جي جنرل هيڊ ڪوارٽر طور استعمال ڪيو ويو.

(۴) ان وقت اڪثر سنڌي قبيلا ٻڌ ڌرم سان لاڳاپيل هئا ۽ انھن برھمڻن جي راڄ سان سخت نفرت ڪئي ٿي، جن آخرڪار عرب فتوحات ۾ حملي آورن جي مدد ڪئي.

(۵) اسلام کان اڳ سنڌ جي پاڙيسري رياستن: ڪشمير، جيسلمير، قنوج، ڪنيات ۽ گجرات جي حالتن کان علاوه، انھن سان سنڌ جي لاڳاپن جي خبر به هن ڪتاب مان ملي ٿي.

جيتوڻيڪ "چچ نامه" جي تاريخي ماخذ جي حيثيت ۽ اهميت به بحث هيٺ ايندي رهي آهي(۱)، ان هوندي به هن ڪتاب جي سنڌ جي اپياس ۾ هڪ دائمي حيثيت آهي، جنھن کان ڪوبه انڪار نٿو ڪري سگھي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن ڇاپي جي به علمي دنيا ۾ مستقل حيثيت رهندي. ضرورت آهي ته هن ايڊيشن جي صرف متن جو صاف سٿرو ترجمو ڪرائي شايع ڪجي.

## حاصل النهج (۹۷٦هه):

علي ڪوفي ۽ محمد عوفي توڙي قلندر لعل شهباز جي وفات (٦۷۳هه) کان پوءِ، ٻن صدين تائين سنڌ ۾ فارسي علم ادب جي اوسر جا ڪي به اهڃاڻ نٿا ملن. حالانڪ سومرن جي زوال کان پوءِ ۱۳۵۱ع (۷۵۰هه) ۾ سمن ڄامن جي حڪومت قائم ٿي. ان دور ۾ حالتون سازگار رهيون. امن امان قائم ٿيو. وٽج واپار ۽ زراعت توڙي پوکي راهي وڌي. سمن حاڪمن اڪثر ڪري تعليم ۽ عالمن جي سرپرستي ڪئي. خانقاهن ۽ صوفين کي ويجھو رکيو. آس پاس جي رياستن سان سٺا لاڳاپا قائم ڪيا. مرڪزي ايشيا ۽ ايران سان به ويجھو تعلق جڙيو. واپاري قافلا به آيا ٿي ته ايراني ادبيات، عالم ۽ اديب به سنڌ پھتا ٿي. ان دور تائين ايراني ادبيات جا نامور شاعر: فردوسي، خيام، عطار، رومي ۽ سعدي دنيا ۾ آيا ۽ پنھنجا ادبي شهپارا ڇڏي عدم ڏي راهي ٿيا. هي لکتون ۽ تخليقون سنڌ پھتيون هيون ۽ سنڌي عالم، ڏاها ۽ دانشمند انھن کان واقف هئا. سنڌ ۾ فارسي ڪتاب ۽ تخليقون، خانقاهن ۽ مدرسن تائين پھچي چڪيون هيون، ليڪن ان هوندي به سمن جي دور جي صرف ٻن تاليفن جو پاڻ کي پتو پيو آهي ۽ اهي به عربي ٻوليءَ ۾ آهن. هڪ آهي "الزبدة" ۽ ٻي آهي " تذکرة المراد"! ڏهين صدي هجريءَ جي آغاز تائين خود سنڌي ماڻهن به فارسي شعر ۽ سخن ۾ مشق شروع ڪئي هئي. به چار نالا- شيخ حماد جمالي، ڄام نندو، مخدوم بلال ۽ عيسيٰ لنگوٽي- اهڙا آهن، جن جا ٻه چار شعر تذڪرن ۾ محفوظ رهجي ويا آهن.

۹۲۷هه برابر ۱۵۲۰ع ۾ سمن جي پڄاڻي ٿي ۽ سنڌ ۾ ارغونن جي حاڪميت قائم ٿي. ان بعد ترخان ۽ پوءِ هندي مغل بالادست ٿيا. سنڌ تي هي دور ۱۱۵۰هه برابر ۱۷۳٦ع تائين جاري رهيو، تان جو ميان نور محمد ڪلهوڙي وري ڏيهي حاڪميت قائم ڪئي. ارغونن جي اچڻ سان فارسي ٻوليءَ کي سنڌ ۾ سرڪاري سرپرستي حاصل ٿي(۲). ايران، خراسان ۽ مرڪزي ايشيا کان سوين عالم، شاعر ۽ اديب هت پھتا. انھن ديوان جوڙيا، تذڪرا تيار ڪيا ۽ تاريخون لکيون. هن دور کان سنڌ ۾ فارسي تصنيف ۽ تاليف جو سلسلو موجود آهي. ڌارين لکندڙن کان علاوه ڏيهي ماڻھن جي فارسي تحرير ۽ ڪتاب به ملن ٿا. هن ڏس ۾ مخدوم نوح ۽ مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جا نالا وڏي اهميت رکن ٿا. مخدوم نوح جو فارسيءَ ۾ قرآن مجيد جو ترجمو مليو آهي. مخدوم جعفر متعدد ڪتاب لکيا ن جو واسطو

(۱) ڊسجي پيٽر هارڊيءَ جو مقالو: "سنڌ صدين کان" مرتب: ممتاز مرزا، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد، سال ۱۹۸۲ع، ص ص ۱۹۱-۲۰۱.

(۲) هن عنوان تي علمي بحث مون هڪ مقالي ۾ ڪيو آهي (سه ماهي اردو- ۱۹۸۱/۲ع.)

علم ۽ تعليم سان آهي. تعليم جي طريقيَ تي هڪ ضخيم عربي ڪتاب تيار ڪيائين ۽ بعد ۾ ان جو فارسيءَ ۾ خلاصو "حاصل النهج" جي نالي سان مرتب ڪيائين. هي ٻيئي بزرگ هڪٻئي جا همعصر ۽ دوست هئا.

"حاصل النهج" ڪتاب صفر ۹۷۶هه برابر آگسٽ ۱۵۶۸ع ۾ لکجي تيار ٿيو. ان دور ۾ بکر تي سلطان محمود (وفات ۹۸۲هه) جي حڪومت هئي. ۽ سيوهڻ ڪان وٺي سمنڊ تائين مرزا محمد باقي (وفات ۹۹۳هه) حڪمران هو مخدوم جعفر ابتدا ۾ "نَهجُ التّعَلّم" ڪتاب عربيءَ ۾ لکيو هو جو ننڍي ڪنڊ ۾ تعليم جي طريقن (Methods of Education) تي اولين ڪتاب ليکجي ٿو. فارسي ڪتاب "حاصل النهج" ان جو نچوڙ آهي. سنڌ جي برک عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن فارسي ڪتاب کي ڳولي هٿ ڪيو. ڊاڪٽر صاحب خود به تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل ۽ پنهنجي دور جو هڪ نامور استاد رهيو آهي. پاڻ هن ڪتاب جي اهميت کي محسوس ڪري ايڊٽ ڪيائين ۽ ان تي مفصل مقدمو انگريزي زبان ۾ لکيائين. مقدمي ۾ مخدوم جعفر جي سوانح تي روشني وجهڻ سان گڏ ڪتاب "حاصل النهج" جو خلاصو به تيار ڪيائين. فارسي زبان ۾ لکيل هي ڪتاب آسان ٻولي ۽ روان عبارت تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪل اٺيهه فصل يا حصا آهن. هي يادگار تصنيف سال ۱۹۶۹ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان شايع ٿي، جنهن ڊاڪٽر صاحب ان وقت شعبهءِ تعليم جو سربراهه هو.

هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو همعصر اديب مولانا عبدالرسول قادري صاحب ڪيو، جو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ۱۹۹۳ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. سوا چار سؤ سال اڳ لکيل هن ڪتاب ۾ عجيب ۽ دانائيءَ سان ڀريل نقطا سمايل آهن. بلاشبه اڄ به جي اسين هن ڪتاب مان ڪو لاڀ پرايون، ته پنهنجي بگڙيل تعليمي نظام کي درست ڪري سگهون ٿا. مخدوم جعفر جهڙيءَ ريت آسان ٻولي ڪتب آندي آهي، نيڪ ان ريت سنڌي ترجمو به عام فهم ڏسجي ٿو. سنڌي ترجمي تي نئين مليل معلومات موجب، ڊاڪٽر صاحب پيش لفظ ۾ روشني وڌي آهي. مترجم عبدالرسول صاحب پڻ معلوماتي مهاڳ لکيو آهي. البته ڪٿي ڪٿي قادري صاحب متن ۾ بنا ڪنهن نشاندهيءَ جي ڪي واڌارا به ڪيا آهن. مثال طور تي فصل ارڙهين، ص ۶۹ تي ڏنل آخري پيرا اصل فارسي ڪتاب ۾ ڪانهي. علمي واڌارا ڪرڻ ڪو ڏوهه ڪونهي، پر ڪوشش ڪجي ته اصل متن ۽ اضافن ۾ فرق چٽو ٿي بيهي.

سنڌ اندر ڏهين صدي هجريءَ ۾ (عيسوي سورهين صدي) فارسيَ شعر سان گڏ نثر به تحرير ۾ آيو. سنڌي ادبي بورڊ مخدوم نوح جو "قرآن مجيد مترجم فارسي" ۽ فخري هرويءَ جا به تذڪرا "روضة السلاطين" ۽ "جواهرالعجائب" شايع ڪيا آهن، جي هن صديءَ جا يادگار نثري ڪارناما آهن. ٺٽي جي قاضي محمود سن ۹۸۰هه (۱۵۷۲ع) ۾ سنڌ جي صوفين بابت هڪ ڪتاب "تذڪره الاولياء" لکيو هو، جو اڃ سوڌو ظاهر نه ٿيو آهي. سيد علي ثانيءَ (وفات: ۹۸۱هه) فارسي نثر ۾ "سسئي پنهون" جو قصو قلمبند ڪيو. ياد رهي ته سيد علي مرحوم هي تاليف هڪ "سنڌي تصنيف" جي مدد سان تيار ڪئي هئي. غالباً صديءَ جي خاتمي وقت بايزيد پورانيءَ هڪ تاريخي ڪتاب "نصرت نامه ترخان" ترتيب ڏنو، جو اڃا شايع ٿيڻو باقي آهي. هيءَ ڪتاب "چچ نامه" ۽ "تاريخ معصومي" جي وچين ڪڙي ليکيو وڃي ٿو. ان پس منظر ۽ صورتحال ۾ مخدوم جعفر جي "حاصل النهج" جي حاصلات ۽ اشاعت، محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو هڪ سدا يادگار ادبي ڪارنامو شمار ڪيو ويندو.

### بيگلارنامه (۱۰۱۷هه):

سنڌ ۾ باقاعده فارسي ڪتب نويسي ڏهين صدي هجريءَ ۾ شروع ٿي ۽ ورندڙ صديءَ ۾ هن ڏس ۾ وڌيڪ پيش رفت ٿي. نه رڳو اينترو پر موضوع ۽ عنوانن ۾ پڻ وسعت پيدا ٿي. نثر توڙي نظم ۾ سنڌ جو اپياس اهم جاءِ والاريندو ويو. سنڌ جا لوڪ رومانوي داستان نثر ۽ نظم ۾ لکجڻ لڳا. ادراڪي بيگلاريءَ "مثنوي چنيسر نامه" (ليلا چنيسر)،

مقيم "مثنوي ترنم عشق" (مومل مينڌرو)، مير معصوم "مثنوي حسن و ناز" (سسئي پنهون) ۽ ملا ضيائي ٺٽوي "مثنوي زيبانگار" (سسئي پنهون) نالن سان مثنويون لکيون. جڏهن ته مير طاهر محمد "عمر ماروي" جو داستان نثر ۾ لکيو. ملا ضيائيءَ جو مدار گذريل صديءَ ۾سيد علي ثانيءَ جي نثري تحرير تي مبني هو. هن دور ۾ سنڌ جي صوفين تي سيد عبدالقادر ٺٽوي "حديقة الاولياء" (١٠١٦هه) نالي هڪ تذڪرو لکيو، جو چيچي چڪو آهي. ان طرح سنڌ جي سياسي تاريخ تي "تاريخ معصومي" (١٠٠٩هه) لکي ويئي. مير معصوم جي هن ڪتاب کي ڊاڪٽر دائودپوٽي، ايڊٽ ڪري ١٩٣٨ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ڪرايو.

مير محمد معصوم بکريءَ کان پوءِ "بيگلارنامه" نالي سان سنڌ جي تاريخ تي هڪ وڏيڪ ڪتاب، ادراڪي بيگلاريءَ سن ١٠١٧هه (١٦٠٨ع) ۾ لکيو. هن ڪتاب ۾ پوءِ سن ١٠٣٤هه تائين واڌارا ٿيندا رهيا. لوڪ داستان "ليلا چنيسر" بابت ساڳئي مصنف، سن ١٠١٠هه ۾ هڪ مثنوي لکي جا سنڌي ادبي بورڊ ڇپي آهي. سمن جي زوال کان پوءِ جڏهن سنڌ وچ ايشيا جي قبيلن جي تسلط هيٺ اچي ويئي، تڏهن جوق درجوق اتان کان مختلف قبيلا لڏي سنڌ پهتا ۽ هت عهدا ۽ جاگيرون حاصل ڪري رتبا ماڻيائون. انهن ۾ ارغونن جو بيگلار خاندان وڏي اهميت رکي ٿو. ڪين نصرپور جي جاگير ۽ سرڪار حاصل ٿي. ادراڪي بيگلاري هن خاندان جو مصنف ۽ شاعر هو. پاڻ هي ڪتاب لکي پنهنجي ممدوح خاندان جي تاريخ ترتيب ڏيئي محفوظ ڪيائين. ابتدا ۾ هن ڪتاب جي ليکڪ جي باري ۾ متضاد ڄاڻ موجود هئي، ليڪن جديد تحقيق ان بابت درست معلومات مهيا ڪئي آهي (١).

بيگلارن جي هن خاندان جا ٽي فرد تاريخ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا.

شاهه قاسم خان زمان جنهن جي حالات بابت "بيگلارنامه" نالي هي ڪتاب لکيو ويو. سندس پٽ ميرابوالقاسم سلطان، جنهن جي فرمائش تي "مثنوي چنيسرنامه" لکي ويئي. خان زمان جو ٻيو پٽ مير شاهه مقيم سلطان، جنهن جي روايتن ۽ تحريڪ تي "بيگلارنامه" نالي ڪتاب وجود ۾ آيو. هن خاندان جي ناليرن فردن جون قبرون اڄ به "توروڪي" نالي قبرستان ۾ موجود آهن. جيتوڻيڪ هي ڪتاب هڪ خاندان جي حالات بابت لکيو ويو، ليڪن ان کي سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم ماخذ جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي. بيگلارن خود به تاريخ جي صفحن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. خان زمان کي ارغون - ترخان دور ۾ نهايت اهم ذميداريون مليل هيون. سندس وڏي پٽ جا اڳتي هلي سنڌ جي ترخان حاڪمن سان اختلاف پيدا ٿيا. ان طرح مير ابوالقاسم سلطان کي، ميرزا غازي بيگ ترخان انڌو ڪرايو. مير جي بهادري، همت ۽ ادب دوستي تاريخ ۾ مکيه جاءِ والاري ٿي. هن خاندان عمرڪوٽ جي راڻن ۽ پٽين سان مٽيون ماٽيون ڪيون، ان ڪري ڪين ٿر تائين رسائي حاصل ٿي. اهوئي سبب آهي جو "بيگلارنامه" کي عمرڪوٽ ۽ ٿر جي تاريخ ۾ به اهميت مليل ڏسجي ٿي. مختلف ڏيهي قبيلن جون حاڪمن سان ارڙايون، مجادلا ۽ مقابلا، هن ئي ڪتاب ذريعي سڀ کان اول معلوم ٿيا. ان بابت اڳتي هلي "مظهر شاهجهاني" ۾ وڏيڪ معلومات درج ڪئي ويئي. سنڌ جي سومرن ۽ سمن بابت ابتدا ۾ مختصر ڄاڻ ڏني ويئي آهي، مگر اها نهايت قيمتي ۽ معلومات ڀري آهي. ڪتاب جا ڪل پنجيهه باب آهن.

هن ڪتاب تي البته هي تنقيد ڪئي ويئي آهي ته جنهن خاندان جي اتهاس بابت هي ڪتاب لکيو ويو، خود ان گهراڻي جي باري ۾ به اهو درست ۽ مڪمل معلومات مهيا نٿو ڪري. ان سڄي ماجرا ۾ به سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هن ڪتاب جي وڏي اهميت آهي. ايليٽ گذريل صديءَ ۾ "بيگلارنامه" جا ڪي ٽڪرا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا ۽

---

(١) خواجه عبدالحميد يزداني لکي ٿو ته "بيگلارنامه" جي ليکڪ بابت مير علي شير قانع به ڪجهه نه لکيو آهي، ۽ نه وري مصنف ڪتاب جي باري ۾ پنهنجي دعويٰ ظاهر ڪئي آهي. البته ٺٽي جي مُلن جي ڪتبخاني ۾ هن ڪتاب جو هڪ قلمي نسخو هو، جنهن تي ادراڪي بيگلاريءَ جو نالو مصنف طور ڄاڻايل آهي (تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪستان و هند، جلد ۴، ص ۵۴۵، پنجاب يونيورسٽي، لاهور ١٩٧١ع).

ڪتاب بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. محمد صديق ميمڻ ان جو سنڌي ترجمو اختصار سان ڪري، ان کي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ پاران ١٩٤٧ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب جي قدامت ۽ تاريخي اهميت سبب، اڳتي هلي سنڌي ادبي بورڊ، فارسي ڪتابن جي اشاعت واري پروگرام تحت ان جي ڇپرائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ان جي ايڊيٽنگ جو ڪم ممتاز سنڌي اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر صاحب هي ڪتاب وڏيءَ محنت سان ايڊٽ ڪيو ۽ ان تي ڪنهن مفصل مقدمي بجاءِ مختصر نوٽ انگريزي زبان ۾ لکي ڇپرايو. سنڌي ادبي بورڊ هي ڪتاب سال ١٩٨٠ع ۾ پڌرو ڪري نروار ڪيو آهي. ناشر طرفان ڪجهه تاريخي مقبرن ۽ قبرن جا فوٽوگراف به ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. ضرورت آهي ته جلد کان جلد هن اهم تاريخي ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪرائي ڇپرايو وڃي(١).

## تاريخ طاهري (١٠٣٠هه):

سنڌ جي تاريخ بابت هيءَ ڪتاب ٺٽي جي سيد طاهر محمد نسيانيءَ سن ١٠٣٠هه برابر ١٦٢١ع ۾ لکيو ۽ اڳتي هلي اهو ڪتاب خود مصنف جي نالي جي پٺيان "تاريخ طاهري" سڏيو ويو. ليڪ اصل ۾ هي ڪتاب ٺٽي شهر جي تاريخ يعني "تاريخ بلده تهته" نالي سان لکيو هو. سيد طاهر محمد سن ٩٩٠هه ۾ ٺٽي ۾ ڄائو ۽ سن ١٠٥١هه ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار اڄ به مڪلي ٽڪريءَ تي موجود آهي. سندس تعلق ٺٽي جي باغائي ساداتن سان هو ۽ مٿين مائٽين جي حوالي سان درٻيلي جي سهتن ڄامن سان به لاڳاپيل رهيا. سيد طاهر محمد ۽ هن جو والد ميان حسن، سنڌ جي ارغون- ترخان حاڪمن جي دربار سان وابسته هئا. هن ڪتاب کان علاوه مصنف "عمر ماروي" جو داستان به نثر ۾ لکيو هو.

ڪتاب تاريخ طاهري سنڌ جي اتهاس ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. اصل ۾ ليڪ هي ڪتاب ڏهن ڀاڱن ۾ رٿيو، پر ان جا صرف پنج ڀاڱا مڪمل ٿي سگهيا. سومرا، سما ڄام، مرزا شاهه حسن ارغون، ميرزا عيسيٰ ترخان ۽ ميرزا غازي بيگ ترخان- عنوانن سان هن ڪتاب جا پنج حصا آهن. ان ريت هي ڪتاب سنڌ جي مقامي حاڪمن جي اتهاس جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. سيد طاهر محمد ڪن مقامي قصن کي به پنهنجي ڪتاب ۾ جاءِ ڏني آهي. ٺٽي ننگر جي تاريخ بابت هي ڪتاب سڀ کان اول "ترخان نامه" جي لکندڙ حوالي طور ڪتب آندو آهي. ان بعد مير علي شير قانع ان کان مدد ورتي هئي. اڳتي هلي برٽش دور جي شروع ۾ ايليٽ ان جا ڪي ٽڪرا ترجمو ڪيا. سال ١٩٢٨ع ۾ محمد صديق ميمڻ سنڌيءَ ۾ "انتخاب تاريخ طاهري" نالي هن ڪتاب جو اختصار ۽ ترجمو شايع ڪيو. هن سڄي ماجرا هوندي به اصل فارسي ڪتاب اڃا نه ڇپيو هو.

سنڌي ادبي بورڊ جڏهن سنڌ بابت فارسي ڪتابن جي اشاعت جو پروگرام جوڙيو، تڏهن ان رٿا ۾ هن ڪتاب کي به شامل ڪيو ويو. هي علمي ۽ تاريخي ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب وڏيءَ محنت سان ڪم جو پورائو ڪيو. فاضل ايڊيٽر ڪن ضروري تاريخي وضاحتن لاءِ فارسي زبان ۾ حاشيا ۽ تعليقات لکيا آهن، جن جي وڏي اهميت ڏسجي ٿي. ان طرح مصنف جي ڪيل غلطين جو ازالو ڪيو ويو آهي. آخر ۾ مصنف ۽ ان جي ڪتاب بابت مفصل مقدمو انگريزي زبان ۾ لکيو ويو آهي، جنهن ۾ "تاريخ طاهري" تي تنقيدي نگاهه وڌل آهي. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٤ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو. اڳتي هلي ڪتاب جي اهميت جي

---

(١) بيگلارن جي حالات ۽ قبرستان بابت سڀ کان اول ڊاڪٽر بلوچ صاحب تحقيق ڪئي. ڏسجي سندن مقالو:

"Shah Qasim Khan Beglar and his Burial Place."

جو پاڪستان هسٽري ڪانفرنس جي ١٩٥٦ع واري رُوئداد ۾ ڇپيل آهي. هي ڪتاب ڊاڪٽر سيد معين الحق مرتب ڪيو ۽ پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي ڪراچيءَ شايع ڪيو.

پيش نظر، هن اداري ان جو سنڌي ترجمو سال ١٩٨٨ع ۾ پڌرو ڪيو. هي ترجمو محترم نياز همايونيءَ ڪيو آهي. مترجم آخر ۾ پنهنجي طرفان ڪي غير ضروري واڌارا ڪيا آهن. علمي اعتبار سان هي ترجمو پروسي جوڳو ڪونهي، ڇو ته مترجم ڪٿي ڪٿي اصل متن سان به هٿچراند ڪئي آهي. ان هوندي به هن تاريخي ڪتاب جي اصل ۽ ترجمي جي اشاعت وڏي اهميت رکي ٿي ۽ ان جو سڄو ڪريڊٽ سنڌ جي هن لائق فائق عالم ڏي وڃي ٿو.

## ديوان غلام:

سنڌ ۾ فارسي ادب جا مستحڪم بنياد سرڪاري سرپرستيءَ ۾ "ارغون دور" ۾ پيا. بعد ۾ ترخان حاڪم نه رڳو ادب جا سرپرست هئا، پر پاڻ به مصنف ۽ شاعر ٿي گذريا. مغلن جي گورنرن پڻ فارسي زبان ۽ ادب جي خوب آبياري ڪئي. هن عرصي ۾ پيدا ٿيل لٽريچر جا مٿي ڪي مثال ڏنا ويا آهن. ارغون- مغل دور ۾ پيدا ٿيل لٽريچر جي حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪيل خدمتن جو مٿي احاطو ڪيو ويو آهي. ليڪن هن ڏس ۾ سيد حسام الدين راشدي صاحب جون خدمتون عالم آشڪار آهن. راشدي صاحب "تذڪره جواهر العجائب"، "تاريخ مظهر شاهجهاني"، "ترخان نامه"، "حديقة الاولياء"، "مثنوي مظرالآثار"، "مثنوي چنيسرنامه" ۽ "هشت بهشت" جهڙا ڪتاب ايڊٽ ڪري سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپرائي پڌرا ڪيا. عطا جو ديوان راشد برهانپوريءَ ايڊٽ ڪيو، جڏهن ته علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب "قرآن مجيد مترجم فارسي" ترتيب ڏنو، جو مخدوم نوح عليه رحمة (وفات: ٩٩٨هه) جو ڪيل ترجمو آهي. هن دور ۾ سنڌ ۾ لکيل به وڏيڪ ڪتاب (فارسي) پڻ ڇپيا آهن. ڊاڪٽر معين الحق "ذخيره الخوانين" (شيخ فريد بکري) ۽ عبدالغفور چوڌري "آداب عالمگيري" (منشي ابوالفتح خان قابل) ايڊٽ ڪري شايع ڪرايا. ڪلهوڙن جي زماني ۾ گهٽو فارسي ادب وجود ۾ آيو، جنهن بابت راشدي صاحب وڏو ڪم ڪيو آهي.

ٽالپورن ١٧٨٢ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. سندن حڪومت ١٨٤٣ع ۾ ختم ٿي. ٽالپورن نه رڳو فارسي علم ادب جي سرپرستي ڪئي پر حاڪمن ۽ شهزادن خود به شعر چيو ۽ ڪتاب لکيا. ان طرح هن خاندان فارسي ٻولي ۽ ادب جي به خوب آبياري ڪئي. سنڌ جي مقامي فارسي گو شاعرن ۽ اديبن کان علاوه، ايران جي اديبن به سندن سخاوت مان جهوليون ڀريون. هن دور ۾ جنهن خاندان کي حاڪمن کان پوءِ حڪومت جي معاملن ۾ اهميت رهي، اهي ٽاجپور جا لغاري نواب ڏسجن ٿا. نواب ولي محمد خان لغاري پنهنجي وقت جو نهايت ئي بااثر امير، وزير اعظم ۽ ڪامياب ڊپلوميٽ ٿي گذريو. علم ۽ ادب جي حوالي سان به نواب صاحب جو پنهنجو ڪردار آهي. سندس ڀائٽيو نواب غلام محمد لغاري، ميرن جي پوئين دور جو مصاحب ۽ اثر رسوخ وارو امير ٿي گذريو. هن فارسي شعر چيو ۽ "ديوان غلام" جوڙي راس ڪيو. سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام به چيائين.

غلام محمد خان ١١ شعبان ١٢٠٤هه (اپريل ١٧٨٩ع) ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو علي محمد خان هو ۽ ڏاڏي جو نالو غلام محمد خان هو. هن غلام محمد خان به ديوان جوڙيو ۽ تخلص "نگار" رکيائين. ذڪر هيٺ آيل "ديوان غلام" جي شاعر غلام محمد خان، بنيادي ۽ ضروري تعليم کان پوءِ، حيدرآباد جي مير مراد علي خان (١٨٢٨-١٨٣٣ع) جي دربار ۾ ملازمت اختيار ڪئي، ليڪن ڪيس گهٽي اهميت مير صاحب جي وفات (١٨٣٣ع) کان پوءِ حاصل ٿي، جڏهن سندس به پٽ مير نورمحمدخان ۽ مير نصير خان حڪمران بڻيا. اهڙي خبر سندس جوڙيل قصيدن مان پوي ٿي. ميرن جي صاحبي ختم ٿيڻ کان پوءِ نواب غلام محمد خان وڃي ٽاجپور وسائي. سندس ديوان مان معلوم ٿئي ٿو ته هن تاريخي تبديليءَ کان پوءِ، اسان جي هن شاعر ڪوبه شعر نه چيو(١). پاڻ ٩ جمادي الثاني

۱۲۷۹ھ (۱۰ ڊسمبر ۱۸٦۲ع) تي وفات ڪيائين ۽ تاجپور ۾ پنهنجي خانداني قبرستان ۾ دفن ٿيو. ٻي روايت موجب غلام محمد خان ۲ ڊسمبر ۱۸٦۲ع تي اپپور (تعلقو سنجهورو) ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ٿيو. پاڻ پنهنجي مُهرن تي هي سجع استعمال ڪيا اٿس:

۱- "چه خوش نصيب ما که غلامِ محمد امر"

۲- "منّت خداي را که غلامِ محمد امر"

۳- "شادمر بدين شرف که غلامِ محمد امر"

۴- نازمر به بخت خود که غلامِ محمد امر"

هي ديوان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايڊٽ ڪيو، ۽ ان تي انگريزيءَ ۾ سهڻو مقدمو لکيو. سنڌي ادبي بورڊ "ديوان غلام" سال ۱۹۵۹ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي. شاعر پنهنجو تخلصّ "غلام" اختيار ڪيو. ڪيس پنهنجي شعر بابت ڪا وڏي خوشفهمي نہ هئي:

غـلامـا! نـظـم شـعـرت گـرچـه خـام اسـت

ولـي گـردد پـسـنـد نـکـتـه چـيـنـي!

ڊاڪٽر ظهورالدين احمد صاحب پنهنجي ڪتاب "پاڪستان ۾ فارسي ادب" (جلد سوم) ۾ غلام محمد خان لغاريءَ جي شعر تي ڀرپور تنقيد ڪئي آهي.

## لطائف لطيفي (۱۳۰۵ھ):

ميرن جو خاتمو ۱۸۴۳ع ۾ ٿيو. ان ريت سنڌ ۾ فارسي ٻولي ۽ ساهت جو سرڪاري طرح پورائو ٿي ويو. ان هوندي بہ هي زبان پنهنجن تاريخي بنيادن ۽ قديم علمي خانوادن جي سهاري سنڌ ۾ ٽُلڪندي آئي ۽ ان ۾ علم ۽ ادب پيدا ٿيندو رهيو. ان جو هڪ ڀرپور مثال مير عبدالحسين خان "سانگي" ۽ سندس لکيل فارسي ڪتاب "لطائف لطيفي" جي روپ ۾ ملي ٿو. هي ڪتاب شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي باري ۾ سن ۱۳۰۵ھ برابر ۱۸۸۸ع ۾ لکيو ويو.

سنڌ جو سداحيات شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۱۱۰۲ھ برابر ۱٦۹۰ع ۾ ڄائو ۽ ۱۴ صفر ۱۱٦۵ھ تي وفات ڪيائين. جديد تحقيق موجب اهو ڏينهن آچر جو هو ۽ انگريزي تاريخ ۲۲ ڊسمبر ۱۷۵۱ع هئي. شاهہ صاحب جو پهريون سوانح نگار مير علي شير قانع ٺٽوي آهي، ان بعد رچرڊ برٽن، فريئر صاحب، ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ڏيارام گدومل پنهنجن ڪتابن ۾ سنڌ جي هن عظيم قومي شاعر جي سوانح تي مواد فراهم ڪيو آهي. ان ڪان پوءِ شاهہ صاحب جي باري ۾ مڪمل ڪتاب لکڻ جو زمانو آيو. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پهريون اسڪالر آهي، جنهن هن علمي ڪم ڏي توجہ ڏنو. ان طرح پاڻ ۱۸۸۷ع ۾ انگريزي ۽ سنڌي ٻولين ۾ شاهہ لطيف بابت ٻہ ڪتاب لکي پورا ڪيا. هڪ سال پوءِ ۱۸۸۸ع ۾ مير عبدالحسين خان، سنڌ جي هن سدا حيات شاعر بابت پنهنجو فارسي ڪتاب "لطائف لطيفي" جوڙي راس ڪيو.

مير عبدالحسين خان "سانگي" سنڌ جي آخري ٽالپر حاڪم مير نصير خان جو پوٽو هو. ۱۸۴۳ع ۾ حڪومت جي خاتمي ڪان پوءِ ميرن کي قيد ڪري ڪلڪتي ۾ رکيو ويو، جتي عبدالحسين خان ۱۲٦۷ھ برابر ۱۸۵۱ع ۾ پيدا ٿيو. انن سالن جو هو تہ سنڌ واپس موٽيو. سندس تعليم ۽ تربيت ڪلڪتي ۾ بہ ٿي تہ حيدرآباد سنڌ ۾ بہ ٿي. ڪيس

(۱) ساڱيءَ ريت شاعر خليفو نبي بخش لغاري بہ ٽالپرن جي زوال ڪان پوءِ ويهہ ورهيہ زنده رهيو. ليڪن هو ٻڻ هن تاريخي تبديليءَ تي خاموش ڏسجي ٿو.

اردو، سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي مهارت حاصل هئي. مير صاحب ۸ ذي القعد ۱۳۴۳هه برابر ۱۲ جون ۱۹۲۴ع تي وفات ڪئي. کيس ڀٽشاهه تي دفن ڪيو ويو. سندس مزار اڄ به شاهه صاحب جي مقبري جي اولهه ۾ درست حالت ۾ موجود آهي. مير صاحب سنڌيءَ جو قادر الڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪليات ڇپيل آهي. ان کان علاوه اردو ۽ فارسيءَ ۾ به شعر چيو اٿس.

ميرزا قليچ بيگ کان پوءِ سانگي مرحوم، حضرت شاهه صاحب بابت پنهنجو ڪتاب جوڙي راس ڪيو. اڪثر مواد ان دور ۾ شاهه لطيف بابت موجود روايتن تان ڪٺو ڪيائين، جنهن کي انگريزي زبان ۾- ANECDOTES سڏيو وڃي ٿو. مير صاحب هن ڪتاب "لطائف لطيفي" ۾ ڪل ڇتيهه حڪايتون گڏ ڪيون آهن. ان ريت شاهه صاحب جي حياتي، فقيرن، خدمتگذارن، ڪرامتن، حسب نسب ۽ متعلق ماڳن مڪانن جي باري ۾ روايتي مواد گڏ ٿيو آهي: جو هوند اڳتي هلي واسطيدار شخصن ۽ مريدن خادمن جي وفات کان پوءِ ناپيد ٿي وڃي ها. اڄ شاهه لطيف بابت سنجيده ۽ سائنسي تحقيق جي دور ۾، مير صاحب جي جمع ڪيل ڪن حڪايتن مان ڪي ڳالهيون معقول نٿيون ڏسجن: ان هوندي به سانگي مرحوم جي ڪيل محنت وڏي اهميت رکي ٿي. هيءُ ڪتاب شاهه صاحب جي سوانح جي حوالي سان تہ وڏي مجتنا ماڻي چڪو آهي، ليڪن سنڌ ۾ فارسي ادب جي زوال پذير دور ۾، پيدا ٿيل ساهت جي ڏس ۾ به ان کي وڏي حيثيت حاصل آهي. فارسي نثر آسان ۽ عبارت سليس ڏسجي ٿي. ڪٿي ڪٿي مير صاحب شعر ۽ بيت به ڪتب آندا آهن. ان طرح اسان کي هي ڪتاب پڙهندي، سيد عبدالقادر ٺٽويءَ جي تصنيف "حديقة الاولياء" ياد اچي ٿي، جنهن ۾ پڻ نثر ۽ نظم جو ميلاپ ڪرايو آهي. غالباً سڀ کان اول شمس العلماء ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم جي هن ڪتاب تي نظر پيئي. ان بعد مولانا دين محمد "وفائي" مرحوم پنهنجو ڪتاب "لطف اللطيف" لکڻ وقت سانگي مرحوم جي تصنيف مان استفادو ڪيو. اڳتي هلي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه صاحب جي جامع اڀياس جي سلسلي ۾، هن ڪتاب جي اشاعت جي سفارش ڪئي. آخرڪار ڊاڪٽر صاحب جي سعيي سان، شاهه عبداللطيف ڀٽشاهه ثقافتي مرڪز، هي ڪتاب اصل فارسي حالت ۾ سال ۱۹۶۷ع ۾ شايع ڪري پڌرو ڪيو ۽ ان طرح هيءُ ڪتاب ڇپجي علمي ادبي حلقن تائين پهتو. ساڳئي اداري اُن جو سنڌي ترجمو ۱۹۸۶ع ۾ شايع ڪيو، جو مترجم عبدالرسول قادري صاحب ڪيو آهي. ڪن جزوي ڪوتاهين جي باوجود به سنڌي ترجمو سليس، روان ۽ وڻندڙ ڏسجي ٿو. هن ڪتاب جي اشاعت ۽ سنڌي ڇاپو، بذات خود هڪ يادگار ادبي ڪارنامو آهي.

## لُبِ تاريخ سنڌ (۱۳۱۸هه):

علي ڪوفيءَ سن ۶۱۳هه ۾ "چچ نامہ" فارسيءَ ۾ مڪمل ڪيو. نيڪ ست صديون پوءِ منشي خداداد خان ۱۳۱۸هه ۾ "لب تاريخ سنڌ" ترتيب ڏيئي پڌرو ڪيو. هيءُ ڪتاب امرتسر مان ليٿو تي ۱۹۰۰ع (۱۳۱۸هه) ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. ان طرح سنڌ جي فارسي تاريخ نويسي پنهنجي پڇاڙيءَ کي پهتي. منشي خداداد خان پراڻي سکر جو ويناڻ هو. انگريزي ڪمشنريءَ جو ملازم، سندن بيحد وفادار، مير منشي ۽ جاگيردار هو. هن فارسيءَ ۾ ڪي ٻيا ڪتاب پڻ لکيا، جي سڀ تاريخ بابت هئا. انهن ۾ وقائع سير جيسلمير، مڪران نامہ، خليج نامہ، پُل نامہ، سياحت نامہ ۽ خيرپور نامہ اچي وڃن ٿا. ليڪن انهن سيني ڪتابن جي ڀيٽ ۾ سندس تاليف "لبِ تاريخ سنڌ" وڏي اهميت رکي ٿي. هن ڪتاب جي تحرير ۽ اشاعت وقت فارسي ٻولي پوري نندي کنڊ وانگر سنڌ ۾ به آخري پساهن ۾ هئي. اڪثر تصنيف ۽ تاليف مقامي ٻولين کان علاوه انگريزي زبان ۾ به ٿي رهي هئي. جنهن سال هي ڪتاب ڇپيو، ان سال سنڌ بابت لکيل پهرئين تاريخي ڪتاب "چچ نامہ" جو انگريزي ترجمو به ڇپجي ظاهر ٿيو. ياد رهي تہ هي ڪتاب فارسي

زبان ۾ هو، جنهن کي مرزا قليچ بيگ مرحوم ترجمو ڪيو هو. منشي خداداد خان ڊگهي ملازمت کان پوءِ رٽائر ٿي، پراڻي سکر ۾ اچي پنهنجي ماڳ تي رهيو، جتي سن ١٣٢٠هه/١٩٠٣ع ۾ وفات ڪري ويو.

”لب تاريخ سنڌ“ ٽن مکيه بابن تي مشتمل آهي. پهرئين باب ۾ سنڌ جو عمومي تعارف ڏنل آهي. ٻيو باب راءِ خاندان کان وٺي ٽالپورن جي زوال تائين مواد مهيا ڪري ٿو. هن باب لاءِ چچ نامہ، معصومي، تحفة الڪرام، ارغون نامہ، تاريخ طاهري ۽ بيگلار نامہ تان مدد ورتل آهي. هن باب ۾ مصنف بکر جي مغل عملدارن جي لسٽ ڏني آهي، جا سنڌ جي ڪنهن بہ ٻي تاريخ ۾ ڏنل ڪانهي، ان ڪري هن باب جي وڏي اهميت ٿي پيئي آهي. ٽيون باب جديد دور تي مشتمل آهي. هن باب ۾ چارلس نيپئر کان وٺي سورهين ڪمشنر آر. جائيلس تائين جي تاريخ ڏنل آهي. ان ريت خداداد خان جي هن ڪتاب جو هي آخري باب بلاشبہ سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان مکيه واڌارو ڏسجي ٿو.

منشي خداداد خان جي هن ڪتاب جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، سنڌي ادبي بورڊ ان جي نئين ايڊيشن طرف توجه ڪيو. هي علمي ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي حوالي ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب ڇپيل قديم ايڊيشن ۽ هڪ عدد قلمي نسخي کي سامهون رکي ڪم جو پورائو ڪيو. ان طرح اڳ ڇپيل ايڊيشن جي ڀيٽ ۾ ”لب تاريخ سنڌ“ جو هيءُ وڌيڪ معتبر ڇاپو سامهون آيو. قلمي نسخي تان ڪي ضميما بہ ڪنيا ويا، جي اصل ڇپيل ڪتاب ۾ نہ هئا. مختصر مگر ضروري وضاحتي حاشين کان علاوه فاضل ايڊيٽر، منشي مرحوم جي سوانح ۽ ڪتابي ورثي بابت، انگريزي زبان ۾ جامع مقدمو پڻ لکيو. ڊاڪٽر صاحب يورپي عملدارن جي نالن کي حاشين ۾ انگريزيءَ ۾ نشانبر ڪيو آهي. سنڌ جي ممتاز مؤرخ سيد حسام الدين راشدي مرحوم، منشي خداداد خان کان علاوه خود هن ڪتاب جي جديد ڇاپي تي پنهنجي عدم اطمينان جو اظهار ڪيو هو (١). راشدي صاحب کان علاوه ”لب تاريخ سنڌ“ جي سنڌي مترجم بہ حاشين ذريعي ڪجهہ غلطين جي نشاندهي ڪئي آهي. فارسي ڇاپي جو نئون ايڊيشن، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب ايڊٽ ڪيو، سنڌي ادبي بورڊ سال ١٩٥٩ع ۾ نروار ڪيو. هن ڪتاب جي تاريخي اهميت سبب، سنڌي ادبي بورڊ ان جو سنڌي ترجمو سال ١٩٨٩ع ۾ پڌرو ڪيو. هي ترجمو حافظ خير محمد اوحديءَ جو ڪيل آهي. سنڌي ڇاپو جزوي طرح سينسر ٿيل آهي. ان کان علاوه ان ۾ انڊيڪس بہ ڪانهي، جا هڪ وڏي علمي کوٽ جي عڪاسي ڪري ٿي. خداداد خان مرحوم جي ”لب تاريخ سنڌ“ جو روسي ترجمو بہ ڇپيو، جو محمد صافولوف جو ڪيل آهي.

### باقيات از احوال ڪلهوره:

ذڪر هيٺ ايندڙ ڪتاب باقاعده تصنيف ڪانهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، ورهين جي تلاش ذريعي، سنڌ جي ڪلهوڙا حاڪمن جي متعلق متفرقہ مواد کي هٿ ڪري، هڪ ڪتاب کي ترتيب ڏنو. ان ريت ”باقيات از احوال ڪلهوره“ نالي ڪتاب ۾، نهايت قيمتي تاريخي مواد سامهون آيو آهي، جنهن متعلق اڳ ۾ اسان جي ڄاڻ محدود هئي. هن ڪتاب ۾ ميان نور محمد جي هڪ وڌيڪ تاليف، غلام شاهہ جي دور ۾ جداجدا پرڳڻن جي پيدائش ۽ ڪلهوڙا حاڪمن جي اولاد مان مير محمد ڪلهوڙي جي ڪمپني سرڪار کي حڪومت جي واپسيءَ لاءِ ڏنل درخواست، ۽ ڪي ٻيا عنوان شامل ٿيا آهن. ان ڪري هن جلد ۾ شامل مواد هر لحاظ کان نئون آهي ۽ پهريون ڀيرو ڇپجي نروار ٿيو آهي. ڪلهوڙن جي دور سان دلچسپي رکندڙن جي لاءِ هي ڪتاب تمام گهڻي اهميت رکي ٿو. هن ڪتاب جي ترتيب بلاشبہ ڊاڪٽر صاحب جي اهم ڪاميابي آهي، جنهن کي وڌ ۾ وڌ ساراهڻ گهرجي. هي ڪتاب سال ١٩٩٦ع ۾ ڇپيو.

(١) تذڪرهٔ اميرخاني، حاشيو، ص ٢٩٨، سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٦١ع.

## تاريخ بلوچي (١٢١٩هـ):

سنڌ جي تاريخ بابت مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" سن ١١٨٨هـ/١٧٧٤ع ۾ مڪمل ڪيو. ان ڪان پوءِ جي تاريخ کي مير عظيم الدين ٺٽوي "فتح نامه" نالي مثنويءَ ۾ لکي محفوظ ڪيو. هي مثنوي سال ١٢١٩هـ/ ١٨٠٣ع ۾ تڪميل کي پهتي. تاريخي طور عظيم جي ڪتاب جي وڏي پذيرائي ٿي. سنڌي ادبي بورڊ هي اتهاسڪ مثنوي، سال ١٩٦٧ع ۾ شايع ڪئي، جنهن کي شير محمد نظاماڻي صاحب ايڊٽ ڪيو هو.

جنهن سال عظيم جو ڪتاب مڪمل ٿيو، ان سال ۾ سنڌ ۾ هڪ ٻيو ڪتاب پڻ تيار ٿيو. هي ڪتاب عبدالمجيد جوکيي لکيو، جيڪو لکجڻ واري وقت کان وٺي ناپيد هو. قيام پاڪستان وقت ان جي واحد ڪاپي، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي هٿ آئي، تڏهن وجي هن ڪتاب جي باري ۾ علمي دنيا کي معلومات ملي. مولانا غلام رسول مهر "تاريخ ڪلهوڙا" تي ڪم ڪندي، هن ڪتاب کي ڪتب آندو هو.

عبدالمجيد جوکيي جي هن ڪتاب ۾ مواد جي ڪيفيت، ساڳي عظيم جي تاريخي مثنويءَ جهڙي آهي. غلام شاهه جي وفات، سرفراز جو دور، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جون لڙايون، جنگ هالاڻي، ڪلهوڙن جي خاتمو، ميرن جي حڪومت، مير فتح عليءَ جي وفات ۽ مير غلام عليءَ جي حڪومت هن ڪتاب جا مکيه عنوان آهن. عنوانن جي يڪسانيت جي باوجود به هن ڪتاب ۾ مجيد جوکيي ڪافي نيون ڳالهيون پڻ لکيون آهن. عظيم جو ڪتاب نظم ۾ لکيل آهي، جڏهن ته مجيد جوکيي پنهنجو ڪتاب نثر ۽ نظم ۾ مڪمل ڪيو آهي. تاريخي طور تي هن ڪتاب جي ڪلهوڙن جي زوال ۽ ميرن جي حاڪميت جي آغاز جي حوالي سان، بهرحال هڪ خاص اهميت آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اصل فارسي متن ترتيب ڏنو ۽ ڪتاب تي معلوماتي مقدمو لکيو. هن ڪم ۾ ڊاڪٽر خضر نوشاهي صاحب، ڊاڪٽر صاحب جي معاونت ڪئي. فارسي متن کان پوءِ نوشاهي صاحب جو ڪيل اردو ترجمو به هن ڪتاب ۾ شامل ڪري، ان کي سال ١٩٩٦ع ۾ شايع ڪيو ويو. سنڌ جي تاريخ ۽ فارسي ادب جي حوالي سان، هن ڪتاب جي اشاعت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هڪ وڏيڪ پائدار خدمت آهي.

عبدالمجيد جوکيي ڪجهه تاريخي قطعا به چيا، جي مٿي ذڪر ڪيل "باقيات از احوال ڪلهوره" جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن. هن ليکڪ ميين ابوالحسن ڏاهريءَ جي وفات تي به قطعو چيو هو، جو علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، ڏاهري بزرگ جي ڪتاب "ڪچڪول نامه" جي مقدمي ۾ ڏنو آهي. بهتر ٿئي ها جيڪڏهن هي قطعو به مذڪور ڪتاب ۾ يا "تاريخ بلوچي" ۾ ڪٿي شامل ڪري، هڪ جاءِ تي محفوظ ڪجي ها.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا هي آخري ايڊٽ ڪيل ٻه ڪتاب، ڪلهوڙا انٽرنيشنل سيمينار جي موقعي تي، سيمينار جي سيڪريٽري انجنيئر يعقوب علي زرداري صاحب جي خاص توجه سان ڇپجي پڌرا ٿيا.

●●●●●

ڊاڪٽر فهميده حسين

# شيخ اياز ۽ ادبي تنقيد

اسان وٽ اهو عام خيال آهي تہ سنڌي ادب ۾ تنقيدي ادب جي کوٽ آهي. انهيءَ کوٽ کي محسوس ڪندي مون بہ هڪ ڪتاب لکيو هو. اهڙو ئي ساڳيو احساس شايد جامي چانڊيي کي بہ ٿيو هوندو جڏهن هن هي ڪتاب "سنڌي ادب ۾ تنقيد- اينٿالاجي- پاڳو پهريون- شيخ اياز" مرتب ڪرڻ جي شروعات ڪئي هوندي. پر پوءِ مون وانگر هو بہ قائل ٿي ويو هوندو تہ سنڌي ادب ۾ quantity (مقدار) جي لحاظ کان ڀلي گهٽ تنقيدي ادب جي کوٽ محسوس ٿيندي هجي پر quality (معيار) جي حوالي سان هروڀرو صفا اوندهہ بہ ڪانهي. اها بہ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ٽڙيل پکڙيل هئڻ جي ڪري يڪدم گڏيل ۾ نٿي اچي ۽ جي اها سموري ڪتابي صورت ۾ سهيڙجي وڃي تہ پوءِ عام خيال بدلجي ويندو. هڪڙي ڳالهہ البت چئي سگهجي ٿي تہ انهيءَ سموري تنقيد جو اڌ حصو شاهہ لطيف مهابي آهي تہ باقي اڌ حصي جو نوي سيڪڙو شيخ اياز بابت ملندو ۽ هنن ٻنهي شاعرن جي مهابي سنڌيءَ ۾ هن صنف جي پٽ رهجي آئي آهي ۽ وڌ ۾ وڌ نظرياتي ۽ فلسفياڻا بحث بہ هنن ٻن شاعرن جي حوالي سان ٿيا آهن. اڄ جي انٽرنيٽ ۽ اي. ميل جي زماني ۾ جڏهن زميني فاصلا سُسي سوڙها ٿي ويا آهن ۽ ابلاغ جا ذريعا طلسماتي ٿي ويا آهن، آرٽ، تنقيد، نظريا ۽ فلسفا بہ سائنس وانگي تڪڙا تبديل ٿيا آهن ۽ اڃا بہ وڌيڪ ٿيندا ۽ اڳي جن نظرين تي سالن جا سال بحث هلندا هئا انهن کي بدلجڻ ۾ ڏينهن بہ ڪونہ لڳندا ۽ اهو بہ ممڪن آهي تہ اڳ جا ڪي رد ٿيل نظريا وري معتبر ٿي پون ۽ ٻيهر جِي پون ۽ اڄ جا ڪي بظاهر اهم نظريا سياڻي ٻنهہ غير اهم بنجي وڃن..... ان ڪري ضروري آهي تہ اديبن ۽ فنڪارن تي بہ نظرين جي حوالي سان تنقيد سان گڏوگڏ ڪن وڌيڪ دائمي قدرن تي تنقيد ڪرڻ گهرجي. فن ۽ فڪر جي انهن پهلوئن تي تنقيد ڪجي جيڪي يونيورسل (آفاقي) هجن ۽ زمان ۽ مڪان جي تبديلي منجهن ڪو وڏو ڦيرو نہ آڻي؛ انهن ۾ موجود تخليقي تجربي جي خوشبو گهڻي وقت تائين رهي سگهي ۽ هڪ روايت مان بي روايت اڻ لکي نموني جنم وٺي.

اڄڪلهہ ڇا ٿيو آهي جو فلسفو، مذهب، ادب ۽ سائنس هڪ ٻئي ۾ جهڙوڪر سمائبا وڃن. اڄڪلهہ سائنس مذهب بدران فلسفي تي وڌيڪ وار پئي ڪري. يورپ آمريڪا توڙي جاپان جهڙا سائنسي طور ترقي يافتہ ملڪ مذهب جي ڪرنڊڙ ديوار کي روحانيت، ماورائيت، مابعدالطبعيات جي نالن ۾ ٽيڪ ڏيڻ لڳا آهن، ان ڪري انهن ملڪن جي سائنس جي زد ۾ فلسفو اچي ويو آهي. ادب ۽ فلسفي جو پاڻ ۾ جيڪو گهرو تعلق آهي، انهيءَ لحاظ کان جهڙوڪر ادب ۾ بہ مذهبيت، روحانيت،

ماورايت جهڙين شين کي زوري داخل ڪيو ويو آهي، جنهن جي مخالفت هر سائنسي ذهن رکندڙ ماڻهوءَ کي ڪرڻي ٿي پوي. ائين فلسفي ڪان پوءِ سائنس جو ادب سان بہ ٽڪراءُ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش پئي ملي.History of God k جهڙا ڪتاب سائنسي approach رکندي بہ جهڙوڪر فلسفين ۽ اديبن کي منجهائڻ لاءِ لکجي رهيا آهن.... اهڙي ماحول ۾ شيخ اياز جهڙي سائنسي سوچ رکندڙ ذهن بہ فلسفي ۽ ادب تي ٿيندڙ انهيءَ حملي کي نہ سمجهيو ۽ spiritual ۽ metaphysical جي گورک ڌنڌي ۾ منجهي پيو ۽ انهن جا تضاد سندس شخصيت جا تضاد بنجي پيا ۽ اڄ جو نقاد، ڪالهہ واري نقاد وانگر بجاءِ سندس فن ۽ فڪر جي سائنسي پرک ڪرڻ جي، وري بہ وڃي نظرياتي تنقيد ۾ پيو آهي. هن اينٿالاجيءَ ۾ شيخ اياز تي ٿيل تنقيد ۾ سواءِ هڪ جي باقي سڀ مقالا نظرياتي تنقيد جي دائري ۾ اچن ٿا، ايتريقدر جو هيڏو سارو ڪم ڪندڙ اڄ جي انٽرنيٽ واري دور جو ذهين نوجوان جامي چانڊيو بہ نظرياتي بحث ۾ الجهي پيو آهي. اسان کي اياز کي انهيءَ ذہڻ مان ڪڍڻ جون ڪوششون ڪرڻ گهرجن.

هڪ چيني لائوزو جو چوڻ آهي تہ:

"جڏهن ماڻهن وٽ طريقت جو زوال آيو
تہ مهرباني ۽ اخلاق ان جي جاءِ ورتي
پوءِ عقل ۽ خرد ظهور
پاتو پر پوءِ منافقت بہ اچي وئي
۽ جڏهن گهرن اندر ماڻهن جا تعلقات خراب ٿيا
تہ گهر کي هلائڻ لاءِ قانون ناهيا ويا
۽ جڏهن ملڪ ۾ اونده جو راڄ ٿيو
تہ خانہ جنگي شروع ٿي وئي.
۽ ائين سرڪاري وفاداريءَ جي رواج کي هٿي ملي."

سو لڳي ائين ٿو تہ اسان جي نقادن جا پاڻ ۾ تعلقات خراب ٿيڻ جي صورت ۾ ڳالهہ اتي وڃي بيٺي آهي جو تنقيد جا قانون ناهي انهن کي راهہ راست تي آڻڻو پوندو. منان ائين نہ ٿئي جو سموري ادب ۾ اونده جو راڄ ٿي وڃي ۽ مرڳو خانہ جنگيءَ واري ڪيفيت شروع ٿي وڃي ۽ پوءِ سرڪار جي وفاداري وچ ۾ اچي وڃي.

اسان کي هاڻي ڪانہ ٿي طئي اِهو ڪرڻو پوندو تہ اياز کي اسان جو نئون نسل ڪيئن پرکي سگهندو.

تيزيءَ سان بدلجندڙ ۽ رد يا قبول ٿيندڙ نظرين جي هن دؤر ۾ ڇا محض نظرياتي تنقيد ڪرڻ

مناسب آهي؟ ممڪن آهي ته ڪو ماڻهو اهو دليل ڏئي ته اياز نظرياتي شاعر هو ان ڪري مٿس تنقيد به وڏيڪ نظرياتي ٿي آهي.

شايد اهائي ڳالهه اياز ڪي نئي آنڙي جو هن ڪي محسوس ٿي ويو ته ڪيس "شاعر" طور گهٽ ۽ "نظرياتي" طور وڏيڪ پيو پرکيو ۽ project ڪيو وڃي، تڏهن مرڳو ئي هن نظرين کان چڙ ڏيکارڻ شروع ڪئي ۽ پاڻ کي شاعر "وڏيڪ" ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پنائيءَ سان پيش ڪرڻ شروع ڪيو يا بقول ڪن ماڻهن جي ته پاڻ پڌائڻ شروع ڪيو.

اها حقيقت آهي ته اياز جي شاعريءَ جي پنهنجي فني خوبيءَ تي يا ان جي پوئنٽڪ ڊڪشن جي انفراديت ۽ اهميت يا جمالياتي پهلوءَ تي تمام گهٽ نظر وڌي ويئي جيڪي پنهنجي ليکي سندس شاعريءَ جون تمام اهم خوبيون آهن. اياز جي شاعريءَ ۾ Progressive Humanist يا Mystic پهلو ڳوليا ويا آهن پر انهن کي پيش ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ اعليٰ فن، فني تجربا، ڊڪشن جي سونهن، عڪس علامتون ڪنهن ڪونه ڳوليا ۽ پرکيا ۽ انهن تي نظرياتي تنقيد اينتري حاوي پئجي ويئي جو اهي جهڙوڪر لڪي ويا. حالانڪ سوچڻ جي ڳالهه آهي ته اياز جيڪڏهن ڪو نظريو ڏنو به ٿي ته انهيءَ جو بنيادي وسيلو سندس خوبصورت فن هو، منفرد ڊڪشن هو، گهاڙيٽن ۽ هيئتن جا نوان نوان تجربا هئا، روايتي اصنافِ سخن سان گڏوگڏ بين صنفن ۾ تجربا هئا، رومانيت هئي، ردم هو. تڏهن ئي ته سندس پيش ڪيل نظريي به ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. سندس نظرياتي مخالفن کي به ڪانئس ڊپ انهيءَ ڪري ئي محسوس ٿيو جو هنن سندس فن جي سگهه کي محسوس ڪري ورتو هو، سندس ڊڪشن هنن کي ڊيڄاري ڇڏيو هو ته مار! هي هيڏي ساري زبردست وسيلي جي مدد سان ته مرڳو پنهنجو نظريو ماڻهن تي مڙهي ويندو. پوءِ ئي ته هنن ڪات ڪهاڙا کنيا.... نيڪ آهي ان وقت مولانا گراميءَ جي مقالي "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جي ضرورت هئي ۽ رسول بخش پليجي طرفان "انڌا اونڌا ويڄ" ذريعي ڪيس defend ڪرڻ وقت جي تقاضا هئي، پر انهيءَ ويڙهه ۾ دشمنن ته نهيو پر دوستن به اياز جي انهيءَ سگهه، انهيءَ قوت کي ڪونه پرکيو. ان جو پورو پورو احساس رکندي به ان جي appreciation ڪانه ڪئي ۽ نه ئي ان کي criticise ڪيو ۽ ائين هو "نظرياتي شاعر" واري ترڪيب مان به صرف "نظرياتي" وڃي بينو، ۽ "شاعر" پس منظر ۾ هليو ويو. اهو نقصان مخالفن جو ڪونه هو، اهو نقصان ته سندس پنهنجو ۽ سندس دوستن ۽ پنهنجن جو هو، جن ڪيس محض پنهنجن نظرين کي اڳتي وڌائيندڙ جي حيثيت ۾ وڏيڪ ئي پاتئيو ۽ ساڻس پيار ڪيو، پر پوءِ جڏهن هو انهن نظرين خلاف ڳالهائڻ لڳو ته سندس مخالفت به ڪيائون ۽ بيءَ ڏر وارا وري سندس شاعريءَ جي فن جي سگهه کي محسوس ڪندي ڪيس هٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. تازو هن ئي مهيني جو "بيداري" ڪٿي پڙهي ڏسو ته ڪيئن اياز کي هنن پنهنجو ڪرڻ جا حيلا

هلايا آهن ۽ ان راهہ ۾ سندن راهہ جي سيني وڏين رنڊڪن يعني پليجي صاحب جهڙن ماڻهن طرفان اياز خلاف لکيل هڪ اڌ مضمون کي بنياد بنائي حقِ دوستي نباهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن ۽ محمد ابراهيم جويي طرفان اياز کي پاڻ ڏانهن زوريءَ ڇڪي وڃڻ جو الزام هنيو اٿن.

سو منهنجو خيال آهي تہ اياز بابت نظرياتي بحث گهڻو ئي هليو، هاڻي سندس فن، ڏڪشن ۽ جمالياتي پهلوءَ جي حوالي سان ريسرچ ڪرڻ ۽ لکڻ جي ضرورت آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪن کي ذهن ۾ اها ڳالهہ آئي هجي تہ آءٌ بہ اياز کي تنقيد جي فن براءِ فن واري نظريي تحت پرکڻ تي زور ڏيئي رهي آهيان –نہ ! آءٌ اياز جي هڪ تمام اعليٰ شاعر وارين خوبين کي ۽ سندس اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مٿس عالماڻي يا scholarly تنقيد ڪرڻ لاءِ چئي رهي آهيان تہ جيئن اسين سندس شاعراڻي سگهہ جو اندازو لڳائي سگهون، جنهن سندس هيترا دشمن پيدا ڪيا ۽ هيترا دوست پيدا ڪيا. اياز جي شاعريءَ جي مختلف عنصرن جي پرک ضروري آهي، ۽ اهو بہ ضروري آهي تہ نہ صرف ڪيس تنقيد جي ڪلاسيڪي معيارن تي پرکيون پر رومانوي معيارن موجب ڇنڊڇاڻ بہ ڪريون. حقيقت پسند بنجي بہ ڏسون تہ سندس شاعري ڪهڙي پايي جي شاعري آهي. هن جي شاعريءَ جي aesthetic value بہ طئي ڪريون تہ ان جي نفسياتي اوک ڊوک بہ ڪريون. علامت عڪسن ۽ تمثيلن جا پردا بہ چاڪ ڪريون تہ روايتي توڙي غير روايتي انداز ۾ سندس خيال، جذبي، غنائيت، وزنن، بحرن، تشبيهن، استعارن، ٻوليءَ جي اپياس ڪرڻ کان پوءِ سندس قد بت جو تعين ڪريون ۽ پوءِ تنقيد جي مڃيل بين الاقوامي معيارن موجب comparative study ذريعي هن کي مختلف دورن جي، مختلف ملڪن جي ۽ پنهنجي ئي ملڪ جي ٻين شاعرن سان ڀيٽي ڏسون- ۽ پوءِ دعويٰ ڪريون تہ ها ٻيلي شيخ اياز واقعي وڏو شاعر آهي!

اسان جو الميو اهو آهي تہ اسين پاڻ کي بت شڪن چوندا آهيون پر ٿيندو ڇا آهي تہ هڪڙا بت ڀڃي ٻيا بت انهن جي جاءِ تي، اوچي آسڻ تي ويهاري ڇڏيندا آهيون، پوءِ نہ ڪنهن کي هنن جي خلاف ڳالهائڻ ڏيندا آهيون ۽ نہ پاڻ سندن عظمت کي justify ڪري سگهندا آهيون. اهائي ڪار اسان شاهہ لطيف سان ڪئي آهي ۽ اهائي ساڳي ڪار اياز سان ڪئي اٿئون ۽ شايد اڳتي بہ ڪندا رهنداسين.

هن ڪتاب ۾ شامل اهم مقالن ۽ مضمونن کي اچو تہ هاڻي واري واري سان ڏسون.

رشيد ڀٽيءَ جو مقالو آهي تہ اياز جي حوالي سان، پر ان ۾ گهڻو ڪري ترقي پسند تحريڪ جي تاريخ وڏيڪ بيان ٿيل آهي. رشيد ڀٽيءَ جي پيش ڪيل ڪيترين ئي ڳالهين سان بحث ڪري سگهجي ٿو. هو اديب جي فرضن ۾ هڪ فرض شعور جي اوسر جي اهميت اجاگر ڪرڻ ڄاڻائي ٿو ۽ تبديليءَ کي ترقي پسنديءَ جو متو قرار ڏئي ٿو، پر ڏنو وڃي تہ اياز جي شعور جي اوسر کي خود ترقي پسندن ئي قبول ڪونہ ڪيو آهي. ڇا هڪ فڪر کان ٻئي ڏانهن وڃڻ شعور جي اوسر جو نتيجو نٿو ٿئي

سگهي؟ ڇا اها تبديلي ڪانهي؟

رشيد ڀٽي هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو ته "ادب ذهني ورونهن ڪونهي"، ان ڳالهه ۾ به ترقي پسندن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو. جي رڳو نظريا ذٻا ۽ ورونهن نه هوندي ته ادب ڪير پڙهندو ۽ ڇو پڙهندو؟

ان ڪان پوءِ محمد ابراهيم جويي جا لکيل ڪجهه ڪتابن جا مهاڳ اچن ٿا. جويي صاحب نظريي جي حوالي سان لکڻ سان گڏوگڏ ڪجهه شاعرائين خوبين تي به لکيو آهي ۽ ائين پاڻ ڪي balance ڪيو اٿس. هو اياز جي خوبصورت انداز، تجنيس جي استعمال، ترنم ۽ اکرن جي تقطيع وغيره جي حوالي سان اياز جي شاعريءَ کي ساراهي ٿو. هو نظريي ۽ فلاسافيءَ سان گڏوگڏ فني خوبين جو به قائل محسوس ٿئي ٿو پر ڇاڪاڻ جو مهاڳ لکڻ اصل ۾ تنقيد لکڻ کان هڪ جدا فن آهي ان ڪري ان ۾ ادبي تنقيد جي معيارن موجب پرک ڪرڻ جي ضرورت ڪانه هوندي آهي.

ان ڪان پوءِ هن اينٿالاجيءَ جو هڪ بنهه مختلف ۽ منفرد مضمون مرحوم قربان ٻُگٽيءَ جو پڙهيم. منفرد ان ڪري ٿي چوان جو ٻين سڀني مضمونن کان بلڪل جدا ۽ ڌار ڏسڻو آهي، بلڪ ائين چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو ته اهو هڪ نرالو مضمون/مقالو آهي.... جينوٽيڪ منهنجي خيال ۾ اهو ڪو ايڏو علمي ادبي يا تنقيدي مقالو ڪونه هو جنهن کان جامي چانڊيو متاثر ٿيو هجي، پر هن سڀني قسمن جا نڪته نظر ڏيڻ چاهيا هوندا يا شايد پاڻ تي "ڌر" هئڻ جو ڪو الزام لڳڻ جو ڊپ هوندس، تڏهن هي مضمون شامل ڪيو اٿس. پر هن کي شامل ڪري هو پاڻ وڌيڪ "ڌر" ٿو محسوس ٿئي جو ماڻهو اهو مضمون پڙهي ان جي مخالفت براءِ مخالفت واري پاليسيءَ کي سمجهي اڃا به اياز جا وڌيڪ قائل ٿيندا. هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي نظريي جي بچاءَ ۾ دليل طور شيرل باداهيءَ جو هي ڪلام ڏئي ته:

پنجون- پنهنجا پراوا ٿيا

ڇهون- چڙب ڏيڻ هر هَر

ستون- ساري زماني ۾ بدنام ٿيس گهر گهر

اٺون- آڳ اندر ۾

نائون- نازڪ ويو ٻاري

ڏهون- ڏکڙا به شيرل لئه خلقيا آهن الله

۽ پوءِ وري چوي ته اياز جي ٻولي ڏکي آهي، شيرل باداهي اياز کان وڏو شاعر هو.... بس ڳالهه ته اتي ئي پڌري ٿي وئي. اڳيان اهو مضمون ڪير پڙهندو؟ جامي چانڊيو اتي چالاڪي ڪري ويو آهي. مرحوم ٻگٽيءَ ٻيو دليل اهو ڏنو آهي ته "هن کي ڪو ڪامل استاد يا رهبر ڪونه مليو سواءِ

هڪ هندو شاعر فاني ڪيئلداس جي." يعني ته اياز جي شاعري محض ان ڪري ناقص آهي جو هن هڪ هندو شاعر ڪان اصلاح ڪرائي. ٽئين دليل ۾ هو اياز جي ٻوليءَ کي ڏکيو چئي اعتراض ڪري ٿو، جن مان ڪي هي آهن:- "نيڻ ڪٽورا". چوي ٿو ته اها تشبيه سمجهه ۾ نٿي اچي ته نيڻ ڪٽورا ڪيئن ٿيندا؟

اياز جي سٽ آهي ته "مون جو پَريو ٻاجهه سان اجايل ٻڪ"، ان لاءِ چوي ٿو ته خبر ناهي ته ٻاجهه جو اجايل ٻڪ ڪيئن ڀريو آهي؟ هاڻي ڏسو ته دعا جو ٻڪ (الله جي) ٻاجهه سان ڀرجڻ جو تصور رکندڙ هڪ مذهبي ماڻهوءَ کي اياز جي سٽ ۾ "اجايل ٻڪ جو ٻاجهه سان ڀرجڻ" سمجهه ۾ ڪونه آيو آهي!

"موت اسان جو پاڇو آهي" واري سٽ به هو نه سمجهڻ جي دعوي ٿو ڪري. دراصل ڏوهه هن جو به ڪونهي. هڪ طرف جويي صاحب ۽ پليجي صاحب وارا جانبدار ٿيو بيٺا هئا ته ٻئي طرف رجعت پسند به جانبداري ڪري رهيا هئا. اياز تي ان ڪري غير جانبدار يا اٽڏُري تنقيد ٿي ڪانه. سڀني پنهنجون energies يا قوتون اياز جي نظرياتي پهلوءَ کي سامهون رکي صرف ڪيون! ان ۾ دوست به هئا ته مخالف به هئا. ڪتاب ۾ ان ڪان پوءِ "انڌا اونڌا ويڄ" جو وارو اچي ٿو. ڪنهن به اينٿالاجيءَ ۾ پورو ڪتاب ڪونه ڏبو آهي، پر هتي پورو ڪتاب شامل ڪيو ويو آهي. شايد هڪ ڪان ٻئي باب جي تسلسل کي ٽوڙڻ ممڪن نه سمجهي ائين ڪيو ويو هجي. بهرحال اهو پنهنجي دور جو هڪ بهترين تنقيدي ڪتاب هو. پر جي اهو سمورو ستي ڏيٺو هو ته ان جي پس منظر ۾ جڪي ليک لکيا ويا هئا انهن مان ڪجهه جا ٽڪرا به ڏيڻ گهرجن ها، جيئن حوالو ڳنڍڻ ۾ آساني ٿئي ها ۽ نئين ٽهيءَ کي سلسلو وڌيڪ سمجهه ۾ اچي ها. اياز کي ڏنل هي نظرياتي بجاءِ بهرحال اياز کي سنڌ ۽ سنڌ ڪان ٻاهر جي شاعرن يا مفڪرن سان سڌي يا اڻ سڌي ڀيٽ ڪرڻ جي ڪري تمام مٿي ڪٽي ويو. منهنجي خيال ۾ ته گرامي صاحب وارو مقالو پڻ هن سلسلي ۾ ضرور شامل ٿيڻ کپي ها.

هاڻ اچون ٿا هن ڪتاب جي "جان" تي- يعني امير علي چانڊيي جي مقالي "اياز جي شاعري- هڪ مطالعو" تي.

جامي چانڊيو هن مقالي جي بنياد تي مرحوم ليک کي يونيورسٽي طرفان ايم. فل جي ڊگري ڏيڻ جي سفارش ٿو ڪري، پر آءٌ يونيورسٽيءَ جي هڪ پروفيسر هئڻ جي حيثيت ۾ هن لاءِ پي. ايڇ. ڊيءَ جي ڊگريءَ جي سفارش ڪريان جيڪر!

مون جڏهن ڀهريون ڀيرو اهو مقالو "سهڻيءَ" جي اياز نمبر (ٻاگو ڀهريون) ۾ پڙهيو هو ته چرڪي پيئي هئس ۽ منهنجيءَ دل ۾ ليکڪ سان ملڻ جي خواهش پيدا ٿي هئي. سندس موت جو ٻڌي مون کي سچ ته تمام وڏي نقصان جو احساس ٿيو هو.... ڪٿي آهي اسان وٽ اهڙي معيار جو ڪو

نقاد، جيڪو اهڙي مستند نموني ۾ اهڙي scholarly طريقي سان ڪنهن شاعر ڪي سندس شاعريءَ جي حوالي سان پرکي ۽ بين الاقوامي معيارن موجب تقابلي تنقيد ذريعي اياز ڪي اردوءَ کان علاوه يورپ جي يا روس جي شاعرن سان ڀيٽي؟ هيءَ تنقيد متوازن انڪري بہ آهي جو هن ۾ شاعر جا سڀيئي پهلو پرکيا ويا آهن- رومانوي، نظرياتي، نفسياتي، جمالياتي. مطلب تہ مجموعي طرح عالمائي تنقيد ذريعي شاعر جو ملهہ ڪٿيو ويو آهي. هن نظرياتي طرح ڪيس سوشلسٽ، هيومنسٽ، نيشنلسٽ سڏيو، پر انهن سڀني مٿان حاوي "رومينٽڪ شاعر" ڪي پسند ڪيائين. ان کان پوءِ سندس علامتن، تغزل ۽ تمثيلن تي بہ لکيو اٿس تہ علم عروض ۽ ڇند جي اصولن موجب ماپ تور سان ويهي سندس وزنن، بحرن، رڪنن، ماترائن جي ماڻن تي باقاعدي علمي بحث ڪيو اٿس. هيئتي تجربن ۾ روايت جي تسلسل ڪي ساراهيندي نون تجربن ڪي پسند ڪيو اٿس. بيت، وايون، گيت، نظم، آزاد نظم، غزل، مطلب تہ هر هڪ صنف جي حوالي سان هن جي پرک ڪئي اٿس. ائين بہ ڪونهي تہ ڪو رڳو ويهي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا اٿس، ڪيترن هنڌن تي هو سندس ڪمزوريون بہ ظاهر ڪري ٿو. مثلاً اياز جي شاعريءَ ۾ گداز يا pathos جي ڪمي محسوس ڪندي ان ڪي اياز ۾ داخليت جي ڪميءَ جو نتيجو ڄاڻائي ٿو، ڇو تہ هو معروضي شاعر هو. پر آءٌ سمجهان ٿي تہ نقاد طرفان اياز جي رومينٽڪ شاعري وڌ ۾ وڌ پسند ڪرڻ واري ڳالهہ ڪي ڏسندي ڇئي سگهجي ٿو تہ ان حصي ۾ هو سندس داخليت جو بہ قائل ٿيو آهي.

نقاد هڪ هنڌ لکيو آهي تہ "اياز جو ٻيو ڪارنامو اهو آهي تہ هن سنڌي شاعريءَ مان صوفيت جي ڪلچر ڪي ٿڏي ڪيڏي ڇڏيو آهي، جيڪو عرصہ دراز کان سنڌي شاعريءَ تي ڪنهن ڀوت وانگر ڇانيل هو. اياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي اهڙن دقيانوسي ۽ صوفياڻن خيالن ڪي رد ڪري ڇڏيو." چانڊيو صاحب زنده رهي ها تہ اياز جي پڇاڙيءَ ۾ صوفيت ڏانهن واپسيءَ ڪي الائجي ڪهڙو جواز ڏئي ها. اها irony (ستم ظريفي) ڇئجي جو پڇاڙيءَ ۾ هو ان جو پرچارڪ ۽ پوئلڳ بنجي ويو.

ڇيو وڃي ٿو تہ زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اياز تي موت جو خوف طاري ٿي ويو هو. امير علي چانڊيو انهيءَ کان اڳ ۾ اياز ڪي موت جي اهميت کان انڪاري ٿو ڄاڻائي. "موت ڪائي شيءِ نہ آ" واري سٽ ڪي مثال طور پيش ڪري ٿو. مرحوم چانڊيي موت جي حوالي سان فلسفيانو بحث ڪندي اياز ڪي رجاعيت پسند سڏيو آهي، جنهن لاءِ هن ڪئين دليل بہ ڏنا آهن. مثلاً موت جي خوف سان anxiety جو تصور جوڙي ٿو جيڪا loneliness ۽ احساس ترڪِ لذت مان جنم وٺي ٿي. گوتم ٻڌ جهڙا ماڻهو انهيءَ anxiety کان مڪت ٿيندا آهن. موت جو تصور درد ۽ ڪرب کان زياده رجاعيت جي علامت آهي. اياز وٽ آواگون جي فلسفي جو تصور بہ آهي. هن لاءِ موت نرواڻ جي علامت آهي.

مرحوم چانڊيو زنده رهي ها ۽ اياز جي پڇاڙي ڏسي ها ته ائين قطعي نه لکي ها، پر ائين لکي هن اياز جي موت بابت فلسفي جي ڏس ۾ ذهني ارتقاء کي محفوظ ڪري ڇڏيو. ڪالهه ۽ اڄ جي سوچ جي وچ ۾ فرق ظاهر ڪري ڇڏيو. هن صحيح لکيو آهي ته اياز گهڻن فلسفن بابت پڙهيو ان ڪري ڪو هڪ فلسفو نه اٿس ۽ سندس شاعريءَ مان ڪنهن خاص فڪر ۽ فلسفي جي نشاندهي نٿي ٿئي، جنهن کي سندس شاعريءَ جو نچوڙ چئجي. "هو وجود ۽ حقيقت جي تلاش ۾ اينترو ته ڦاسي پيل ٿو ڏسجي جو سندس پورو فڪر هڪ Philosophical Complex پيو لڳي." اهو مونجهارو اياز جي آخري ڏينهن ۾ سندس ذات جو حصو بڻجي ويو هو ۽ منجهس تضاد پيدا ٿيا. هڪ طرف هو ڪنهن Atheist جيان چوي ٿو ته:

آيو موت ته روح مري ويو، جسم ٿيو آزاد،
مٽي اول مٽي آخر، مٽي زنده باد.

وري ٻئي هنڌ هو seeptic (شڪ ڪندڙ) آهي ۽ چوي ٿو:

مان ته سمجهان ٿو ته تون ڪٿي ناهين
هي سڄو ڍونگ ڪنهن رچيو آهي!

پر پوءِ وري ڪيترين جاين تي هو هڪ mystic وانگي چوي ٿو

تنهنجا روپ سروپ سهسين هن سنسار ۾
هر ڪنهن مڙهيءَ ڏوپ، پوڄيون تنهنجون مورتيون

۽ سندس چوٿون روپ برسات ۾ دعائون لکندڙ شاعر جو ظاهر ٿيو جيڪو هڪ theist جو روپ آهي.

بهرحال امير علي چانڊيي جي مقالي کان پوءِ جيتوڻيڪ ڪجهه لکڻ جي گنجائش ڪانه ٿي لڳيم پر اڳيان ڪي گهٽ اهم نالا ناهن.

قمر شهباز جو مقالو "ٻڙ جهڙو گهاٽو ماڻهو" موجوده صديءَ جي هڪ مهان ڪويءَ جي ميتا ۾ لکيل مقالو آهي پر گهڻو ڪري سندس شخصيت تي هڪ عقيدتمند جو خراج آهي. هو کيس هڪ سچو سورهيه قلمڪار، اعليٰ آدرشن وارو املهه هيرو ۽ ذات ۽ ذات جي حوالي سان دائمي قدر رکندڙ اعليٰ شاعر مڃي ٿو ۽ سنڌي شاعريءَ کي نئون جنم ڏيڻ وارو سڏي ٿو: "اياز سنڌ آهي ۽ سنڌ اياز آهي" جهڙن جذباتي جملن سان پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪري ٿو.

قمر شهباز هڪ نئون پهلو به بيان ڪيو آهي، سو آهي اياز جي ٻوليءَ ۾ تجربا، نوان لفظ، نوان محاورا، ڌارين ٻولين جا لفظ پنهنجائڻ جي خوبي يا سندس صوتي اظهار جي رواني، موسيقي ۽ لئه جون خوبيون.

امداد حسينيءَ پنهنجي مضمون "جي تون سرجٺهار، جيءُ انوکو جڳ ۾" ۾ اياز کي سنڌي قوم مان پيدا ٿيندڙ اهو شاعر ٿو سمجهي جنهن هر ڏاڍ، ڏهڪاءَ، انياءَ، جبر ۽ پرماريت سان اڪيلي سر مهاڏو اٽڪايو. سنڌ جي سياسي پس منظر جي حوالي سان سازشن ۽ ويساهه گهاتين جي وچ ۾ اياز جي شاعريءَ جي سگهه ۽ ڪردار کي appreciate ٿو ڪري. هو اياز جي شاعريءَ جي ردم، سٽن جي سٽاءَ، لفظن جي جڙاءَ جي منڊ ۾ منڊيل ٿو لڳي پر گڏوگڏ سندس ويچار ۽ فڪر کي به سُر سان سلهاڙيل ٿو ڏسي ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ سر ۽ معنيٰ کي سڏ -پڙاڏي وانگر ٿو سمجهي، جيڪي هڪ ٻئي کان ڌار نٿا ٿي سگهن، جنهن ۾ اهميت وري به "سڏ" يعني معنيٰ جي آهي. امداد اياز جي شاعريءَ ۾ فن ۽ فڪر، سر ۽ معنيٰ واري سنگم کي حيرت انگيز ٿو سڏي. هن اياز جي گهاڙيٽن تي به لکيو آهي ۽ ڪلاسيڪل بيت جي چند جي آڌار تي لکيل بيت جي پدن ۾ اکرن جي گهڙت جڙت جو به حوالو ڏئي ٿو.

هاڻ آءٌ البت عبدالواحد آريسر جي لکيل مقالي بابت ڪجهه ڪانه ٿي چئي سگهان ڇو ته ان کي اعجاز منگيءَ ناهوڪو جواب به ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ اهي ٻيئي ليک فني تنقيد جي بدران نظرياتي بلڪ سياسي جهيڙي جي دائري ۾ اچن ٿا. اعجاز منگيءَ جي مضمون مان سندس وسيع مطالعي جي جهلڪ ظاهر آهي ۽ هو پاڻ کي balance به ڪري ويو آهي.

پليجي صاحب جو انهيءَ حوالي ۾ لکيل مضمون به انڪري ادبي تنقيد جي دائري ۾ نٿي آڻي سگهان جو اهو به نظرياتي ۽ سياسي وڌيڪ ٿو لڳي.

آخر ۾ جامي چانڊيي "فطرت، فلسفو، زندگي ۽ اياز جا فڪري مونجهارا" جي عنوان سان جيڪا پڄاڻي يا sum up ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اها ڪافي متاثر ڪري ٿي. هو جذباتيت جو شڪار ٿيڻ بدران اياز جي موافقت يا مخالفت جي پهلوئن کي متوازن نموني بيان ڪري ٿو. هو اياز جي عظمت جي ڳڻن ڳائڻ سان گڏوگڏ علمي ۽ فڪري سطح تي ساڻس اختلاف به رکي ٿو ته سندس فڪر جي ارتقاءَ کي justify به ڪري ٿو. انهيءَ ساڳئي نڪتي موجب هو اياز جي صوفيت ڏانهن موٽ کي به جواز ڏئي ٿو. باقي اياز جي پنهنجي لاءِ "ماضيءَ جي ماضي ۽ مستقبل جي مستقبل جو شاعر" هئڻ واري دعويٰ کي قبول نٿو ڪري ۽ اهو فيصلو تاريخ لاءِ ٿو ڇڏڻ چاهي. ڇو ته هو ڄاڻي ٿو ته هاڻ تاريخ جلد پنهنجا فيصلا ٻڌائڻ جي پوزيشن ۾ هوندي. هو هن انٽرنيٽ ۽ اي. ميل جي ايج جو نوجوان آهي ۽ سمجهي ٿو ته ابلاغ جي انتهائي تيز رفتار ۽ ڦهلاءَ ۾ تاريخن جا فيصلا به تڪڙا ٿيندا.... پوءِ ڏسجو ته مستقبل جو مستقبل ڪيترو جلدي ٿو اچي ۽ اڄ کي ماضي بنجڻ ۾ ڪيترا ڏينهن ٿا لڳن!

(جامي چانڊيي جي ترتيب ڏنل ڪتاب "سنڌي ادب ۾ تنقيد- اينٿالاجي- حصو پهريون- شيخ اياز" تي، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ پاران منعقد ڪيل تنقيدي نشست ۾ پڙهيل)

## عارف نوشاهي
سنڌيڪار: محمد پنهل ڏهر

# بلگرام جي هڪ علمي گهراڻي جي سنڌ ۾ وقائع نگاري

(نوٽ: هي مقالو بين الاقوامي اسلامڪ يونيورسٽي اسلام آباد جي ٽماهي "فڪر و نظر" اپريل-جون ۱۹۹۷ع ۾ ڇپيو آهي. اُن جو زياده تر انحصار، مير سيد محمد بلگرامي جي ڪتاب "تبصرة الناظرين" تي آهي. هي ڪتاب سنڌ تي شروعاتي ڪلهوڙا دؤر ۽ آخري مغل دور جو بهترين ۽ قيمتي معاصر ماخذ آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ متعلق انهيءَ دؤر جي سياسي ۽ سماجي تاريخ تي گهڻو مواد موجود آهي. ڏاڍو سنو ٿئي، جو اصل ڪتاب ۽ ان جو سنڌي ترجمو ڇپجي وڃي. هي مقالو مهربان دوست غلام محمد لاکي جي معرفت پهتو، جنهن جو سنڌي ترجمو ڏجي ٿو. مترجم)

*　　　*　　　*

"بلگرام" (اُتر پرديش، هندستان) قديم زماني کان وٺي علم، ادب ۽ تصوف جو مرڪز رهيو آهي. هي اهڙو خاص مردم خيز خطو آهي، جنهن جي صوفين، عالمن ۽ فاضلن جي احوال، مناقب ۽ نسب تي ڪيترائي ڪتاب لکجي چڪا آهن.(۱)

هتان جي هڪ علمي گهراڻي جا ڪيترائي فاضل، خودمختيار يا نائب طور دهلي دربار پاران ۱۱۱۷هه کان ۱۱۵۵هه (۱۷۰۵ع-۱۷۴۲ع) تائين سنڌ ۾ وقائع نگاري تي مقرر هئا. اُنهن مان هڪ غلام علي "آزاد" بلگرامي (وفات ۱۲۰۰هه/۱۷۷۵ع) سنڌ ۾ پنهنجي خاندان جي خدمت متعلق خلاصو هن طرح پيش ڪيو آهي:

"۱۱۱۶هه کان بکر ۽ سيوستان جون خدمتون عالمگيري دربار مان علامه مرحوم (مير عبدالجليل) جي حوالي ٿيون. اسان جي خاندان مان ڪجهه ماڻهو خودمختيار يا نائب طور بکر ۽ سيوستان ۾ خدمتون انجام ڏيندا رهيا. سپ کان پهريائين علامه مرحوم خود بکر ۾ رهيو ۽ پنهنجي سُهري سيد اشرف بن سيد عبدالعزيز کي سيوستان ۾ نائب مقرر ڪيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ سيد محمد اشرف کي وطن واپس موڪليائين ۽ چاچي جي پٽ سيد ڪرم الله (۱۰۸۷هه-۱۱۳۴هه) بن سيد معين الدين کي سيوهڻ جي نائبي حوالي ڪيائين. جڏهن علامه کي معزول ڪيو ويو ته هو بادشاهه وٽ ويو ۽ پنهنجي نوڪري اڳ وانگر بحال ڪرايائين ۽ (شاهجهان آباد مان) شيخ محمد رمضان بکري (وفات ۱۱۴۳هه) کي لکي موڪليائين ته هو سندس جاءِ تي خدمتون انجام ڏيندو رهي ۽ اُتان منهنجي پيءُ سيد محمد نوح کي روانو ڪري ڇڏيائين. منهنجو پيءُ تقريباً ستن سالن تائين بکر

۽ سيوستان ۾ نائب طور ڪم ڪندو رهيو. جڏهن مير عبدالجليل جو پٽ مير سيد محمد وقائع نويس مقرر ٿي آيو ته منهنجو پيءُ واپس وطن هليو ويو. مان به ڪجهه وقت اُتي نائب طور ڪم ڪندو رهيس. چاليهن سالن بعد زماني رنگ بدلايو ته سنڌ ملڪ مان اسان جي خاندان جو داڻو پاڻي ختم ٿيو ۽ تعلق به بلڪل ٽٽي ويو. ذالڪ تقدير العزيز العليم." (٢)

انهيءَ ڪري سنڌ جي خوشقسمتي چئجي ته بلگرام جا اهڙا صاحب علم ۽ فضل وقائع نويس انهيءَ جي حصي ۾ آيا. انهن وقائع نويسن جون اصل رپورٽون جيڪي يقيناً اهم تاريخي ۽ ادبي دستاويز هونديون، خدا ڪي معلوم ته ڪٿي محفوظ آهن، ليڪن انهن وقائع نگارن جي تصنيفن ۾ سنڌ جي سياسي ۽ علمي تاريخ جا ڪجهه اهڙا واقعا ۽ اشارا محفوظ ٿي ويا آهن، جنهنڪري انهن گم ٿيل رپورٽن جي ڪجهه تلافي ٿي وڃي ٿي. اسان هتي بلگرام جي انهي گهراڻي جي ٽن اهم ۽ معروف وقائع نگارن جو ذڪر ڪنداسين.

## مير عبدالجليل بلگرامي (١٠٧١هه - ١١٣٨هه) (٣)

مير عبدالجليل ١٠٧١هه (٦٠-١٦٥٩ع) ۾ بلگرام ۾ پيدا ٿيو. هو هڪئي وقت حديث، تفسير، لغت، موسيقي، شاعري ۽ عربي، فارسي، ترڪي ۽ هندي ٻولين ۾ اهڙي مهارت رکندو هو، جو بقول آزاد بلگرامي، "چشم روزگار ڪهن سال صاحب ڪمال به اين جامعيت مشاهده نڪرده." (٤) هي تاريخ ڪڍڻ ۾ به بيمثال مهارت رکندو هو ۽ طرحين طرحين تاريخي ماده چوندو هو. "انشاء جليل" ۽ "مثنوي امواج الخيال در تعريف بلگرام" سندس يادگار آهن. سندس وفات ٢٣-ربيع الآخر ١١٣٨هه (٢٩-ڊسمبر ١٧٢٥ع) تي شاهجهان آباد ۾ ٿي ۽ بلگرام ۾ دفن ٿيو.

مير عبدالجليل پهرين ربيع الاول ١١١٢هه (١٥- آگسٽ ١٧٠٠ع) کان جمادي الاول ١١١٦هه (سيپٽمبر ١٧٠٤ع) تائين گجرات (پنجاب) ۾ بخشيگيري ۽ وقائع نگاري جي خدمتن تي مقرر رهيو. ١١١٦هه (١٧٠٤ع) ۾ اورنگزيب عالمگير جي داروغه ڊاڪ مرزا ياد علي بيگ، دربار مان هن لاءِ بکر ۽ سيوستان ۾ بخشيگري، وقائع نگاري ۽ سوانح نويسي جو پروانو حاصل ڪيو. چار رجب ١١١٧هه (٢٢-آڪٽوبر ١٧٠٥ع) تي هو بکر پهتو ۽ سالن تائين نهايت ديانت ۽ ايمانداري سان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. اورنگزيب جا جانشين به مير صاحب جو قدر ڪندا هئا ۽ بکر مان دارالحڪومت دهلي گهراڻ کان سواءِ ٻي نوڪريءَ ۾ توسيع جو پروانو هن ڪي بکر موڪلي ڏيندا هئا. فرخ سير (١١٢٤هه-١١٣١هه) جي زماني ۾ سنڌ ۾ الله تعاليٰ جي قدرت سان هڪ عجيب واقعو پيش آيو. بکر جي ڪنهن ڏاکٽي پرڳڻي ۾ آسمان مان "ريزه هاءِ نبات" (نباتن ۽ پتاشن) جو مينهن وٺو. مير عبدالجليل هن واقعي جو اطلاع فرخ سير کي ڏنو ۽ اُن ۾ ادبي چاشني پيدا ڪرڻ خاطر پنهنجي هي رُباعي به گڏ لکي موڪليائين:

"فرخ سير آن شهنشه بابركات  چرخ از ادب او شده شيرين حركات
در سند ز يمن عهد عشرت مهرش  باريد سحاب ريزه قند و نبات."

اُنهيءَ وقت مير جُملو سمرقندي بادشاهہ جو سوانح نگار هو. هن کي انهيءَ واقعي تي يقين نہ آيو ۽ بغير ڪنهن تحقيق جي انهيءَ واقعي کي غلط قرار ڏيئي سنہ ١١٢٦هہ (١٧١٤ع) ۾ مير صاحب کي بکر جي وقائع نگاري تان معزول ڪري ڇڏيائين. تنهنڪري انهي سال مير صاحب بکر کان دارالحڪومت شاهجهان آباد هليو ويو ۽ اميرالاُمراءَ سيد حسين علي خان سان ملي پنهنجو سنڌ وارو عهدو بحال ڪرايائين ۽ شيخ محمد رضا بکري کي پنهنجو نائب مقرر ڪيائين ۽ پاڻ خود شاهجهان آباد ۾ دربار ۾ رهي پيو ۽ پنجن سالن تائين اُتي رهيو. ١١٣٠هہ ۾ پنهنجي اِنهي عهدي تان استعفيٰ ڏنائين ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي پنهنجي پٽ مير سيد محمد جي نالي سنڌ ۾ مقرريءَ جو پروانو حاصل ڪيائين.

"تبصرة الناظرين"، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، تنهن ۾ مير سيد محمد پنهنجي والد جي ڏهن سالن واري وقائع نگاريءَ جا واقعا ۽ انهي جي مناسبت سان مير عبدالجليل جا لکيل تاريخي قطعا نقل ڪيا آهن. اسان تاريخي ترتيب سان انهن جو ذڪر ڪريون ٿا.

- ١١١٧هہ: مير عبدالجليل بکر ڏانهن ويندي ملتان ۾ خان علي مراد خان سان ملاقات ڪئي. شهزادو محمد معزالدين انهن ڏينهن ۾ ملتان جو گورنر هو. انهيءَ سان بہ ملاقات ڪيائين ۽ انعام اڪرام ورتائين. مير عبدالجليل ملتان مان سيد نظام‌الدين اسد الله جي نالي خط لکيو، جنهن ۾ ملتان ۾ مليل انعام اڪرام جو تفصيل بہ لکيائين. ملتان کان ٻيڙي رستي پندرهن ڏينهن جو سفر ڏهن ڏينهن ۾ طئي ڪري بکر پهچي ويو. (٥)

- ١١٢٠هہ: مير باقر خان ملتانيءَ کي دهلي دربار مان خان جو لقب مليو تہ مير صاحب تاريخي قطعو چيو. انهيءَ سال بکر سرڪار جي فوجدار خان امين‌الدين خان (مصنف "رشحات الفنون") سکر ۾ هڪ عاليشان مسجد نهرائي. مير صاحب تاريخي قطعو لکيو. مقطع هي آهي:

سال تاريخ چنين گفت فرد    "مهبط نور چو بيت المعمور." (٦)

- ١١٢١هہ: بکر جو ظالم حاڪم لڇي رام مُئو تہ مير صاحب هي شعر چيو:

لڇهي رام ظالم مرد ڪسي نڪرد آوخ را    سال فوت هاتف گفت "ڪنده ڪرد دوزخ را." (٧)

- ١١٢٢هہ: فارسي جو صاحب ديوان شاعر سيد حسين امتياز خان خالص اصفهاني شاهجهان آباد کان وڃي رهيو هو تہ سيوستان جي زميندار يار محمد خدايار خان جي ماڻهن هن کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ مال اسباب ڦُري ورتائون. مير صاحب "آهہ آهہ امتياز خان" مان تاريخ ورتي." (٨) انهي سال بکر جي سوداگر خواجہ صالح درياءَ سنڌ جي ڪناري هڪ مسجد تعمير ڪرائي، مير صاحب هي

قطعہ تاريخ چيو:

پي ڪتابہ تاريخ او نوشت خرد "جزائے اين عمل صالح است جملہ ارم." (۹)

- ۱۱۲۴ھہ: نواب شاڪر خان صوبي ٺٽي جو ناظم مقرر ٿيو تہ مير صاحب عربي شعر ۾ هڪ تاريخ چئي ۽ اُن ۾ ٺٽي جو اُچار "تهتها" قائم ڪيو تہ تبصرة الناظرين جي مصنف انهي لاءِ چيو تہ هتي لفظ تهتها اصل هندي لفظ يعني بہ تاءَ فوقانيہ ۽ هاءَ هوز ۽ آخر ۾ الف سان گڏ لکڻ گهرجي، جهڙوڪ تلفظ آهي. (۱۰)

- ۱۱۲۵ھہ: شڪارپور جي زميندار رحيمداد افغان سيوي جي قلعي ۽ ڍاڍر تي قبضو ڪيو تہ خدايار خان پنهنجي پٽ داؤد خان ذريعي رحيمداد جي سرڪوبي ڪئي ۽ قبضي وارا علائقا ڇڏايے. مير صاحب هڪ ڊگهو تا]يخي قطعو چيو، جنہَ ۾ جنگ جو نقشو بہ.چٽيو اٿس، آخري شعرُ يَ آهي:

پي سال تاريخ اين فتح گفتم "داود شے فتح سيوي و دهادهر." (۱۱)

- ۱۱۲۶ھہ: مير صاحب سنڌ مان هليو ويو ۽ واپس نہ آيو، ليڪن سنڌ سان هن جو واسطو برقرار رهيو.

- ۱۱۳۴ھہ: بکر جي ساداتن مان هڪ صاحب سيد امير علي جي گهر پٽ ڄائو تہ مير صاحب هي تاريخي قطعو چيو:

فرد تاريخ او در مصرعي گفت "گرامي نسل صلب شاهہ مردان." (۱۲)

- ۱۱۳۶ھہ: خدايار خان جي گهر ۾ احمديار ڄائو تہ مير صاحب هيٺيون تاريخي قطعو چيو:

بهر تاريخش بگفتم مصرعي "نونهال عهد احمد يار خان." (۱۳)

- ۱۱۳۷ھہ: ميان نور محمد خدايار خان جي پٽ مراد ياب جي شادي تي مير صاحب هي تاريخي قطعو چيو:

خامہ درتحرير اين شادي رقم زد مصرعي هر مراد دل مبارڪ باد اين طوي منير." (۱۴)

## مير سيد محمد بلگرامي (۱۱۰۱ھہ-۱۱۸۵ھہ) (۱۵)

سيد محمد بلگرامي تخلص "شاعر" ۱۴-ربيع الاول ۱۱۰۱ھہ تي ڄائو. هو بہ پنهنجي پيءُ وانگر لغت، محاضرات، شاعري ۽ تاريخ گوئي ۾ مهارت رکندو هو. عربي، فارسي ۽ هندي زبان تي غير معمولي عبور حاصل هيس. ۱۱۸۵ھہ ۾ پنهنجي وطن بلگرام ۾ فوت ٿيو. سيد محمد جو پيءُ مير عبدالجليل ۱۱۱۷ھہ کان سنڌ ۾ وقائع نگاري ڪري رهيو هو. ۱۱۳۰ھہ ۾ هن استعفيٰ ڏني ۽ پنهنجي جاءِ تي پنهنجي پٽ کي مقرر ڪرايائين. مير سيد محمد ۲۴-ربيع الاول ۱۱۳۳ھہ (فيبروري ۱۷۲۱ع) تي دهليءَ مان بکر ۽ سيوستان ڏانهن روانو ٿيو ۽ ۲۰-جمادي الآخر ۱۱۳۳ھہ تي بکر

پهچي اُتي بخشيگري، سوانح نگاري ۽ وقائع نگاري جا عهدا سنڀاليائين. ١١٣٤هہ ۾ هن کي بکر ۽ سيوستان جي وقائع نگاري تان هٽائي، سيوستان سرڪار جي بخشيگري ۽ وقائع نگاري تي مقرر ڪيو ويو ۽ بکر لاءِ حيات محمد خان ڪوڪہ نواب قمرالدين خان کي مقرر ڪيو ويو. پوءِ مير سيد محمد جي نوڪريءَ ۾ ڪجھہ رڪاوٽون پيدا ٿيون تہ انهن کي دور ڪرڻ لاءِ هو ١٧-جمادي الآخر ١١٤٣هہ (ڊسمبر ١٧٣٠ع) تي دهلي ويو ۽ مير غلام علي آزاد بلگرامي کي، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو، پنهنجو نائب مقرر ڪيائين. دهلي دربار ١١٤٣هہ ۾ سيوستان ۾ مير سيد محمد جي جاءِ تي عبدالعزيز ٺٽوي کي بخشيگري ۽ وقائع نگاري لاءِ مقرر ڪيو. ١١٤٤هہ ۾ مير سيد محمد، دهلي ۾ نواب امين الدولہ جي مدد حاصل ڪري، سيوستان جو عهدو بحال ڪرايو ۽ ٢٥- رمضان ١١٤٥هہ (مارچ ١٧٣٣ع) تي واپس سيوستان پهچي ويو ۽ انتظام اچي سنڀاليائين. عبدالعزيز ٺٽوي هي ڏسي حيران ٿي ويو، ليڪن ڪابہ مداخلت نہ ڪري سگهيو.(١٦) مير سيد محمد سنڌ ۾ نادر شاهہ جي حملي تائين ڪم ڪندو رهيو، ليڪن جڏهن حالات بگڙي ويا تہ هو ١١٥٥هہ (١٧٤٢ع) ۾ ملازمت ڇڏي ٢٧- محرم ١١٥٦هہ (١٧٤٣ع) ۾ بلگرام پهچي ويو. سنڌ ۾ ميان يار محمد خدايار خان، سيد محمد کي وڏي اعزاز ۽ احترام سان رکيو ۽ سيد محمد اُتي ڏاڍو سٺو وقت گذاريو. هن جي سنڌ مان واپسي کان ڏهہ سال پوءِ ١١٦٦هہ ۾ جڏهن آزاد بلگرامي "ماثرالڪرام" لکي رهيو هو، تڏهن مير سيد محمد جي ذڪر ۾ چوي ٿو تہ "سنڌ جا سيئي ماڻهو هاڻي بہ مير صاحب کي ياد ڪندا آهن ۽ اُن جو ذڪر خير سٺن لفظن ۾ ڪندا آهن." (١٧)

مير سيد محمد جي خاص تصنيف تبصرة الناظرين (فارسي) آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي جمڻ واري سال ١١٠١هہ (٩٠-١٦٨٩ع) کان وٺي پنهنجي وفات کان ٽي سال پوئتي وارن سالن يعني ١١٨٢هہ (٦٩-١٧٦٨ع) تائين هندستان ۾ پيش ايندڙ واقعا عام طور تي ۽ پنهنجي خاندان ۽ علائقي بلگرام ۾ ٿيندڙ واقعا خاص طور تي سال بہ سال لکيا آهن. ظاهر آهي تہ ڪتاب ۾ انهن سالن جو بہ ذڪر آهي، جڏهن هن جو پيءُ خود ۽ آزاد بلگرامي سنڌ ۾ موجود هئا. اهڙيءَ طرح هن ڪتاب ۾ سنڌ متعلق واقعا بہ شامل ٿي ويا آهن. هيءَ ڪتاب انهيءَ دور جي اکين ڏٺل واقعن ۽ معلومات جو خزانو آهي. افسوس جو اجان تائين شايع نہ ٿيو آهي. البتہ هن ڪتاب ۾ سنڌ متعلق جيڪي واقعات درج آهن، انهن مان پير حسام‌الدين راشدي (وفات ١٩٨٢ع) ميان نور محمد خدايار خان جي تصنيف منشورالوصيت و دستور الحڪومت (ڇاپو حيدرآباد ١٩٦٤ع) ۽ مير علي شير قانع ٺٽوي جي تحفة الڪرام (ڀاڱو پهريون، جلد ٽيون، ڇاپو حيدرآباد ١٩٧١ع) جي حاشين ۽ تعليقات ۾ خوب استفادو ڪيو آهي ۽ اقتباس شايع ڪيا آهن.(١٨) مير سيد محمد سيوستان ۾ رهڻ دوران ٻيا بہ ڪتاب لکيا. ١١٣٤هہ ۾ پنهنجي فارسي مثنوي "ناز و نياز" مڪمل ڪئي. هي مثنوي ٦٠٦ شعرن تي

مشتمل آهي. هن ۾ شاهه فياض ۽ سيد حسن علي بن سيد غلام صفي ترمذي بلگرامي جي عشق جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي.(١٩) ١١٥٥هه ۾ پنهنجي هڪ دوست شيخ محمد رفيع بن مولوي عبدالحڪيم (يا عبدالحليم) سيوستاني جي درخواست تي، عربي ادب تي شيخ جمال الدين محمد بن احمد الخطيب الابشيهي (٧٩٠هه-٨٥٠هه) جي ڪتاب المستظرف جو خلاصو تيار ڪيائين.(٢٠)

تبصرة الناظرين ۾ سنڌ جي سماجي حالتن تي به اشارا ملن ٿا. نادر شاهه جي سنڌ تي حملي کان پوءِ جڏهن سندس لشڪر جا پير هتي ڄمي ويا ته انهن مقامي ماڻهن تي ظلم ۽ ستم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ جتي بڌندا هئا ته ڪنهن وٽ پلو گهوڙو، تلوار، ڪپڙو يا عمدي چادر آهي ته زبردستي کسي وٺندا هئا ۽ ڪنهن کي مقابلي جي جرئت نه ٿيندي هئي.(٢١)

سنڌ ۾ ڇوڪرين (نياڻين) جو وڪرو به ٿيندو هو. اهڙيءَ طرح مير سيد محمد به ذوالحج ١١٤٧هه (اپريل ١٧٣٥ع) ۾ سيوستان مان ٨٤ روپين ۾ هڪ چوڏهن سالن جي ٻانهي خريد ڪئي ۽ انهي جو نالو "سهٽي" رکيو.(٢٢) ٢- ذوالحج ١١٤٥هه تي سندس نرگس نالي ٻانهي، جيڪا هو بلگرام مان وٺي آيو هو، فوت ٿي ويئي هئي.(٢٣)

٨- محرم ١١٤٨هه تي سنڌ ۾ ايڏي زور سان ڪارو طوفان آيو جو آسمان ۾ ڪارو غبار ڇانئجي ويو ۽ سڄو ماحول اهڙو اونداهو ٿي ويو جو ڪوبه شخص يا شيءِ نظر نٿي آئي. ماڻهن تي خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اهو غبار هلڪو ٿيڻ لڳو ۽ انڌارو هليو ويو، تڏهن ماڻهن جي جان ۾ جانِ آئي. مصنف جو چوڻ آهي ته هن پنهنجي ٤٧ سالن جي زندگي ۾ اهڙو خوفناڪ واقعو پهريائين ڪڏهن به نه ڏٺو هو. (٢٤)

مير سيد محمد کي مخدوم لعل شهباز مرندي سيوستاني (وفات ٦٧٣هه) سان خاص عقيدت هئي. هن جو معمول هو ته هر مهيني جي پهرئين جمعي تي هو مخدوم جي درگاهه تي ويندو هو. تبصرة الناظرين ۾ هن هڪ دلچسپ خواب جو ذڪر ڪيو آهي. هن شعبان ١١٥٢هه ۾ خواب ڏٺو ته هو مخدوم جي روضي مان فاتحه خواني کان پوءِ ٻاهر نڪتو ته ماڻهن جو هڪ هجوم ڏٺائين، جتي ڪاري رنگ جي هڪ عورتَ اهڙي سريلي آواز ۾ ڳائي رهي آهي جو مصنف بي اختيار رقص ۽ سماع ڪرڻ لڳو. اُنهي وقت ڪنهن سماع جي مخالف جو آواز سندس ڪن تي پيو: "گردش عبث مي ڪند" (يعني فضول نچي رهيو آه) جيئن آواز ٻڌائين ته مصنف مثنوي مولوي جو هي شعر پڙهيو.

خاڪ پست از عشق برافلاڪ شد ڪوهه در رقص آمد و چالاڪ شد.(٢٥)

**مير غلام علي آزاد بلگرامي (١١١٦هه-١٢٠٠هه) (٢٦)**

هن کي بلگرام جي هن تذڪري واري خاندان جو خوشبوار گل چوڻ گهرجي. هو ٢٥-صفر ١١١٦هه (١٧٠٤ع) ۾ بلگرام ۾ ڄائو، حديث، فقه، سيرت، لغت، عروض ۽ قوافي مير عبدالجليل

۽ ان جي پٽ مير سيد محمد وٽان پڙهيو. حرمين شريفين ويو ته اُتي شيخ محمد حيات سنڌي مدني (وفات ١١٦٣هه) ۽ شيخ عبدالوهاب طنطاوي (وفات ١١٥٧هه) کان حديث جا ڪتاب پڙهيو. عربي ۾ هن پنهنجي شاعري جا ڏهه ديوان مرتب ڪيا. فارسي شاعري کان علاوه تذڪره نويسي ۾هن مآثرالڪرام، سرو آزاد، يدبيضا ۽ خزانه عامره ذريعي پنهنجو نالو مڃايو. آزاد ٢٤-ذوالقعد ١٢٠٠هه (سيپٽمبر ١٧٨٥ع) تي فوت ٿيو ۽ اورنگ آباد کان ارڙهن ڪلوميٽر پري خلدآباد ۾ دفن ٿيو.

آزاد ١١٤٣هه کان ١١٤٧هه (١٧٣٠ع کان ١٧٣٤ع) تائين سيوهڻ ۾ پنهنجي مامي مير سيد محمد جي ماتحت بخشيگري ۽ وقائع نگاري ڪندو رهيو. هو ١٩-ربيع الاول ١١٤٣هه بلگرام کان سيوهڻ پهتو ۽ سفر جي حالتن تي هڪ مختصر مثنوي به لکيائين. هي چند شعر انهي مثنوي جا آهن:

چه سيوستان مقام لعل شهباز     فضايش بر بدخشان مي ڪند ناز
ڪنم سال قدوم خويش انشا     "بسيوستان مبارڪ مورد ما."

١١٤٥هه ۾ سيوستان ۾ رهڻ دوران ئي آزاد، فارسي شاعرن جي حالات تي پنهنجو مشهور تذڪرو يد بيضا لکيو. ١١٤٧هه ۾ جڏهن آزاد سيوستان کان واپس پنهنجي ملڪ وڃي رهيو هو ته بکر ۾ مشهور فارسي شاعر شيخ محمد علي حزين لاهيجي (وفات ١١٨١هه) سان ملاقات ڪيائين، جيڪو اُن وقت ايران مان سنڌ جي رستي هندستان ۾ پهتو هو. حزين پنهنجي هٿ سان پنهنجا شعر لکي آزاد کي ڏنا. (٢٧)

آزاد به تاريخ گوئي ۾ مهارت رکندو هو. سيد محمد بلگرامي، تبصرة الناظرين ۾ انهن سيني خاص واقعن بابت آزاد جا تاريخي قطعا ڏنا آهن، جيڪي آزاد سنڌ ۾ رهڻ دوران چيا هئا، مثال طور:

-١١٤٣هه: مراد ياب خان پٽ نور محمد خدايار خان جي شادي جي تاريخ آزاد هن طرح چئي:

گرفت از خامه اين تاريخ شهره     "به يڪجا جمع گشته ماه و زهره." (٢٨)

سيد پير شاهه سيوستاني، سجاده نشين درگاهه لعل شهباز جي وفات جي هي تاريخ چيائين:

هاتفي گفت سال تاريخش     "مسڪن روح پير شاهه ارم." (٢٩)

ميان نور محمد خدايار خان جي فوجن جي هٿان عبدالله خان بروهي والي قلات جي لشڪر جي هار تي آزاد "عبدالله بروهي قتل گرديد" مان تاريخ ڪڍي. (٣٠)

-١١٤٤هه: دهلي دربار مان خدايار خان کي "ثابت جنگ" جو لقب مليو، آزاد هيئن تاريخ چئي:

برسم تهنيت تاريخ گفتم     "خطاب عمده سلطان مبارڪ." (٣١)

-۱۱۴۶ھ: نور محمد خدايار خان جي پٽ مراد ياب خان جي (ہي؟) شادي مراد علي خان رئيس قلات جي نياڻي سان ٿي. آزاد "مبارڪ باشد و باشد مبارڪ." مان انهي جي تاريخ ڪڍي. (۳۲)

-۱۱۴۷ھ: خدايار خان جي وچئين پٽ خداداد خان جي مڱڻي عبدالله خان بروهي جي ڌيءَ سان ٿي تہ آزاد هي قطعو چيو:

برسم تهنيت تاريخ گفتم "همايون باد اين جشن خداداد." (۳۳)

اسان مير سيد محمد جي بيان ۾ مخدوم لعل شهباز متعلق سندس هڪ خواب جو ذڪر ڪري آيا آهيون. مير آزاد بہ حضرت مخدوم متعلق هڪ خواب ڏٺو هو. اسان هي مضمون انهي خواب جي بيان تي ختم ڪريون ٿا.

۱۱۴۳ھ ۾ مير سيد محمد کي معزول ڪري، جڏهن عبدالعزيز ٺٽوي کي سيوستان جو وقائع نگار مقرر ڪيو ويو تہ انهي معزولي تي آزاد کي گهڻو ڏک ٿيو. هڪ رات هن خواب ۾ ڏٺو تہ ڪنهن شهر جي گهٽي مان گذري رهيو آهي. هڪ شخص سامهون آيو، هن کانئس پڇيو تہ سامهون گهٽي مان رستو آهي؟ هن عربي ۾ جواب ڏنو تہ "سليقاڪ رجال." آزاد چند قدم اڳتي ويو تہ ڇا ڏسي تہ ٽي بزرگ سنڌي پوشاڪ ۾ هڪ هنڌ ويٺا آهن، اُنهن مان هڪ اڳواڻ آهي. آزاد انهن جي ويجهو ويو ۽ سلام ڪري اڳواڻ جي سامهون گوڏا کوڙي ويهي رهيو ۽ سوال ڪيو تہ ڇا اسان جي نوڪري بحال ٿيندي؟ اِهو ٻڌي بزرگ مراقبو ڪيو ۽ هڪ گهڙي مراقبي ۾ رهڻ کان پوءِ سر مٿي ڪري چيائين، "بحال ٿي ويندي" . آزاد وري پڇيو تہ واقعي ائين ٿيندو؟ شيخ چيو تہ "اسان جيڪي ڪجهہ چئي رهيا آهيون." اهڙي طرح هڪ سال کان پوءِ مير سيد محمد جي نوڪري بحال ٿي ويئي ۽ بزرگ جي ڳالهہ سچي نڪتي. آزاد لکي ٿو تہ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ خوشخبري ٻڌائڻ وارو بزرگ حضرت لعل شهباز هو ۽ هڪ گهڙي وارو مراقبو نوڪري جي بحالي ۾ هڪ سال واري عرصي لڳڻ ڏانهن اشارو هو. (۳۴)

## حاشيا ۽ حوالا

(۱) مثال طور (i) مير غلام علي آزاد بلگرامي، ماثرالڪرام (ii) محمد محمود بلگرامي، تنقيح الڪلام في تاريخ بلگرام (iii) فرزند احمد صغير بلگرام (iv) غلام حسين ثمين بلگرامي، شرايف عثماني (v) شاهد حسين رضوي، سفينة الڪرام في شجرة سادات رضويہ بلگرام (vi) قاضي شريف الحسن بلگرامي، تاريخ خط پاڪ بلگرام، ۽ (vii) سيد وصي الحسن، روضة الڪرام، وغيره.

(۲) غلام علي آزاد بلگرامي، ماثرالڪرام، بتصحيح ۽ حاشيو محمد عبده لائل پوري، لاهور

۱۹۷۱ع صفحو ۲۸۲-۲۸۳.

(۳) مير عبدالجليل جي حالات لاءِ ڏسو.

.(i) مير سيد محمد بلگرامي، تبصرة الناظرين (قلمي) واقعو ۱۱۳۸هه. (ii) مآثرالکرام، صفحه ۲۴۵ ۽ ۲۶۷. (iii) غلام علي آزاد بلگرامي، سرو آزاد، بتصحيح ۽ حاشيو عبدالله خان، لاهور ۱۹۶۳ع. صفحو ۲۵۳ کان ۲۸۶. (iv) غلام علي آزاد بلگرامي، شجره طيبه (قلمي) ڪتابخانه آيت الله مرعشي قُم، شمارو ۴۲۸ ورق ۶۰. (v) مير علي شير قانع ٺٽوي، مقالات الشعراءَ، تصحيح ۽ حاشيو، سيد حسام الدين راشدي، ڪراچي ۱۹۵۷ع، صفحه ۴۰۶-۴۱۴. (vi) مقبول احمد صمداني، حيات جليل، اله آباد ۱۹۲۹ع.

(۴) تبصرة الناظرين، واقعو ۱۱۱۷هه، صفحو ۳۹.

(۵) ساڳيو، واقعو ۱۱۲۰هه، صفحو ۶۱.

(۶) ساڳيو، صفحو ۶۱، ۶۲.

(۷) ساڳيو، واقعو ۱۱۲۱هه، صفحو ۶۴.

(۸) ساڳيو، واقعو ۱۱۲۲هه، صفحو ۶۵.

(۹) ساڳيو، صفحو ۶۵.

(۱۰) ساڳيو، واقعو ۱۱۲۴هه، صفحو ۷۲.

(۱۱) ساڳيو، واقعو ۱۱۲۵هه، صفحو ۷۳-۷۵.

(۱۲) ساڳيو، واقعو ۱۱۳۴هه، صفحو ۱۰۶.

(۱۳) ساڳيو، واقعو ۱۱۳۶هه، صفحو ۱۱۱.

(۱۴) ساڳيو، واقعو ۱۱۳۷هه، صفحو ۱۱۴.

(۱۵) مير سيد محمد جي حالات لاءِ ڏسو:

.(i) تبصرة الناظرين، مختلف صفحا. (ii) مآثرالکرام، صفحه ۲۸۱-۲۸۴. (iii) سرو آزاد، صفحه ۲۸۹-۲۹۱. (iv) شجره طيبه، ورق ۶۳، ۶۴. (v) مقالات الشعراءَ، صفحه ۳۱۶-۳۲۱.

(۱۶) تبصرة الناظرين، واقعو ۱۱۴۵هه، صفحو ۱۷۲.

(۱۷) مآثرالکرام، صفحو ۲۸۲.

(۱۸) پير حسام‌الدين راشدي، تبصرة الناظرين جي هڪ نامڪمل قلمي نسخي (واقعو ۱۱۰۱هه کان ۱۱۵۸هه) ڪاتب عبدالڪريم ۱۹۳۷ع، تان استفادو ڪيو هو. هي نسخو سيد وصي احمد بلگرامي پنهنجن ٻن خانداني نسخن جي مدد سان نقل ڪرايو هو ۽ ان جو عڪس پير صاحب کي ڏنو هئائين، جيڪو هاڻ ذخيره ڪتب راشدي، قائداعظم يونيورسٽي

لائبرري اسلام آباد ۾ موجود آهي ۽ اسان هن مقالي لاءِ انهي عڪس تان استفادو ڪيو آهي.

(١٩) تبصرة الناظرين، صفحو ١١٠.

(٢٠) ساڳيو، صفحو ٢٠١، ٢٠٢.

(٢١) ساڳيو، واقعو ١١٥٦هه، صفحو ٢٠٤.

(٢٢) ساڳيو، واقعو ١١٤٧هه، صفحو ١٧٨.

(٢٣) ساڳيو، واقعو ١١٤٥هه، صفحو ١٧٣.

(٢٤) ساڳيو، واقعو ١١٤٨هه، صفحو ١٧٩.

(٢٥) ساڳيو، صفحو ١٩٣.

(٢٦) مير آزاد، پنهنجا حالات ماثرالڪلام جي صفحي ٢٩٠ کان ٢٩٦ ۽ سرو آزاد جي صفحي ٢٩١ کان ٣٠٧ تي درج ڪيا آهن. وڌيڪ ڏسو، بر رسي احوال و آثار فارسي مير غلام علي آزاد بلگرامي، از حسن عباس (اڻ ڇپيل مقالو براءِ پي.ايچ.ڊي دانشگاه تهران ١٩٩٤ع ملڪيت راقم الحروف.)

(٢٧) سرو آزاد، صفحو ٢٢٥ ۽ خزانه عامره، صفحو ١٩٤.

(٢٨) تبصرة الناظرين، صفحو ١٦٢.

(٢٩) ساڳيو، صفحو ١٦٤.

(٣٠) ساڳيو، صفحو ١٦٤.

(٣١) ساڳيو، صفحو ١٧٠.

(٣٢) ساڳيو، صفحو ١٧٥.

(٣٣) ساڳيو، صفحو ١٦٩-١٧٠.

(٣٤) ماثرالڪرام، صفحو ٢٧٤-٢٧٥.

ڊاڪٽر ديدار حسين شاهہ رضوي

# ”مرتضائي ٺٽوي“ جون ادبي خدمتون

سنڌي زبان جو قادرالڪلام شاعر، سيد غلام مرتضيٰ شاهہ رضوي، ”مرتضائي“ ، ٺٽي جي رضوي سيدن مان هو. ٺٺگر ٺٽي ۾ انهن رضوي ساداتن کي مهدوي سيد (١) ڪري ڪوٺيندا آهن. مرتضائي، رضوي سيدن جي حمزاڻي پاڙي(٢) مان هو. انهيءَ خاندان جا وڏا سنڌ جا حاڪم ۽ هندوستان جا فوجي جرنيل ۽ سپہ سالار ٿي رهيا آهن. منجهانئن شاعر، نثرنويس ۽ اديب بہ گهڻا ٿيا(٣). علم، ادب، اخلاق، خانداني فضيلت ۽ نجابت، سلوڪيت، ڪرامت، تعليم ۽ تربيت وغيره مرتضائي کي ورثي ۾ مليل هئا. مرتضائي صفر مهيني جي نائين تاريخ، سومار جي ڏينهن(٤) ١٢٥٩ هجري (١٨۴۴ع) ۾ ڄائو. ”فدوي“ سندس ڄمڻ جي تاريخ هن ريت جوڙي:

صفر مهيني نيڪ تاريخ نهم،
ذات ذاتر آيو ڏينهن سومار بخت.
نامور جايو غلام مرتضيٰ،
کيو خدا روشن علي جو يار بخت.
عمر دولت سين عطا فرزند ٿيس،
خضر مقدم مرحبا نروار بخت.
خلف صالح شال ٿيندو ارجمند،
ابن عاليشان بابسيار بخت.
سال جاپڻ ان سندو هاتف چيو،
’فدوي‘ کي وڏ ولد بيدار بخت(٥).

مرتضائي جيئن تہ حڪمران گهراڻي سان وابستہ هو، انهيءَ ڪري سيئي اهل خاندان کيس پيار، قرب، محبت ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. سندس ننڍپڻ نهايت ئي قرب، دلي لڳاءُ ۽ پابوهہ سان گذريو. جيئن تہ نهايت ئي سک ۽ نفاست سان پليو هو، انهيءَ ڪري ننڍپڻ ۾ پڙهڻ طرف سندس دل زياده مائل نہ رهندي هئي. پنهنجي ديوان ۾ انهيءَ جو اقرار هيئن ڪيو اٿس:

”ڪيو استادن ازل جي مرتضائي نڪتہ دان،
ظاهرا مائل نہ هو تقرير ۽ ترقيم ساڻ.“

سندس والد صاحب اهڙي ڪيفيت کان گهڻو پريشان رهندو هو. نيٺ سندس بانهن امام بخش شاهہ فدوي جي حوالي ڪئي ويئي، جنهن سندس ذهانت پرکي ورتي ۽ مرتضائيءَ کي پنهنجي شاگرديءَ ۾ قبول ڪيائين.

مرتضائي ننڍي هوندي کان حقي پياڪ بنجي چڪو هو، پر خانداني آداب ۽ اطوار جي باعث ظاهر ظهور حقو ڇڪي نہ سگهندو هو ۽ انهيءَ رڪاوٽ سبب ئي پڙهڻ کان سندس دل پاسيري رهندي هئي.

سندس استاد "فدوي" ڪانئس نہ پڙهڻ جو سبب معلوم ڪري کيس حقي ڇڪڻ جي اجازت ڏني. اجازت جي باعث مرتضائي وعدي موجب تحصيل علم کي پاڻي وانگر پي ڏيکاريو. تعليم جي ميدان ۾ مرتضائي گوهر افشاني ڪري ڏيکاري. مرثيا، منقبتون، قصيدا، مثنويون، رباعيون، فرد، حمد، نعت، غزل، فارسي، سنڌي، عربي، ترڪي، هندي، سنسڪرت، ديوناگري، اردو زبانن جي مهارت ۽ انگريزي جي ڄاڻ حاصل ڪري ڏيکاريائين. سندس مطالعي ۾ نہ صرف سلوڪيت، پر تاريخ جا وڏا اهڃاڻ ملن ٿا. ديوان جي اندر هڪ مڪمل غزل 'حقي' متعلق جوڙيو اٿس.(٦)

خانداني پيشي زميندراي جي ڪري سندس گذر سفر جو ذريعو بہ اهوئي رهيو. ميرن وٽان حڪومت کسجڻ ڪري نہ صرف مٿن، پر سندن يارن، دوستن، همدردن ۽ ساٿين تي پڻ ڏکيا ڏينهن اچي ويا ۽ مرتضائي پڻ انهي جو شڪار رهيو. ديوان جي هڪ غزل ۾ چيو اٿس تہ:

خدا انگريز کي برباد ڪر،
رعيت نماڻي کي دلشاد ڪر،
وري ملڪ ميرن کي موٽي ملائي،
خدايا تون بيداد جو داد ڪر.

مرتضائي جو پهريون پٽ سومر جي ڏينهن ١٥ رجب المرجب ١٢٩٩ هجري، شام جو سج لهڻ وقت تولد ٿيو، جنهن جو نالو پنهنجي ڏاڏي جي نالي مطابق ذوالفقار علي شاهہ رکيائين. انهي موقعي تي هينيون قصيدو ۽ ڄم جي تاريخ جوڙيائين.

جڏهن رحمتي ڪڪر ڪئون ٿيو گلعزار باغ،
تڏهن ويو خزان وسري وري بوئي بهار باغ.
گل ڦل ٿڙيا بهار مثل عطرريز ٿيا،
خوش پوش نسيم ساري نشاني آئي بهار باغ.
ابر و ڪرم چمن ۾ ڪري بستيون وڏيون،
مهڪ مهڪ ڦرئي وسي ڪيو سڀ لالہ زار باغ.
مڪڙي جي بوءِ نرگس جادو اکين کي مست،
خوشبوءِ گلاب شاهہ گلان ڪنڌهار باغ.

الحمد هن بهار ۾ ساز رحمت خدا،
هڪ ٽڏو او بهاريءَ ڏنو ڪردگار باغ.
ماه رجب جي پنڌرهين سانجهين جو ڏينهن زڪواة(٧)،
ڏاتر ڏنو اسان کي ولد ذوالفقار باغ.
هوئي شال عمر عزت سان صالح الولد،
بابخت سعد يار ور روزگار باغ.
شڪر خدا اسان جو ٿيو مقصود دل حصول،
دل تي بهار اڪين اڳيان نور و نار باغ.
هوئي مصطفيٰ جي دين تي ثابت قدم براهہ،
ملت تي مرتضيٰ جي هجي نامدار باغ.
جڏهن مرتضائي سال ولادت جو ڪيو طلب
هاتف چيو تہ آيو "بلبل بهار باغ".
١٢٩٢هجري مطابق ١٨٧٨ع
فدوي وري اها تاريخ هن ريت جوڙي،
لافتا الا علي لاسيف الا ذوالفقار.
سن ١٢٩٢ هجري

مرتضائي جي مٿين شعرن مان ظاهر آهي تہ ڪيس شاديءَ کان پوءِ ترت اولاد نہ ٿيو، انهي ڪري پهرئين پٽ جي جمڻ تي سندس خوشي جي حد نہ رهي. انهي اولاد جو نصيب ٿيڻ مرتضائي لاءِ زندگي جي بهاري آٽي چڙي هوندي. پر افسوس جو سندس اهو پهريون پٽ ربيع الاول جي يارهين تاريخ، بروز اڱاري جي ١٢٩٩ هجري ۾ ٦ سال، ٧ مهينا ۽ ٢٥ ڏينهن زنده رهڻ بعد گذاري ويو. ظاهر آهي تہ انهي صدمي مرتضائي کي تمام ملول ۽ غمگين ڪيو هوندو. انهي فراق ۽ ٻئي اولاد جي ٿيڻ جي خواهش مرتضائي جي دل تي تمام گهڻو اثر وڌو. ديوان مان سندس انهي مايوسي ۽ پرامبد خواهش جو اظهار ملي ٿو.

جيئن تہ:

"روزي ۾ مرتضائي رهيو رنج جي جڏهن،
ڪا عيد آڻ عيش سندي ان تي خوب خوب."

ٻئي هنڌ وري چيائين تہ:

"اي صبا اُن باغبان ايجادُ جي کي سوال ڪر،
مرتضائي کي نوازج از برائي عندليب."

سنڌ جي خانداني روايتن موجب، خاص طور سان نرينو اولاد هجڻ تمام ضروري سمجهيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهي کي ئي پشت جو قائم رهڻ وڏن جي نشاني، وارث وسيلو ۽ نسل جي برقراري جي علامت سمجهيو ويندو آهي، تنهي جي رضوي خاندان ۾ تمام گهڻا افراد هئا، پر ١٨٠٠ع کان پوءِ واري عرصي دوران منجهانئن فوتين جو تعداد وڌندو ئي پسجي. گهڻا ڦوهہ جواني ۾ ئي بي اولاد گذاري ويا. مرتضائي لاءِ اها سوچ ۽ پٽ جو موت، طويل علالت ۽ مٿس ماتا جا حملو ۽ ٻيا اهڙا سانحا، دل ڏهلجڻ وارا رهيا هوندا. اهو سمورو عرصو ارمان، افسوس، ويڳاڻپ، رنج ۽ غم وارو رهيو هوندو. اڪثريت کان خاندان جو اقليت طرف راغب ٿيڻ، مرتضائي لاءِ ڪنهن غمناڪ الميي، دلي ۽ ذهني هاڃي کان، گهٽ ڪونہ گذريو هوندو.

جيئن تہ پاڻ ديوان ۾ ڪليل نموني ۾ اظهار ڪيو اٿس:

"خاموش بي سبب نہ ڪري مرتضائي ٿو،
بيمار هوڪہ جنهن کان ٿيا حيران ڪيترا."

انهي پٽ جي وفات بعد ڪيس ٻن سالن تائين اولاد نہ ٿيو، انهي رنج و الم واري ڪيفيت دوران وري چيائين تہ:

"مرتضائي کي ڏي ورائي خدا،
صالح ٻانهون سندو عجيب فرزند."

ڏٿيءَ جي دربار سندس اها التجا اگهائي ۽ ڪيس ١٣٠١ هجري مطابق ١٨٨٤ع ۾ ٻيو فرزند ڄائو، جنهن جو نالو نرالو حسين بخش رکيائين.

مخدوم ابراهيم خليل انهي جم جي قطعہ تاريخ هن ريت جوڙي آهي:

"غلام مرتضوي را چون خانہ شد آباد،
بہ پورنيڪ سيرت، نيڪ طبع، نيڪ نهاد."

انهي پٽ جي جمڻ تي مرتضائي ڪوبہ ڪلام نہ جوڙيو. خاموشي سان ڪيس دعائون ڪندو رهيو، سندس هدايت ۽ طول عمري لاءِ ڏٿي جي در خواهشمند رهيو، ڪيس وصيعتون بہ ڪندو رهيو.

جيئن پاڻ چيو اٿس:

"حسين بخش کي هادي ڏئي هدايت کا،
جو عمر علم نصيبن ۾ شل ڏسان اولاد."

وري ٻئي بنڌ ڪيس نصيحت ڪندو چوي ٿو:

"ور ڪج ڪو مرڻ بعد مٿم گهوڙي چڙهي چوتہ،
بارش کان فراقن جي مٿي گور علف ٿئي."

"هر وقت حسين بخش ڏسي مرتضوي چئو،
طالع سان ونئي طول سندم صالح خلف ٿئي."

حسين بخش به شاعري شروع ڪئي هئي، پر عمر وفا نه ڪيس، نه ته پيءُ وارا جلوا ڏيکاري ها.

سندس جوڙيل مرثيي جو مثال هن ريت آهي:

هائي سـو سرور حسين. ماريو اجايل حسين،
مـالـڪ محشر حسين، ماريو اجايل حسين.
مهدي هـادي امـام، مهدوي تنهنجو غلام،
تنهن کي رسيج يا امام، ماريو اجايل حسين.

انهي بعد مرتضائي کي ٽيون فرزند ۱۳۰۴ هجري ۾ ڄائو، جنهن جو نالو روشن علي شاهه رکيائين. هن جي تاريخ پڻ مخدوم ابراهيم خليل هن ريت جوڙي آهي:

چون غلام مرتضيٰ را زاد فرزند نجيب،
آنڪه هر وقت، ولودش نام شد روشن علي،
از سر جو دم خرد سال ولود او بگفت،
ڪرد از يمن جلي بزم طرب روشن علي.
هجري ۱۳۰۴ مطابق ۱۸۸۷ع

پر سندس هي فرزند به ڇهن مهينن بعد وفات ڪري ويو.

مرتضائي جي پهرئين گهر واري يعني حسين بخش جي والده ماجده سندس ٻالڪپڻي واري زماني ۱۳۰۶ هجري ۾ وفات ڪري ويئي. مرتضائي وڏپڻ ۾ ۱۳۰۷ هجري ۾ ٻي شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس ڪوبه اولاد نه ٿيو. سندس اهو حرم حسين بخش جي وفات بعد به گهڻو وقت جيئري رهي ۽ ۱۳۵۸ هجري ڌاري وفات ڪيائين.

مرتضائي ٦٩ سالن جي عمر ۾ ۱۳۲۸ هجري مطابق ۱۹۱۰ ۾ وفات ڪئي، سندس قبر يوسف شاهه رضوي جي گورستان ۾ اتر طرف، حمزائين جي پاڙي کي مليل جاءِ وٽ نهيل آهي. ساڻس گڏ سندس پائيتي غلام محمد شاهه (منهنجي والد) جي قبر آهي. جنهن ۲٦ اپريل ۱۹۷۵ع مطابق ۱۳ ربيع الثاني ۱۳۹۵ هجري ۾، جڏهن آءٌ پي.ايچ.ڊي ڪرڻ لاءِ ماسڪو ۾ هيس، وفات ڪئي، سندس آخري ديدار نصيب نه ٿيو، دير سان خبر پوڻ سبب سندس چاليهي تي پهچي سگهيس.

## مرتضائيءَ جو شجرو ۽ حسب نسب

فقير سيد غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي ولد سيد روشن علي شاهه "روشن" جو شجرو هن ريت آهي:

پهرئين اهليه مان روشن علي شاهه مدفن ڪربلا معليٰ مقام ادريس جي پشت.

غلام مرتضيٰ شاهه

- حسين بخش شاهه
  ننڍو
  ٢٥ سالن جي ڦوهه جواني ۾ شادي کان اڳ ۾ گذاري ويو
- ذوالفقار علي شاهه
  (وڏو)
  ڇهن سالن جي عمر ۾ گذاري ويو.
- روشن علي شاهه
  آخرين
  ڇهن مهينن جي عمر ۾ گذاري ويو.

### ٻي اهليه مان روشن علي شاهه جي پشت

- تراب علي شاهه
  (وڏو)
  وفات ١٣٥٥ هجري
- عبدالله شاهه يا عبد علي شاهه
  (ننڍو)
  وفات ١٣٥٨ هجري
  - محفوظ علي شاهه
    (وڏو)
    (١٩٧٦ ۾ لاولد فوت. سندس گهر واري اڃا زنده آهي، جا مرتضائي واري حويلي ۾ رهي ٿي.)
  - مراد علي شاهه
    (لاولد فوت، سندس واحد نياڻي ٻي اولاد زنده اهي، شادي شده آهي.

**تراب علي شاهه**

غلام محمد شاهه
(وڏو)
٢٦ اپريل ١٩٧٥، مطابق ١٣
ربيع الثاني ١٣٩٣ ۾ وفات
ڪيائين عمر ٦٠ سال

امداد علي شاهه
ننڍو
شادي کان اڳ ۾ ١٩٧٤ ۾
وفات ڪري ويو.

پروفيسر ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه
جنم: ١١- مارچ ١٩٤٨ع

غلام محمد شاهه
(وڏو)
(عمر ١٥ سال)

غلام مرتضيٰ شاهه
(ننڍو)
(عمر ١٢ سال)

ڪنول شاهه
(عمر ١٧ سال)

نيلوفر شاهه
(عمر ١٦ سال)

نيئولي شاهه
(عمر ١١ سال)

صنوبر شاهه
(عمر ٥ سال)

مرتضائي شعر ۾ پنهنجو شجرو هن ريت جوڙيو آهي:

پشت پنهنجي نظم ۾ آڻج غلام مرتضيٰ،
تان ٿئي معلوم سڀڪنهن کي سنڌي شجرو صفا.
هي غلام مرتضيٰ بن سيد روشن علي،
ابن سيد ذوالفقار جاڻج بي ريا.
تنهن جي والد جو اسم پڻ آهي نت روشن علي،
اُن جو والد سيد افضل وڻي باصيا.
اُن جو والد نامور آهي سيد عبدالملڪ،
اُن جو والد عبدالرحمان ابن حمزه با وفا.
سيد حمزه(٨) جو والد سيد اسحاق آهي،
سيد اسحاق جو والد ڪمال الدين وا.

أن جو والد سيد جاده(٩)، أن جو ركن الدين سچار،
كامل و عارف حقيقي رهبر راهہ خدا.
أن جو والد منجهہ شهادت ٿيو شهيد نامي مريد(١٠)،
ابن سيد شيخ بن سيد حسن عارف هُدا.
أن جو والد موسیٰ بن علاءُ الدين شير،
ان جو والد سيد محمد مكي(١١) تاج اوليا.
سيد محمد مكي جو پيءُ پلو محمد شجاع(١٢)،
أن جو والد سيد ابراهيم شاهي پارسا.
أن جو والد مير قاسم بن مكارم زيد چاڻ،
أن جو والد سيد جعفر بالقب اصغر صنعا.
جنهن جو والد سيد حمزه بن امير هارون،
أن جو والد هو ابي معاصر شہ مُلك هدا.
أن جو والد نامور جاٿج سخي سيد عقيل،
أن جو والد سيد القائم امير دوسرا.
أن جو والد سيد اسماعيل شاهہ ملكِ فضل،
بن ابي جعفر مزكي بن نقي المقتدا.
أن جو والد شاهدين جولڊ دين حضرت تقي،
أن جو والد شاهدين سيد علي موسیٰ رضا.
أن جو والد موسیٰ كاظم امام دوجهان،
أن جو والد جعفر صادق امام و پيشوا.
أن جو والد باقر علم لدن شاهي جهان،
أن جو والد نامدار حضرت زين العبا.
أن جو والد شاهہ شهدا نامور حضرت حسين۴،
أن جو والد شاهہ دين برحق علي المرتضا.
أن جو والد خوش ابوطالب كہ عمران نامدار،
أن جو ٿيو عبدالمطلب خاص و ابدي بها.
هي سيئي سيد پلارا بادشاهي ملك فضل،
نامور عارف الاهي رازدان كبريا.

مرتضائي پشت تنهنجي آهي هن ترڪيب سان،
۽ زياده پڻ نہ ڪر طول و طويل ري ابي ريا.

ٺٽي جي رضوي ساداتن جي شجري تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ، اهو خاندان نهايت ئي وسيع هو. انهي خاندان مان تمام گهڻا اوليا الله ٿي گذريا آهن، سميت انهن جي تمام گهڻا حاڪم، گورنر، فوجي بهادر، رهنما، ديانتدار امير، هوشيار وزير، مشاهير، مصاحب، شاعر، نثرنويس، انشاپرداز، تاريخ نويس، مرثيہ گو، مناقب ۽ مثنوي نويس، قصيده گو، رباعيون جوڙيندڙ، عربي، فارسي، ترڪي، هندي، سنڌي، اردو، انگريزي ۽ روسي زبانن جا ڄاڻو، ابجد جا ماهر، پروفيسر، ڪامل استاد ۽ پنهنجي وقت جا نامور عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن. انهن مان ڪافي بزرگن جو ذڪر سنڌ متعلق مستند ڪتابن جهڙوڪ: مڪلي نامہ، تحفة الڪرام، مقالات الشعراء، تڪمله مقالات الشعرا، بيان العارفين، ديوان عطا ٺٽوي، ديوان محسن ٺٽوي ۽ ٻين تاريخي ۽ ادبي ڪتابن ۾ جاٽايل آهي.

هن رضوي خاندان خاص طور سان پنهنجي حال ۽ حيثيت آهر سنڌ جي خدمت پئي ڪئي آهي ۽ ان جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ طرف لياقت آهر ڪوشش پئي ورتي آهي. ايستائين جو سنڌ جي آزادي ۽ بقا واري مياڻي جي جنگ (١٨٤٣ مطابق ١٢٥٩ هجري) ۾ ميہ صاحبن سان گڏجي، انگريزن خلاف جنگ وڙهندي جام شهادت پڻ پيتو.

**مرتضائي جون تصنيفي ۽ تاليفي حاصلاتون:**

ننڍپڻ جي زماني کان جوانعمري تائين مرتضائي ڪي فارسي ۾ قصيدن، نعتن، رباعين ۽ مرثين جو شاعر چئبي سگهجي ٿو. ١٨٥٣ع کان پوءِ سنڌي زبان، انگريزن جي دور حڪومت ۾ سرڪاري سرپرستي ۽ همت افزائي سبب خوب وڌڻ ويجهڻ لڳي ۽ سرڪاري خواه دفتري زبان فارسي جي جاءِ والارڻ لڳي.

سنڌ جي تمام گهڻن شاعرن، مصنفن ۽ خود مرتضائي بہ انهي اثر ۽ تبديلي کي پنهنجو ڪيو ۽ سنڌي ۾ شاعري ڪرڻ لڳا.

مرتضائي جي تصنيفات ۾ هيٺيان شاهڪار شامل آهن:

| | |
|---|---|
| ١- مرثيہ نگاري | اڻ ڇپيل |
| ٢- رباعيون، تاريخ وفات وغيره | اڻ ڇپيل |
| ٣- نجات القلوب | اڻ ڇپيل |
| ٤- منقبتون ۽ قصيدا | اڻ ڇپيل |
| ٥- مثنوي يوسف زليخا | ڇپيل |

٦- طوطي نامو — ڇپيل

٧- سڪندر نامو — ڇپيل

٨- شاهنامو فردوسي جي ڪن حصن جو ترجمو — ڇپيل

٩- ڪريمانيچري — ڇپيل

١٠- فارسي ڪتاب نورالهديٰ جو ترجمو — ڇپيل

١١- ديوان مرتضائي — اڻ ڇپيل

مٿئين تصنيفن مان صرف دستياب مواد تي خيال آرائي ڪجي ٿي.

**١ - مرثيہ نگاري:**

مرتضائي جواني ۾ مرثيہ گو شاعر ٿي گذريو آهي. سنڌيءَ ۾ سائين ثابت علي شاهہ رضوي سيوهاڻي ڪان پوءِ تعداد ۽ معيار جي لحاظ ڪان مرتضائي ڪي وڏو مرثيہ گو شاعر چئي سگهجي ٿو. مرتضائي سنڌي ۾ فارسي ڪان بہ زياده مرثيا نويسي ڪئي آهي. مرتضائي بہ سو ڪان بہ وڌيڪ مرثيا جوڙيا آهن، جن ۾ مجلسي (مسدس) ميداني (مربع) ۽ بہ سٽا (نوح يا سيني زني وارا)، رباعيون وغيره شامل آهن. سندس مرثيا نهايت ئي اعليٰ درجي جا ۽ ڪمال جي شاعري جو مظهر آهن، جن مان ڪن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مجلسي مرثيي جو مثال

بند پهريون

جڏهن آيا اهلبيت نبوتؑ جا شام ۾،
در ز جف دمشق جي بازار عام ۾،
ٿيو حشر شورو حشر خواص و عوام ۾،
گويا رسي قيامت هن ازدهام ۾.

هو شور هي تہ آيا اسيران اهلبيت،
مقتول مير وارا غريبان اهلبيت.

آخري بند

افسوس مرتضائي ڪي هن قتلعام جو،
حسرت گداز درد انهي قيد شام جو،
آهي غلام خاص امام انام جو،
سو ڪربلا رسي ٿئي سلامي امام جو.

حاضر حضور روضئہ شبير ۾ رهي،
جت شاهہ ان جو هي بہ گدا ان جڳهہ تهي.

هن مرثيي مسدس ۾ اهڙا ڪل ٢٦ بند آهن.

ٻيو مثال بند پهريون

معلوم اٿو مومنان هي ڪنهن جو پنڻ آهي،
۽ ڪنهن جي سبب خاڪ اها سرتي وسڻ آهي،
هي درد جگر جان منجهان جلد ڪڍڻ آهي،
هن باهہ جو سيني ۾ وڏو مچ مچڻ آهي،

فرزند رسول عربي هائي ڪنو هائي،
عاشورو خدا نام انهي لاءِ رکيو آهي.

آخرين بند

جو شاهہ شهيدان جي ڪري هڪڙي زيارت،
يا ماتم عظما ۾ بڪا آڻي بڪثرت،
محشر ۾ محمد کان ملي ان کي شفاعت،
مسرور محبن کي ڪري شه جي ڪرامت.

مرتضائي عبد جو ٻيو ناهي وسيلو،
جُز آل نبي حشر هلي ڪونڪو حيلو.

هن ۾ اهڙا ڪل ٢٢ بند آهن.

ٽيون مثال

چهلم جي نسبت سان هي مرثيو جوڙيائين:

بند پهريون

مومنان اج آهي شاهہ ڪربلا جو چاليهو،
نورعين مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ جو چاليهو،
أج اجايل ان قتيل سر جدا جو چاليهو،
ڪڙم سان ساري ڪنل ان پيشوا جو چاليهو.

بي ڪفن رڻ بيدفن آهي روز اربعين،
جنهن جو لاشو بيدفن چلهم تلڪ سوئي حسين.

آخرين بند

اڱتي ناهي تاب تاقصو ڪريان سارو بيان،
مرتضائي صبر ڪر شاهه تي صلوات خوان،
مرغ ماهه وحشن النسا آهي سڀڪو ناتوان،
شاهه جي سڀ دشمنن تي هو سدا لعنت ڪنان،

دوستن حضرت جو هردم پاڻ ڪي چائج غلام،
ڪربلا جي صابرين تي چئج صلواة و سلام.

هن ۾ اهڙا ڪل ٢٥ بند آهن.

ان بعد ٻن ستن وارا مرثيا آهن. نئي ۾ اهي عام طور سان جلوس هلندي هلندي ڪٿي ترسڻ مهل جهلي تي پڙهيا ويندا آهن. انهي ڪري انهن کي ٻن وارا يا جهلي وارا مرثيا ڪري چيو ويندو آهي، مرتضائي مرثيي جي انهي صنف کي بہ خوب نباهيو آهي.

مثال پهريون، بند پهريون

کي رب سڀ تي فرض اطاعت حسين جي،
واجب ٿي مومنن تي محبت حسين جي.
شاهه زمان جملي زمينن جو بادشاهه،
نروار نہ سما ۾ نجابت حسين جي.
نور نبي سرور دل شاهه اوليا،
خاتون خلد کان ٿي ولادت حسين جي.
جي ماتمي حسين جا مخرون دردمند،
رسندي تنهي کي خاص شفاعت حسين جي.

آخري بند

منجهه ڪربلا حسين جي اي مرتضائي هل،
هردو جهان ۾ ونج حمايت حسين جي.

هن ۾ اهڙا ڪل ١٥ بند آهن.

ٻيو مثال

مهمان ڪربلا ٿيو هئي حسين مظلوم،
دردن جو مبتلا ٿيو هئي حسين مظلوم.

ناحق ڪنائون نرمل شير خدا جو نوگل،
جنهن لئي پڪاري بلبل هئي هئي حسين مظلوم.
فرزند مصطفيٰ جو دلبند مرتضيٰ جو،
ماريو محب خدا جو هئي هئي حسين مظلوم.
جن و ملڪ ۾ ماتم حُور و پريءَ کي هي غم،
حسرت ۾ سڀڪو عالم هئي هئي حسين مظلوم.

آخرين بند

هروقت مرتضائي حسرت رکي اهيائي،
ٿئي شال ڪربلائي هئي هئي حسين مظلوم.

هن ۾ اهڙا ڪل ٢٣ بند آهن.

ٽيون مثال

هي مرثيو محرم مهيني جي نائين تاريخ جي رات پڙهيو ويندو آهي، انهي کي اولاٽي جو مرثيو به چئي سگهجي ٿو:

قاسم جي ماءُ آئي بيان هي ڏک سٽايان ڪنهن کي آءٌ،
نوشه رهيو رڻ جي اندر دولو ٻٽايان ڪنهن کي آءٌ.
نوبت وڄايان درد جي سهرا سنيايان رنج جا،
ساٿن سهاڳن جي سبب اپٽڻ لڳايان ڪنهن کي آءٌ.

آخرين بند

هن مرتضائي عبد کي ڪر ڪربلائي يا ڪريم،
جو مرثيو شه جو چوي سوئي سٽايان ڪنهن کي آءٌ.

هن ۾ اهڙا ڪل ١٨ بند آهن.

جڏهن جلوس اختتام تي پهچندو آهي ته هن طرز جا چار سٽا مرثيا پڻ پڙهيا ويندا آهن، جيئن مثال چوٿون:

ڇا ڏنوءِ جو ڪربلا ۾ ٿيا حشر اي آسمان،
ٿي نبي زادا ڪنا تون بي خبر اي آسمان،
جڏهن ڏنوءِ سج چند پيغمبر جا عالم مان لڏيا،
تن ڪان پوءِ تو ڇو ڪيا شمس و قمر اي آسمان.

آخري بند

دين جي دستار لاهي دين دعويٰ چو رکن،
چو شفاعت لئي رهن سي منتظر اي آسمان.
مرتضائي ماتمي فرزند پيغمبر جو آهي،
ڏج گواهي هيءَ خدا وٽ منجهہ حشر اي آسمان.

هن ۾ اهڙا ڪل ٣١ بند آهن.

مرتضائي جي مرثين مان نوحي يا سيني زني مرثين جا مثال هن ريت آهن، انهن نوحن جي پڙهڻ دوران ماتم ڪيو ويندو آهي، انهن ڪي ماتمي يا پٽ وارا مرثيا بہ چيو وڃي ٿو.

مثال پهريون:

شافع محشر جو پٽ هائي اجايو حسين،
ساقيءَ ڪوثر جو پٽ هائي اجايو حسين.
باعث ايجاد خلق داور بنياد خلق،
داد رس داد خلق هائي اجايو حسين.
بادشاهہ انس و جان وارث پيغمبران،
دشتِ بلا ۾ ڏسان هائي اجايو حسين.

آخرين بند

اهڙو نہ صابر سڏائي ڪوئي نہ عاشق چوائي،
مرتضوي وائي وائي هائي اجايو حسين.

هن ۾ اهڙا ڪل ٣١ بند آهن.

مثال ٻيو

قبلئہ ايمان حسين شاهہ شهيدان حسين،
رحمت رحمان حسين شاهہ شهيدان حسين.
حجتِ برهان حق رهبر ايمان حق،
عارف عرفان حق شاهہ شهيدان حسين.
اهلِ دغا ڏيئي ڪوني ڪنو ڪربلا،
زينت عرش خدا شاهہ شهيدان حسين.
بيعت باغي نہ ڪيائين سرکي تصدق ڏنائين،
دين کي محڪم رکيائين شاهہ شهيدان حسين.

آخري بند

مرتضوي اشڪبار باجگر داغدار،
مهل ۾ سيڪنهن پڪار شاه شهيدان حسين.

هن ۾ اهڙا ڪل ۱۴ بند آهن.

هينيون مرثيو مرتضائي ۱۹۰۱ع ۾ في البديهه جوڙيو، سندس لکڻ موجب مرثيه حسب الفرمائش سيد مراد علي شاه صاحب اميرخاني در سنه ۱۳۱۹هجري ڪه درخواب ديده بعد منڪلام سيد غلام مرتضيٰ شاه رضوي.

بند پهريون

ماتم حسيني ڏي شفا محشر ۾ اهل يقين جي،
آهي عزا بيشڪ اهيا استاد روح امين جي،
ذريح سان جنهن جي ٿي ملي ماڙي سا خلد برين جي،
هن روح ري ڪانهي ڪنڌي اهل آسمان زمين جي،

اي مومنان ماتم ڪريو هي رسم آهي دين جي،
تابوت ڏسندي شاه جو چئو هي قبر آهي حسين جي.

آخري بند

مون مرتضائي عبد کي ماتم حسيني ڏي شفا،
جرم و خطا سڀ معصيت ٿئي معاف مهندان مصطفا،
هوندس حسيني فوج ۾ در زمره آلِ عبا،
حق حرمتِ حسنين ۾ ڏيکاري مون کي ڪربلا،

اي مومنان ماتم ڪريو هي رسم آهي دين جي،
تابوت ڏسندي شاه جو چئو هي قبر آهي حسين جي.

هن مسدس مرثيي ۾ اهڙا ڪل سترهن بند آهن، سندس هر بند جي پوين ٻن سٽن جي جڙاءُ ساڳي آهي، جو هڪ نرالو مثال چئي سگهجي ٿو.

**رباعيون، فرد، تاريخ وفات وغيره.**

فارسي رباعي:

اي عزيزان گوهر درج نجف گم ڪرده امر،
نازنين پرده دار لوڪشف گم ڪرده امر،
از غم هجران يوسف ڪورشد يعقوب ومن،
صد ز يوسف افضل و عالي شرف گم ڪرده امر.

حضرت خواجہ معين الدين چشتي جي فارسي رباعي جو سنڌي ۾ ترجمو:

شــاهــہ آهــي تــہ حــســين آهــي، بــادشــاهــہ آهــي تــہ حــسـين آهــي،
ديــن آهــي تــہ حــســين آهــي، ديــن پــنـاهــہ آهــي تــہ حـسـين آهــي،
سر ڏنائين يزيد جي بيعت نہ ڪيائين، تحقيق ڪلمي جو بنياد تہ حسين آهي.

**مرتضائي جي سنڌي رباعي جو مثال:**

صلواة چئو خدا جي پيمبر جي واسطي، روح بـتـول حـيـدر صـفـدر جـي واسـطـي،
دائم درود حضرت شبير جي واسطي، صلواة چئو حسين جي لشڪر جي واسطي.

هندي رباعي:

ڪيا چيز ڪيون دير ڪا سلطان هوا،
بت ڇوڙڪي ظاهر ۾ مسلمان هوا،
ڪلمون پڙهي اور بغض حيدر سين،
والله اوري ثــانــي شــيــطــان هــوا.

فرد سنڌي:

عــلــي راز دار خــدا و نــبــي،
خــبـردار سـر خـفـي و جـلـي.

فرد اردو:

جــاگــنــا ہــے جــاگــنــا افــلاک کــے ســايہ تــلــک،
حشـر تـک سوتـارہـے گـا خـاک کـے سـايہ تـلـک.

سائين ثابت علي شاهہ رضوي جي تاريخ وفات مرتضائي ۾ هن ريت لکي آهي:

چون محب شاهہ دين مداح آل مصطفيٰ،
آنڪہ از صدق عقيدت در محبت داشت نوش،
رفت از دنـيـا بـبـخـت گـشـت هـم بـزم عـلـي،
ساغر وصل از ڪف ساقي ڪوثر ڪرد نوش،
سـال وصـل آن مـحـب و اصـل بـزمِ عـلـي،
گفت هم بزم علي ثابت علي بادا سروش.
(۲۷ جمادي الثاني ۱۲۲۵ هجري)

مرتضائي دعا بعد روضه خواني هن ريت جوڙي:

يارب جلال پنهنجي مطهر جي واسطي،
رحمت عظيم فضل مقرر جي واسطي.
يارب رسول پاڪ پيمبر جي واسطي،
حسنين ۽ بتول ۽ حيدر جي واسطي.
هر مومنن کي ڏي تون محبت حسين جي،
تن کي سڏائي ڪار زيارت حسين جي.
سڪرات و قبر روز حشر سرخرو هجن،
دنيا ۾ سي درست وڏيون حرمتون رکن.
مون مرتضائي عبد جي ٿئي مستجاب دعا،
تن جي مهابي منهنجي بہ ٿئي پوري مدعا.

هن ۾ اهڙا ڪل ٣٣ بند آهن.

هڪ وڏي مدح ٥٨ بندن واري شهداء ڪربلا جي حضور ۾، سلام ۽ مدح فارسي ۾ جوڙي اٿس. مثال:

السلام سيد الشهدا امام انس و جان،
السلام اي بيوطن مظلوم مونس بيڪسان.
مرتضائي هيچ غم نبود ترا درهر دوڪون،
حضرت شاه شهيدان باتو باشد مهربان.

انهي ڪان علاوه مرتضائي فارسي ۾ ٢٨ ڪان زياده مداحون بارهن امامن، چوڏهن معصومن، ڪربلا جي شهداء ۽ انهن جي اولاد جي شان ۾ جوڙيون آهن.

سنڌي زبان ۾ مرثيہ نگاري جي موجد سائين ثابت علي شاهہ، زيارت نامو (١٥٣٧ بند) ۽ ردالخوارج (٩٧٤ بند) پڻ جوڙيا آهن. انهيءَ ڪان متاثر ٿي مرتضائي سائين ثابت علي شاهہ جي واکاڻ ۾ هينيون قصيدو جوڙيو:

واهہ ثابت ڪربلائي عبد شاهہ ڪربلا،
ڪربلا جي شاهہ وٽ هوئي سرخرو اي بي ريا.
واهہ هي ردالخوارج جنهن جو آهي هڪڙو حرف،
خاص موتي دريگانہ جنهن جي قيمت ناهي ڪا.

آفريـن هـن جي زبان تـي آفريـن هـن شعـر تـي،
آفريـن هـن جـي محبـت آفـريـن امـوا اهـا.
شعر منهنجو صف شڪن ٿئي تيغ حيدر جي مثل،
ڏي فصاحت ۽ بلاغت خضر سعدي جيئن صفا.
مرتضائي ڪي عطا ڪر دل تي از شعر فصيح،
تـا سڏيـن شـاگرد ثـابت جـو غـلام مـرتضـا.

هن قصيدي ۾ اهڙا ڪُل ٣٣ بند آهن.

سندس اردو مرثيہ جو مثال هن ريت آهي، ڇاڪاڻ تہ مرتضائي اردو ۾ بہ شاعري ڪئي آهي:

حبيـب مـصـطـفـا بـابـا، غـريـب بـے نـوا بـابـا.
سـكيـنـہ غـم زدی دل ہـے، سـيـنـہ پـہ اب لـٹـا بـابـا.
میں چاچے پاس جاتی ہوں، یہ کان اپنے دکھاتی ہوں،
گذشتـہ سب سنـاتـی ہوں، دیـا گـھر کو جلا بـابـا.

هن ۾ اهڙا ڪل ١٨ بند آهن.

دوازده بند فارسي هن ريت جوڙيا اٿس:

باز اينچہ حسرتے است كہ در جملہ عالم است،
بـاز اينـچـہ رنج درد مـصـيـبـت چـہ مـاتم اسـت،
بـاز ايـنـچـہ انـقـلاب رسـيـده اسـت درجـهـان،
گـويـا جراحتـے اسـت كـہ نـاديـده مرهـم اسـت.

هن ۾ اهڙيون ڪل ١٦ ستون آهن ۽ ٻيا بہ اهڙا دوازده بند ناهيا اٿس.

سندس فارسي ۾ جوڙيل ١٢ مرثين مان هڪ جو مثال هن ريت آهي:

خاموش مرتضائي دلت چون ڪباب شد،
زين سوز ناڪہ نظم تو هر سنگ آب شد.
خاموش مرتضائي ازين شعر شعلہ خيز،
برقي رسيده خرسني هستي خراب شد.
خاموش مرتضائي ڪہ گريان است مصطفيٰ،
در مـاتم حـسـين حـزيـن بـوتـراب شـد.
خـامـوش مـرتـضـائـي بـرت بـآد آفـريـن،
در صلّہ ت شفاعت محشر حساب شد.

هن ۾ اهڙا ڪل ١٦ بند آهن.

سنڌي ۾ هڪ مرثيو مرتضائي شهادت حضرت علي ڪرم الله وجهه تي جوڙيو، جو هن ريت آهي:

خالق ارض وسما جي خلق سرور مصطفا،
صاحبِ لولاڪ سلطان سرير آنما،
ٿيا شفاعت خواه جنهن کان انبيا ۽ اوليا،
صاحب المعراج مالڪ روز محشر برشفا،
تاجدار دين دنيا قبله گاه اولين،
بادشاهه اولين و پيشوائي رهنما.

آخرين بند

ياخدا هي داغ دل تي دائما واڌو هجي،
سر پٽڻ سينو ڪٽڻ هي دمبدم جيئن فرض ٿئي،
مرتضائي هن غمن سان شال دل لاڳو رهي،
بيو نه غم دنيا جو دل تي ربنا ان جي اڃي.
ياخدا عترت جو غم ڏي مومنن جي جان تي،
بيو نه غم ڏيکار ڪو دنيا جي هن دوران تي.

هن مسدس مرثيي ۾ اهڙا ڪل ٣٠ بند آهن.

مرتضائي جي مرثيه نگاري متعلق تجزيو ڪندي لکي سگهجي ٿو ته، انهي ۾ جاذبيت، سلاست، سمجهاڻي، عڪسي چٽائي ۽ بيان جو طريقو عام فهم آهي. سندس مرثين جي پڙهڻ سان ڪربلا جي واقعي جي ياد تازي ٿئي ٿي.

تخليقي نقط نگاهه کان ائين محسوس ٿئي ٿو ته، جهڙوڪ مرتضائي اتي روبرو موجود هو، اتي ئي انهي واقعي گذرندي ڏسي پير روئداد پسندي مرثيا جوڙيا هئائين. مرثين جي صنف کي سنڌي ادب ۾ مرتضائي خوب نباهيو، وڌايو ۽ ويجهايو آهي. مرثين پڙهڻ مان "سر داد نه داد در دست يزيد، حقاڪه بنا لا اله اله الله جو ورد وري نئين سر انسان ذات ۾ تار ۾ تي جاءِ وٺي ٿو. اهو سبق هڪ دفعو وري دهرائجي ٿو ته، ظلم، استبداد، ڏاڍ، ناحق، بي بنياد بادشاهي، زور، جبر، ۽ زبردستي خلاف اٿي بيهڻ ۽ مهاڏو اٽڪائڻ وڏي ۾ وڏو يعني جهاد اڪبر آهي. انهي جهاد وڙهندي، انسان کي پنهنجي سر ڏيڻ کان به ڪيبائين نه گهرجي. حق ۽ باطل جي معرڪي آرائي درميان تميز ٿئي ٿي ۽ انهن درميان سَنڌي ۽ سيڙي جو تعين ٿئي ٿو. حق، صداقت ۽ صبر آميزي جا انمول نقطا، پڙهندڙ جي

دل تي اڻمٽجندڙ نقش ڇڏين ٿا. مرتضائي جي مرثين ۾ محرم شريف جي هر تاريخ، هر واقعي، هر سين، هرنماءُ، هر بيان، هر قصي، هر گهڙي، هر پلڪ ۽ هردم ٿي گذريل واقعي ۽ هر وقت جي واردات ۽ آيل مصيبت جي عڪاسي ٿيل آهي. لاجواب قسم جي منظرنگاري ۽ بيان سحر تاريخي حقائق سان نهڪندڙ ڪري پيش ڪيل آهي.

شهداء ڪربلا جي غم جو ڪليل، ظاهر، عيان ۽ اثرائتو بيان سندس مرثين ۾ روان دوان سنڌي ۾ جوڙيل آهي، جو هر ذي شعور ۽ ذي فهم انسان، پڙهيل ڳاڙهيل اڻ پڙهيل، قابل توڙي جاهل آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو. امام حسين عليه الرحمة جو حق گوئيءَ وارو سبق دنيا جي هر مظلوم لاءِ وڏو هٿيو، همت، ڏڍ، ڪوشش، سعيي ۽ قرباني کان دريغ نہ ڪرڻ جو مثال بڻجندو رهيو آهي. جتي بہ جنهن بہ وقت، جنهن سان بہ، جيڪڏهن زيادتي، ظلم، قهر، بغداد، ناجائزيت ۽ حق تلفي ٿين ٿا، اتي اهوئي دنيا جي هوس گيري جو شڪار ٿيل انسان، معرڪہ ڪربلا مان سبق وٺي، انهي بيدادي خلاف آواز اٿاري ٿو ۽ مضبوط سپه ۽ ڍال بڻجي ان جو مقابلو ڪري ٿو، ۽ امام حسين سان ٿيل ناحق، ظلم ۽ بي انصافي جو عيان مثال ڏيئي، پنهنجي سبقت جتائي ٿو، ۽ حق حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ پنهنجو حق ڇاڻائي ٿو.

جهاد، جدوجهد، قرباني، ايثار، صبر، استقلال، تحمل، خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ، امت مسلم لاءِ راهہ مشعل بڻجڻ، دين کي قائم ۽ دائم رکڻ، خدا جي راهہ حق ۾ ٻارن ٻچن، معصومن، وڏن توڙي ننڍن، جوان خواه پوڙهن سميت تلف ۽ تاراج ٿيڻ، ذاتي سک، چين، سڪون ۽ آسائش کي قربان ڪرڻ، تڪليفن ۽ مصيبتن سان منهن ڏيڻ جي سبب ئي شهادت جي عظمت، سنجيديت، سچائيت، زيبائش ۽ دائمي طور ياد رهڻ واري سبقت حاصل ٿئي ٿي. ڪربلا جو سانحو، هن دنيا جي دستياب تاريخي ورقن ۾ بي مثال ۽ بي نظير آهي، انهي ڪري ئي اها شهادت عظميٰ آهي ۽ دنيا جي مروج زبانن جي هر تاريخي ڪتاب ۾ روشناس ٿيل آهي. اهائي قرباني، مقصد جي سچائي ۽ سعادت جي، عظمت، اهڃاڻ، نشان، مرتبو ۽ مڃتا آهي. انهي ڪري ئي ڪربلا جو واقعو هڪ نہ مٽجندڙ ياداشت ۽ رهنما اصول جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. هر سال انهي سانحي جي ياد ملهائي شهداء ڪربلا سان عقيدت، احترام ۽ محبت جو اظهار ڪيو وڃي ٿو، انهي عزم کي دهرايو وڃي ٿو تہ فتح هميشہ سچ ۽ حق جي آهي ۽ رهندي. ڪوڙ ۽ ظلم هميشہ لعنت ۽ ملامت لائق رهن ٿا.

شهداء ڪربلا جو غم ياد ڪندڙ انسان پنهنجي لاءِ انهي مشغولي ۽ سرگرمي کي ڇوٽڪاري جو ذريعو سمجهي ٿو ۽ اهائي ياد تازي ڪرڻ، لاکس ڪاڻ دلي سڪون، قلبي آرام ۽ روحاني راحت جو سبب بڻجي ٿي. اهو احساس انساني ڀلي ۽ بهتري جو بنياد مهيا ڪري ٿو.

**"نجات القلوب"**

مرتضائيءَ جي ٻي تصنيف هڪ مڪمل ڪتاب جي صورت ۾ آهي، جنهن کي پاڻ "نجات القلوب" جو نالو ڏنو اٿس، هن جو زياده تر حصو تاريخي حقائق جي پيشڪش تي مشتمل آهي ۽ اڻ ڇپيل آهي. سمورو فارسي ۾ قلمبند ٿيل آهي. ڪٿي ڪٿي عربي ۾ بيان ڏنل آهي، انهي ڪتاب نجات القلوب جي خاص خاص ۽ مکيہ بيانن، احوالن ۽ ذڪرن کي تمهيد طور هتي متعارف ڪجي ٿو(۱۳).

نجات القلوب، مرتضائي ۱۲۸۹ هجري ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ بروز خميس، ۵ شوال المعظم جي مهيني ۱۲۹۲ هجري ۾ لکي مڪمل ڪيائين. سندس خيال موجب تہ انسان فاني آهي، انهي ڪري زندگي بعد، پنهنجي ياداشت قائم رکڻ لاءِ هي ڪتاب تيار ڪيو اٿس.

نجات القلوب ۾ ديوان محسن صباغ ٺٽوي سمورو تاليف ڪيو اٿس. صباغ ٺٽوي جو پنهنجي وقت جو وڏو شاعر، مصنف، قصيده گو، مرثيہ گو، رباعيات ۽ منقبتون جوڙيندڙ هو، سو پڻ مير مرتضائي جي خاندان مان سيد لطف علي شاهہ رضوي تخلص "همت" گورنر سنڌ جو شاگرد هو، ممڪن آهي تہ ان ديوان جي تاليف بعد ڪيس سنڌي ۾ ديوان جوڙڻ جو شوق جاڳيو هجي.

نجات القلوب اندازن ۷۲۵ قلمي صفحن تي مشتمل آهي، هن جي شروعات ۾ فارسي سنڌي لغت (۱۴) جاڙايل آهي. انهي لغت ۾ ٿي حضرت علي ڪرم الله وجه، حضرت امام حسن عليہ السلام، حضرت امام حسين عليہ السلام، حضرت آدم عليہ السلام، مختلف نبين جا مختلف اسم ۽ لقب، دنيا، رات ۽ ڏينهن، شبنم، برف، برسات، ڪُڪر، وج، اندلث، سج، چنڊ ۽ زمين جا مختلف نالا، بادشاهن ۽ شهسوارن جا لقب، مختلف کاڌن ۽ طعامن، پکين جي جنسن، حيوانن، ڪاريگرن، (درودگر) جهڙوڪ: واڍو، رازو، سونارو، ٺاٺارو، حجام، جنداڙو، ڪاشتڪار، رنگريز، کهنباتي، قصاب ۽ ڪاسائي، ساٽي، عطار ۽ سريو جا مختلف نالا ۽ انهن سان واسطيدار اوزارن ۽ اسمن جا نالا، دريا جون ڪيفيتون، انسان جون وصفون، سازندن (مطربن) جون خاصيتون ۽ سازو سامان، فارسي گرامر جي فعلن جا نمونا، پچارن ۽ چاڪين جا مختلف نالا ۽ انهن کي ڪم ايندڙ اوزارن جي اسمن جو ذڪر ڏنل آهي، انهي بعد ڊگهي فارسي، سنڌي لغت ڏنل آهي.

انهي بعد ديوان محسن جي شروعات بسم الله الرحمٰن الرحيم سان ڪئي اٿس. حاشين ۾ وابستہ تاريخي حقائق جو بيان پڻ ڪيو اٿس ۽ مختلف واقعن جا حوالا پڻ درج ڪيا اٿس. ديوان جي باب الف ختم ٿيڻ کان پوءِ داستان زبان ترڪي استنبولي ۽ ايراني ترڪي جي لغت ڏني اٿس. اهو ڪتاب جو ۹۸ صفحو آهي، جو پاڻ، ۱۲۹ هجري، ماه رجب تاريخ ۱۵، بروز جمعي جي لکي پورو ڪيو اٿس. انهي بعد ۱۹۴ صفحي تائين ديوان محسن هلندو ٿو رهي ۽ حاشين ۾ رمارڪس پڻ ڏنل

آهي. هندي حروف مان سنڌي معنيٰ، هندي الفابيت، هندي جا انگ سنڌي ۾ پڻ درج ڪيا اٿس.

انهي ڪان پوءِ صفحي ۱۹۵ ڪان آغاز مجلس ها وغيره نقط ها از ڪتاب هائي ڪشيده نوشتم ميشوند- لکڻ شروع ڪيا اٿس. انهي ۾ ترتيب نماز اهلت شيعة، ترڪيب غسل، وضو، اقامت، آذان، ڪلمو، فرض بعد دعا، دعا غوث، دعا تشهد، ترتيب ۽ نيت نماز فجر، ظهر، عصر، مغرب، عشاءَ، جمعي نماز، عيد نماز وغيره، انهن جي سمجهاڻي جو ذڪر حاشيي ۾ جاڻايل آهي. حضور ﷺ، پنجتن پاڪ ۽ چوڏهن معصومن جي صورت ۽ شبيهه جا حليا پڻ بيان ڪيا اٿس.

صفحي ۲۰۴ ڪان سلطان امير تيمور جو ذڪر ڪيو اٿس، انهي ۾ تيمور جي آل رسول لاءِ محبت، سندس حڪومت جو حدون، تاريخ تيموري، بيان هفت اقليم، هندوستان ۾ سندس حڪومت جو احوال ۽ حدون، فارسي نظمون، رباعيون، عربي اشعار جاڻايل آهن. انهي باب ۾ امام مهدي عليہ السلام جي ظهوري بابت ذڪر، مختلف راوين جون روايتون درج ڪيل آهن. اڳتي نصيرالدين طوسي طرفان سماع مقدس حضرت مطهرات عليهم الصلواة، استخراج جو جاڻايل ابجد جو حساب، خط سروي از قبلہ گاهہ خود آموختہ شد، انمايريد الله ليذهب عنڪم، الرجہ اهلبيت، ويطهر ڪم تطهيرا موجب ڏيکاريل آهي، مرتضائي خود بہ ابجد جي حساب جو ڪاڻو ۽ ڪٽ جو طريقو، قاعد از نجوم ۽ نقشو جاڻايو آهي، جنهن ۾ طرفن جو نقشو ۽ ڳڻڻ جو طريقو ۽ انگن جي مدد سان ابجد جي حساب جو ڍنگ پڻ درج ڪيل آهي.

مزيد صفحي ۲۴۴ ڪان سڪندر ذوالقرنين جو بيان، صفت يا جوج ماجوج جاڻايل آهي. اصحاب ڪهف ۽ دائره فلڪ الافلاڪ جو احوال بہ ڏنل آهي. اڳتي نجوم جي قاعدي ۽ مختلف سيارن جو چارٽ ۽ انگريزن جي وقت ۾ ۱۸۷۲ع دوران هندوستان جي آدمشماري جو ڪاٿو ۲۵ ڪروڙ جاڻايو اٿس. (۱۵)

انهي بعد فلڪ الافلاڪ جو دائرو يا ڦيرو دايا گرام سميت جاڻايو اٿس. عجائب سورة المنتهيٰ ۽ زمين جي ستن نالن جو ذڪر ڏنو اٿس (۱٦)

صفحي ۲۵٦ تي نوشيروان عادل جي وزير طرفان مرتب ڪيل سالنامو ۽ انهي جون پيشنگويون ٻڌايون اٿس. بيان رقعات نثر لکيون اٿس، جن ۾ رقعہ در جواب رقعہ اڪبر بادشاهہ، رقعہ پروانہ بمهر بادشاهہ اصفهان بخدايار خان ڪلهوڙو ۽ ان جي جواب جو نقل، رقعہ در حروف سروي ۽ رقعہ در حساب ابجدي ۽ انهن جو تفصيل، رقعہ محمد نصير همداني بمير معين اصفهاني بطلب آب، درباغره نوشتہ، رقعہ محمد سرفراز خان بابت رسيدن دم ضرب تفنگ، رقعہ در تهنيت تشريف آوري، رقعہ در طلب ناس داز، رقعہ در طلب باز، رقعہ بطرف حڪيم، رقعہ در مولانا خليل قرذيني، رقعہ منظوم نادر شاهہ بجانب محمد شاهہ بادشاهہ دهلي ۽ جواب رقعہ، رقعہ محمد خان والي توران بشاهہ عباس ۽ جواب ۽ ٻيا ڪيترا رقعہ درج ٿيل آهن.

انهي بعد صفت تابوت سڪينہ قال الله سبحانہ. تابوت جي شڪل ۽ تشبيهہ موجب تصنيف ڪيل آهي.

صفحي ٢٩٤ تي في الفوائد والاخبارات. تقويم معرفت، ڪيفيت، 'خمسئہ نوشيروان عادل جاٽايل آهي، عصائي موسيٰ عليہ السلام، خبر شمشيرٌ ذوالفقار، صفت انگشتري علي' خبر لقمان حڪيم، صفت صحائيف ڪ انبياء عليہ السلام تقويم معرفت شمس، درعجائب ملڪ اندلس، ديوار قهقہ، قول افلاطون جاٽايل آهن. پاسن ڪان ديوان محسن بہ لکيل آهي.

صفحي ٣١٩ ڪان ديوان محسن جي باب ت ڪان شاعري هلندي رهي ٿي، صفحي ٣٢٣ ڪان ذڪر اماڪن ثريفہ شروع ٿئي ٿو. جنهن ۾ ڪعبة الله شريف ڏانهن آمد ۽ ان جي تعمير جو ذڪر آهي.

حيات العالم، طول ڪعبہ شريف، حضرت آدم عليہ السلام ۽ حضرت ابراهيم خليل الله جو ذڪر، بيت المقدس ۽ ڪعبة الله جو رنگين پريل نقشو ڏنو اٿس، نجف اشرف ۽ ڪوفي جي تشبيهہ رنگين پريل نقشي ۾ ڏيکاري اٿس. ديوان محسن جاري رهندو ٿو اچي.

اڳتي هلي مختلف شاعرن، جهڙوڪ: سعدي شيرازي، حافظ شيرازي، سيد ثابت علي شاهہ، سيد ڪرماني جد آغا خان پير خاجان، موجي عليہ الرحمت، مرزا صائب، ڪلام شافعي عليه السلام، مولوي جلال الدين رومي- مريد شمس تبريز عليہ الرحمت جو ڪلام، ڪلام نادر شاهہ بادشاهہ ايران، مير علي شير قانع، مولانا جامي، مولانا ڪاشي، محمد صالح ڪشفي، نظم شاهہ طيب اقدس سره، منقبت شاهہ نعمت خان ولي الله، سيد ڪرماني، بهرام خان خانخانان، وزير اڪبر، محمد محسن رنگريز ٺٽوي ۽ ٻين ڪيترن جون منقبتون، جن مان گهڻيون حضرت علي عليہ السلام جي شان ۾ آهن، ڏنيون اٿس.

انهي ۾ مرتضائي جون هيٺيون منقبتون تصنيف ٿيل آهن:

منقبت از فقير غلام مرتضيٰ شاهہ رضوي تتبع شاهہ ضمن:

وي سيہ پوش مومنان الله مولانا علي صہ،
در راه توشد جانگداز الله مولانا علي صہ.
هم جنت آدم توئي الله مولانا علي صہ،
بلبل بگويد در چمن الله مولانا علي صہ.
لالہ ز عشقش داغدار الله مولانا علي صہ،
وان صاحب هر انس و جان الله مولانا علي صہ.
وان شجنئہ دشت نجف الله مولانا علي صہ،
وان شافع المرض است حق الله مولانا علي صہ.

كن بخش زر ز ايوان خود الله مولانا علي صہ،
هم خانہ امہ آباد كن انته مولانا علي صہ.
غير از توكس ناچاره ام الله مولانا علي صہ،
كوتاه طالع طول كن الله مولانا علي صہ.
اي مدد كن وقت شتاب الله مولانا علي صہ.
داريزه پرنا و پير الله مولانا علي صہ،
بودش رتو انگشتري الله مولانا علي صہ.
آن پر دل دشمن شكن الله مولانا علي صہ،
نا آيدت دركوش جان الله مولانا علي صہ،
اي پيشوائي شيعان الله مولانا علي صہ.

آخر ۾ هي مصرع الڳ ڪري لکي اٿس:

عالم لطفي وعين جوداز روئي يقين،
اي شاهہ دين مسكين نواز روزي دهنده وكارساز.

سنڌس ٻيو قصيده دعا خواهي از درگاهہ شير الاهي علي عليه السلام هن ريت آهي:

مشعل فلك سخا و سراجاً منيرما،
شوهر بتول والد شبر و شبيرما.
مقبول التماس بكن شد سريرما،
هركس بود عدوئي دلم جند ضريرما.
كس يار نيست غير تو يا ور اميرما،
هستند خصم آل پيمبر شريرما.
و صبر انگريز بود باج گيرما،
مهدي ظهور زود كند شہ شريرما.
از گنج غيب بخش سواهير پيرما،
آزاد كن يار شاهہ خلطصم حصيرما.
من مرتضائي بنده آل عبا شدم،
شكر خدا كہ از ازلم بود پيرما،
با چشم خود بہ بينم اميرما.

سندس پيو قصيدو وري هن ريت آهي:

نائيب نبي احمد ابن عسم رسول،
اسد خدا بخلق خدائي جهان جلي.
احوال شرح حرکنم در حضورتو،
دنيا خراب کشت بدور فرنگيان.
دشمن بسي ستمگر هستند بيشمار،
ايمان زمردان بسي رفت بيکان.
يا صاحب ذوالفقار بخش رزق ده،
در سايه ات پناه گرفتيم ياعلي.
بيکس ذنوب دار غلام تو يا علي،
مطلب يکست آنکه خلاصم کني ز قرض،
در حرمت محمد عربي و هاشمي،
مطلب دوم که مهدي هادي کند ظهور.

أنهي کان پوءِ سندس والد سيد روشن علي شاهه جو قصيدو ۽ رباعي، مخدوم محمد معين عرف مخدوم نارو ٺٽوي جي رباعي، شاهه طيب قدس سره جو نظم، مولانا حسن ڪاشفي جي منقبت ۽ قصيدو، حڪيم شاهي غزنوي جو قصيدو، مولانا ابن حسام عليه الرحمت جي سيد ڪائنات متعلق نعت، رباعي شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي ۽ ٻين ڪيترن جا قصيدا، نعتون، منقبتون ۽ رباعيون تصنيف ٿيل آهن.

فارسي زبان جي قادرالڪلام شاعرن جهڙوڪ مولانا برزق سمرقندي جو غزل، بيت نادر شاهه خاقان، مجيد طالقاني جا بيت، ڪلام شاهه نعمت الله ولي ڪوهستاني پڻ ڏنل آهن. ديوان محسن به روان دوان آهي، مير فضل علي شاهه رضوي جو هينيون بيت ترڪي زبان ۾ پڻ ڏنل آهي:

بخبل غمزه خونخوار تو در کنلو سرشک،
من بلردم تو بخبر پاشنجه خچکان کترر،
پير هفتا سلمه جوني نکند،
کور مکري ني خلي چشن روشن.
مرتضائي جو هينيون فرد به ڏنل آهي:

تشنئه آبِ فراتم اي اجل مهلت بده،
تابگيرم در بغل قبر شهيد کربلا.

مرتضائي جي رباعي:

از ازل مردم سند را بحسودان دادند،
روسياه گردن شب جمله به زنگيان دلفند،
دزدي و سخت ولي رابا عريان دلفند،
كذب دزكار فرنگي چون زاغمان دلفند.

ايضاً از فقير مرتضائي:

تاج شاهد بسر شاهي خاقان دادند،
خيرالدين شهنشاه را اميران دل دادند،
تاج زنگي و حبشي بسياهان دادند،
ملک هند را بتصرف دونان دادند،
چونکه دونان هندو سند رابگر فستند دلي،
نيست دونان ديكران خطه په انگريزان دادند،
سلطنت ملک روم ومصر و مغرب ويمن حجاز،
بشها عبد عزيز از اين دوزاز دادند،
ملک قندهار كابل ازپيءَ داد و عدل،
زج هرات جبل ستان به افغان دادند،
انگلنڊ لندن ويلس که ملک انگريز است،
ملک روس و پرشيا مردم فرنكان دادند،

اڳتي وڌيک مختلف صنعتون (صنايع) ڏنيون اٿس ۽ ديوان محسن به رديف د کان هلندو رهي ٿو، انهي بعد رحلتن جون تمام گهڻيون تاريخون درج ڪيون اٿس. شروعات ۾ تاريخ رحلت حضرت سرور ڪائنات محمد المصطفيٰ کان شروع ڪئي اٿس، پنجتن پاڪ، ٻارهن امام ۽ چوڏهن معصومن جون تاريخون (وفات) ڏنيون اٿس.

تاريخ وفات ۽ جلوس سلاطين هندوستان ڏنيون اٿس. مثال طور نادر شاه طرفان نور محمد خدايار خان ڪلهوڙي سان جنگ ١١٥١ هجري، نادر شاه جو قتل (١١٦٠ هجري)، رحلت اويس قرني ٣٩ هجري، رحلت بوعلي سينا ٣٧٣ هجري، رحلت سلطان محمود غزنوي ٤٥٤ هجري، رحلت ابراهيم ادهم ٦٦٥ هجري، رحلت شيخ قادو جيلاني ٥٦٢ هجري، رحلت شيخ شهاب الدين ٥٤٢ هجري، معروف ڪرخي ٢٠٠ هجري.

تاريخ وفات امير تيمور ٨٠٨ هجري، سندس پٽ شاهرخ ٨٥٠ هجري، مرزا الغ بيگ(١٨) ٨٥٣

هجري، سندس پٽ مرزا عبداللطيف ٨٥٤ هجري، تيمور جو پوٽو سلطان ابوسعيد ٨٧٣ هجري، بابر بادشاهه ٩٧٣ هجري، همايون بادشاهه تاريخ جلوس ٩٣٧ ۽ وفات ٩٦٢ هجري، تاريخ وفات اڪبر بادشاهه ١٠٦١ هجري، تاريخ رحلت شير شاهه بادشاهه ٩١٧ هجري، تاريخ تولد شاهجهان بادشاهه ١٠٠٠ هجري، وغيره. ٻين بادشاهن، اوليائن ۽ جيد عالمن وغيره جون تاريخون ڏنل آهن. گهڻن جي تاريخن جا قطعا پڻ ڏنل آهن. قاضي عبدالقوي حيدرآبادي طرفان مخدوم نوح عليه الرحمت جي تاريخ وفات ٩٩٨ هجري لکي اٿس ۽ قاضي صاحب جو انهي متعلق ناهيل قصيدو ۽ قطعه تاريخ پڻ ڏني اٿس(١٩).

سنڌ جي حاڪمن مان تاريخ وفات مير فتح علي خان ١٢٢٤ هجري، مير ڪرم علي خان ١٢١٧ هجري، مير مراد علي خان،(١٧) مير ذوالفقار خان جون پڻ تاريخون ڏنيون اٿس. شهيد مير حسين علي خان ٦ ذوالحج ١١٣٢ هجري ۽ ڀاڻس مير عبدالله خان جيڪو محمد شاهه بادشاهه واري جنگ ۾ شهيد ٿيو هو، ١١٣٧ هجري ۽ ٻيو مير عبدالله ١١٩٦ هجري ڄاڻايو اٿس.

ڄام مهر علي حاڪم ڪوهستان جي نوجوان پٽ منير مراد علي جي تاريخ وفات ١٢٧٢ هجري، شهيد مير بجار خان ٽالپر ١١٩٤ هجري، تاريخ وفات پير محمد لکوي ١٠٧٤ هجري، تاريخ وفات مير لعلمير شاهه شيرازي ٺٽوي ١٢٧٢ هجري، تاريخ وفات ميان غلام حسين سبزپوش ١٢٧٤ هجري وغيره ڄاڻايون اٿس.

ٺٽي جي رضوي خاندان جي ڪن بزرگن جون وفاتي تاريخون پڻ ڏنيون اٿس، جهڙوڪ:

سيد سبحان علي شاه رضوي ١٩ شعبان ١١٢٨ هجري، سيد نظر علي رضوي ١٣ ربيع الاول ١١٧٧ هجري، مير محمد افضل شاهه رضوي ٢٩ رجب المرجب ١١٩٠ هجري، روشن علي شاهه پٽ مير محمد افضل رضوي ١٣ شعبان ١١٩٧ هجري، مير امام الدين شاهه رضوي بروز آچر ١٦ محرم الحرام ١١٩٨ هجري، ارشاد علي شاهه ١١ ذوالحج ١٢٢٦ هجري، امام الدين شاهه رضوي ١٩ ربيع الاول ١٢٤٠ هجري، مير مرزان شاهه ١١ ذوالقعد ١٢٥٧ هجري، سيد محفوظ علي شاهه رضوي ١٤ ربيع الثاني ١٢٥٨ هجري، سيد عباس علي شاهه ٢٠ محرم ١٢٦٥ هجري، مير نور محمد رضوي ١٩ ذوالحج ١٢٨١ هجري، مير نجيب علي شاهه رضوي ١٩ شوال ١٢٨٤ هجري وغيره پڻ ڄاڻايون اٿس(٢٠).

اڳتي هلي ذڪر ختم النبين ۽ ٻين نبين جهڙوڪ حضرت آدم صفي الله، سندس فرزند حضرت شيش، حضرت حام، حضرت سام، حضرت ابراهيم خليل الله وغيره جو احوال ڏنو اٿس، ديوان محسن جو ٻه رديف هلندو رهي ٿو.

مزيد اڳتي هندستان جي بادشاهن(٢١) عالمن، شاعرن، حڪيمن، اوليائن جو شجرو ڄاڻايو

اٿس. ٺٽي کان سنڌ ۽ هندوستان جي مختلف شهرن ڏانهن مفاصلا ڪروھ (ڪوهن) ۾ ڏنا اٿس.

انهي سان گڏوگڏ ديوان محسن جو رديف م هلندو رهي ٿو. سميت انهي جي هفت اقليم جي شهرن جو تفصيل ۽ حڪومت جون حدون ڄاڻايون اٿس. مملڪت انگلستان. فرانس، روس، پرشيا، آسٽريليا، جرمني جون حدون پڻ ڄاڻايون اٿس. هندوستان جي مکيہ شهرن جو احوال بہ ڏنو اٿس. سنڌ جي شهرن ۽ حدن جو بيان پڻ ڏنو اٿس.

آخر ۾ ديوان محسن جا تمام رديف مڪمل ڪري ي تائين پهچي ٿو. مير سيد علي رضوي صاحب جي لکيل سالنامو پڻ لکيو اٿس، جو منهنجي ڏاڏي سيد تراب علي شاھ سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي. اهو هر سال محرم مهيني جي پهرئين رات ۽ ڏهين رات ٺٽي جي محلي آگر ۾ واقع رضوين جي امام بارگاھ تي پڙهيو ويندو آهي. انهي ۾ ايندڙ سال، بادشاهن جي ستارن، موسمن، برساتن، ڏڪر سڪر، اناجن ۽ ميون جي گهٽائي يا گهڻتائي، مرضن جو اچڻ يا نہ اچڻ، موتن جي گهٽائي يا گهڻتائي، سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جو ٿيڻ يا نہ ٿيڻ، ٻوڏن، طوفانن ۽ سوڪڙ جو اچڻ يا نہ اچڻ. سال جو ڳرو هجڻ يا خوشحال هجڻ وغيره متعلق اڳ ڪٿيون ۽ پيشنگويون ڄاڻايل هوندا آهن. سڄي ٺٽي شهر جا ماڻهو اهو سالنامو اڄ ڏينن تائين ٻڌڻ ايندا آهن. آخر ۾ تعويذ ناما، فالنامہ ۽ حڪمت جا نسخا ڄاڻايا اٿس.

ڪتاب "نجات القلوب" تاريخي حقائق تي مبني هڪ قلمي نسخو آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ جو هڪ سون ورقو سينگار آهي. مرتضائي جي تاريخي، ثقافتي ۽ فارسي، عربي خواه ترڪي ۽ هندي زبانن متعلق ڄاڻ ۽ قابليت جو چٽو اهڃاڻ ۽ نشان آهي. مرتضائي جي معلومات، مطالعي ۽ تصنيفي شوق جو چٽو ثبوت آهي. سندس دانائي ۽ تدبر جو اونهو ۽ محققانہ شوق جو عڪس آهي. وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ مرتضائي تمام ڳوڙهو مطالعو ڪيو ۽ پنهنجي زندگي ۾ تحقيق جي فن کي نہ صرف سمجهيو، پر ان کي مزيد اجاگر پڻ ڪيو. انهي ڪري ئي سنڌي ديوان جوڙي، غزليات کي مشاهداتي روپ ۽ رنگ ۾ رنگين ڪري بيهاري سگهيو آهي.

### "مثنوي يوسف زليخا":

هيءَ مثنوي(٢٢) جيتوڻيڪ ڇپيل آهي، پر هن وقت ناياب آهي. مرتضائي جي اها تصنيف سنڌي شعر ۾ جوڙيل آهي. انهي جي شروع ۾ لکيو اٿس تہ:

"قصہءِ عبرت افزا يعني يوسف زليخا،
سنڌي مرتضائي واري بحر هزج جامي جي ۾"

سڀ کان پهريائين هن ۾ حمد باري تعاليٰ جي ثناء:

"خداوندا توئي خلائق عالم،
بنايل تنهنجو هر آفاق عالم.

هن ۾ اهڙا ڪل ٢٢ بند آهن.

اُن بعد نعت محمد سرور ڪائنات ﷺ :

"جهان جنهن جي سبب بنياد آيو،
سو سرور باعث ايجاد آيو."

(هن ۾ اهڙا ڪل ٢٣ بند آهن.)

جاٿايل آهي، حضور ﷺ جن جي معجزات جو مختصر ذڪر پنجويهه ڪن شعرن ۾ ڏنل آهي. هن ۾ اهڙا ڪل ١٣٢ بند آهن. جنهن بعد حضرت علي، ٻارهن امامن ۽ چوڏهن معصومن جي شان ۾ منقبت، مدح، مناجات وغيره شعر ۾ جاٿايل آهن.

اڳتي سنڌ جي سردارن مير صاحبان جي مختصر توصيف ٿيل(٢٣) آهي. مثنوي جوڙڻ جي (٢٤) سبب متعلق پاڻ شعر ۾ ٻڌايو اٿس.

مثنوي صفحي ٩٧ کان شروع ٿئي ٿي. ابتدا ۾ حضرت يوسف جي واڪاڻ، قرآن ڪريم جي سورة يوسف جو بيان، حضرت يوسف جو حسب نسب، سندس سونهن جي تعريف، بي بي زليخا ۽ سندس حسب نسب جو احوال ۽ حضرت يوسف کي خواب ۾ پسڻ وغيره جو ذڪر آهي.

بي بي زليخا جي رشتي لاءِ مروج دستور موجب ٻين ملڪن مان قاصدن جي اچ وڃ، پر نيٺ بي بي صاحبه جي راضپي سان سندس والد طرفان قاصد عاقل کي مصر ڏي عزيز مصري وٽ موڪلڻ، قبوليت بعد بي بي زليخا جو مصر وڃڻ، اتي مصرين طرفان انهي آمد تي گهورون گهورڻ، مصر ۾ بي بي زليخا جو حضرت يوسف جي فراق ۾ انتظار ڪرڻ جو احوال ڏنو آهي.

مزيد، حضرت يوسف جي ڀائرن جو ڀاءُ سان تعصب ۽ حسد ڪرڻ، کيس کوهه ۾ ڦٽو ڪرڻ، جتان حضرت يوسف جو نڪرڻ ۽ قافلي ذريعي پهچڻ ۽ وڪرو ٿيڻ، حضرت يوسف جي جدائي ۾ سندس والد حضرت يعقوب عليه السلام جو بيحال ٿيڻ، روئڻ، پٽڻ وغيره، غلامي جي حيثيت ۾ حضرت يوسف جو وڃي مصر اچڻ ۽ دوباره عزيز مصري وٽ وڪرو ٿيڻ. حضرت يوسف جو محلات ۾ پهچڻ ۽ بي بي زليخا وٽ رهڻ. بي بي صاحبه طرفان سندس خدمت ڪرڻ ۽ حضرت يوسف کي ڀائرن طرفان ڏنل تڪليف، مصيبت ۽ زحمت راهه کان واقف ٿيڻ جو احوال درج ٿيل آهي.

اڳتي هلي بي بي زليخا طرفان حضرت يوسف لاءِ اظهار عشق ڪرڻ ۽ حضرت يوسف طرفان وصال جو انڪار ڪرڻ، داين ۽ ڪنيزن وسيلي حضرت يوسف کي سنيها موڪلڻ ۽ پاڻ طرف هرڪائڻ جي ترغيب پيدا ڪرڻ جو بيان ڏنل آهي.

انهي بعد، حضرت يوسف ۽ بي بي زليخا جي ملاقات دوران، عزيز مصري جو اوچتو وارد ٿيڻ، حضرت يوسف تي عاشقي سبب مصري زالن طرفان بي بي زليخا کي طعنا هڻڻ، حضرت يوسف جو قيد ۾ وڃڻ ۽ سندس بيمار ٿيڻ، بي بي زليخا جو قيد خاني ۾ وڃي ملڻ ۽ روئڻ جو احوال آهي.

وڏيڪ تہ حضرت يوسف طرفان ٻين قيدين تي مهربانين ۽ نوازشن جي باعث، هڪ اعرابي اٺ سوار ڪنعاني کان حضرت يعقوب کي مطلع ڪرڻ جو پيغام موڪلڻ، بادشاهہ ريان جي خواب جي تعبير جي باعث حضرت يوسف جو جيل کان آزاد ٿيڻ، قطعير جو موقوف ٿيڻ ۽ موت اچڻ ۽ حضرت يوسف جو حاڪم عزيز سموري مصر جو ٿيڻ جو ذڪر آهي.

نيٺ حضرت يوسف رحم ڪائي بي بي زليخا جي قبوليت ڏين بعد، ساڻس نڪاح ڪيو ۽ شادي ٿي. جنهن بعد مصر ۾ وڏي شان شوڪت سان حڪومت ڪرڻ، حضرت يوسف جي ڀائرن جو مهمان ٿي اچڻ ۽ واپس ڪنعان وڃڻ. حضرت يعقوب جي وفات بعد حضرت يوسف جي رحلت ۽ حضرت زليخا جو فوت ٿيڻ ۽ حضرت يوسف جو صندوق ۾ بند ٿيل نعش دريا نيل ۾ دفن ٿيڻ جو احوال درج آهي.

انهي مثنوي جا ڪل ٥٧٦ صفحا آهن، مثنوي ختم ڪندي مرتضائي چيو تہ:

اچي اي مرتضائي شڪر ڪر ڪي،
رهي ڪي عبد شاڪر پاڻ ڏسجي.
اچي اي مرتضائي شڪر آڻج،
نہ بي شڪرو ٿي ڪنهن مصرعہ کي ٽاڻج.

انهي مثنوي ۾ ڪم آيل شاعري جي ٻولي تمام سلوڻي ۽ سليس آهي. انهي وقت تمام گهڻو مشهور ٿي ۽ سنڌي ادب ۾ سنو واڌارو ڪري تسليم ڪئي ويئي. انهي وقت جي ٻين شاعرن پڻ تعريف ڪئي(٢٥).

انهي کان علاوه مرتضائي طوطي نامو، سڪندر نامو، شاهنامي فردوسي جي ڪن حصن جو ترجمو، ڪريما نيچري ۽ فارسي ڪتاب نورالهديٰ جو ترجمو پڻ سنڌي ۾ ڪيو، پر اهي دستياب نہ آهن. سنڌ جي خاندانن جا شجرا پڻ لکيائين(٢٦).

**ديوان مرتضائي:**

مرتضائي جي تصنيف ۽ شاعراڻي خيال آرائي سنڌي زبان ۾ آهي. مرتضائي انهي دور جي پيداوار آهي، جنهن دور ۾ سنڌي شاعراڻي مزاج جو رخ، فارسي، عربي، هندي ۽ ترڪي کان مڙي "سنڌي" طرف ڪر موڙي رهيو هو. انگريزن جي دور يعني ١٨٤٣ع بعد، انهي موڙ جي رفتار ۾ وڌيڪ تيزي ۽ پختي سرگرمي، هڪ نئون تحرڪ پيدا ڪيو. آهستي آهستي فارسي جو اثر گهٽبو رهيو ۽ سنڌي زبان جاءِ ورتي.

انهي دور ۾ غزلن، مشاعرن، شاعرائين ڪچهرين، ادبي رهاڻين، هڪٻئي سان خيال جا تبادلا، شاعرانا بحث مباحثا وغيره، جستجو واري حيثيت وٺندا رهيا. مرتضائي بہ انهي زور آزمائي ۽ تبديلياتي طبع آزمائي جي ميدان ۾ پاڻ کي پنيان ۽ اڪيلو رهڻ ڪين ڏنو. سنڌي غزليہ شاعري ۾ مرتضائي جي حيثيت بنيادي جهونن غزلگو شاعرن جهڙوڪ خليفو گل ۽ قاسم وغيره سان برميچي برابر بيهاري سگهڻ جهڙي آهي. مرتضائي بہ سنڌي غزل ۾ ديوان مرتب ڪرڻ وارن شاعرن جي لسٽ ۾ بنيادي فهرست ۾ نرالو مقام رکندڙ شاعر آهي.

ديوان جي شروعات ۾ پاڻ ديباچو بہ لکيو اٿس، جنهن ۾ شاعري جي صنف کي عين اسلامي نقطہ نگاهہ سان نهکندڙ صنف قرار ڏنو اٿس ۽ شاعر کي اسلامي مجاهد واري شخصيت جو عڪس ڪري ڄاڻايو اٿس. ساڳئي وقت انهي خيال جي حمايت ۾ مختلف تاريخي حقائق پڻ درج ڪيا اٿس. شاعرن جي سخنوري ۽ سخنورن طرفان ٿيندڙ قدرداني جو پڻ اشارو ڏنو اٿس.

طبع سنڌڻ، عيب جوين کان بچڻ، سنڌي پڙهندڙن لاءِ مطالعاتي شوق جو وڌڻ ۽ پنهنجي يادگيري قائم رکڻ کي ديوان جي مرتب ڪرڻ جا مقاصد ڪري ڄاڻايو اٿس. مزيد تہ تصنيف ۽ لکت کي پڙهندڙن يا حاڪمن تائين رسائي جو صحيح ۽ هوبهو ذريعو ڪري پيش ڪيو اٿس. ڇاڪاڻ تہ سنيهو نيندڙ يا قاصد، ڳالهہ جي رسائي ۽ بيان ۾ هيرا ڦيري ڪري سگهي ٿو. تصنيف جي فن کي دنيا جي تاريخ ۽ حقائق کي هوبهو قائم رکڻ جو ذريعو ڪري ڄاڻايو اٿس ۽ لکت توڙي ڪتابت کي هر طرح سان وڏي اهميت ۽ ضرورت وارو سمجهيو اٿس. ڇئي سگهجي ٿو تہ، تعليم پرائڻ ۽ درس ڏيڻ مرتضائي وٽ عالم جو جاهل تي فضيلت وارو هئڻ جا وڏا ۽ مکيہ پر بنيادي خيال هئا.

آخر ۾ ياد ڪندڙن کي سندس لاءِ دعاگو رهڻ جو پڻ عرض ڪيو اٿس. ديباچي جي پڇاڙي ۾ هي شعر لکيو اٿس:

من نوشتم صرف ڪردم روزگار،
من نمانم اين بماند يادگار.

اهو ديوان مرتضائي ١٣٢٦ هجري ۾ مڪمل ڪيو ۽ انهي بعد ١٣٢٨ هجري ۾ وفات ڪيائين.

مرتضائي جي ديوان ۾ ڪل ۴٨٧ غزل (۴٦٠ سنڌي، ٢۴ فارسي ۽ ٣ اردو) ۽ بہ سنڌي رباعيون آهن.

سنڌي غزلن جو سلسلو هن ريت آهي:

رديف الف جي شروعات

"اولا گهرجي تو اي دل ياد نام ڪبريا،
صبح سان گهرجي پڙهڻ صادق ڪلام ڪبريا."

شروعات رب پاڪ جي تعريف ۽ حمد سان ڪئي اٿس. هن ۾ ڪل ٢٩ غزل آهن ۽ بنا نقطي وارو پڻ هڪ غزل(٢٧) آهي:

"سڪر سڪ اڪر ڪرو ڪر دوسرا،
مگر علم وارا اڪر 'سڪ سدا.'

ٻين غزلن کان علاوه هن رديف ۾ حضرت محمد ﷺ ۽ پنجتن پاڪ جي تعريف ۾ پڻ غزل جوڙيا اٿس.

رديف ب ۾ ڪل ١٧ غزل آهن، جن ۾ معشوق جي ماڻن، رمزن ۽ ارڏاين جو بيان، عشق ۽ پيام جو رنگ، عزتدار جي عزت ڪرڻ، ادب کي اپنائڻ ۽ فروغ ڏيڻ، فخر کان توبه ڪرڻ جي هدايت سمايل آهي(٢٨).

رديف ٻ ۾ ٻه، ت ۾ نو، ٿ ۾ چار، ٽ ۾ ڇهه، ٺ ۽ ٽ ۾ هڪ هڪ، پ ۾ ٻه، ج ڄ ۽ ڃ ۾ هڪ هڪ، ڄ ۾ ٽي، ڇ ۾ هڪ غزل ڏنل آهن. انهن ۾ حسن ۽ سينگار جو ذڪر، رقيب جي دشمني جو اظهار، معشوق جي وفا ۽ بيوفائي جو الڪو، سياري جي وڃڻ ۽ بهار جي مند جو اچڻ يعني ميلاپ ۽ وصال جي موقعن جو اظهار، هر انسان جو عشق جي پيچ ۾ ڦاٿل هجڻ وغيره جهڙا خيال سمايل آهن(٢٩).

انهي بعد رديف ح ۾ پنج، خ ۾ ٽي، د ۾ نو، ڏ ۾ ٻه، ذ ۾ ٽي غزل ڏنل آهن، هڪ غزل بنان نقطي وارو

"ڪر علي الله ڪار سال صلاح."

ٻه ڏنو اٿس. قاصد جي معرفت يار کي پرچائڻ جو ذڪر، باغ جي بهاري ۾ يار جي جمال ۽ حسن جو ٻوڪجڻ ۽ ڦولجڻ، وصل ۽ ميلاپ جي اميد ڏارڻ جو بيان درج آهي.

حضور ﷺ جن جي شان جو ذڪر، سندن پيغمبريت ۽ رهبريت جو اظهر من الشمس دليل پيش ڪرڻ ۽ رحمت اللعالمين هجڻ جو ثبوت ڏيڻ، سمايل آهن.

رديف ر ۾ ڪل ٣٢ غزل آهن، جن ۾ محبوب جي تعريف، نقاب لٿل رخ جي ديدار جي آرزو، وڇوڙي ۾ دل جي ڪيفيت ۽ تارا ڪتيون ڳڻڻ جو سماع، هڪ چوبندو غزل، اڪڙين ۽ پرون جي تعريف ۽ مرد جي مردانگي وارين خاصيتن جو احوال ڏنل آهي. هڪ غزل ۾ حضرت علي ڪم الله وجہ جي خوبين جو پڻ بيان ڏنل آهي، هڪ خاص غزل انگريزن کان سنڌ جي آجپي ۽ آزادي متعلق آهي. في البديهہ گفتار ۾ هڪ غزل سندس دوست پير منن شاهہ جي وفات تي جوڙيل آهي.

"شڪاري چڙهيو جنهن صفا ڪيو شڪار،
سندس تير غمزه جدا ڪيو شڪار."

عيد نوروز جا ايران ۾ ٢١ مارچ تي وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي ويندي آهي، جو به ذڪر ڪيو اٿس.

انهي بعد رديف ڙ ۾ ڪل ٻه، ز (٣٠) ۾ پنج غزل ڏنا اٿس، انهن ۾ ڪوڙ کي ننديو اٿس ۽ ڪوڙ کي ايمان جو وڃائيندڙ ڪري پيش ڪيو اٿس. هڪ چوبندو غزل به ڏنو اٿس. پنهنجي تخليق جي نرالي حيثيت ۾ هڪ غزل چار چيز جي تتبع موجب جوڙيو اٿس. انهي ۾ هر مصرع ۽ بند ۾ چئن چيزن جو تشبيهي مثال ڏيئي غزل خوب سينگاريو اٿس. هر مصرع ۾ چار جنسون يا ملندڙ الفاظ چوندي برابر تمثيلي ڪري بيهارڻ وڏي ذهني ڪمال جو عيان مثال چئي سگهجي ٿو. جيئن:

ناز، غمز، تيز، تندي، لُٽ، قر، فيد، قتل، هوش، هجت، جوش، طاقت، ذوق، شوق، قرب، لذت، آشنائي، سچائي، خيرخواهي، اشتياق، بيوفائي، بيحيائي، خودنمائي، رسڻ، گرد، گلشن، حسن، گل، چنڊ، سج، مشعل، شمع، قرب سلطاني، دائما دولت، پاچو ابر، بي بروسگي، حسن، نعمت، علم، دانش، انتظاري، بيقراري، شرمساري، ناخوشي، قابليت، فضيلت، نيت، نياز، قرض، دشمن، ناخلف فرزند، بدڪردار زال، بغض، حسن، عجب، نحوست، زرخريد، عاشق، گدا، ڪاوڙ، چانت، چغلي، چور، غيبت، صبر، سک، آرام، عشرت، غر، عطا، علم، عمل.

مٿئين لفظن تي غور ڪري پسجي سگهجي ٿو ته ڪيئن نه چار چيز ملائي هڪ لڙي ۾ تسبيح جي داڻن جيان پوئي ڇڏيون اٿس. بعد جي ڪافي شاعرن انهي تتبع کي پڻ اختيار ڪيو.

رديف س ۾ ويهه، (٣١) ش ۾ ست، ص ۾ ٻه، ض ۾ چار، ط ۾ ٻه، ظ ۾ ٻه، ع ۾ ٻه، غ ۾ هڪ ۽ ف ۾ چار غزل ڏنل آهن، جن ۾ عشق کي عقل تي مدهوشي واري سبقت، معشوق جي بدن، جسم ۽ جان جي، گلن ۽ نمايان خدائي نشانين چنڊ، تارا ۽ سج وغيره سان تمثيل جاٽايل آهي. هڪ مڪمل غزل تندي محمد خان واري آنريبل مير الله بخش ميمبر بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي (وفات ١٩١١ع) واري ڏانهن منسوب ٿيل آهي.

شهوائي ڏسان ابر عطا مير الله بخش،

هي گوهر اصلاف حيا مير الله بخش.

هڪ مڪمل غزل نجف اشرف جي تعريف ۽ ثنا ۾ پڻ چيل آهي.

رديف ق ۽ ڪ هرهڪ ۾ ڇهه غزل آهن. انهن ۾ حضرت محمد ﷺ جن ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه جي شان ۾ به غزل جوڙيل آهن.

عشق جي اشتياق ۽ فراق جو احوال ۽ هڪ وڏو غزل عيدمبارڪ جي باري ۾ جوڙيل آهي:

"رسي عيد شوال يارن مبارڪ،

سڀني اهل اسلام وارن مبارڪ."

مرتضائي عيد مبارڪ متعلق غزل انهي ڪري ٻه جوڙيو هوندو، جو نثي ۾ رمضان المبارڪ جي آمد ۽ عيد ملهائڻ جو طريقو نهايت ئي منفرد، نرالو، تعجب خيز، اچرج ڏيندڙ، وڻندڙ ۽ تاريخي آهي. جيڪو اڄاتائين انهي پراڻي انداز ۾ ملهائبو ٿو اچي.

انهي بعد رديف ڪ ۾ ٻه، گ ۾ ٽي، ڳ ۾ ٻه، ل ۾ ڇهه غزل آهن. جن ۾ ساقي، جام لبريزي، عاشق جي قدرداني، معشوق تان قربان ٿيڻ، بهار جي آمد سبب باغن جو ٽڙڻ ۽ بلبلن جي ڇهچٽي وغيره جو بيان ڏنل آهي. انهي ۾ هڪ غزل تو شيخ بند پڻ ڏنل آهي، جنهن جي اکرن ملائڻ سان نالو محمد محسن نهي ٿو

رديف ميم ۾ ٢٧ غزل ڏنل آهن. انهي ۾ سندس استاد جي تتبع تي پڻ غزل جوڙيل آهي، هن ۾ سندس نرالي طرز وارو غزل

"پکي پرڏيهه مان اڏري اچي پيو بند پڃري ۾."

پڻ ڏنل آهي. اها طرز ٻه مرتضائي جي تخليق جو اهڃاڻ آهي، فيض بخش محبوب محسن جو ڪيس ملڻ، دلربا جي شوخي، دلبر ڪان جدا نه ٿيڻ جي تمنا وغيره جي خيال آرائي ڪئي اٿس.

رديف ن ۾ ٦٢ غزل ڏنل آهن.(٣٢) جنهن ۾ يار جي ڳولا ۽ ان جي سڪ ۾ سڪڻ، دوست محسن جي يادگيري، زماني جي نواڻ ۽ سندس ڍول، مڪر ۽ چال نئين جو خيال، همعصرن ڪان دعوت غزل جي جواب طلبي ۽ نون خيالن جي تقاضا، نوبهار ۾ باغ جي حسن جو احوال، اکين جي خودنمائي ۽ خود بياني جو خيال ڏنل آهي.

رديف ڻ ۾ ٨ غزل آهن، جن ۾ يار جي ياداشت ۾ جاندارءِ غير جاندار جي حالت واري ڪيفيت جو ذڪر، دوست طرفان وفادار ۽ سچار دل کي سڃاڻڻ جي ترغيب، محبوب جي لب، ڳل، رخسار ۽ زينت تان هر شيءِ کي نثار ڪرڻ جا خيال سمايل آهن.(٣٣)

رديف و ۾ ٥٨ غزل آهن،جن ۾ محبوب سان ملڻ جو ذڪر، تخليقي ڪلام "محبوب مني جي حسن ڪيا حيران هزارين مان نه رڳو" همعصر دوستن ڪان دعوت غزل جي جواب طلبي، دل کي آٿت ڏيڻ ۽ زماني جي لاهين چاڙهين کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ جي تلقين، رمضان المبارڪ جي آمد تي مومنن کي مبارڪ ڏيڻ، ٺٽي جي نواب ميين شير محمد شاڪراڻي جي اوطاق تي في البديهه حقي متعلق ناهيل غزل، بمبئي ۾ قدرتي تعجب نما وڻ جو ڦٽڻ ۽ انهي جو احوال، مسلمان ٿي پيدا ٿيڻ تي ڏٽي تعاليٰ جو شڪرانو ادا ڪرڻ، ظفر نالي اردو جي غزليه شاعر جي تتبع تي سنڌي غزل جوڙڻ، ٺٽي جي قاضي فضل الله جي اوطاق تي سائين محمد شاهه آمريءَ واري سان ڪچهري جو ذڪر ۽ سندس تخلص مسڪين مان ڦيرائي مصطفائي تجويز ڪرڻ جو بيان، ماتا جي بيماري جو ڦهلجڻ ۽ مرتضائي تي ان جو حملو ٿيڻ ۽ رب سائين جي مهرباني سان انهي مان چاق ٿيڻ، حسين ۽ حيران ڪندڙ گلن ۽

باغن ۾ محبوب جي ملڻ جي آس جو احوال سمايل آهي.

رديف ه ۽ هه ۾ ١٣، ۽ ٤ ۾(٣٤) ١٢ غزل آهن، جن ۾ رب پاڪ پروردگار، سندس رسول حضرت محمد ﷺ ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه جي تعريف به سمايل آهي. هڪ غزل سنڌي عربي جو ميلاپ ڪري برتضمين جوڙيو اٿس. محبوب جي ناز پري نازڪ بناوت ۽ حسن جي جلوه افروزي جو بيان به ڏنل آهي.

آخري رديف ي ۾ ڪل ٩٢ غزل آهن، جن ۾ حمد باري تعاليٰ جي شڪراني جو غزل

"شڪر الله ڏنو دين، پيمبر مون کي." (٣٥)

پنهنجو مٽ پاڻ لڳي ٿو. هڪ مڪمل غزل سندس همعصر پنجاهه کن شاعرن(٣٦) جي واقفيت ۽ تعارف متعلق آهي، جنهن مان مرتضائي جي شاعر دوستن ۽ شاگردن جو آساني سان پتو پئجي سگهجي ٿو، اکين کي اکين سان ملائڻ وارو غزل پڻ فني ۽ تخليقي لحاظ کان منفرد لڳي ٿو، ٺٽي جي ناهوڪائي جو بربادي ڏانهن راغب ٿيڻ تي ڏک ۽ ارمان جو اظهار، وصل جي خواهش، ناس جي دٻلي جو ذڪر ۽ زميداري پيشي جي خسته حالت جو بيان ڏنل آهي.

**"ديوان جو قدري ۽ تنقيدي جائزو."**

ديوان مرتضائي تي نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته مرتضائي انهي دور جي پيداوار آهي. جنهن ۾ فارسي جو چرچو به عام هو. پر فارسي مان سنڌي ڏانهن راغبيت ۽ روانگي پڻ جاءِ وٺي رهي هئي. سندس ديوان انهن اثرات ۽ لاهين چاڙهين کان آجو نظر نٿو اچي. سندس ديوان ۾ غنائيت جون خاصيتون مڪمل طرح سمايل آهن.

بين همعصر شاعرن جيان سندس غزليات واري شاعري، پارسي شاعرن سان عقيدت جو ميلاپ ۽ سنگم ڪوٺي سگهجي ٿي. ڪافي هنڌن تي فارسي غزلن جي تضمين پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. پارسي محاورن ۽ طرز جو استعمال به عام نظر اچي ٿو ۽ پارسي لفظن جي پرمار به ڪافي حد تائين پسجي ٿي.

مرتضائي جي غزليات ۾ فارسي شاعري وارو خيال جهڙوڪ، گلستان، شوخي، قسمين قسمين گل، سونهن، حسن ۽ سندس جلوه گري، نازنين جون نازڪ ادائون، دلبر جي چنڊ مثل سونهن ۽ زيبائش متعلق يوسف ثاني واريون تمثيلون، زلفن جا ور وڪڙ، ابرن ۽ محرابن جو ذڪر، اکين جي تيزي ۽ نظرن جي تلوارن جو احوال، وصل جي عيد کان به وڌيڪ اهميت ۽ تصوف جي انهن خيالن، جو اڪيچار پندار نظر اچي ٿو. هيرا، موتي، لعل، ياقوت، زمرد، فيروزه ۽ الماس جهڙن قيمتي املهه ماڻڪن جون تشبيهي صورتون موجود آهن. انهن ۾ سندس تتبع، سعدي، حافظ، جامي ۽ رومي وغيره جي مثل نظر اچي ٿي.

ايراني ماحول جو خصوصيتون، جهڙوڪ: باغ و بهار، گل و گلزار، منظرنگاري، سحرگري، لاله، خيري، سنبل، ياسمين، نرگس، سوسن، خبازي، نسترن، عشقپچن، زنمبقن، برسات، بسنت ۽ بهار جا نظارا مرتضائي جي غزليات ۾ عام طور پسجن ٿا. خزان، گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو، مئي ۽ ميخانو، ساقي ۽ شراب، پير مغان، محتسب، زاهد، شيخ ۽ ناصح وغيره جون خصوصيتون خوب نظر اچن ٿيون. جڏهن ته حمد، نعت، قصيدا، رب باري تعاليٰ جي تعريف، مني محمدﷺ جي ثنا، پنجتن پاڪ، ٻارهن امام جي نيڪنامي پڻ چٽيءَ طرح جابجا جاٽايل آهي.

عشقي داستان جي روپ ۾ شهنشاهه ۽ راڻي، شيرين ۽ فرهاد، يوسف ۽ زليخا، ليلا ۽ مجنون، محمود ۽ اياز، رستم ۽ سهراب وغيره جي تمثيل پڻ ملي ٿي، سميت انهي جي، محبوب جو تصور، صنم جي بيهڪ ۽ بناوت، حسن ۽ عشق جو لڳڻ، حسن جي تعريف، قد زلف- زلف سنبل- زلف بلا-زلف زنجير- زلف رخسار - رخ، خال ۽ رخ، دهن لب، دوست، تنگ ذهن، غنچه دهن، لعل ولب، شيرين لب، چشم ميگون، لولوءِ دندان، مزگان ۽ ابرو، چاهه زنخدان، سراپا عشق، معشوق ۽ رقيب، دشنام دلبر، گل ۽ خار، تربت عاشق، معشوق جا ماڻا ۽ بيوفائي وغيره جون سمتون به خوب نظر اچن ٿيون.

دعوت غزليه شاعري ۾ مرتضائي گهڻو تيز نظر اچي ٿو. انهي سلسلي تحت مرتضائي جا ڪيترا سارا غزل انهي وقت جي فارسي توڙي سنڌي اخبارن، جهڙوڪ، مفرح القلوب، سنڌ سڌار، معاون، معين الاسلام، اڪليل، آفتاب وغيره ۾ ڇپبا رهيا. انهن اخبارن به انهي وقت سنڌي غزل جي ترقي ۽ ترويج ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو.

ظاهري طور ڏسجي ٿو ته مرتضائي جيتري دعوت غزل ڏني آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر ڏني هجي. گهڻو ڪري همعصر شاعرن ڏي شعر موڪلي جواب گهرندو رهيو آهي ۽ ٻين وٽان موصول ٿيندڙ اشعار جو بروقت جواب روانو ڪندو رهيو آهي.

ديوان جي شاعري مان اِهو به معلوم ٿي سگهندو ته مرتضائي جي شعر ۾ فارسي واريون رعنايون ۽ جلوه آرايون موجود آهن، هن جي شاعري ۾ تشبيهون ۽ استعارا تمام گهڻا ملن ٿا. سندس ديوان جي زبان نهايت ئي رنگين بيانن سان ڀريل ۽ ضايع و بدايع جي نقطن سان ٽمٽار نظر اچي ٿي. تقريباً غزل جي هر قسم ۽ صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. غزليه نقطه نگاهه ۽ باريڪ بيني واري پيشڪش جي باعث پاڻ وڏو قادر الڪلام شاعر آهي. سندس خيالن جي پختگي، زبان جي سلوڻيت، سوچ جي بلندي ۽ فڪر جو عالي هجڻ، سندس شاعري ۾ خوب نظر اچن ٿا.

صرف ونحو جي اصولن پٽاندر، مرتضائي جي شاعري بحر ۽ وزن جي دائري ڪي قائم رکيو آهي. عروضي شاعري جا بلند معيار مرتضائي قائم ۽ دائم رکيا آهن. انهي وقت جي مروج تمام غزلياتي صنفن کي پنهنجي دائري ۾ خوب وڏايو ۽ ويجهايو اٿس.

پنهنجي دور جي شاعرن ۾ سندس مقام تمام مٿانهون شمار ٿئي ٿو نه صرف ٿتي پر سنڌ جي گهڻن ئي شاعرن جو پاڻ استاد ٿي رهيو ۽ وٽانئس اصلاح ورتي ويندي هئي.

آخر ۾ اهو چئي سگهبو ته مرتضائيءَ جي شاعري، سنڌي ادب ۾ انهي وقت وڏو واڌارو ڪيو ۽ سنڌي شاعري لاءِ نئين بيهڪ، ترغيب، ڪشش، نوان لاڙا ۽ رخ پيدا ڪيا، جن جي بنياد تي اڳتي هلي سنڌي شاعر، سنڌي زبان ۾ شاعري جا نوان نوان شاهڪار پيدا ڪري سگهيا.

سنڌي ادب جي خدمت طرف "مرتضائي" عملي قدم وڌائيندي "بزم نشاط" (ٺٽو) جو بنياد وڌو، جا پنهنجي نوعيت جي سنڌ اندر پهرين انجمن هئي. انهي بزم ۾ امام بخش شاهه "فدوي"، موتيل شاهه "ڪمتر" "شاڪر" چاپائي، قاضي عبدالمجيد "مجيدي" زمان شاهه "ساقي"، آخوند محمد عمر "عشاقي"، غلام محمد شاهه "گدا"، مير عبدالحسين "سانگي"، عبدالله ٺٽوي، حافظ حامد، فضل محمد "ماتم" غلام دستگير عقيلي، ميون وڏل حيدري ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا هئا. اهو سنڌ، سنڌي ادب ۽ زبان جو (پهريون) ادبي ادارو هو. انهيءَ جي پهرين گڏجاڻي "مرتضائيءَ" جي صدارت هيٺ ١٨٦٥ع ۾ ٿي ۽ پهريون ئي دفعو سنڌيءَ ۾ "وڏو منظم مشاعرو" ٺٽي ۾ منعقد ڪيو ويو.

"گدا" (٣٩) انهيءَ موقعي تي مرتضائيءَ لاءِ هيئن فرمايو:

سيادت منزل والاهم شاهه،
غلام مرتضا سيد و ذيجاهه،
شريف ٺٽوي سيد سخندان،
قدردان نامور منهنجو مهربان.

مرتضائيءَ جي وفات بعد سندس شاگرد "شاڪر" چاپائي اهڙي تعزيتي گڏجاڻي ۾ مرتضائيءَ جي قدرداني ڪندي چيو ته:

اي اقليم تهته توکي واهه واڌايون هجن،
تو ۾ قائم هو ۽ دائم شاعراڻي انجمن.
چون گلستانِ نشاطي بزم تو زيبا عجيب،
جمله شعرا چون همه بلبل درآن شيرين سخن.
"مرتضائي" رونق افزا هو چراغ بزم هو،
شاد اهل سندهه هو چو نو بهاران چمن.

انهيءَ انجمن جي ترتيب تي پوءِ حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي وغيره ۾ اهڙيون ادبي تنظيمون ٺهيون، جن جي بنياد تي سڄيءَ سنڌ ۾ گهڻيون ساريون بزمون ۽ ادبي جماعتون پڻ وجود ۾ آيون، جن جو جديد دور ۾ تمام گهڻو چرچو آهي. موجوده زماني ۾، سنڌي اديبن جي نمائنده ادبي تنظيم

"سنڌي ادبي سنگت" هڪ تناور ادبي درخت وانگر نمايان ۽ نشانبر آهي. ٺوري ويچار سان، محسوس ٿئي ٿو تہ گذريل صديءَ ۾ ٺٽي ۾ مرتضائيءَ جي قائم ڪيل (١٨٦٥ع) "بزم نشاط" ان سلسلي ۾ جڻ "ٻج" جو ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو بظاهر هڪ "ذرو" هوندو آهي، پر ان مان "وڻ" جي هڪ وسيع ڪائنات ڦهلجي ٿي.

## حوالا، حاشيا، فوٽ نوٽ ۽ سمجهاڻيون

(١) ٺٽي ۾ سنڌن جد امجد سيد ميران محمد يوسف شاهہ رضوي بکري المهدوي هو، جنهن جي مزار مڪلي تي عيدگاهہ جي ويجهو آهي. جيئن تہ ڪيس سيد ميران محمد شاهہ جونپوري وٽان فيض رسيو هو ۽ انهيءَ قبرستان ۾ ميران محمّد شاهہ جي چلي جي جڳهہ پڻ اڄ تائين قائم آهي، انهيءَ ڪري ٺٽي جا رضوي سادات "مهدوي" ڪَري سڃاتا وڃن ٿا. سندس محاورو "ميران مهدي الله جو عهدي" اڄ بہ انهيءَ خاندان ۾ مشهور آهي. مخدوم نوح عليہ الرحمة، مخدوم محمد آدم عرف مخدوم نارو ٺٽوي، شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو ۽ ان جو مرشد شاهہ ابراهيم بهاري، سيد علي شيرازي ٺٽوي ۽ ٻيا، سيد محمد يوسف شاهہ جا همعصر هئا.

(٢) سيد محمد يوسف شاهہ کي بہ نياڻيون (هڪ شادي کان اڳ ۾ ئي وفات ڪري ويئي ۽ منهوڙي جي ٻيٽ ڪراچي ۾ مدفون آهي) ۽ هڪ پٽ ابراهيم شاهہ ٿيا. ابراهيم شاهہ جو اولاد هڪ شاخ پيرزادا ۽ ٻي شاخ سردار سڏجن ٿا. ٻي نياڻي جيئن تہ پنهنجي پائيتي سيد محمد اسحاق (جو پير پرڏيهي سڏجي ٿو. چاڪاڻ تہ اهو روهڙي مان لڏي ٺٽي اچي سڪونت پذير ٿيو هو) سان پرڻايائين ۽ انهيءَ جي وڏي پٽ جو نالو سيد حمزه هو، انهيءَ ڪري ڏيءَ وارو اولاد حمزاڻي سڏجي ٿو. اها ٻي ٻي درگاه اندر دروازي پرسان مدفن آهي.

(٣) جهڙوڪ: (١) مير سيد محمد شفيع عرف لطف علي خان ملقب شجاعت علي خان تخلص همت، گورنر ٺٽو، (٢) نواب مير ڪمال الدين احمد شاهہ رضوي، هندوستان جي لشڪر جو سپہ سالار ۽ گورنر ٺٽو، (٣) مير مرتضيٰ الهام، نواب ڪمال الدين جو لائق فرزند ۽ اعليٰ پايي جو شاعر، مدفن دهلي (۴) مير سيد نجم الدين شاهہ رضوي تخلص عزلت، صاحب ديوان فارسي (٥) سيد ذوالفقار علي شاهہ رضوي مرتضائي جو ڏاڏو ۽ ٺٽي جي گورنر نواب مير ڪمال الدين شاهہ جو ڏوهٽو ۽ مير مراد علي خان ٽالپر (١٨٣٣-١٨٢٨ع) واري دؤر حڪومت ۾ وزيرالسلطنت (٦) سيد غلام مرتضيٰ شاهہ، مرتضائي جي ڏاڏي جو وڏو ڀاءُ، (٧) سيد موتيل شاهہ ڪمتر (٨) سيد روشن علي شاهہ رضوي (مرتضائي جو والد) روشن مدفن ڪربلا معليٰ، (٩) سيد امام بخش شاهہ رضوي فدوي مرتضائي جو استاد، (١٠) سيد محمد زمان شاهہ رضوي، ساقي ۽ زمان، (١١) ڊاڪٽر ديدار حسين شاهہ رضوي (مرتضائي جو پوٽو -پروفيسر سنڌ يونيورسٽي) ۽ ٻيا.

(۴) انهيءَ ڪري هاري ناري زمين تي ڪيس "سومار شاهه" جي نالي سان ڪوٺيندا هئا.
(۵) ابجد جي حساب موجب اهو سال "ولد بيدار بخت" مان نڪرندو.
(٦) بيشڪ سو مجلس جو سينگار آهي حقو،
تنها سندو رفيق هوادار آهي حقو.
ني نيشڪر ڪان گهٽ نه چوان ميٺ ۾ ڪڏهن،
گوئي رکي گلاب سان سرشار آهي حقو.
محبوب جي ڳلن تان جڏهن دونهين هي لنگهي،
مهتاب تان ڪو ابر گذردار آهي حقو.
قونتا ۽ مشڪ ڳڙ سان ڳڙاڪو ٿو ناهجي،
حلوه ڪنان لذيذ سو تڪرار آهي حقو.
لب تي لڳي عجيب جي واري سان جي وري،
عاشق تي وقت ان ۾ شڪربار آهي حقو.
وه مرتضائي قند بياني عجب ڪيي،
رندن سندي سارونق بازار آهي حقو.

ٺٽي جي نواب، جاگيردار ۽ مرتضائي جي همعصر دوست ميون شير محمد شاڪراڻي (هن جو پٽ ميون رسول بخش شاڪراڻي مون ڏٺو هو.) هڪ دفعي رونشي خاطر پنهنجي اوطاق مان مرتضائي سان ڪچهري جي رٿيل پروگرام کان اڳ ۾ ئي حقو غائب ڪرائي ڇڏيو. مرتضائي اها رمز ڏسي چڙي پيو ۽ يڪدم ئي في البديهه هجو نامو جوڙڻ شروع ڪيائين.

شاڪراڻين جي محفل ۾ آهي مان مانوڙو،
ڪهڙي ڪچهري يارن، جن عار آهي حقو.

نواب صاحب هڪدم حقو آڻائي، مزيد شڪوه شڪايت کان پاڻ بچائڻ جو مرتضائي کان وچن ورتو ۽ آئنده لاءِ ڪڏهن به مرتضائيءَ جي موجودگيءَ ۾ شاڪراڻين جي اوطاق مان حقو گم نه رهيو.
(۷) ٺٽي ۾ رجب جي مهيني کي زڪوات وارو مهينو سمجهيو ويندو آهي ۽ انهي جي ۱۵ تاريخ اجا به زڪوات ورهائڻ جو طريقو مروج آهي.
(۸) سندس اولاد انهي نالي پنيان "حمزاڻي" سڏجي ٿو. مرتضائي ۽ مان به انهي "حمزاڻي پاڙي" مان آهيون.
(۹) هي سيد يوسف شاهه رضوي جو والد بزرگوار هو، جو ٺٽي ۾ درگاهه اندر سيد يوسف جي پرسان مدفون آهي. سيد يوسف شاهه سندس ننڍو يعني ٽيون نمبر پٽ هو.

(۱۰) هتان روهڙي وارن سيدن جي شاخ نڪري ٿي، جيڪي "ڪوٺائي رضوي" ڪري سڏبا آهن. اهو ڪوٽ ۽ پاڙو مون به ۱۹۹۵ع ۾ وڃي ڏٺو، جو موجود آهي.

(۱۱) سيد محمد مڪي ايران جي بادشاهه جو ڏوهٽو ۽ شيخ شهاب الدين سهرودي موجد سلسلهٔ طريقت سهروردي، جو نياڻو هو، مڪي ۾ ڄائو هو، انهي ڪري مڪي سڏجي ٿو. ٦٥٨ هجري ۾ سنڌ ۾ آيو هو. سکر پراڻي ۾ مدفن آهي.

(۱۲) سيد شجاع الدين رضوي ايران جي بادشاهه جو نياڻو هو. امام علي ابن موسيٰ رضا جي درگاهه جو مجاور به هو، انهي ڪري رضوي لقب مليس ۽ امام صاحب جي ممدوح آهي.

(۱۳) مرتضائي جي لکت موجب

سبب تاليف ڪتاب نجات القلوب

چونڪه فقير پرسرتاپا تقصير بنده احقر العباد الله، عبد پنجتن غلام مرتضيٰ ابن سيد روشن علي شاهه رضوي، ساڪن بلديه ٺٽہ در آموختن علم فارسي و عربي و ترڪي خاطر مند بودم بدل خويش گفتم ڪه اي دل حاله اڪه حيات هستي فردا بمرگ مير سيد، اگر هرهڪ يادداري و هرڪه ديده يڪي ڪتاب نشتن بايد ازين سبب برائي بسيار خوب خوب نقطه ها نوشته ميشوند

والله اعلم بالصواب

ڪتاب جي تڪميل تي پاڻ هيئن لکيائين:

تمت تمام شد ڪتاب مستطاب ديوان محسن، منڪلام محمد محسن صباغ ٺٽوي نورالله مرقده بتاريخ مهرهم پنجشنبه شهر شوال المڪرم سنه ۱۲۹۲ هجري مطابق ۱۸۷۵ع بيد الفقير سيد غلام مرتضيٰ شاهه ولد سيد روشن علي شاهه رضوي صورت اختتام پذيرفت از ديوان ميان ابراهيم، ابن ميان عبدالڪريم نقشبندي، از دستخط محفوظ علي شڪرالاهي نوشته سه شنبه چهارم ذي الحج ۱۲٦٧ هجري نوشته شد.

(۱۴) اندازن ٽي هزار فارسي اکرن جي سنڌي ۾ معنيٰ لکي اٿس، انهي کان علاوه هڪ هزار لفظن تي مشتمل ترڪي استنبولي ۽ ايراني ترڪي الفاظ جي لغت پڻ سنڌي معنيٰ سميت جوڙي اٿس. فارسي ۽ ترڪي-سنڌي لغت ناهڻ طرف اها مرتضائي جي ڪوشش بنيادي اهميت جي حامل آهي.

(۱۵) انهي مان سنڌ ۽ بمبئي- هڪ ڪروڙ چاليهه لک، مدراس ٽي ڪروڙ ٻارهن لک پنجهتر هزار، پنجاب هڪ ڪروڙ نو لک، بنگال ڇهه ڪروڙ اٺ لک پنج هزار، شمالي مغربي علائقا ٽي ڪروڙ پنجاهه لک، برٽش برما ٻه لک پنج هزار، اجمير ٽيٽيهه هزار، وچيان علائقا نو لک پنجٽيهه هزار، باقي ٻيا علائقا وغيره.

(١٦) زمين جا ست نالا- رنڪا، اخلدة، عرقہ، عربيا، هوملتہ، سجين ۽ عجيبا ٻڌايا اٿس.

(١٧) مير مراد علي جي وفات تي قطعہ تاريخ
چوشد مراد علي خان ز تخت شاهي سنڌ
شده است نور محمد بغر برسر آن.

(١٨) مرزا الغ بيگ ازبڪستان جو وڏو سائنسدان ٿي گذريو آهي. مون سندس ليبارٽريءَ جا آثار سمرقند جي دوري وقت ١٩٧٦ع ۾ ڏٺا هئا. دنيا ۾ هي پهريون سائنسدان هو، جنهن ٣٦٠ ڊگرين وارو سرڪل ۽ ڪمپاز ناهيو هو.

(١٩) انهي قصيدي جا ڪجهہ بند:

بہ پير عقل گفتم دوش ڪاي پيره،
ترادستي است درحل مسائل.
بماند هرچہ باقر زين تو صاريف،
همان سال است اي نيڪو شمائل.
(٩٩٨ هجري)
وڪر ره سال شان از فيض حق گير.
(٩٩٨ هجري)
با شاني است ڪر طبع توسائل.

هن ۾ اهڙا ڪل ١٩ بند آهن.

(٢٠) ڳاٿيئي موجب مرتضائي ٢٥٠ ڪان بہ وڌيڪ تاريخون-وفات، ولادت، جلوس، عمارتسازي، صلح ناما وغيره ۽ انهن جا قطعا ڄاڻايا آهن.

(٢١) جهڙوڪ مغلن جو شجرو بهادر شاهہ بن اورنگزيب کان وٺي حضرت نوح عليہ السلام تائين ڄاڻايو اٿس.

(٢٢) هيءَ مثنوي جمادي الاول ١٣٠٨ هجري برابر ١٨٩٠ع ۾ "اڪليل"، "معين الاسلام" فارسي ۽ ٻيون سنڌي اخبارون ڪيندڙ، مرزا محمد صادق ڪراچي مان ڇپائي پڌري ڪئي.

(٢٣) ٻڌم جيڪا بلوچن بادشاهي،
اميرن سنڌ جي سانيڊيا سپاهي.
عدالت سان شريعت مصطفائي،
۽ ملت سان طريقت مرتضائي.

جي شهداداڻي شاهه زمان اچ،
رکن هردم اميري آستان اچ.
وڏا جاگير ڌارين شهواڻي،
وڏا فياض ڏسجن ماڻڪاڻي.
تون رک تن کي هميشه رب آباد،
هجن جت ڪٿ رهن سي شال دلشاد.

هن ۾ اهڙا ڪل ٥٥ بند آهن.

(٢٤) مرتضائي سبب تاليف ڪتاب مستطاب يوسف زليخا لاءِ به لکيو آهي ته پاڻ ۽ سندس دوست آنريبل مير الله بخش خان (ميمبر بمبئي ليجسليٽو اسيمبلي وفات ١٩١١ع) جي ٽنڊي محمد خان واري اوطاق تي گڏ هئا. اتي اهو خيال پيش ٿيو ته سنڌي زبان ۾ مثنوي يوسف زليخا جوڙجي. متفق فيصلي موجب اهو ڪم مرتضائي کي سونپيو ويو. اها مثنوي مولوي جامي بحر هزج فارسي ۾، فردوسي بحر تقارب ۾، شهاب الدين پوني واري جامي واري بحر موجب اردو ۾ ۽ هڪ بلوچ جا ٽڪي ۾ ناهي هئي، سنڌي ۾ اها کوٽ مرتضائي پوري ڪئي.

شعر اندر پاڻ لکيو اٿس ته:

اچي يوسف زليخا جي مثم ياد،
چوان ٿو مولوي جامي کي استاد.
نه سنڌي اگ زليخا سنڌ اندر،
تڏهن سنڌي ڏسان ان لاءِ زيور.
محمد خان جو ٽنڊو عجائب،
رهي جت ٿو اسان جو ميرصاحب.
الله بخش آهي جنهن جو نام نامي،
خدا نعمت ڏني جنهن کي تمامي.
بڌائي حيدري ات هي حقيقت،
ته سائل هي رکي ساري ڪتابت.

هن ۾ اهڙا ڪل ٧٣ بند آهن.

سبب ڇاپڻ متعلق هن ريت درج ڪيو اٿس:

بحمدالله دعا کي ٿي اجابت،
اچي پوري رسي سا سڀ ڪتابت.

شروع جنهن کي رکيم بعد از محرم،
ڏهي اول کان پوءِ بعد ماتم.
ٽيو پورو جمادي الاولين ۾،
جو مثل مقبول ٿئي دنيا ۽ دين ۾.
سو تيرهن سو اٺين هجري اندر،
سندس آغاز ۽ انجام خوشتر.

هن ۾ اهڙا ڪل ١٥ بند آهن.

(٢٥) جيئن سيد غلام محمد شاهه گدا هيئن فرمايو:

رهي مرتضائي ڪريم النسب،
سهي سرو باغ ولايت پناهه.
سخن سنج شيرين سخن بيعديل،
زليخا سا سنڌي ۾ جوڙيائين واهه.
سُڻ شرط تاريخ تصنيف جي،
گدا چئي عجب دلربا نظم آهي.
(١٣٠٨ هجري)

ٻئي واري مخدوم محمد ابراهيم خليل فرمايو:

غلام مرتضيٰ چون ڪرد تصنيف،
ڪتاب خوش پسند جمله جاها،
بسالش بي سر انديشه گفتم،
چه رائق قصد يوسف زليخا.
(١٣٠٨ هجري)

انهي کان سواءِ "معاون" اخبار جي ايڊيٽر ميان شمس الدين ابڙو تخلص بلبل، ماستر حاجي ميان عبدالله ٺٽوي تخلص عبد، مرزا احمد علي تخلص احمد، انسپيڪٽر جهرڪ ڊويزن، محمد شاهه ولد حاجي عبدالله شاهه آمري وارو (سنڌ ميوزيم حيدرآباد جي ڊئريڪٽر سيد ظفر ڪاظمي جو ڏاڏو) تخلص مصطفائي ۽ ٻين پڻ مرتضائي جي تعريف ڪندي، ڇاپي جون تاريخون شعر ۾ جوڙيون آهن. مرتضائي خود آخر ۾ هيئن فرمايو آهي:

هزارين شڪر ايزد جمدامي،
ڏني جنهن مون کي طاقت هي تمامي.

نہ شاعر هئس بل شعرا جو طالب،
نہ هو ڪو هوشہ همت عقل غالب.
مهابي ۾ حبيب الله اطهر،
۽ ان جي آل اقدس ڪاڻ اظهر.
طبع منهنجي ڪان سرزد ٿي ڪتابت،
رکم هي نظم گلشن استراحت.
رکان تحفہ مثل يوسف زليخا،
نہ سنڌي ڪو رکي اهڙي توانا.

(٢٦) مرتضائي نہ صرف نني جي رضوي سيدن ۽ پنهنجي قبيلن جو پر حضرت قلندر شهباز، خوجن جي مرشد آغا خان (آغا علي شاهہ سان مرتضائيءَ جو گهاٽو دوستاڻو ناتو هو)، ايران جي جعفري بادشاهن، ايشيا، يورپ، هندوستان ۽ بين ايراضين جي حاڪم امير تيمور گورگان ۽ سندس اولاد، روم جي حاڪم قيصر، امين ۽ بين بادشاهن، بني عباسين، سلطنت عثمانيہ جي حاڪمن، حاڪم ميمن عربستان وارا، ايران جي بادشاهن جهڙوڪ: بيشدادي، ڪياني، مشڪياني، ساساني، ايران جي پهلوانن جهڙوڪ: رستم، هندوستان جي مغل بادشاهن، سنڌ جي والين اميران سنڌ، جن ۾ شهداداڻي، شهواڻي، ماڻڪاڻي، ٽنڊي جام ۽ ميرپورخاص وارا، خانائي، ياراڻي، باجڪاڻي، گهوراماڻي، بهاراڻي، قمبر خاناڻي، هنيلاڻي، ٻاگراڻي ٽالپرن جو شجرو مرتب ڪيو اٿس.

روهڙي وارن رضوي سيدن، مٽيارين وارا متعلوي، لڪياري، ڪابڙوتي، معصومي سيدن، بخارين ۽ مخدوم جهانيان پوٽا، ميرڪي سبزواري مازندراني لوڏي سادات، مشهدي انجوي شيرازي ۽ شڪرالاهي (اهي نني ۾ سندن ڏاڏي سيد شڪرالله قاضي القضات سنڌ جي نالي پويان شڪرالاهي سڏجن ٿا، مير علي شير قانع بہ هن خاندان مان هو. اصل ۾ شيراز کان آيا آهن ۽ ڪاظمي سيد آهن)، عريضي سبزواري، ڪاشاني، اميرخاني، شمسي سبزواري وهڻاڻي، معشوق پوٽا، حسيني، نقشبندي، آغائي حيدرآبادي ساداتن ۽ بين ڪيترن جا شجرا وڏي جان فشاني سان مرتب ڪيا اٿس.

(٢٧) بيو مثال:

لعل جانان تي ڏسان خال مقرر پيدا،
حوض ڪوثر تي ڏٺم هائي سو ڪافر پيدا.

مثال نئون:

اج سنڌ ۾ ڏسان ٿو سخندان ڪيترا،
پيدا ڪي ٿين تن جا قدردان ڪيترا.

مثال نئون:

احمد مختيار تان قربان ٿيان صديق وجان،
حيدر ڪرار تان قربان ٿيان صديق وجان.
ما تماهي مرتضائي جو ٻڌج حاضر جواب،
ايزدي اسرار تان قربان ٿيان صدقي وجان.

(٢٨) مثال:

منهنجي جاني جو جنسار عجب، هار عجب سينگار عجب،
منهن مبارڪ حسن مبارڪ، گل عجب گلزار عجب.
مرتضوي ٿيو سنڌ سڄي ۾، نام عجب نروار عجب.

(٢٩) مثال:

قاصد وڃي تون يار کي پرچائي ڪنهن طرح،
آهي رنو اسان سان سو ريجهائي ڪنهن طرح.
چين و ختن خراج قبولي ٿو خال جي،
اڪ سان عراقي آ هو ٿو شرمائي ڪنهن طرح.
معشوق مرتضائي اڃي عاشقن اڳيان،
آهي رنو صبا سوئي مراڪائي ڪنهن طرح.

(٣٠) مثال:

ڏس چڪاسي يار تنهنجو ناز ۽ منهنجو نياز،
دائيما دلدار تنهنجو ناز ۽ منهنجو نياز.
سڀ تڪبر ترڪ آڻي پاڻ کي گهٽ جاڻ جيئن،
مرتضائي کي ڏسي هن واٽ جي سيڪا نياز.

ٻيو مثال:

ناز غمزو تيز تندي جت رهن هي چار چيز،
لوٽ ڦر ۽ قيد قتل آڻي وڄهن هي چار چيز.
قابليت ۽ فضيلت نيڪ نيت ۽ نياز،
ڪيميا وانگر ٻه هر جا وڃ وهن هي چار چيز.

کرعطا علم و عمل مون مرتضائي عبد کي،
بخش کر يارب بحق پنجتن هي چار چيز.

(۳۱) ڏس عرق بدن گلريز اٿس ۽ نظر نمايان تيز اٿس،
منهن سرخيءَ سان آميز اٿس گيسوءِ جي گره شب خيز اٿس.
سو مرتضوي محبوب ڪٿي مون طالب جو مطلوب ڪٿي،
منجهه خواب ڏٺم سو خوب ڪٿي بيدار اکيون خون ريز اٿس.

(۳۲) چاپڙ ڪنان وني تا هن حد سماٽو آهيان،
نالي جو يار تنهنجي نوڪر نماٽو آهيان.
توريت کي طلب جي آهيم پڙهي پچايو،
انجيل عشق وارو خواندو پراٽو آهيان.
جامع جفر جمع ٿيو منجهه قلب آهي منهنجي،
ابجد ۽ اهطمي ۾ آءُ هاٽو ماٽو آهيان.
چابڪ ٿي مرتضائي همت نه ڇڏ هنئين مان،
مهدي امام ايندي جنهن لئي ويگاٽو آهيان.

(۳۳) محبوب مني جي حسن ڪيا حيران هزارين مان نه رڳو،
مجذوب مثل مجنون ٿيا مستان هزارين مان نه رڳو.
سج چنڊ لڪا هن تاب ڪنان منهن نور مثل مهتاب ڪنان،
هن حسن هٽي حيران ڪيا مستان هزارين مان نه رڳو.
نڪ نيلوفر جيئن ناز پريو وه وات ڇڳي آواز پريو،
هن سيم تنيءَ حيران ڪيا انسان هزارين مان نه رڳو.
وه مرتضوي ڇئو خوب غزل با نورمحمد راقم رل،
صد بار سندوءِ هن شعر مٿان قربان هزارين مان نه رڳو.

ٻيو مثال: محبوب تولئي منڙو مستان آهي منهنجو،
ابيات عشق وارو ديوان آهي منهنجو.
هر گل خيال مضمون بارنگ بربلاغت،
بلبل جي نظم هر جا بستان آهي منهنجو.
بي شڪ اي مرتضائي هيءَ طرز تنهنجي اعليٰ،
سڀ شاعرن تي مضمون فرحان آهي منهنجو.

(٣٤) آئيني جيئن صفا ٿو رکان ڏس ضمير آءٌ،
جام جهان نما ڪري روشن ضمير آءٌ.
مون مرتضائي عبد جو نروار آهي نام،
روشن علي جو آهيان سراج المنير آءٌ.

(٣٥) شڪر الله ڏنو دين، پيمبر مون کي،
جو مسلم ٿو چوي مومن ڪافر مون کي.
روز ميثاق جي تقسيم جڏهن قاسم ڪي،
بعد احمد جي ڏنئون رهبر حيدر مون کي.
ذوالقربا جي مودت کان زره زور رکان،
ڇا ڪري تير تبر تيغ ۽ خنجر مون کي.
آهيان عسڪر ۾ دخل دار حسن عسڪر جي،
صاحب الامر ڪندو سڀ تي مظفر مون کي.
مور مشڪل ۾ نہ ڪج مرتضوي خوف خطر،
زور بازوء جو مليو قالع خيبر مون کي.

ٻيو مثال: اکين کي سان اٽڪائجي،
تڏهن ٻک لهي ٻيو ڪجا ڪائيجي.
ڦٿو ان جي ڦاهي ۾ عالم سجو،
خطا ٿيو پڇڻ پيچ ڪيئن پائيجي.
برابر اهو عشق ظاهر چون،
تہ ٻل سور اندر ۾ سامائيجي.
تون مشتاق آءُ مرتضائي سان مل،
متياري چڏي ڪي نتو ناهيجي.

(٣٦) احسن حسن مقال ۾ سڀ کان عجيب ڏسجي،
گلزار وصف آل ۾ سو عندليب ڏسجي.
سانگي سنو خيال جو معروف منجھ ملاحت،
گوهر گدا جو گفتگو ماتم غريب ڏسجي.
عاجز جي رمز عمدي ۽ طرز عبد وه وه،
بلبل گل خيال کي هردم قريب ڏسجي.

راهي رهي ۽ راجي تائب طبع جو نازڪ،
صديق مست بيدل وافر نصيب ڏسجي.
گلشن خيال ۾ ڏس گل کي رسي خزاني،
رعنا بباغ راحت نازڪ نسيب ڏسجي.
دلدار دوست دانا مشتاق توڙي شائق،
فائق لطيف احمد غم جو طبيب ڏسجي.
خاصو خليل سڀ کان مسڪين مان وارو،
سائل سليم حامد هاشم حبيب ڏسجي،
غازي غلام اصلي گوهر گلڻ جا گفتا،
۽ شمس الدين قريشي خاصو خطيب ڏسجي.
شوقي شڪار افگن قربي قريب گلشن،
۽ فڪر فيض محمد سڀ تي مهيب ڏسجي.
تازي سا عشق بازي آئي سدا نيازي،
۽ مير مصطفائي لعلن لبيب ڏسجي.
عمدا علي جا گفتا آتش رفيع وه وه،
۽ حيدري بلاشڪ هوتن حبيب ڏسجي.
صاحبڏنو سونهارو سيد سدا موچارو،
گوهر فشان ڪرارو نرمل نجيب ڏسجي.
اواهه پاڪ طينت مظهر سو نيڪ نيت،
عاشق جليل خفتي بي شڪ نقيب ڏسجي.
طرزي بطرز اعلیٰ آهي عجيب بهائي،
اعلیٰ علي اصغر خاڪي حشيب ڏسجي.
ٽيو سست چست يڪدم راقم چڙي رقم زد،
عباس منجهه خيالن سڀ کان خصيب ڏسجي.
وه مير مجتبائي سونتا هٽي سمورا،
پيري ڏنو سو سيد ڪڏ جي قريب ڏسجي.
شاعر هي سنڌ وارا سيئي رقم شمارا،
سيني ڪنان ڪرارا هر هڪ عجيب ڏسجي.

سيني کان مرتضائي گهڻ آهي گفتگو ۾،
پر ان جي دعوتن جو مولئ مجيب ڏسجي.

(٣٧) واليءَ سنڌ مير نصير خان بہ غزلگو ۽ مرثيہ گو شاعر هو، سندس سنڌي ۾ جوڙيل مرثيي جو مثال هن ريت آهي، سندس تخلص جعفري هو.

خلد کان خلعت جا آئي جنهن جي تن جي واسطي،
سو پيو محتاج پٽ ۾ هئي ڪفن جي واسطي،
مرتضا آيو نجف کان من موهن جي واسطي،
مرتضا کي کو سڏي ان جي دفن جي واسطي.

آخرين بند:

ناهي طاقت تا ڪريان هي شرح حال ڪربلا،
ڇا چوان هي واقعو جو گذريو بر آل عبا،
يا خدا ڏي مون کي دل ۾ حب آل مصطفا،
جعفري سان ڪر حمايت پنجتن جي واسطي.

هن ۾ اهڙا ڪل ٦ بند آهن.

(٣٨) هن جي نالي تي ٺٽو محمد خان شهر اڏيل آهي.

(٣٩) گدا هندي ۽ اردو ۾ بہ شاعري ڪندو هو، سندس جوڙيل اهڙن مرثين مان هڪ جو مثال هن ريت آهي:

يارو ستمگروں کی میں کیا کیا ستم کہوں،
کس دل جور اهل جفا دمبدم کہوں،
بالفرض اگر یہ قصۂ دردو الم کہوں،
خنجر کا میں جفا کہوں یا جو رسم کہوں.
اس ذکر سے تونت میر چھاتی کہ ہاتھ ہے،
کیا بولوں آگے آہ کلیجے کی بات ہے.

آخرين بند

یہ بات کہہ لی سرو سے عدن کو گئی صفی،
او سرن اس امام کے کوفے کی راہ لی،
اب آگے عرض راہ میں آفت جو کچھ بنی،
آفت دہ عرض راہ لی جاتی نہیں کہی.

نـہ تـاب مـلا بـیـاں کـی نـی طـاقـت کـلام کـی،
کـبـتـگ کـہـوں گـدا مـیـں مـصـیـبـت امـام کـی.

هن مسدس مرثيي ۾ اهڙا ڪل ۴۵ بند آهن.

ٻيو مثال

جب دیا میدان کا قاسم کو حضرت نے جواب،
اور لـگـا رونـے وہ غـیـرت داربـا چشـم پـر آب،
بانده کر دست ادب اور چوم حضرت کے رکاب،
بـهـانجوں نـے عـرض کـی رو روکی بـاجان کـباب.

رنـمیں یـہ بـیـداد ہے خیـموں مـیں وہ فـریـاد ہے،
مـاموں صـاحب بـهـانجوں کـے حق کـیـا ارشـاد ہے.

آخرين بند

یـہ سـخـن جب کـہ چـکـا پـهـر یـوں پـکـارا وہ نـبـی،
لے تجهے سونپا خدا کو اے حسین ابن علی،
جـب سـدهـارا وہ نـبـی لاش اس شـہ مـظـلـوم کـی،
کـهـتـے ہی تکبیر پهر قبل کے جانب جهک گئی.

ای گـدا ایـسـا نـمـازی کـون ہے ہـو غـیـراز حسـیـن،
جسکو بعد از قتل بهی آوے نـہ بن سجدے کـے چین.
(هن مسدس مرثيي ۾ اهڙا ڪل ۴۰ بند آهن.)

نصير مرزا [سفرنامو]

# سِيراف ۾ ورتل سياح: ’هَليو سيف الملوڪُ‘!

مومنو! پهرين تہ پڙهو سڳوري صلوات، جيئن موت جي ماتريءَ مان سفر ڪري، صحيح سلامت ۽ ثابت و سالم موٽي اچڻ جي روداد، اوهان صاحبن جي ’خدمت اقدس‘ ۾ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان.

اڙي هان؟ سيف الملوڪ ڍنڍ جي رنگين سياحت ڏانهن اُسهڻ کي، هي مون موت جي ماتريءَ ڏانهن سفر ڇو چئي وڌو؟ لاحول ولا قوة!

پر عزيز دوستو! ماچيس جي ڪوڪي مثل جيپ ۾ چڙهي، سنهيءَ تار جهڙي رستي، خوفناڪ پُرڪٽن گليشيئرز تان لنگهي ۽ ڪاهين واري پُرخطر پهاڙي پيچري تي چڙهي، سترهن هزار فوٽن جي پيڪَ ۾ لڪل سيف الملوڪ ڍنڍ تي وڃي پهچڻ، سواءِ ايڊونچر ۽ سواءِ لائيف رِسڪ کڻڻ جي، ٻيو ڀلا آهي ئي ڇا؟

هونئن گوش گُذار ٿيو تہ هن جمار تائين پهچندي پهچندي، گهٽ ۾ گهٽ، مان تہ هڪ اهڙو شخص.....جنهن کي هاڻي نہ رهي آهي سير سياحت سان دلچسپي، نہ شوق!

ها، محبت البتہ جنهن شيءِ سان ڪريان ٿو، اُها آهي سنڌ ديس جي مٽي، ۽ ساهہ اٿم تہ زالَ ۽ ٻارن ۾، ۽ شديد عشق: اُهو ڪتابن ۽ دوستن سان ۽ والهانہ ڪمٽمينٽ: اُها صرف پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان.....۽ بس!...

خير، هيرن ۽ هڳڪارن واري شهر حيدرآباد کان بذريعہ شاليمار ايڪسپريس جي، لاهور تائين تہ سفر نيڪ!.....پر لاهور کان باءِ باس، مانسهره ۽ اُتان ناران، ڪاغان ۽ اُتان سيف الملوڪ واري پَرستان ڏانهن پنڌ.

توبہ استغفار...بابا...توبہ استغفار.....!

۽ منهنجو سنگت سان بار بار اِهوئي اسرار تہ، ”نہ بابا! پاڻ ايڏانهن پهاڙن ۽ ڪاهين واري پُرپيچ دنيا ڏانهن هلون ئي نہ ڪو! اوهين وڃو تہ يا بسم الله، شوق پورو ڪري اچو. مان تيستائين لاهور ۾ هيرامنديءَ جون هوائون ڪائيندو ۽ وتندس ’ڦِجي‘ جي پاون مان رس چس وٺندو. سو في الحال منهنجي طرفان اَتو: في امان الله!“

”نڪو! ائين ٿيندو ئي ڪونہ!“ .....چئني يارن جو اعتراض. پر هي چار يار ڪير ڪير؟ مختصر تعارف ملاحظہ فرمايو...همسفر پهريون: طارق عالم ابڙو! سنڌي ادب جو سدا بهار روميو. محبت ۽ مِزاح جي حِس سان ڀرپور ۽ سندس سپاءُ جي اِهائي خوبي ۽ اِهائي خوشبو...پر پاڻ چوندو آهي:

"مان تہ بابا آهيان سنڌي ادب جو نانگو ماڻهو" . موت ۾، مان سدائين چوانس: "نہ طارق! تون نانگو نہ، بس ٿورو اڙانگو...۽ ڪو جي توکي ٽرڪ ۽ محبت سان ڊيل ڪري تہ ڪير چوندو تہ تو ۾ ڪا ڪڙاڻ؟....صفا جهڙو گرميءَ ۾ بدن تي لانُ جو نرم پهراڻ....جهڙو اُڃ ۾ منو ۽ ٿڌو شربت...."

۽ پلا هي ٻيو همسفر ڪير؟ عزيزم انعام شيخ!...ٽُ دي پوائنٽ دوست. يعني جنهن جو دوست، اُهو سراپا گُڊلڪ...بس تہ جنهن جي دوستيءَ جي پُڪي ۾ نڪتو، اُن لاءِ هيءَ پنهنجو انعام....جهڙو 'سراپا' 'انعام' . جديد دنيا جي سنجيده ۽ فڪري تحريرن جو برجستو سنڌيڪار. هرلحاظ ڪان ڏاهو ليکڪ، لائق ڪالم نگار ۽ هڪ پُراميد انسان. ترجمي لاءِ ڪونہ ڪو فڪري ڪتاب هُن جي لکڻ واري ٽيبل تي سدائين موجود. چِٽ-چِٽ ۾ خوش دل ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ غير رسمي ڏانو جو اعليٰ آريٽر...ڪميٽيڊ ۽ پرخلوص انسان. بهترين ۽ زنده دل همسفر!

۽ اِجهو ٽئين يار سان ملو.... هي آهي خوش شڪل ۽ خوش نويس عرفان علي انصاري. الهڙ نوجوان ۽ ڏاڙهونءَ جي داڻن مِثل ٿهڪن جي رسُ سان ڀرپور. ادب سان چاهہ، علم سان پيار. ناناڻا تنديِ آغا جي معزز مرزا خاندان جا "صاحب قِرطاس و قلم" ۽ ڏاڏاڻا: قلندر لعل شهباز جي درگاهہ جا بزرگ 'مشعالچي' . يعني طرفين روشنائي ئي روشنائي. هڪڙي پاسي وارا وڏڙا وضعدار ايڏا جو قلم جي ڪِلڪ ۾ ڀريل مَسُ کي مس ڪڏهن نہ سڏين، احترام سان اُن کي چون: 'روشنائي' ! ٻئي پاسي وارا وري شهباز جي درگاهہ جي احاطي اندر مشعلون ٻارينڙ: "سراپا مشعل بردار." نثر لکڻ لاءِ اسان جي هن همسفر عرفان علي انصاريءَ جي اندر ۾ تازو چِڻنگ باقاعده دُکي چڪي آهي. هاڻي ڏسجي تہ اُها چِڻنگ ڪڏهن ٿي ڀڙڪي ڀيڙ ٿئي. بس اِن جو انتظار آهي...في الحال تہ مترجم جي حيثيت سان، هُن جي ادبي سفر جي ابتدا عبرت مئگزن ۽ ٻارن جي رسالي 'گل ڦل' ۾ شايع ٿيڻ سان شروع تہ هوئڻ ئي ٿي چڪي آهي.

۽ اِجهو هن چوٿين يار، قداور قمبر لغاري سان بہ ملندا هلو....عجب جهڙو ۽ انوکو نوجوان! صبح جو ننڊ مان جاڳي، پلنگ تان اُٿي پَٽ تي بيهو تہ لڳو راتورات سندس قد بہ انچ وڌي ويو آهي! ۽ وري جي پلنگ تي ڪنهن وقت اُهوئي قداور قمبر لغاري ڪُرومُرو ٿي ليٽيو ٿي تہ، جهڙو ننڍڙو ٻار سُتو پيو آهي! سندس هيئر ڪٽ وري انگريزن جي ٻارن وانگر 'ڪُروڪٽُ' ۽ جنهن وقت بہ ڪيس ڏٺم، انهن ننڍڙن وارن ۾ هڪ وڏي ڦڻوتي سان مٿي تي هُن کي نَڪ نَڪ ۾ مصروف ئي ڏٺم، "اڙي هان! قمبر، هي ڇا پيا ڪريو؟"

"مساج....!" سندس مختصر جواب.

"ڇو؟"

"وارن جا ماهر ڊاڪٽر چون ٿا تہ ميڄالي جي صحت ۽ وارن لاءِ اِها ايڪسرسائيز چڱي آهي." سندس وضاحت.

وري هيءَ ٻي ڳالهہ ٻڌو. سفر ۾ اسان جي پنهنجي هِن قمبر جو تڪيہ ڪلام هو: ’ٻَبي‘ ۽ اسان مان هر هڪ ڪان وٺي هوٽل جي ويٽر ۽ ويندي ريل جي گارڊ تائين، هُن هر ڪنهن کي اِن ئي نالي سان پئي سڏيو. اڇا! سفر ۾ کائڻ لاءِ وري ”باڇڪي“ ۾ هن سان ساڻ هو ’هوم ميڊ‘ ، لَذيذ‘ ، ’خستہ‘ ۽ ’خوشبودار‘ ”روٽ.“ بظاهر ڏسڻ ۾ تہ سِر وانگر سخت، پر کائڻ ۾ ڇا تہ مزيدار! ”ولله!....سبحان الله!....ڪيا بات هي!“

۽ بس پياري انعام اِن سياري جي خوراڪ جهڙي ۽ ’مغزيات‘ سان ڀرپور روٽَ باعث، سڄي سفر ۾، هن عزيز دوست کي سڏيو ئي پئي: ” قمبر لغاري سِروٽان والا“ ۽ قطع نظر اِن جي، سچي ڳالهہ تہ هي بہ آهي تہ قمبر لغاري جهڙا پيارا ۽ ڏاهن ٻارن جهڙا نوجوان همسفر ساڻ هجن تہ، بور کان بور سفر بہ خوش اسلوبيءَ سان ۽ خوشگوار انداز ۾ طئي ڪري سگهجي ٿو.

”پر هھڙن پُربهار دوستن جي ڪمپنيءَ جي باوجود سيف الملوڪ ڍنڍَ ڏانهن تون هلڻ ڇو نٿو چاهين؟“ طارق پُڇي ٿو.

"Because of height fear" مان چوان ٿو.

”..... تہ پيارا! تون ويگن ۾ ڪاهين واري پاسي نہ ويهجانءِ نہ! توکي جنهن پاسي پهاڙ آهن نہ.... اُن پاسي واري سيٽ تي ويهارينداسين.“ انعام جو مشورو....

”اکين تي پَٽي ٻڌي ڇڏجؤ نہ“ .... شايد عزيزم عرفان جي صلاح.

”ٻَبي! مڙس ماڻهو ٿيو نہ؟“ قمبر لغاريءَ جي ايڊوائيز.

”اڙي بابا! همسفرن جي سفر کي کوٽي نہ ڪر! هنن جي راحت کي رنجَ ۾ نہ ڦير... ’مزو خراب نہ ڪر...‘ ’اُٺ بانڌُ ڪمر چَل بنجارا‘ ... همزاد جو حڪم.... بس تہ همزاد جي حڪم کان پوءِ ڇا ٿي ڪري سگهيس؟ اُٿي ڪڙو ٿيس ۽ وجهي بيگ ڪُلهي ۾ سنگت سان گڏجي هوٽل ”ڊريم لينڊ“ مان نڪري، سامهون اُن هنڌ ڏانهن وڌڻ لڳس، جتان مسلسل آواز اچي رهيا هئا: لاري اڊا، لاري اڊا،... لاري اڊا....

”چڱو تہ اي لاهور جون هوائو.... في الحال تہ وڃان ٿو سيف الملوڪ.... يار زنده، صحبت باقي.“

۽ اِجهو هاڻي اسٽيشن روڊ تي لاريءَ اڏي وٽ بيٺا آهيون. خوش قسمتيءَ سان هتي هر شيءِ هڪي تڪي. هر شيءِ موجود. دلال بہ تہ دلبر بہ! ٽانگو بہ تہ ٽيڪسي بہ! باڪس بہ تہ بيڙي بہ....! بس، ڪا شيءِ جي اڻلڀ تہ اُها لاهور ۾ فقط سنڌي اخبار! ريلوي اسٽيشن جي بوڪ اسٽال کان وٺي لاهور شهر جي اسٽالن تي، مان، طارق ۽ انعام.... سنڌي اخبار، سنڌي اخبار ڪندا ٿا رهون....

پلا سنڌي اخبار هجي ته هٿ اچي نه...... (معنيٰ سنڌ مان پنجاب ڏانهن نڪرو ته سنڌ سان رابطي جا سڀ رستا بند!) فون وارو رابطو برابر ميسر...... ۽ شوق پورو ڪرڻ لاءِ ٽيليفون بوٿ پهچي حيدرآباد گهر رابطو ڪيم ته بلَ پيچي لاٿو..... "اَبولَ...؟ ٽن منٽن جا، ٽيهتر روپيا!"

فون ڪري چُڪس ته... اِجهو سينٽي مينٽل جرنيءَ تي رواني ٿيڻ لاءِ ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ تيار.... رات جا ٻارنهن، ايڪهين جولاءِ ۽ بس جو رُخ مانسهره ڏانهن، جو سيف الملوڪ ڏانهن ويندي، سفر جي پهرين منزل اِهائي ته طئي ڪئي هئي دوستن.

اڙي هان! هي ڇا؟.... ڪوچ لاهور مان رواني ٿيا ٿي ۽ دوستَ پنهنجن پنهنجن سيٽن تي ڇا آهليا، اکيون بند، ننڊ ۾ الوٽ ۽ آرامي. بس بي آرام ته صرف مان، يا ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ جي شفاف دريءَ مان نظر ايندڙ صديون پراڻو چنڊ.... بس ان ڪان پوءِ ته جاڳ هئي، مان هئس، چنڊ ۽ اجگر جيڏي رات ۽ هي رات جو وقت به ڪيڏو نه وڻندو آهي مون کي. نه ڪنهن جي گلا، نه غيبت، نه چاپلوسي، نه ڊپلوميسي، نه مڪر، نه فريب. ڇو؟ ان ڪري جو ماڻهو غنودگيءَ يا ننڊ ۾ هجڻ ڪري اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هوندو ئي ڪٿي آهي؟ ۽ چنڊ جي اُجرن ڪرڻن مثل نِج ڪير جهڙو صبح ته مون پوءِ چنڪ چانهه پيئڻ جي بهاني مانسهره ۾ وجي ڏٺو. ڇا ته اُجرو صبح آهي سرحد جو! سبحان الله! چوطرف ڏسڻ لاءِ جتي يا پهاڙ يا پناڻ يا جُهگي نما هوٽلن تي ٻڌڻ لاءِ پشتو گانا (۽ اسان لاءِ اُهي جڻ دَٻي ۾ نڪريون.)

خير..... مانسهره ۾ اسان کي ترسڻو ڪو ٿورڙئي هو. بس ناران وڃڻ لاءِ سواري ئي تبديل ڪرڻي هئي. اگي ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ ۾ وينا هئاسين ۽ هاڻي اِجهو ڪنهن پوڙهي پوسٽ مئن جهڙي ويگن ۾ سوار ٿياسين.

۽ بس کي آڏا اڙانگا موڙ مُڙي، ويگن پهاڙي پيچري تي ڇا چڙهي، راحت پريو هي سفر اوچتو رنجَ ۾ تبديل ٿيڻ لڳو. رستي جي ساڄي پاسي کان برڙ باڪاسن جهڙا پهاڙ ته کاٻي پاسي وري صدين جيڏيون گهريون ۽ اونهيون کاهيون!

اڙي هان؟ هي ڇا؟

ويگن بالاڪوٽ کان ڪنهن نامعلوم نالي واري موڙ وٽان مُڙي ته سامهون ڏٺم: رستو سڄو ڪڏا ڪوبا. ڏامر گم.... ۽ ويگن اُن ڪڙ ڪٻڙ روڊ تي لُٽي ته جهاڪن دوران دانهن ڪيم. خداوندا! هي ڪاغان ڏانهن ويندڙ رستو آهي يا بي وزن شعر؟ ۽ اهڙي ناهموار رستي تان ويندي، جتي خوش قسمتي سان ڪاهيون ڪجهه گهڙين لاءِ پري ٿي ٿِي ويون ته اُتان وري بدقسمتي سان گجگاڙ ڪندڙ ڪُنهار دريا، رستي سان ساڻ ساڻ ۽ مٿان وري پاڻيءَ جي وهڪري جي اسپيڊ...! هل پيٺان! فُل اسپيڊ....!

۽ پُل چُڪ ۾، اڪ پاڻي ڏانهن نہ چاهيندي بہ ڪجي ٿي ويئي تہ مٿي ڪي جڻ پنواتي، هياڻ ڪچو. ٿنگن مان ساهہ لاپتہ ۽ بس اِجهو اُلٽي چپن تي آئي ڪ آئي...

"بَبي! ٿورو هيڏانهن تہ ڏسو نہ...." اچانڪ قمبر لغاري اُتاولائيءَ مان چويم ٿو..... هو سامهون ڪُنهار دريا جي ڇوٽ لهرن جي پٿرن سان مٿو ٽڪرائڻ جو نظارو تہ ڏسو. ڇا تہ حُسن آهي ان منظر ۾!

مون ڪي تہ معاف ڪريو بابا....! مان بيزاريءَ مان چوان ٿو. حسن جا اهي منظر ۽ نظر اوهان ڪي نيبهہ هجن... منهنجو تہ ساهہ ٿو نڪري يارا!

"اڙي بابا! ساهہ ڪي جِتي نڪرڻ نصيب ۾ هوندو، اُهو تہ اُتي ئي نڪرندو. تون منظرن مان لطف وٺ." اِهو شايد طارق ٿو چوي.

"موت جو ڊپُ اجايو آهي، ڇو تہ ان ڪي اچڻو تہ اوَس آهي... ۽ جتي ان ڪي اچڻو آهي آخرڪار اُهو اتي ئي ايندو...." اهو قمبر ٿو فرمائي.

پر هن ناچيز جو خيال اُن وقت هنن ٻنهي دوستن کان جدا ۽ نرالو....! چاهي تہ ماڻهو يا تہ ڄمي ئي نہ ۽ جي ڄمي تہ زندگي گهڻ ۾ گهڻ خطرن کان تہ آجي هجي ۽ پلا هجي بہ ڇو نہ؟ جو ڄمار جا ڪُل ورهيہ شمارجن ئي ٿا اهي بس چار ڏينهن ۽ وري اهي ويچارڙا مسڪين چار ڏينهن بہ موت جي خوف ۽ خطرن جي نذر!

مان چپن ئي چپن ۾ پُٽڪان ٿو: "يارا، بات هي جُنِ هي...."

ڪاغان کان ٿورو اورتي..... ڪنهن ڪنهن هنڌ ڪجهہ بلڊوزر ۽ بورڊ اُيا بيٺل ٿا نظر اچن....

پر هي بورڊن تي لکيل ڇا آهي؟ ٿورو پڙهي تہ ڏسان: "Work in progress"

اڇا....! تہ هي بلڊوزر هڪڙو تہ پهاڙن تان ڪريل ڇِپُن ڪي هٽائين پيا ۽ ٻيو وري ڪٽان ڪٽان ڇاڙڪيءَ جيتري رستي ڪي ويڪرو ڪرڻ لاءِ پهاڙن ڪي ڪٽي، ويڪرو بہ پيا ڪن. گڊ! معنيٰ تہ سال کن کان پوءِ جيڪي هن رستي تان سيف الملوڪ ڍنڍ ڏانهن ويندا، هي رستو انهن ڪي ڪافي سِڪيوئر لڳندو.

"رِڳو انهن ڪي ڇو؟ توکي ڇو نہ؟" مان پاڻ کان پاڻهي سوال ڪريان ٿو... ۽ پاڻ ڪي پاڻهي جواب ڏيان ٿو.

"نہ بابا..... پاڻ هيڏانهنَ وري جي اڪ ڪٿون تہ ڪافر! رڳو هن دفعي جانُ جي امان ملي ۽ ڪنهار دريا جي عزرائيل لهرن کان ڏٽي پناهہ ۾ رکي. اڳتي توبهہ زاري.!"

"هن رستي ڪي تہ يارا، وڏي غنيمت سمجهو. خبر تہ تڏهن پوندؤ، جڏهن ناران کان سيف الملوڪ وڃڻ لاءِ اتان ڪنهن جيپ ۾ چڙهندؤ." اهو ويگن ۾ پرسان ويٺل هڪڙو پٺاڻ مسافر اسان ڪي

آگاهه تو ڪري.... ۽ اهو رستو نه يارا! اڃا وڌيڪ.... پر هي ويگن جو ڊرائيور ڇريو آهي ڇا؟ ۽ مان پرسان وينل اُن پناڻ دوست کان پنهنجي اڻ تڻ لڪائي نٿو سگهان.

ڇو؟

حرڪتون نه ڏس هِن جون! هڪ نه رستو سوڙهو ۽ پُرخطر، مٿان پرسان وينل ڇوڪر سان هُن جا ولگر ڪِل پوڳ.... تاڙا....وري ڪنهن ڪنهن وقت، ڇوڪر جي سٿر تي هٿ-ٺڏڙا....

ڏٺي پناهه ڏئي، ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي! ۽ جي اِسٽيرنگ وڃيس هٿن مان ڇڏائجي ته.... ۽ پر وارو اُهو مسافر، منهنجي انهيءَ ڪِنجهه ڪنجهه تي ڪجي ڪجهه به نٿو. بس ڇپن ۾ ٿورو مرڪي ٿو پوي.

خير منهنجي ساهه ۾ ڪجهه ساهه اُن وقت وڃي ٿورو ضرور پوي ٿو، جڏهن ويگن خدا ڪري، ڪاغان جي ماٿريءَ ۾ پهرين اسٽاپ اچي ڪيو...

ساري ماٿريءَ تي هلڪي هلڪي ڦڙ ڦڙ جاري هئي ۽ جولاءِ جي مهيني ۾ ماحول تي اهڙي نه خوشگوار ٿڌ پکڙيل هئي جو بس مزو اچي ويو.

اڙي هان....! هي پهاڙن تي ۽ پرپاسي وارين لاهين چاڙهين تي هي وڻ ڇا جا آهن!؟ ڪجهه سامت ۾ آيس نه اکيون کٽي چؤطرف جو جائزو ورتم.

اڃا! هي وڻن جي شاخن تي ساوا ساوا ۽ ڪچا ڪچا ميوا نه صفا جهڙا اخروٽ! ۽ اخروٽ جو وڻ ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿو ٿيان(۽ پلا ٿيان به ڇو نه) جو اُن کان اڳ اخروٽ جو وڻ زندگيءَ ۾ مون ڪڏهن ڏٺو به نه ڪونه هو!

بئي پاسي وري صوفن جا وڻ ۽ ڪِن ڪِن وڻن ۾ نه ننڍڙا ننڍڙا ساوا ۽ ڪجهه ڳاڙهسرا صوف موجود ۽ ڪِن وڻن جي شاخن تي وري نؤخيز صوفن جا پيارا پيارا اَڇا اَڇا گل. ازلي ۽ ابدي خوشبوءِ سان ٽمٽار.

وري دور پهاڙن جي چوٽين ڏانهن جو اک کنيم، نه حيران ٿيس!

يا خدا! دور پهاڙن تي ماڻهن جي رهڻ لاءِ هي گهر؟ واقعي گهر آهن يا ماچيس جا خالي کوکا محض ڊيڪوريشن لاءِ رکيل! ۽ ڪٿي ڪٿي نه انهن گهرن ڏانهن ونئي ويندڙ سنهڙي پهاڙي پيچري جي اُيکيرن حصن تي مڪئي جي پوک جو تيار فصل بيٺل.

۽ پوري ماٿريءَ تي مَڪئيءَ جي ان تيار بيٺل فصل جو وري ڪيڏو نه هڳاءُ پکڙيل....

.... اچانگ طارق ان ماٿريءَ جي ڪنهن دڪان تان ڪاغان جا صوف وٺي ٿو اچي.... ۽ بس اُنهن نرم صوفن مان ڪنهن هڪ صوف کي پنهنجي ڏندن هيٺ ڇا ڏريم، هياءُ ٺي ٺري پيو. ڇا نه رَسُ سان پريل ڪتا مٺا ۽ خستہ هُئا اهي ڪاغان جا صوف.... ڪائڻ سان جڻ اکين ۾ چمڪ ۽ نظر ۾ روشني پرجي ويئي.

پر پريان پهاڙي پيچري تان ايندڙ هي پَريو مُڙس ڪير! چال تہ سندس شاندار، قد لانيرو، ڪوٽي ڪلهن ۾، اِسٽڪ هٿ ۾.... "تہ ڇا هي هتي جو ڪو واسڪوٽي گاما؟" .... ۽ ائين ڪندي پرسان جو لنگهي ويو تہ هڪ بي معنيٰ شڪ شُبهو محسوس ٿيڻ لڳو....!

"هي ماڻريءَ جو وڏو زميندار آهي ۽ هتي هن جا ڪجهہ بيلا بہ آهن...." ڪاغان جو هڪڙو نوجوان منهنجي پڇڻ تي آگاهہ ٿو ڪري.

"اڙي هان....؟ بيلن جو مالڪ؟ وڏو زميندار؟ پر زمين هتي ماڻريءَ ۾ آهي ڪٿي؟ هتي تہ چوڌاري رڳو پهاڙ ئي پهاڙ آهن، يا ناهموار ماڻري!"....مان ٿو چوان.

"يارا! ماڻريءَ جي انهن ناهموار حصن تي ئي تہ پوڪ ٿيندي آهي ۽ هتي ڪاغان جي گهڻي ڀاڱي زمين آهي ئي ان مڙهي ماڻهوءَ جي...."

"پلا سندس بيلا ڪٿي؟" پڇيم.

چيائين: "اُهي وري پهاڙن جي پويان آهن، جتي هن وقت هن جو ڳايو مال، رڍون ۽ خچر چرندا وتندا هوندا."

"پر اسان مان هي بصر ڪير پيو چري ۽ هي بوءِ اچي ڪٿان پئي؟"

"ڪٿان وري ڪٿان پئي اچي..." عرفان اطلاع ٿو ڏئي...

هي پنهنجو قمبر لغاري صوفن کي ڇڏي، بصرن جي پِري وٽي آيو آهي ۽ بينو چري.

"عزيزم قمبر....! ڪاغان جي ماڻريءَ ۾ صوفن کي ڇڏي، هي بصرن سان شغف ڇو؟ توهان سان خير؟ ۽ اهو بہ ايتري انهماڪ سان جو هڪڙو بصر وات ۾، ٻيو هٿ ۾، ٽيون نظر ۾...." مان حيرت منجهان ڪائنس پڇان ٿو.

۽ قمبر جو جواب لاجواب ڪندڙ آهي.... چيائين: "امام رازي فرمايو آهي تہ.....!"

"سبحان الله....! ڇا فرمايو آهي بصرن ڪائڻ بابت امام رازيءَ؟"

انعام، هُن کي وچ ۾ انٽرپ ٿو ڪري.

چيائين: "امام رازي جو فرمان آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ ۾ وڃو تہ بصر ڪائي ڇڏيو، اُن علائقي ۾ پکڙيل بيمارين جا وائرس اوهان جي ويجهو نہ ايندا."

اسين سڀ کلڻ ٿا لڳون.... ۽ کلندي کلندي ويگن ۾ وڃي ڇا ٿا ويهون، ۽ ان کان پوءِ منهنجي لاءِ جهڙوڪر "فيئر فل جرني" وري شروع....

۽ اجا ڪجهہ لمحا اڳ چند گهڙين لاءِ مان ڪيڏو نہ رليڪس ٿي ويو هئس ۽ هاڻي وري اِجهو اهائي ساڳي ويگن، ناران ڏانهن رواني ٿيڻ لاءِ، پهاڙي پيچري جي پُل صراط تي ڇا چڙهي.... منهنجو ٽينشن شروع.... بس پوءِ تہ پوَ ۾ مان بہ اکيون ڇڏيان ٿو پُوري ۽ وات ۾ وجهي ٿو ڇڏيان ڦُوڏني جي

ٽڪي! ۽ تصور ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان ته هي ڪو پُرخطر پهاڙي پيچرو نه ڪو ميداني علائقو آهي، جنهن تان جيپُ چوٽ وجي پئي ترندي. پر زگ زيگ رستي تي سفر ڪندي، ڪنهن جهاڪي سان اک نه کُلڻي ٿي کُلڻي هئي، سو اک کلڻ سان هورا ڪورا بس اِهائي نه هي جيئن تيئن وجان نه پيو سيف الملوڪ ڏانهن، پر.... اُتان موٽندس ڪيئن!

"ايئن ٿي، جيئن وجين پيو..." اندر واري جو جواب....

بس شام ٽيڻ ٿي واري هئي جو ڇهه ڪلاڪ سفرنگ پريو سفر ڪرڻ ڪان پوءِ ناران جي ماٺريءَ ۾ ويگن مان لهون ٿا.

اڙي هان! هي نه ڪو عجب جهڙو علائقو! شهر جي ڪا ڪَلَ سِڌي نه! ڪٿان هيٺ ڪٿان مٿي! سجو ڊانوان ڊول! گهر هيٺ، گهر مٿي! وَڻَ هيٺ وڻ مٿي! وري هن ڪنهار دريا ڪي ڏسو، جڻ پهاڙن مان زنجيرون ڇڏائي ڀڄي نڪرنڌڙ ڪو مستانو... چوطرف بس وڻ ئي وڻ ۽ وڻن جي شاخن مان ڦٽي نڪرندڙ شام جي پکين جا ست-رنگا آواز....!

رهائش لاءِ پئراڊائيز پوائنٽ هوٽل جي ڪمرن جي جانچ جونچ وٺي ڊريم لينڊ ۾ هليا اچون ٿا ۽ بس ان ٿي هوٽل جي ڪمري ۾ سامان ڪولينڌي ٿي پتو پيو نه گڙ بڙ ٿي چُڪي آهي. پر گڙ بڙ ڪهڙي! اِهائي نه پياري انعام جو عاليشان 'چشمو' ۽ 'واڪ مئن' پئراڊائيز هوٽل جي ڪائونٽر تي ڪمري جي بڪنگ بابت بارگيننگ ڪندي وساري آيا آهيون ۽ بس واڪڙ واڪڙ ڪندا 'چشمي' ۽ 'واڪ مئن' جي تلاش ۾ واپس اُتي پهتاسين نه "جاءِ واردات" تي ڪاريءَ وارا ڪڪا! تفتيش ڪئي سين نه سرغنن وٽان جواب مليو: هتي نه اوهان اهڙي ڪابه شيءِ ناهي وساري. sorry يارا!

ممڪن آهي نه اِهو سامان اسان ويگن ۾ ٿي وساريو هجي! ۽ بس اِهو سوچي ڪُنهار جي ڪناري، ويگن اسٽاپ ڏانهن ڊوڙ.... ۽ اتي پهتاسين نه اها ويگن لاپته....

ڪيڏا نه دل برداشته ٿا ٿيون.... ۽ مان نه سخت ششدر.

يا منهنجا مؤلا....! خوشين جي تلاش ۾ هيترو دور ڪيئن ٿي وئي اسان سان هيءَ واردات؟ هاڻي مدد ڪر.... سامان موٽراءِ!

۽ هوٽل ڏانهن مايوس ڇهرن ۽ ٿڪل وڪن سان موٽندي، سنگت ڪي صلاحيان ٿو.

يارو! گم ٿي ويل سامان جو غم غلط ڪرڻ لاءِ، ڪُنهار جي ڪناري سان پٿرن تي ويهي، پاڻيءَ ۾ پير ٻوڙي، چانهه چُڪو پي، اڳو پوءِ ڊپريشن ڪي هتي ٿي رفع دفع نه ڪندا هلون... الاس! چانهن پيئڻ لاءِ 'موڊ' ڪنهن جو نهي ٿي نٿو! موڊ آف جو هٺا سيني جا....!

۽ بس رستي ۾ ايندڙ پٺاڻن جي پوک مان لنگهي. ڪاوڙ ۾ ٽماٽن جهڙا ڳاڙها مُنهن ڪٽي سڌا پهچون ٿا پنهنجي هوٽل جي بُڪ ٿيل ڪمري ۾.....

جو نظر نہ اچي ٿي ڪونہ ٿو مون کي!" اِهو بہ هُن کان مان ٿي ٿو پڇانس.

چيائين: "ناران مختلف تڪرارن جي خرافات کان آجو علائقو آهي. اِلبتہ اڪثريت هتي حاضر دؤر واري حاڪم جي پارٽيءَ جي ئي آهي."

"پلا ايم.اين.اي هتي جو ڪير!" اِهو عرفان ٿو معلوم ڪريس.

"اُهو چوڌري يوسف گُجر آهي." منظور وراڻيو.

"وزيراعظم جا ناران آيو آهي ڪڏهن؟" منظور کان اِهو مان ٿو پڇان.

چيائين "محض ڪڏهن ڪڏهن نہ، هو هتي اڪثر ايندو رهندو آهي، ۽ هيٺ ماڙيءَ ۾ جيڪا 'جامع مسجد' تعمير هيٺ ڏٺي هوندوَ. اها بہ هن جي ئي ذاتي دلچسپيءَ سان تعمير ٿي رهي آهي ۽ پورا ١٩ لک روپيا بجيت منظور ڪئي آهي هن ان مسجد شريف لاءِ....

"آڙي هان! ١٩ لک چو؟ ويهہ لک چو نہ؟ مان دل ۾ سوال ڪريان ٿو." پر منظور بٽ کان پڇان پيو ڪجهہ ٿو.

چيم: "هي توهان جو علائقو تہ ڪو عجب جهڙو علائقو آهي. ڪاغان کان ناران ايندي، سڄي رستي ۾ اسان کي نہ ڪنهن پير فقير جي درگاهہ نظر آئي، نہ ڪنهن رِشي مُنيءَ جو آستانو، نہ وري ڪا ريلوي اسٽيشن، ۽ نہ ئي ڪٿي اِها نياڳي ريلوي لائين.... ۽ جي پلا اِهو سڀ ڪجهہ هتي ڪونهي تہ باقي هتي آهي ڇا؟"

جهٽ چيائين: "بس هتي صرف غربت آهي. بيو ڪجهہ بہ نہ! نہ ڌنڌو، نہ ڪاروبار... نہ مئخانو نہ ئي ڪو ڪارخانو... ماڻهو هتان جا خچر پاليندا آهن ۽ هتان کان سيف الملوڪ تائين، سياحن کي انهن تي سير ڪرائيندا آهن. ها! ڪن ڪن سرنديءَ وارن وٽ البتہ ڳاين ۽ رڍن جا ڌڻ آهن، يا ڪنهن ڪزاني ڪنهن وٽ، هتي پهاڙن جي ايڪڙيءَ حصي سان زمين جا چار چونڪ آهن، جن تي هو مڪئي جي پوک ڪندا آهن. بس بيو الله خير سلا..."

"پلا هتي جا ماڻهو ڪنهن نشي وشي جا عادي!"

منظور ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي ٿو.

چيائين.... "يارا! هتي پوڙها پوڙها حقي ۾ تماڪ برابر ڇڪين ٿا، پر چرس، ڀنگ، آفيم 'نہ' ! ناران جا ماڻهو اهڙي ڪنهن بہ نشي جا عادي آهن ئي ڪونہ."

"پلا مايون سگهڙيون؟"

"مايون هتان جون پردو ڪنديون آهن ۽ گهرن ۾ وينيون آهن. ٻاهر گهٽو ڪري تہ نڪرن ڪونہ. ها! جن ماين جا وَر هاريو ڪن ٿا، ڏاٽا، ڦوڏنو، پٽاٽا يا مڪئي جي پوک ڪن ٿا، مايون انهن سان هٿ همراهي (ٻنين تي) البتہ ضرور وڃي ڪرائينديون آهن. پر اُها بہ گهٽي نہ..."

"برف باري جي سيزن ۾ مقامي ماڻهو ڇا ڪن؟"

"ڇا وري ڇا ڪن؟" منظور مُرڪندي ٻڌائي ٿو.... "بس پهاڙن تي چڙهي پنهنجن گهرن ۾ وڃي لڪي ويهي رهندا آهن ۽ سڄي سيزن دوران هيٺ ماٿريءَ ۾ لهندا ئي ڪونہ آهن."

"پوءِ ڪاڏو خوراڪ.... ۽ دوا درمل ڪٿان آڻين اُني؟"

"سرنديءَ وارا انگريزي دوائون ۽ اعليٰ خوراڪ ساڻ ڪنيو وڃن ۽ غريب غربا وري اتي گذران ڪندا آهن مڪئي جي اٽي تي. ۽ جي بيمار ٿين تہ پنهنجو علاج ڪن ديسي جڙين ٻوٽين سان."

چيم: "منظور... هتي اچڻ کان پوءِ ناران ۾ مون قبرستان هڪ ئي ڏٺو آهي.... ۽ اهو بہ فقط 'ڊريم لينڊ' هوٽل جي ڀرسان....؟ ۽ اهو بہ ننڍڙو..... اهو ڇا؟" منظور کِلي پيو. چيائين: "اِهو ان ڪري جو سٺي آب و هوا جي ڪري ماڻهن جي صحت گهڻو تڻو نيڪ ئي رهي، ان ڪري هتي جا ماڻهو ڏکيون ڇمارون ٿا ماڻين ۽ اهوئي سبب آهي جو انهن جي مرڻ جي رفتار ڪافي سست آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ قبرستان بہ ننڍڙا ننڍڙا آهن هتان جا!......"

تہ بس اهو هو منظور ٻٽ کان منهنجو آخري سوال ۽ ساڻس انهيءَ مختصر ملاقات کان پوءِ هاڻي عرفان ۽ مان وري ڊريم لينڊ ۾ پهچي ويا آهيون ۽ ماٿريءَ ۾ رات ڪيڏي نہ انڌاري آهي ۽ بس اجهو جهٽ کن ۾ شمع بہ ٻڙڪو ڏيئي اجهامي چڪي ۽ هاڻي آهي چوڌطرف شديد سناٽو ۽ گهُپ اونداهہ.

۽ ان کان پوءِ منهنجي تہ اوچتو آڌي رات جو اک کُلي ٿي وڃي. اڙي هان! دريءَ کان ٻاهر هي پراسرار سُوڪارا ڪنهن جا...؟ بس منهنجا ڪن انهن آوازن ۽ آهٽن جو پيڇو ٿا ڪن.... شايد پهاڙ ساهہ پيا کڻن (مان سوچيان ٿو) يا متان هوٽل جي ڀرسان واري قبرستان مان مُردا نڪري پنهنجن ڪتبن تي چڙهي سرگوشيءَ ۾ مصروف.. يا مظهرالعجائب....! بس پوءِ تہ پوَ ۾ مان يڪدم نادِعليءَ جو چپن ۾ ورد ٿو شروع ڪري ڏيان...

وري اُتاولائيءَ مان هنڌ تان ڪنڌ کڻي دوستن کي ڏسان ٿو.... طارق، انعام، عرفان، قمبر.... سڀ يار گهري ننڊ ۾، جڻ جنم جنم کان آرامي!

۽ هي اجهو مان آهيان... زمينن ۽ زمانن ۾ آواره ڀٽڪندڙ، هڪ اڪيلو روح.

ڪڏهن سنڌ ۾ تہ ڪڏهن پنهنجي اندر جي ڪربلا ۾... ۽ ناران جي اُها ڪاري ۽ ڀيانڪ رات بہ ڪيڏي نہ ڀاري ٿي گذري مون تي!

۽ مَس مَس ڏکهي رات جي انتَ ٿي، شيشي جي دريءَ مان صبح جا ڪرڻا نمودار ٿا ٿين ۽ مان جهٽ اُٿي، دريءَ جا پردا هٽائي ٿو ڇڏيان.

ناران ۾ هڪ نئين ڏينهن جو آغاز ٿي چڪو هو ۽ ساٿي هڪ هڪ ٿي جاڳندا ۽ سجاڳ ٿيندا ٿا وڃن.... چانهہ لاءِ منهنجي ڊوڙ وري ٻاهر.... آ- ها! صبح جا اُجرا اُجرا رنگ، ڇهچ ساوا ساوا وڻ، پهاڙ ۽ ماٿريءَ ۾ اڏرندڙ پکي ۽ آسمان ۾ ٿورا ٿورا ڪڪر ۽ رستن تي ٿورا ٿورا ماڻهو.... ۽ هي هوٽل ڀرسان جامع مسجد جو صحن ۽ اُن صحن کي صبح سان پوتر پاڻي سان ڌوئيندڙ مولوي

رُخ....۽ اجهو هِن قبر ۽ اجهو هُن قبر جي ڪتبي آڏو ڪجهه پڙهڻ ۽ نوٽ بوڪ ۾ نوٽ ڪرڻ ۾ منهمڪ....۽ مان، اُتان پريان ئي هوٽل مان وهنجي سهنجي ۽ اچا اُجرا ٿي برآمد ٿيندڙ دوستن انعام ۽ عرفان کي رڙ ڪري آگاهه ٿو ڪريان ته عزيزو! هي ڏسو پيا نه پياري طارق جي "مُردم شماري"! ۽ منهنجي توجهه ڇڪرائڻ تي سڀ ڪيڏي نه سرخوشيءَ سان ٺهڪ ڏيئي کِلي ٿا پون...۽ لڳو ته ٺهڪن جي آواز تي قبرستان ۾ بيٺل چيل جي وڻن مان پکي، هڪ شاخ تان پڙڪو ڏيئي اُڏامي، ٻيءَ شاخ تي وڃي ٿا ويهن ۽ اِئين هي پکي، هڪ شاخ تان اُڏامي، ٻيءَ شاخ تي ڇو وڃي وينا. ائين ڇو ڪيائون!

۽ پاڻ کي پاڻهي جواب ٿو ڏيان...شايد هڪ ئي شاخ تي ويهي، ڳائي ڳائي مٿان بور ٿيا هجن، ۽ هاڻي ٻيءَ شاخ تي وڃي ويهي، نوان گيت ڳائڻ چاهيندا هوندا.

پر اوچتو ماڙيءَ ۾ مليشائي رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس، هي معصوم ٻارڙن جو دمبلو ظاهر ڪٿان ٿيو ۽ هي آخر وڃي ڪيڏانهن پيو؟

۽ ڪجهه ٻارڙن کي ته هٿن ۾ ڦرهيون...۽ ڪن کي وري ٿيلهـا ڪُلهن ۾، ۽ پيرن ۾ چِنل پلاسٽڪ جون جُتيون...ڪن کي ته سنگهه جي لار نڪ جي هيٺان.....

اڙي هان! هي سڀ ته جهڙا اسڪولي ٻار....پر اسڪول هتي آسپاس آهي ڪٿي؟ ۽ پوءِ ته منهنجون نگاهون جڻ ٻارن جي 'دمبلي' جو پيڇو ئي ڪنديون ٿيون رهن. پر هي ٻارڙا وڃن ته 'ڊريم لينڊ' هوٽل واري سوڙهي گهٽيءَ ڏانهن ئي پيا. مٿان ايڏانهن ڪو اسڪول....؟ ۽ اسڪول واقعي هو به اوڏانهن. پر منهنجو ته ساهه ٿو منجهي اُن سوڙهيءَ گهٽي کي ڏسي، جنهن مان ٻارڙن جو دمبلو سوڙهو سڪوڙو ٿي هڪٻئي کان اڳيان نڪرڻ لاءِ ۽ هڪٻئي کي ڌڪا ٺيلها ڏيئي اڳيان وڃڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿو نظر اچي مون کي.

يا خدا...! ۽ مان اجنبي، اُن منظر کي ڏسندي ڪيڏو نه حيران ٿو ٿيان....يا منهنجا پروردگار، هيءَ هيڏي وڏي ۽ ڪشادي ماڙي....۽ اسڪول ڏانهن ويندڙ ٻارڙن جي لنگهڻ لاءِ صرف هي سُرنگهه جهڙي سنهڙي ۽ سوڙهي گهٽي؟ حيرت....حيرت!

حيران ته مان ناران ۾ خچرن جي دمبلي کي ڏسي به خوب ٿو ٿيان.

اڙي هان! هي جيڏانهن ڏسو سنجيل ۽ نهيل نُڪيل خچر تيار بيٺل، بس رڳو مٿائن ڪنهن جي لانگ ورائي، سوار ٿيڻ جي دير...

اِهي خچر، خبر ورتي اٿم ته سيف الملوڪ ڏانهن ويندڙ شوقين سياحن جي سواريءَ لاءِ مخصوص آهن. قمبر منهنجي معلومات ۾ جهٽ اضافو ٿو ڪري....چيم: ڇا خيال آهي پوءِ قمبر....؟ سوار ٿيو ٿا نه ڪنهن اهڙي خوبصورت خچر تي؟ پر انعام ڳالهين ئي ڳالهين ۾ سيف الملوڪ ڍنڍ ڏانهن هلڻ لاءِ سالم جيپ هائر ٿو ڪرائي وٺي. معاوضو جيپ جو اوٽ موٽ پنج سؤ روپيا، ڪُل فاصلو ناران کان نو (٩) ڪلوميٽر، ۽ فاصلو طئي ڪرڻ لاءِ مقرر وقت ڪيترو؟ اُهو بس

وڌ ۾ وڌ مُنو ڪلاڪ.

ڇا؟....مون کان رڙ نڪري وئي وئي.

فاصلو ڪُل نو ڪلو ميٽر ۽ طئي ٿيندو اُهو مُني ڪلاڪ ۾....؟ "It is too much" پر رستي ۾ ڪجهه گليشئرز به ته آهن...۽ وري وک وک تي خطرناڪ موڙ...ٻيو چڙهائي....سو يارا! ايترو وقت ته ضرور لڳندو....۽ اهو سڀڪجهه جيپ جو ڊرائيور ٿو ٻڌائي....۽ اناالله و انااليه...چئي اکين تي رومال جي پٽي ٻڌي، مان ته چُپ چاپ ڪنهن يرغماليءَ وانگر جيپ جي پوئين سيٽ تي چڙهي، شرافت سان وڃي ويهي ٿو رهان....۽ بس ائين ڪندي دنيا جي خطرناڪ ترين رستي تي، سيف الملوڪ ڍنڍ ڏانهن، جيپ ۾ سفر شروع ٿي ويو!

يا منهنجا مؤلا....! ۽ جيپ اچا ڪي ڏهه منٽ به ڪونه هلي هوندي ته لڳو، موت جي کوهه ۾ پيا ڦرون....منهنجو وري هانءُ ڪچو، اُبڙڪا ۽ ڇپن تي بس هيڏيون دعائون ۽ التجائون...يا رب منهنجا! امانَ ۾ رکجانءِ. مُسافرت ۾ آبرو قائم رکجانءِ. بس هن دفعي جُسي ڪي سلامتي سان گهر رڳو پهچڻ جي مهلت ڏي....بس پوءِ اُتي پهچڻ کان پوءِ جيڪا تنهنجي مرضي.........

"لڳي ٿو ته اوهان جي هن اکين تي پٽي ٻڌل دوست کي پهاڙن ۽ ڪاهين سان ڪا به دلچسپي ڪانهي"....اِهو ڊرائيور 'سائيڊ مرر' مان مون کي ڏسي دوستن کان پُڇي ٿو.

"پهاڙن سان دلچسپي؟"

سڙيل دل سان جيپ جي ڊرائيور کي جواب مان پاڻ ئي ٿو ڏيان. "يلا خشڪ پهاڙن سان ڪنهن کي ڪهڙي دلچسپي؟ پهاڙ ازل کان هوندا ئي خالي آهن دلچسپي کان....."

چيائين: "ڊجو هرون پرون ٿا، جو چئن سالن کان ته گهٽ ۾ گهٽ ڪو به اهڙو واقعو يا حادثو ٿيو ئي ڪونهي، جو ڪا جيپ هيٺ ڪاهيءَ ۾ ڪِري هجي. يا ڪنهن خچر پُنيءَ تي سوار ڪنهن سياح کي، پُستي هٽي، ڪاهيءَ پيڙو ڪيو هجي."

"يلا مار پوي حڪومت تي....هي رستو نهرائي ڇو نٿي؟" مان هُن کي چوان ٿو.

چيائين.... "هي جنهن رستي سان جيپ هلي پئي نه....! اُهو به اسان ناران جي ڊرائيورن گڏجي سڏجي ڏهه هزار گڏ ڪري، جيپن جي لاءِ هلڻ جوڳو بنايو آهي، نه ته هن کان اڳي ته سياح سيف الملوڪ ڏانهن وڃڻ لاءِ، يا ته چڙهندا هئا خچرن تي، يا ويندا هئا پنڌُ....."

"هي يلا خچر ايڏا ڇوٽڙا ڇوٽڙا ڇو آهن هتان جا...؟"

مان ڊرائيور کان پُڇان ٿو.

چيائين: "يارا! اِهو هتان جي خچرن جو نسل ئي اهڙو آهي...ونڊ ڏگها ۽ خچر ڇوٽڙا ....." ۽ جيپ جي ڊرائيور جي اها معلومات افروز گفتگو جاري هئي.....

ٻڌايائين پئي ته جيئن اُٺ صحرا جا جهاز سڏجن، هي خچر وري هتي پهاڙن جا جهازَ سڏرائيندا

آهن. اوچا اوچا پهاڙ چڙهڻ ۾ تہ جواب ئي ڪونهي هنن خچرن جو....ڪاڻ جي سمگلنگ لاءِ تہ هتان جي سمگلرن لاءِ هي بيحد ڪمائتا جانور آهن.

پهاڙي لاهين چاڙهين تان اٽڪل سان لهي چڙهي، سمگلنگ جو ڪاڻ هِتان ڪان هُتي پهچائڻ ۾ تہ خاص طرح سان هنن کي وڏو درڪ حاصل آهي.

ويچارا پرولتاري خچر! مان دل ۾ معصوم خچرن سان همدردي ڪرڻ کان سواءِ رهي ئي نٿو سگهان.....

۽ بس! جيپ اڳيان اوچتو ڪا رڪاوٽ اچي ڪڙي ٿي تہ ڊرائيور جي ان گفتگوءَ جو سلسلو بہ منقطع ٿي ويو ۽ هاٽوڪن اينڊز جهاڪن ۾ منهنجي حالت اها جو ڪڏهن عزيزم انعام جي پُٺ سان ٽڪر، تہ ڪڏهن مٿو 'نا' قمبر جي ڪُک ۾.....

سخت ڊپريشن تہ مون کي اُن وقت اچان بہ وڌيڪ ٿو ٿئي، جڏهن سيف الملوڪ ڏانهن ويندي ۽ پهرين گليشئر تان لنگهندي جيپ وچ راهہ ۾ بيهي ٿي رهي...يا منهنجا مؤلا! اڪين تان پٽي ڇڪي جو لاٿم تہ گليشئر اُهو اِئين لڳو، جهڙو برف جو پُوت! ۽ جان ڪٽي جو ساڄي پاسي نهاريان تہ گليشئر مان هينان ڪاهي واري پاسي ڪان پاڻي ڇُوٽ وهندڙ...۽ جي نڪري پوي هي گليشئر پورو....! (مان دل ۾ چوان ٿو...) تہ جيپ ڊرائيور سوڙو سڌو هيٺ، برف جي ڊيپُ فريزر ۾....

۽ بس الله ڪري هٽي ڏٽي جيپ گليشئر جي اُن هنبس مان نڪتي تہ رستو اڳتي ويتر سوڙهو، ويتر اڙانگو....۽ ڪٿي ڪٿي تہ رڳو جيپ پرسان ڪنهن پيادل هلندڙ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جيتري جاءِ بہ ندارد! ڪنهن ڪنهن هنڌ وري پوري رستي مٿان ڇت وانگر پهاڙ جو شاهي شيڊ. لڳي ائين تہ بس جاڻ ڪنهن هينان لنگهندڙ جيپ مٿان بس اِجهو اُهو ڪريو ئي ڪريو.

"پٽي کول اکين تان پيارا....سفر پورو ٿيو....سيف الملوڪ ڍنڍ! اوهوءَ سامهون نظر پئي اچي...." ۽ اوچتو عزيزم انعام اطلاع ٿو ڏئيم.

....اکين تان پٽي لاهيندي ۽ سيف الملوڪ ڍنڍ کي ڪجهہ فاصلي کان سامهون ڏسي مان تہ ٽِڙي ٿو پوان. "اڙي واهہ....! تہ اها آهي ڪائنات جي انوکي سمفني!"

مٽيءَ جي پيالي نما جزيري ۾ جيپ مان هيٺ لهي، ڍنڍ ڪناري پهچي، منجهانئس پيئڻ لاءِ پاڻيءَ جو بُک جو ڀريان ٿو تہ لڳم، ٽٿيل چانديءَ سان بُک ڀرجي ويو اٿم. وري جو نديءَ جو اُهو شفاف ۽ ٿڌو پاڻي ٽڙيءَ ۾ لاٿم تہ اکيون روشن....

آسمان جي نيراڻ جي شيڊ پوڻ سبب ڏٺم تہ سيف الملوڪ جي سطح ڪرسٽل ايڏي پئي لڳي جو ڍنڍ جي تهہ تائين سڀڪجهہ نظر ايندڙ!

وري هلڪي هلڪي واءُ تي پاڻيءَ جي سطح تي ارتعاش ائين پاسندڙ، جڻ تهہ ۾ شهزادو سيف الملوڪ، راڻي بديع الجمال کي ڪِتڪتايون وينو ڪري.

۽ ڊنڊ جي ڪناري سان ڪائنات جي هن انوکي حُسن پسڻ ۾ محو ٿي هئاسين تہ....هُو اڳيان آيو ٿي اچي بيهي رهيو. "اڙي آبا تون ڪير؟"

۽ ٽالسٽاءِ جي ڪردار، حاجي مُراد جي اُن همشڪل پوڙهي ٻڌايو تہ مان سيف الملوڪ ۽ شهزادي بديع الجمال جي داستان جو داستان گو.....

"جي بابا....! قصي ٻڌائڻ جو ڇا آهي حساب ڪتاب؟" شايد طارق ٿو هُن مَچڏ نظر ايندڙ پوڙهي کان پُڇي.

"صيب! قصو سربستو ٻڌندو تہ ويهہ روپيا....مختصر ٻڌندو تہ ڏهہ رپيا.....۽ جي......"

حاجي مراد جهڙي اُن پوڙهي جو اهو بيان جاري هو تہ انعام وچ ۾ صلاح ٿو ڏئيس: "ڳالهہ هي آهي داستان گو ڪاڪا....! تہ تون ڪڻ سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جو قصو ۽ اسان کان ٻُڌ سسئي پنهونءَ جو داستان. حساب برابر....معاملو چُڪتو."

ڪاڪو داستان گو، انعام جي اِن صلاح کي لنوائيندي چوي ٿو. "يارا! ڳالهہ چِٽي ڪريو يا....ڇڏيومَ تہ ڇِڪيان پنڌ کي."

خير رُونشي خاطر ٿي سهي، ڪاڪي ڪرپال داس کي قصي ڇيڙڻ جو سگنل ڏئي تہ ڇڏيون ٿا، پر ٻُڌيس ڪوبہ ڪونہ ٿو، ۽ مان تہ رڳو داستان جي پُڄاڻيءَ تي پهاڙ ڏانهن هُن جي آخري اشاري ڪرڻ وقت، اکيون کڻي سامهون ڏسان ٿو.

"جي ڪاڪا.....! ڇا چيو توهان....؟ ڇا آهي هُو سامهون؟"

چيائين...."هُو سامهون ڏسو پنڊپاهڻ تي ويل شهزادي بديع الجمال عرف ملڪہ پربت."

سامهون ڏٺم: سترهن هزار فوٽن جي بلنديءَ تي پنڊپاهڻ ملڪہ پربت، اُس ۾، برف جو چانديءَ رنگ تاج پائي جڻ پوري ماڻريءَ تي راڄ ڪري رهي هئي.

۽ زرقون جي موتي مثل، هن خوبصورت ڊنڊ جي ڪناري ڪناري سان، اُجري اُجري فضا ۾ فوٽا ڪيرائيندي ۽ پسار ڪندي، سڀ ڪيڏا نہ فريش فريش ٿا ٿيو وڃون....

"يلا هي سيف الملوڪ ۾ پاڻي اچي ڪٿان ٿو....؟" اهو پسار دؤران مان هڪ مقامي ماڻهوءَ کان پُڇان ٿو.....

"اِهو پاڻي هڪڙو تہ خود زمين مان اندران ڦُٽي پيو نڪري" .....هُو ٻڌائڻ ٿو لڳي..... "ٻيو مٿان پهاڙن تان برف پئي ڳري، ٿيون اِهو تہ گليشئرز مان سنهڙيون سنهڙيون ناليون ناهي، اِهو پاڻي سڌو اچي سيف الملوڪ ۾ ٿو چوڙ ڪري."

اُن کان پوءِ سيف الملوڪ جو هي پاڻي وري اندرو اندران وڃو ناران مان نڪري. اُتان ڪُنهار جي وهڪرن سان مليو، اَٽڪ وٽ اباسين ۾ وڃو مليَ، اُتان پنج ند ۾، پوءِ آخر ۾ سنڌونديءَ ۾.....

بس سنڌونديءَ جونالو ٻڌڻ سان، لُونءَ لُونءَ نري ٿو پوي منهنجو......!

# ايران: اڳي ۽ هاڻي
## IRAN:THEN AND NOW

ايران هڪ عظيم ملڪ آهي. اڄڪلهه 'عظيم ملڪ' ته آمريڪا آهي، پر، تاريخي لحاظ کان ايران جو تهذيبي سرمايو ان کان گهڻو وڏيڪ آهي. شخصن، قومن، قبيلن، ملڪن ۽ تهذيبن جي عظمت جي پَرکَ تاريخ جي ورقن ۾ ٿيندي آهي.

تاريخ جا ورق ورائڻ سان پتو پوي ٿو ته ماضيءَ ۾ ڪي اهڙا واقعا ٿي گذريا آهن، جن انسان جي ذهن تي وڏا اثر وڌا آهن؛ بلڪ، تاريخ جا نوان نوان بابَ تشڪيل ڏنا آهن. اهي واقعا انسانَ جي تهذيبي سفر جا 'سنگ ميل' (MILE-STONES) سڏجن ٿا. عيسويءَ ويهينءَ صديءَ جي شروع ۾ روس جو اشتراڪي انقلاب، اُن کان اڳ يورپ جو صنعتي انقلاب ۽ فرينچ انقلاب، هاڻي اهم تاريخي سنگ ميل سڏجن ٿا. انهن کان به اڳي، عيسويءَ ستينءَ صديءَ جي اوائل ۾ اسلامي انقلابُ آيو، جنهن ڪيترين ئي قومن ۽ ملڪن جي تقدير هميشه لاءِ بدلائي ڇڏي.

ايران جي عظمت جو اندازو انهيءَ ئي ڳالهه مان لڳائجي، ته اهو اسلامي انقلاب کان اڳ به دنيا جو نه رڳو هڪ مهذب ۽ متمدن ملڪ هو، پر "هفت اقليم سلطنت" (SUPER- POWER) هو. آمريڪا، انهيءَ زماني ۾، نيم-مهذب ماڻهن جو هڪ پنتي پيل ملڪ هو.

ماهرن کي ڪن ٿورڙن اهڙن ملڪن جا نالا ملن ٿا، جن جون تهذيبون پڻ ايران وانگر هزارين ورهيه قديم آهن ۽ انهن جا آثار اڃا قائم آهن. مثلاً، بابل ۾ تڏهوڪي دور جا منارا ۽ محلاتَ، جن کي عراق جي حڪومت، هاڻي پراڻن کنڊهرن تي تحقيق ڪري، وري اصلوڪيءَ طرز تي نئين سر اڏيو آهي. مصر ۾ فرعونن جا اهرام، جيڪي هاڻي دنيا جي "عجائبات" (WONDERS OF THE WORLD) ۾ شمار ٿين ٿا. چين جي "ديوار عظيم" (THE GREAT WALL) ، جيڪا انساني اڏاوت جو هڪڙو ئي شاهڪار آهي، جيڪو خلابازن کي چنڊ تان نظر آيو هو. سنڌ ۾، "موهن جو دڙو" ، جيڪو پنج هزار سال قديم اهڙو ته اهم تهذيبي نشان آهي، جو سڄيءَ دنيا تي ڏاڪ اٿس. هونئن ته رني ڪوٽ به ڏاڍو قديم آهي. سائين جي. ايم. سيد چوندو هو ته "غالباً ايران ان زماني ۾ نهرايو هو، جڏهن سنڌ ان جي هفت اقليم سلطنت جو حصو هئي." خود ايران جو قديم تختگاهه، "تخت جمشيد" (پرسي پولس)، جنهن کي سڪندر بادشاهه دارا کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ، ساڙائي ڇڏيو هو. تخت جمشيد جا فلڪ بوس پٿر جا منارا هزارن سالن گذرڻ کانپوءِ به اڃا صحيح ۽ سالم بيٺا آهن.

مٿئين پس منظر ۾، اها ڳالهه آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندي، ته ايران جهڙي عظيم ملڪ جو

متاچرو جائزو وٺي، ان مان ڪو نتيجو ڪڍڻ، آسان ڳالهه ڪانہ آهي.

*　　*　　*　　*　　*

اڄ ڪان ويهارو ورهيہ اڳ، سنہ ١٩٧٧ع ۾، مون کي ايران ڏسڻ جو موقعو مليو هو. هاڻي، سنہ ١٩٩٨ع ۾، حسنِ اتفاق سان، ايران ڏسڻ جو ٻيو موقعو مليو. اڳي بہ ايران سرڪار ميزبان هئي، هاڻي بہ ايران سرڪار ميزباني ڪئي. ايران جو پهريون دورو بہ ڏهن ڏينهن جو هو ۽ موجوده دورو بہ ڏهاڪو ڏينهن جو هو.

بلاشبہ، ايران جهڙي عظيم ملڪ بابت ڪوبہ تاثر قائم ڪرڻ لاءِ ڏهاڪو ڏينهن ناڪافي آهن. پر، ڪو ماڻهو، روزانو آئيني ۾ پنهنجو پاڻ پيو ڏسي، تہ پنهنجيءَ شڪل سان ايتريقدر تہ مانوس ٿي ويندو، جو ڪيس روزمره جي تبديليءَ جو احساس ئي ڪونہ ٿيندو. پر، ويهن ورهين جي وٿيءَ ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن وڇڙيل دوست سان سندس ملاقات ٿيندي، تہ هو ڪيس ڏسڻ شرط چوندو تہ "ويهن ورهين ڪانپوءِ بہ تون تہ ساڳيو ائين جو ائين ٻينو آهين." يا وري ائين چوندو تہ "ميان، ويهن ورهين ۾ تون تہ صفا بدلجي ويو آهين." سو، ويهن ورهين جي وٿيءَ ڪانپوءِ ايران جو دورو ڪرڻ وارو، ڪو بہ شخصُ اتي آيل تبديلين کي مون وانگر فوراً محسوس ڪري ها.

چون ٿا تہ ڪو پاڪستاني وَفدُ، چين جي اڳواڻ، چيئرمن مائوءَ سان مليو هو. ملڪن ۽ معاشرن ۾ عام خرابين جو ذڪر نڪتو، تہ وفد مان ڪنهن شخص چيو تہ: "اسلامي تعليم تي عمل ڪرڻ سان معاشري جون مڙئي خرابيون دور ٿي وڃن ٿيون."

چيئرمن مائوءَ جواب ۾ چيس "تہ پوءِ دنيا ۾ هيترا سارا مسلمان ملڪ آهن. ٻڌايو تہ ڪهڙو ملڪ اسلامي تعليم تي عمل ڪري رهيو آهي؟"

اهو ٻڌي، هرڪو خاموش ٿي ويو. ايران ۾ اسلامي انقلاب، مائوءَ جي حياتيءَ ۾ اچي ها، تہ وفد مان ڪونہ ڪو شخص شايد هڪدم ايران جو نالو کڻي ها.

مون ويهہ ورهيہ اڳ جيڪو ايران ڏٺو هو، تنهن ۾ هڪ ڳالهہ پڌري پئي هئي. سا، هيءَ تہ ايران جي آسودي طبقي، خاص طرح، شهري ماڻهن ۾، 'مذهبي بيگانگي' ۽ 'عياشي' چوٽ چڙهيل هئي. شراب، رشوت ۽ حرام ڪاري عام هئي. منٿين طبقي ۾، چرس، آفيمَ ۽ ٻين نشيدار شين جو واهپو وڌي ويو هو. شاهہ جي عياشين، ۽ ڀيڻس (شهزاديءَ اشرف پهلويءَ) جي فرعونيت جا داستان عام هئا.*

ايران هو تہ مشرقي ملڪ، ليڪن ايتريقدر تہ تيزيءَ سان "مغرب زده" ٿي رهيو هو، جو چوندا هئا، تہ "مرداني ۽ زناني لباس جو نئون فئشن هڪ ڏينهن پئرس ۾ شروع ٿيندو آهي، تہ ٻئي ڏينهن تهران پهچندو آهي. لنڊن جو وارو ٽئين ڏينهن ايندو آهي."

---

* تفصيلي احوال لاءِ ڏسو ڪتاب: Behind the Peacock Throne

تهران ۾، پيٽرول جي هڪ اعليٰ عهديدار جي همشيره، خانم اقبال، اسان جي دعوت ڪئي. ڳالهين ڪندي ٻڌايائين ته ”آغا، جيڪڏهن اوهان پنهنجي گهر جي ٻاهران بورڊ هڻو، ته ايران جي قديم ۽ اٿلي هنرن جا شاهڪارَ اسان وٽ وڪري لاءِ موجود آهن، ته ٻئي ڏينهن تهران شهر جي اڌ آبادي اوهان جي دروازي تي موجود هوندي. پر، جيڪڏهن اوهان پنهنجي گهر جي ٻاهران بورڊ هڻو، ته اڌوراڻو (SECOND HAND) آمريڪي فرنيچر اسان وٽ وڪري لاءِ موجود آهي، ته تهران جي سڄي آبادي صبح جو توهان جي دروازي تي موجوده هوندي.“

ايران مذهبي ملڪ آهي. ليڪن، شاهه جي حڪومت ۾، مذهبي بيگانگيءَ جي حالت هيءَ هئي ته اسان کي اصفهان ۾ ڪنهن اڱوٺي بادشاهه جي ٺهرايل هڪ تاريخي مسجد ڏيکاريائون. چيائون ته ان جي صحن ۾ ڏهه هزار ماڻهو نماز پڙهي سگهن ٿا. پر، ان مهل مسجد شريف جي ڪنڊ ۾، فقط هڪڙو غريب شخص قاتل ڪپڙن ۾، نماز پڙهي رهيو هو. مسجد جي صحن ۾ فرش تي ڊپ اپري آيو هو. اسان جو ايراني گائيڊ ان تي آرام سان سگريٽ ڇڪي رهيو هو ۽ اسان کي مسجد جي تاريخي اهميت کان آگاهه ڪري رهيو هو.

هن پس منظر ۾، هاڻي جو ايران ويس، ته منهنجي ذهن ۾ ڪيئي سوال هئا ته اسلامي انقلاب کان پوءِ موجوده ايران الائي ڪيئن آهي؟ ڳوٺن جون حالتون ڪيئن آهن؟ عام ماڻهن جي اٿيءَ ويهيءَ، اجتماعي ۽ انفرادي زندگيءَ کي اسلامي انقلاب الائي ڪيترو متاثر ڪيو آهي؟ بزارن ۽ دڪانن تي خريداريءَ جي اگهن ۽ نرخن جي باري ۾ دڪاندارن جي روش بدلي آهي يا نه؟ ملڪ مان رشوت، بيروزگاري ۽ غربت ختم ٿي آهي يا نه؟ ڪاڌي خوراڪ ۽ گفتگوءَ جي انداز ۾ڪا تبديلي آئي آهي يا نه؟ ايئرپورٽ، ريلن، بسن، هوائي جهاز جي سفرن ۾ مسافرن سان سلوڪ الائي ڪيئن آهي؟---

ايران ۾ جيڪو مشاهدو ٿيو، تنهن جو مختصر ذڪرُ، هن مضمون جو مقصد آهي.

* * * *

حيدرآباد ۾، ايراني خانه فرهنگ جي ڊئريڪٽر، آغا سيد محمد خليليءَ، مون کي تهران ۾، امام خمينيءَ جي ورسيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو دعوت نامو وڏيءَ محبت سان موڪليو. دراصل، هر سال، انهيءَ موقعي تي، پاڪستان مان گهڻ مهمان ايرانِ موڪلن ٿا: هڪڙن کي روڊ رستي ۽ ٻين کي ”خاص- مهمان“ جو درجو ڏيئي، هوائي جهاز رستي. مون کي ڪراچيءَ مان شام واريءَ فلائيٽ ۾ موڪليائون. انهيءَ ۾ اسلام آباد، لاهور، ڪوئيٽا ۽ لاهور مان به سندن مهمان تهران وڃي رهيا هئا. ڪوئيٽا ۽ لاهور جا مهمان ته ٽڪيل ئي ڪراچيءَ جي خانه فرهنگ ۾ هئا. جيڪڏهن اتان جو ڪو ملازم، ڪين ۽ مون کي ايئرپورٽ تي ڇڏي اچي ها، ته اسان کي ميل ملاقات جو موقعو ملي ها ۽ ڳالهيون ٻوليون ڪندا، تهران وڃون ها. پر، ائين ڪونه ٿيو. نتيجي طور، هوائي جهاز ۾ سوار ٿيڻ شرط سڀ کان اول زبان جو مسئلو درپيش آيو.

جيڪڏهن ڪو شخص مون سان فارسيءَ ۾ گفتگو ڪري، ۽ ڌيري ڌيري ڳالهائي، ته مان سندس مطلب ۽ مقصد سمجهي ويندس. پر، تيز تيز ڳالهائيندو، ته مون لاءِ ڪيس سمجهڻ ڏکيو ٿي پوندو. اسان غير ملڪي سفر ۾ انگريزيءَ ۾ گفتگو ڪريون ٿا. ايرانين ۾ انگريزي ڳالهائڻ جو رواج ڪونهي. هو فارسي ڳالهائن ٿا ۽ چڱو ڪن ٿا؛ ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ زبان ۾ ئي گفتگو ڪرڻ گهرجي ۽ ان تي فخر ڪرڻ گهرجي.

ڪراچيءَ کان تهران جو هوائي سفر تقريباً پوڻن چئن ڪلاڪن جو آهي. سو، دل ۾ چيم ته 'هاڻي بخت هوندو ته واهه، نه ته تهران تائين سڄو سفر خاموشيءَ ۾ گذرندو.' انهن ئي خيالن ۾ هئس، ته هڪ خاتون آئي ۽ منهنجيءَ ڀر واريءَ سيٽ تي اچي ويٺي. جهاز اُڏاڻو، ته اخبارون ڏنيون ويا. ڏهه پندرهن منٽ بيا ٻه گذريا، ته ڪنهن سبب سان همسفر خاتون مون سان پاڻ ئي مخاطب ٿي. مون کي پاڪستاني لباس ڏسي، اردوءَ ۾ ڪا ڳالهه پڇيائين. دل ۾ خدا جو شڪر ڪيم. اڌ ڪلاڪ کن بيو ٻه گذريو، ته منجهند جي ماني ڪٺي آيا. مون خانم کي چيو ته مانيءَ جي مهل ته ڪانهي. چيائين ته، "هائو. پر، انٽرنيشنل فلائيٽ ڪري، مسافرن کي جو ٻه ڪلاڪ اڳوات ايئرپورٽ تي سڏن ٿا، ته کين منجهند جي ماني ضرور ڏيڻي پوي ٿي."

ايراني هوائي جهاز جي ماني، معيار جي لحاظ کان، پاڪستاني جهاز جهڙي آهي. مانيءَ جا ٿانو کڻي ويا، ته خانم ۽ منهنجي ڪچهري شروع ٿي. چيائين ته "يزد جي وينل آهيان*. وڏي ٿيس، ته تهران هلي آيس. اتي شادي ڪيم. هاڻي، گذريل ڏهاڪو سالن کان ڪراچيءَ ۾ آهيان، جو منهنجو خاوند اتي ڪاروبار ڪندو آهي. هڪڙو پٽڙو اٿم، جو آمريڪا ۾ پڙهندو آهي."

مون کيس ٻڌايو ته، "ويهارو ورهيه اڳ مان ايران گهمي آيو آهيان. تڏهن ته شهرن ۾ ڏاڍي رونق ۽ رنگيني هئي. البت، ٻڌڻ ۾ ٿي آيو، ته ڳوٺن ۾ ماڻهن کي ماني سولي ڪانه ملندي هئي."

خانم اهو ٻڌي چپ ٿي ويئي. پر،ڪجهه دير ڪانپوءِ جواب ڏنائين ته "اڳي سولي ملندي هئي. هاڻي ڪانه ٿي ملي." ان ڪانپوءِ ڪي مثال ڏيئي، شاهه واري دور جون خوبيون بيان ڪيائين. مان بهرحال خاموشيءَ سان سندس ڳالهيون ٻڌندو رهيس.

هوائي جهاز تهران کي سٽائو ٿيو، ته اسان جي اڳين سيٽن تي ٻن ٽن ايراني نوجوانن خانم سان فارسيءَ ۾ ڪا ڳالهه ڪئي. هن 'هائوڪار' ڪئي، ته هنن پنهنجن پنهنجن بريف ڪيسن مان ڳانن جون ڪي ڪيسٽيون ڪڍي کيس ڏنيون، جي هن پنهنجي بريف ڪيس ۾ وڌيون. پڇڻ تي ٻڌايائين ته

---

* يزد جي باري ۾ ڪتابن ۾ لکيل آهي ته وچ ايران ۾ هڪ تاريخي شهر آهي، جنهن جو پايو پهرينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ پيو. ساساني دور ۾ ترقي ڪيائين ۽ ايران جو هڪ مکيه شهر شمار ٿيڻ لڳو. تيرهينءَ صدي عيسويءَ ۾ اصفهان ۽ شيراز ڪانپوءِ ايران جو ٽيون نمبر شهر ليکجڻ لڳو.

يزد، اڄڪلهه، ايران جو هڪ مکيه واپاري مرڪز آهي. ريشمي ڪپڙي، غاليچن، سون ۽ چاندي جي زيورن، تاريخي جاين ۽ باغن لاءِ مشهور آهي.

هي نوجوان شيراز جا وينل آهن. ڪراچيءَ مان گانن جون ڪيسيٽون، رنگين بشرٽون ۽ ٻيو اهڙو سامان خريد ڪري، ايران ۾ وڪڻن ٿا ۽ گذران ڪن ٿا. ڊجن ٿا ته ڪسٽم وارا سامان چيڪ ڪندا. سو، مون کان مدد گهريائون.

اهو ٻڌي، مون انهن نوجوانن ڏي نهاريو. هڪڙو جٽو، بريف ڪيس کولي، ٻه بشرٽون ابتيون ڪري، تهه ڪري، منجهس رکي رهيو هو. بشرٽن جي ٻاهرين پاسن تي رنگين تصويرون چپيل هيون. اهڙيون بشرٽون اسان وٽ به نوجوان شوق سان پائيندا آهن. مون ڏي نهاري، چيائين ته "آغا، ايران ۾ نوجوانن جي زندگي تمام تنگ آهي."

تهران ايئرپورٽ تي لٿاسون، ته مسافر ٻن قطارن ۾ ورهائجي ويا: هڪ ۾ ايراني ۽ ٻيءَ ۾ پاڪستاني. پاسپورٽ تي ٺپو هڻائي، سامان وٺڻ واري لائونج ۾ وياسين، ته ٻه ٽي ميزبان نظر آيا. خوش ٿياسين. پر، منجهانئن نه ته ڪنهن اڳتي وڌي هٿ ڏنو، ۽ نه وري پري کان ئي ڪيڪاريو. رڳو روڊ تي بيٺل بسن ڏانهن، آڱر سان اشارو ڪيائون. سو، هرڪو مهمان پنهنجو پنهنجو سامان ڳولي، ٽراليءَ تي رکي، بس تي پهتو. ايٽري ۾ روڊ تان هڪڙو ايراني نوجوان تڪڙو تڪڙو آيو ۽ اسان کي چيائين ته "دولر، دولر؟ بلئڪ مني... دولر، دولر؟" هو بلئڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر وٺڻ ۽ وڪڻڻ جو ڌنڌو ڪندو هو.

تهران ايئرپورٽ تي مون "آجيان" جا اهي لفظ ٻڌا. بس ۾ گهڙيس، ته اڳيئي دوستن ۽ واقفڪار ماڻهن سان ڀري پئي هئي. ڪي لاهور جا هئا ته ڪي اسلام آباد مان آيا هئا. ڪن کي سڃاڻي ئي ڪونه سگهيس. پر، مون کي هو سڀ سڃاڻندا هئا. سيني سڪ سان ڪيڪاريو. مون کين ٻڌايو ته مان به اوهان وانگر امام خمينيءَ جي ورسيءَ ۾ آيو آهيان.

پروفيسر حجازيءَ انهيءَ پس منظر ۾، لاهور جي "دن" اخبار ۾، ١٨ جون ٩٨ع تي، ايران جي دوري بابت، پنهنجي تاثراتي مضمون ۾ لکيو آهي ته:

> جناب غلام ربانی آگرو کو پاکستان کے سارے ادیب اور شاعر بلکہ بہت سے اور لوگ بھی جانتے ہیں- وہ شاہ ایران کے حال احوال سے بھی آگاہ تھے اور مختلف ادوار میں پاکستانیوں کے بارے میں ایرانیوں کے رائے کی صورت حال سے بھی واقف تھے... جہاندیدہ اور دانشمند انسان ہیں- گفتگو میں اعتدال اور توازن پیدا کرنے کی مہارت رکھتے ہیں-

حجازي صاحب پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ سينئر پروفيسر آهي ۽ بهادر خان روديني، بولان يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر آهي. ٻئي جڻا منهنجا اڳي واقف ڪونه هئا. انهيءَ ئي دوري ۾ واقف ٿياسون. بس اسان کي ڪٽي، شهر رواني ٿي. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ "انقلاب هوٽل" وٽ هلي بيٺي. اصلوڪو نالو "شيريٽن" اٿس. عمارت پراڻي اٿس. پر، نيڪ آهي. سڀ مهمان لائونج ۾ رکيل صوفن تي هلي ويٺا. سيني کي انتظار هو ته ميزبان ڪمرا جلد ڏين، ته هٿ منهن ڌوئي، ٽڪ لاهيون. پر،

صوفن تي ويـنـي ويـنـي ڪلاڪ ڪن گذري ويو. سو، لاچار پاڻ ئي ميزبانن کي ڪمرن لاءِ عرض ڪيوسون. چيائون تہ "اجهو ٿا اچون." ڪلاڪ ڪن ٻيو بہ گذري ويو. اوپاسيون ڏئي ٿڪاسين. ايتري ۾ اوچتو منهنجو هڪ اڳوڻو ماتحت نظر آيو ۽ اچي هٿ ڏنائين. مون حيرت مان ڪائنس پڇيو تہ 'تون هت ڪيئن؟' تہ مشڪي، مان ڪري، هليو ويو. پوءِ خبر پئي، تہ پاڪستان ۾ ڪن ايراني خانہ فرهنگ جي ملازمن، پنهنجن پنهنجن دوستن جي سفارش تي، ڪي ڪلارڪ مهمان ڪري، موڪليا هئا. سو، هوٽلن ۾ ڪمرن جي تنگيءَ جو مسئلو پيدا ٿي پيو. ميزبانن اهي ڪلارڪ، "خاص مهمان" (VIP) قرار ڏئي، هوٽل جي ڪمرن ۾ ٽڪائي ڇڏيا. هاڻي جو اسلام آباد، لاهور، ڪوئيٽا ۽ ٻين شهرن مان سندن ئي سڏيل "خاص مهمان" (VIP) پهتا، تہ انهن لاءِ ڪمرا ئي ڪونہ رهيا.

اسان ڪي انتظار ڪندي ڪندي، اڌ رات ٿي وئي. ڏاڍا ڪڪ ٿياسين. ايراني ميزبانن ۾ ڪو سينئر ماڻهو تہ هو ڪونہ، جو ساڻس فضيلت سان ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿئي. ڇوڪرا ڇوڪرا هئا. جڏهن تمام تنگ ٿياسون، تہ هڪڙي ڇوڪري کي سڏي دڙڪو ڏنوسون، تہ "اسان جون ٽڪيٽون واپس ڪريو ۽ سيٽائي سيٽن جو بندوبست ڪريو. اسان واپس ويندا سون. اڌ رات تہ گذري وئي آهي. باقي اڌ رات بہ هتِ صوفن تي ويـنـي ويـنـي گذري وينـدي." انهيءَ دڙڪي وجي ڪم ڪيو. اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ اسان ٽنهي ڄڻن کي ڪمرا ملي ويا. هڪڙو ايراني ڇوڪرو، جڏهن ڪمرن جا تالا کولي، ڪنجيون ڏئي رهيو هو، تڏهن اسان ڏي رمز سان نهاري، ائين اک ٻيجي رهيو هو، جو ڄڻ تہ اسان ايران سرڪار جا معزز مهمان ڪونہ هئاسين. پر، ڪي نامي گرامي سمگلر هئاسين!

هو ڏينهن ٻن ڪانپوءِ، رات جو اسان وٽ آيو، ۽ چيائين تہ "مان پنهنجن پرديسي مهمانن کان ڪونہ ڪو تحفو وٺندو آهيان. "ڪيس ڪمرن ڏيڻ جي عيوض رشوت ڪپندي هئي. اسان ٽنهي ڄڻن ايراني سڪي ۾ ڪجهہ پئسا ڪڍي، ڪيس "تحفو" ڪري ڏنا.

* * * *

بهادر خان ۽ منهنجا ڪمرا آمهون سامهون هئا. حجازي صاحب جو ڪمرو ڪجهہ وٿيرڪو هو. پر، ساڳئي فلور تي هو. مون ڪمري ۾ گهڙي، هٿ منهن ڌوتو، تہ در کڙڪيو. بهادر خان بيٺو هو. چيائين تہ، "ڪمري ۾ پيڻ جو پاڻي ڪونهي." مون پنهنجو فرج کوليو، تہ اهو بہ خالي هو.

ويهہ ورهيہ اڳ وارو منظر ياد آيو. جيئن ئي هوٽل جي ڪمري ۾ گهڙيو هئس، تہ ميز تي پلاسٽڪ جو نفيس ٿوڪرو، ڏاڙهن، صوفن، ڪيلن ۽ انگورن جي ڇڳن سان ڀريو رکيو هو. پاسي ۾ هڪ ڪارڊ رکيو هو، جنهن تي لکيل هو: "وزارت هنرو فرهنگ، ايران، جي دعائن ۽ سلامن سان."

وري جڏهن فرج کوليو هئم، تہ منجهس طرح طرح جا مشروبات ۽ سڪل ميوي جا پاڪيٽ سٿيا رکيا هئا. چاڪليٽن ۽ ڪئمنڊن جا ڏٻا جدا ڀريا رکيا هئا. منهنجي ڌهوڪي ميزبانَ، "هنر و مردم" رسالي جي مُديرَ، آغا خدا بنده لو مون کي هوٽل جي ڪمري ۾ پهچائي چيو هو تہ، "آغا،

ڪنهن بہ شيءِ جي ضرورت پوي، تہ فوراً گهرايو. فقط اينترو ڪجو، جو مهرباني ڪري، بِل صحيح ڪري ڇڏجو."

پر، هاٽي جو فرِج ڪوليم، تہ سڄو ويران هو. سو، بهادر خان جي اڳيان پنهنجيءَ بيڪسيءَ جو مظاهرو ڪندي چيم تہ "هي فرِج بہ خالي پيو آهي." حجازي صاحب کي فون تي سڏي ورتوسون، جنهن بہ ساڳي ماجرا بيان ڪئي. تنهي ڄڻن کيسي مان پئسا ڪڍيا. "منرل واٽر" جون ٽي بوتلون گهرايوسون. هَرِ هِڪَ پنهنجو پنهنجو پاڻيءَ جو شيشو ساهہ سان سانڍي وچي فرِج ۾ رکيو.

بہ ٽي ڏينهن ائين گذري ويا. اسان پنهنجن پئسن تي پاڻي خريد ڪري پيندا رهياسين. هڪ ڏينهن، ڪمرن جي صفائي ڪندڙ خاتونءَ، سان ڳالهہ ڪيسون، جنهن مشورو ڏنو تہ "غسلخاني ۾ وڃو. نل مان پاڻي پري اچو. اهو فرج جي مٿئين خاني ۾ رکي برف ڄمايو. پوءِ، غسلخاني جي نلڪي مان وري خالي جَڳُ پري، ان ۾ اها برف وجهي، پاڻي ٿڌو ڪري پيو."

اسان کي سندس مخلصانہ مشورو ٻڌي، هڪ لطيفو ياد آيو.

هڪ دفعي اسٽالن ڪن غيرملڪي مهمانن کي ماسڪو کانُ ٻاهر موٽر ۾ گهمائڻ وٺي ويو. ٻريان پوڪ ۾، هڪ ٻڍڙو شخص بيٺو هو. کيس ڏسي، موٽر جهلي، سڏ ڪيائين ۽ چيائين تہ "توکي اوورڪوٽ تہ ڏاڍو سٺو پيو آهي. انقلاب کان اڳي تو وٽ گهڻا هئا؟"

ٻڍڙي شخص جواب ۾ چيس تہ "سائين، بہ هئا."

اسٽالن شڪي تہ ڏاڍو ٿيو، پَرَ، منهن جي پڪائي ڪري، چيائينس تہ، "شڪر ڪر. گهانا ملڪ جي هارين وٽ هڪ بہ ڪونهي."

ٻڍڙي شخص ادب سان چيس تہ "سائين، اتي بيو انقلاب ڪڏهن آيو هو؟"

* * * *

هوٽل جي ڪمري ۾ وندر وروڻهن لاءِ، ڪابہ اخبار يا رسالو رکيل ڪونہ هو. البت، هڪ رنگين ٽي. وي. سيٽ موجود هو. پر، ايراني ٽي.وي. پروگرام بہ پاڪستان جي ٽي.وي. پروگرامن وانگر "سطحي" هئا. بي.بي.سي. پروگرامن وانگر نڪي تہ منجهن اونهي ڄاڻ هئي ۽ نہ وري پيشڪش جي لحاظ کان ڪا اعليٰ درجي واري نفاست هئي. سو، هوٽل ۾ مون فقط هڪ دفعو ٽي.وي کولي. ڪو ڊرامو هلي رهيو هو. مان ورهين جا ورهيہ فلم سينسرشپ بورڊ جو ميمبر رهي چڪو آهيان. اسلام آباد ۾، انگريزي فلمون ڏسندي ۽ سينسر ڪندي لطف ايندو هو. ليڪن، جڏهن ڪنهن پنجابي يا پشتو فلم لاءِ سڏيندا هئا، تہ ٻَرو چڙهي ويندو هو، ڇو تہ اڪثر مٿي ۾ سور ڪٽي، گهر موٽندو هوس. ايراني ڊرامي جو هڪ بہ سين ڏٺم، تہ مٿي ۾ هلڪو سور محسوس ڪيم. سو، اتي جو اتي، ٽي.وي. بند ڪري ڇڏيم.

تهران جي ٽي. وي. وارن غير ملڪي مندوبين جا تاثرات وٺڻ جو ڪو پروگرام ناهيو هو. سو،

هڪ ڏينهن، اسان وٽ بہ آيا. مون ساڻن عالم اِسلام جي وسيع پس منظر ۾، ايران جي جغرافيائي اهميت ۽ اسلامي انقلاب بابت گفتگو ڪئي ۽ مغربي طاقتن جي مخالفت ڪري، ايران کي جيڪي چئلينج درپيش آهن، تن جو ذڪر ڪيو. هو متاثر ٿيا، سو ڪن پيچيده سوالن جي لسٽ هٿ ۾ ڏيئي چيائون تہ "آغا، هنن سوالن بابت بہ پنهنجا رايا ڏيو." مون ڪين انهن سوالن جا بہ جواب ڏنا. مون کانپوءِ بهادر خان ڪين انٽرويو ڏنو. ٻئي ڏينهن، تهران ريڊيو وارا بہ اسان کان تاثرات وٺي ويا.

* * * *

لاهور ۾، خانہ فرهنگ ايران جو جيڪو اڳوڻو ايراني ڊائريڪٽر هو، سو، اتي پنهنجو ميعاد پورو ڪري، پنهنجي وطن واپس موٽي ويو هو. اتي هاڻي اعليٰ عهدي تي فائز آهي. هڪ ڏينهن پنهنجن پراڻن لاهوري رفيقن سان ملڻ آيو. هنن ساڻس شڪايت ڪئي تہ، "رات ڏينهن ساڳيو ڪاڏو کائي، ڪڪ ٿي پيا آهيون. ڪا مَٽَ سَٽَ ڪريو، تہ مهرباني." ڪن وري ڪانئس گهر ڪئي، تہ اسان کي پنهنجن ڪلاسيڪي فارسي شاعرن: فردوسيءَ، حافظ، سعديءَ ۽ عمرخيام جا ڪتاب ڏيو. مون کيس عرض ڪيو تہ "ٻيو نہ تہ، روز اسان کي صبح جو ڪا اخبار ڏيو، تہ دنيا ۾ هان جو سڌ سماءُ پوي. هت هوٽل ۾ تہ مُلهَہ تي بہ اخبار ڪانہ ٿي ملي."

هن دوست نهايت خوش اخلاقيءَ سان سڀني کي چيو تہ "واعدو ڪونهي، پر مان ڪوشش ڪندس." ڪاڏو تہ بهرحال، ساڳيو ئي رهيو. اخبار بہ ڪانہ ملي. پر، سندس ڪوشش جي نتيجي طور اسان کي ڪتاب بہ ڏنائون ۽ علامہ طباطبائي يونيورسٽيءَ ۾ بہ گهمائڻ وٺي ويا. - پهريائين يونيورسٽيءَ جو احوال.

هيءَ يونيورسٽي مشهور ايراني عالم ۽ مفڪر، علامہ طباطبائيءَ جي نالي پٺيان نهيل آهي. وچ شهر ۾ آهي. عمارت چڱڙي اٿس. وائيس چانسيلر وڏو با اخلاق شخص آهي. اسان پهتاسين، تہ بہ چار پروفيسر ٻيا بہ وٽس ويٺا هئا. انهن جي سامهون وارين ڪرسين تي غيرملڪي مندوبين وڃي ويٺا. گفتگو شروع ٿي. غيرملڪي مندوبين مختلف سوال ڪيا، جن جا هنن جواب ڏنا. مون بہ هڪ سوال ڪيو تہ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾، سڄيءَ دنيا اندر، ڪنهن بہ اسلامي ملڪ ۾ ڪا بہ نئين کوجنا ڪانہ ٿي ٿئي. نتيجي طور، جديد ۽ اعليٰ سائنسي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، اسلامي ملڪن جي شاگردن کي مغربي ملڪن ڏانهن وڃڻو پوي ٿو. ليڪن، ايران جا لڳ ڀڳ تقريباً سمورن مغربي ملڪن سان ٿڌا آهن. اهڙيءَ صورت ۾، ايراني شاگرد ڪاڏي وڃن ٿا؟ ڇو تہ ايران ۾ فارسي ذريعہ تعليم آهي ۽ جديد سائنسي تحقيق جا اصطلاح، راتئون رات تہ فارسي زبان ۾ گهڙي ڪونہ ٿا سگهجن. هڪ هڪ اصطلاح وڏي توجهہ سان ناهڻو پوندو ۽ ان ۾ تہ ڪافي وقت لڳندو."

ميزبانن ڪجهہ وضاحت تہ ڪئي. پر، سوال جو خاطر خواهہ جواب، بهرحال، ڪونہ ڏني



خميني ڪانگريس جا مندوبين، علامہ طباطبائي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ۽ پروفيسرن سان.

سگهيا. سو، جڏهن موٽي هوٽل ۾ آياسون ۽ مانيءَ جي ميز تي ويناسون، تہ سينٽرل ايشيا جي ملڪن مان هڪ مندوب مون وٽ آيو ۽ ڪلي چيائين تہ 'اجوڪو مناظرو سخت هو.' سندس مطلب اهو هو، تہ توهان ڏکيو سوال ڪيو.

مون کيس ٻڌايو تہ، "اسان وٽ پاڪستان ۾ بہ قومي توڙي ڏيهي زبانن ۾ جديد سائنسي اصطلاح مروج ڪونهن. پر، اسان انگريزيءَ تي انحصار ڪريون ٿا ۽ اعليٰ سائنسي تعليم لاءِ پنهنجا شاگرد مغربي ملڪن ڏي موڪلڻ تي مجبور آهيون. ليڪن، مون اهو معلوم ڪرڻ ٿي گهريو تہ ايران ۾، اسلامي انقلاب کانپوءِ اهو مسئلو ڪيئن حل ڪيو اٿن؟"

* * *

هڪ ڏينهن، صبح جو ڇهين بجي، ميزبانن اچي در کڙڪايو تہ، "جلدي تيار ٿي هيٺ اچو، جو امام خمينيءَ جي مقبري وٽ يارهين بجي جلسو رکيل آهي. ستين بجي مهمان ناشتي مان فارغ ٿيندا، تہ بسون جلسيگاهہ ڏي روانيون ٿينديون." ان ڳالهہ جو اسان کي گذريل رات بہ اشارو ڏئي ڇڏيو هئائون تہ اها تقريب اسان جي دوري ۾ سڀ کان اهم آهي.*

اسان تڙ تڪڙ ۾ ڪپڙا پاتي، ڊائننگ هال ۾ وياسين تہ چيائون تہ 'ناشتو ختم ٿي ويو.' بهادر خان، حجازي صاحب ۽ مون کي ڊبل روٽيءَ جو هڪ هڪ ٽُڪرُ ۽ جوُسِ جو گلاس گلاس ملي ويو. ان تي گذارو ڪيوسين ۽ سڌا بس ۾ اچي ويناسون. بيون بسون اڳيئي تيار بيٺيون هيون. اڌ ڪلاڪ

* پڌڻ ۾ آيو تہ خميني ڪانگريس ۾ دنيا مان سڀ مسلمان ملڪن جا نمائندا آيا هئا.

ڪانپوءِ، سڀ گڏجي، جلسيگاهہ ڏي روانيون ٿيون.



امام خميني جو روضو

امام خمينيءَ جو مقبرو شهر کان ڇڳو پنڌ ٻاهر آهي. طرز تعمير خالص ايراني انداز جو اٿس. گنبذ سونهري اٿس،.سو پري کان پيو چمڪي. جلسيگاهہ جو مکيہ هال يا آڊيٽوريم اجا نهي رهيو آهي. مٿس سيمنٽ جو پلاسٽر چڙهيل آهي. اسان منجهس داخل ٿياسون، تہ صبح جا نو ٿيا هئا. اسان کي VIP ڪارڊ هٿ ۾ ڏنائون. پر، اندر هال ۾، 'مهمان خاص' (VIP) يا 'عام سامعين' ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هو. اول هڪ طرف ڪانوڙين بينچن تي وڃي وهارياٿون. پر، اهي اُسَ ۾ رکيل هيون. سو، اتان اٿاريائون ۽ هال جي وچ ۾ وٺي ويا. چيائون تہ غاليچي تي هيٺ ويهي رهو. 'پائين' 'پائين' چئي، اسان جو گائيڊ گم ٿي ويو. پائين معنيٰ هيٺ. گائيڊ جو مطلب هو تہ 'هيٺ ويهي رهو.'

اسان کي سامهون بينچن جي هڪ قطار چانو ۾ نظر آئي. اوڏانهن وياسين، پر والنٽيئرن روڪيو، تہ اهي 'خاص مهمانن' (VIP) لاءِ آهن. اسان کين سندن ڏنل VIP ڪارڊ ڏيکاريا، تہ اسان 'خاص مهمان' (VIP) آهيون. پر، پوءِ بہ وڃڻ نہ ڏنائون. اسان مان هڪ معمر شخص، جو دل جو مريض هو، والنٽيئرن کان پاڻ ڇڏائي، انهن بينچن ڏانهن وڌيو. پر، مون کي والنٽيئرن روڪيو. معمر شخص موٽي اچي کين چيو تہ، "هي منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي. مون کي دوا ڏيندو آهي." ائين چئي، منهنجيءَ ٻانهن ۾ هٿ وڌائين. ڪجهہ هن همت ڪئي ۽ ڪجهہ مون ڪئي. ائين، والنٽيئرن کان پاڻ ڇڏائي، ٻئي ڄڻا وڃي چانوَ ۾ رکيل ڪانوڙين بينچن تي ويناسون. اسان کي ڏسي، ٻيا ساٿي بہ والنٽيئرن کان پاڻ ڇڏائي، اچي اسان سان گڏ بينچن تي ويٺا. معمر شخصَ، موقعي جي مناسبت سان، هڪ فارسي شعر پڙهيو، جنهن جي هڪ مصرع اجا ياد اٿم:

**هرچہ آيد برسرِ اولادِ آدم ميگذرد**

ماڻهن جو مجموعو رفتي رفتي وڌي رهيو هو. ڪي ماڻهو بيٺا هئا، تہ ڪي هيٺ ويٺا هئا. ڪي والنٽيئرَ هوا ۾ رومال لوڏي، کين هوا جا جهلڪا هڻي رهيا هئا، جو تہ ڳاهٽ جي ڪري، ڏاڍي ٻوسٽ هئي. ڇت ۾ بجلي پکا تہ ڪونہ هئا، ورندو وڏا وڏا بلب ٻري رهيا هئا. ڪي نوجوان ، رکي رکي نعرا هڻي رهيا هئا. پر، گوڙ ايڏو هو، جو اهي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿي آيا. البت، جيڪي نعرا وري وري ٿي هنيائون، سي، سمجهہ ۾ آيا، جن مان ڪي هي هئا:

(١) "انقلاب ڪمزور ڪونہ ٿيو آهي."

(٢) "اسان بيت المقدس ۾ نماز پڙهنداسون."

(٣) "اسرائيل مرده باد ۽ آمريڪا مرده باد."

(۴) "انقلاب، انقلاب، انقلاب."

هال ۾ اول ۾ ٽي مرثيا پڙهيائون. اهڙا مرثيا، عاشورن ۾ اسان وٽ شيعا مرثيہ گو شاعر مجلسن ۾ پڙهندا آهن. پوءِ ٻہ ٽي سياسي تقريرون ٿيون. آخر ۾، "رهبر انقلاب" تقرير ڪئي، جيڪا ڏاڍي اهم هئي. سندس لب لهجو بہ صاف هو. پر، هال ۾ گوڙ ايڏو هو، جو جتي اسان ويٺا هئاسون، اتان تقرير ٻڌڻ ناممڪن ڳالهہ هئي. سندس تقرير دوران، ڪي ماڻهو نعرا هڻي رهيا هئا تہ "اسان ڪوفي ڪونہ آهيون. پنهنجي رهبر ڪبير سان گڏ آهيون."

جلسيگاهہ ۾، هڪ محتاط اندازي موجب بہ پنجاهہ هزار ماڻهو هئا. جلسو ساڍين نائين بجي صبح جو شروع ٿيو هو ۽ ساڍي يارهين بجي ختم ٿيو. پيڙ ۾، تنز تڪڙ ڪري، ٻاهر نڪرڻ، عقلمندي ڪانہ هئي، ڇو تہ اسان جي اکين اڳيان، "پائين" (هيٺ وينلّ) ڪيترائي ماڻهو گرميءَ ۽ ٻوسٽ ڪري بيهوش ٿي ويا هئا، جن کي والنٽيئر اسٽريچر تي کڻي پئي ويا. اسان شڪر ڪيو تہ گائيڊ جي مشوري تي عمل ڪونہ ڪيوسون، نہ تہ اسان مان بہ ڪي اسپتالن ۾ پهچي وڃن ها. اسان تيسين بينچن تي ئي ويٺا رهياسون، جيسين رش جهڪي ٿي. پوءِ ٻاهر نڪتاسون. پنهنجيءَ بس ۾ اچي چڙهياسون ۽ آرام سان هوٽل تي پهتاسون.

* * *

تهران سهڻو شهر آهي. رستن تي ايڏي تہ صفائي آهي، جو ماڻهو ايرانين جي نفاست پسنديءَ جو قائل ٿيو وڃي. مجال آهي، جو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ وانگر رستن تي ڪن ڪچرو نظر اچي. اوهان صبح جو گهران نڪرو منجهند جو نڪرو يا رات جو نڪرو، رستا اوهان کي بلڪل صاف نظر ايندا. رستن جي پاسن کان وڏا وڻ بيٺا آهن. تهران جي پاسي ۾ جبل آهي، جنهن تان برف ڳرندي رهي ٿي. برف جو پاڻي، جبل تان لهي، رستن جي پاسن کان نالين ۾ وهندو، وڻن کي سيراب ڪندو رهي ٿو. سو، اهي سدائين سرسبز بيٺا آهن.

شهر جون جايون وڏيون ۽ سنيون آهن. (ڪي پراڻيون بہ هونديون). اڳينءَ حڪومت جي زماني ۾ يا ان کان بہ اڳي نهيون هونديون. اهائي ڳالهہ رستن ۽ گهٽين جي باري ۾ بہ چئي سگهجي ٿي. پر، هاڻوڪيءَ حڪومت ۽ شهر جي موجوده انتظاميہ کي صفائيءَ لاءِ تحسين ڏجي. شهر جي رونق ۾ ڪوبہ فرق اچڻ ڪونہ ڏنو اٿن. شهرين جي صحت جو وڏو دارومدار گهرن ۽ شهرن جي صفائيءَ تي ٽڪي ٿو.

اسان شام جو ٽئڪسي ڪري، شهر گهمڻ نڪتاسون. ميدان فردوسيءَ وٽ اچي لٿاسون. اتي پئسن مٽائڻ وارا بيٺا هئا، جي پوليس کان نالي ماتر موشو ڪري، پاسي واريءَ گهٽيءَ ۾ وڃي ويا. هڪڙي جٽي سان سودو طئي ٿيو، جنهن پنهنجيءَ ٽنگ تان پينٽ کي گوڏي تائين مٿي ڪيو ۽ جوراب

ڪي پنيءَ تان ٽٽيءَ تائين هيٺ ڪري، اتي لڪايلَ ايراني نوٽن جون ٿهيون ڪڍي، اسان جي اڳيان رکيون. حجازي صاحب ڪانئس هڪ هزار پاڪستاني رپين جا ايراني نوٽ ورتا، جيڪي اسان ٿنهي ڄڻن پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا. ڪيسي ۾ پئسو ٿيو، ته خرچڻ جو شوق جاڳيو. پڇا ڳاڇا ڪري، پرسان هڪ زيرزمين ڪيفي ۾ چاءِ پيڻ وياسين، جيڪا تهخاني ۾ هئي، ڏاڍي ٿڌي هئي. دروازي تي لکيل هو ته "ايران جي ثقافتي روايتن کي قائم رکو." *

ڪيفي ۾، پٿين جي چٽني پاسن کان ميزون ۽ ڪرسيون رکيل هيون، جن تي زالون ۽ مردَ ويٺل هئا. پٿين تي سنگمرمر جون سهٽيون تختيون لڳل هيون، جن تي حافظ شيرازيءَ جا شَعرَ خوش خطيءَ ۾ اُڪريل هئا. اسان جي ميز تي بيرر ازخود ميوي جون پليٽون رکي ويو، جن ۾ چيري ۽ ڪيرو رکيل هو. ايران ۾ چاءِ بنا کير جي پين ٿا، جنهن کي اسان وٽ سليماني ڪوٺيندا آهن. اسان به اها پيتي. نيڪ هئي. البت، هڪ ڳالهه اسان کي حيرت ۾ وڌو، سا هيءَ ته هال جي وچ ۾ هڪ حوض نهيل هو، جنهن ۾ پاڻيءَ جي ڦوهاري بدران حقا هئا. اهڙن حقن کي بلغاري ڪوٺيندا آهن. انهن جو نڙُ ڊگهو ۽ ربڙ وانگر نرم هوندو آهي.

هڪڙو بيرر آيو ۽ اتان حقو کڻي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ ان کي باهران مچائي اندر کڻي آيو ۽ هڪڙيءَ ميز وٽ کڻي ويو، جتي هڪ نوجوان جوڙو ويٺل هو. نوجوان ته اهوئي چاءِ پيندو رهيو، پر ساڻس گڏ جيڪا خاتون هئي، سا حقو ڇڪڻ لڳي. سندس اکيون ڏاڍيون سهٽيون هيون، جن کي ڏسي، منهنجي هڪ ساٿيءَ مون کي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيو، ته مير تقي "مير" به ڪي اهڙيون ئي خماريل اکڙيون ڏسي چيو هوندو:

**"ميـــر" ان نيـــم بـاز آنـــکهـوں مـيـــں**

**ســاری مـــســتـــی شـــراب کـــی ســی ہـــے**

جڏهن چاءِ خاني مان ٻاهر نڪتاسين، ته بهادر خان مون کان پڇيو ته، "يار، سڀ ايراني عورتون ايڏيون خوبصورت ڇو آهن؟" مون کيس جواب ڏنو ته، "ايرانين ۾ ترڪن جو رت شامل آهي. ترڪ ۽ ايراني نسل جا ماڻهو عام طرح خوبصورت ٿين ٿا. سندن وصفَ: پيشاني، پِروُن، اکيون، نَڪُ، چَپَ ۽ ڳل ڏاڍا سهڻا ٿين ٿا."

آسمان ۾ سفيد، ڀورا ۽ ڪارا ڪڪر هئا. سو، اهي ڳالهيون ٻوليون ڪندا، پيادل سير ڪندا، اچي پنهنجي هوٽل ۾ پهتاسون. اڄڻ سان ٻڌوسون، ته مشهد مقدس جو پروگرام نهي رهيو آهي.

* ايراني ڪيفي ۾، اهي شعر ڏسي، مون کي ياد آيو ته ڪراچيءَ ۾ نيو ٽائون ۾ به هڪ ڪيفي هوندي هئي. جنهن ۾ مان ۽ تنوير چاءِ پيڻ ويندا هئاسين. ان جي چئن پٿين تي چار فريم ٽنگيل هوندا هئا، جن مان هڪ فريم ۾ علامه اقبال جو خوديءَ وارو شعر لکيل هوندو هو، ٻئي ۾ لکيل هوندو هو ته: "قائداعظم زنده باد" ٽئين ۾ لکيل هوندو هو ته: "آئس ڪريم تيار آهي." ۽ چوٿين ۾ لکيل هوندو هو ته: "ڪرسين تي پير رکي نه ويهو."

ڏاڍي خوشي ٿي. ان جو خاص سبب ٻہ هو.

گذريل پيري يعني ويهہ ورهيہ اڳ جڏهن مان ايران ويو هئس، تہ اسان کي تهران مان اصفهان ۽ اتان شيراز وٺي ويا هئا. مشهد بہ پروگرام ۾ شامل هو. پر، اسان جي گائيڊ، آغا ڪيوان شڪوهيءَ جي بي پرواهيءَ ڪري ڪونہ ٻينو هو. شڪوهي، خانہ فرهنگ حيدرآباد جو ڊئريڪٽر هو ۽ مون سان ڏاڍو گهرو گهاٽو هو: روز ملندو هو. مان وٽس ۽ هو مون وٽ گهر جي ڀاتيءَ وانگر پنهنجيءَ گهر واريءَ سميت ماني کائيندو هو. گڏ ڪراچيءَ ويندا هئاسين. پر، هڪ ڏينهن، سندس گهر واريءَ، خانم شيلا، مون کي چتاءُ ڏنو تہ "جي توهان ايران وئين، تہ اتي شڪوهيءَ کي اهڙو منو ماٺهو ڪونہ ڏسندين."

ليڪن، ايراني دوستن بابت اهڙيون ڳالهيون عام ٻڌبيون هيون. ايرانين جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو عالم دوستُ، خود پير حسام الدين راشدي بہ ڪڏهن ڪڏهن پوشيده لفظن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو. ڪراچيءَ ۾ سندس هڪ گهاٽو دوست هو. نالو هئس: آغا ماهيار نوابي. ڪيس پنشاهہ ۾ ساليانی ميلي واريءَ ادبي ڪانفرنس ۾ صدارت لاءِ وٺي آيو. پير صاحب جي ڪري، اسان سڀني سنڌس ڏاڍي خدمت ڪئي. سائين ميران محمد شاهہ تہ سنڌس مان ۾ پرتڪلف ڊنر ڏني، جنهن ۾ اسان سڀ شريڪ ٿياسون. مان ۽ نواب صاحب جڏهن ايران وياسين، تڏهن اوچتو اسان کي شيراز ۾ نظر اچي ويو. ڏاڍا خوش ٿياسين. وڏيءَ سڪ سان ساڻس وڃي ملياسين. پر، اهڙو نمونو اختيار ڪيائين، جو جڻ تہ اسان کي سڃاڻي ئي ڪونہ ٿو.

ايران ۾ شڪوهيءَ بابت سندس اهليہ جو قول، بهرنوع، حرف بحرف صحيح ثابت ٿيو. اسان جو مشهد جو پروگرام خراب ٿيو. جڏهن شيريٽن هوٽل ۾ اها ڳالهہ ڪنهن دوست سان ڪئيسون، تہ چيائين تہ: "انهيءَ پيري تہ شڪوهيءَ اوهان جو مشهد جو پروگرام خراب ڪيو هو. پر، رڳو اهو هڪڙو شڪوهي تہ ڪونہ هوندو. ٻيا بہ هوندا. سو، هن پيري بہ پڇي پڪ ڪريو، تہ ڪيڏيءَ مهل وڃڻو آهي ۽ ڪيئن وڃڻو آهي؟ هتان جي "بدانتظامي" تہ سيني کي ساري پئي آهي."

ايراني ميزبانَ مهمانن کي رڳو دوري جو پروگرام تحريري طور ڏين ها يا زباني طور ٻڌائين ها، تہ بہ اسان جا گهڻا مونجهارا ختم ٿي وڃن ها. پر، هُتِ تہ سڄي ڳالهہ "هوائي" هئي--'براتِ عاشقان، برشاخِ آهو.'

حيدرآباد سنڌ جي خانہ فرهنگ ۾ مظفر نالي هڪ نوجوان آهي: نهايت نيڪ ۽ سعادتمند آهي. روڊ رستي کي پاڪستاني مهمان تهران وٺي آيو هو. رات جو اسان سان هوٽل ۾ ملڻ آيو ۽ تصديق ڪيائين تہ صبح سمورن پاڪستاني مهمانن کي مشهد وٺي ويندا. اهو اطمينان ڪري، اسان سويرو سمهي پياسين.

صبح جو سوير هوٽل مان تيار ٿي، ايئرپورٽ تي آياسين. هوائي جهاز ڇهين بجي اڏاڻو. صبح جي هير اچا لڳي رهي هئي، ته مشهد پهچي ويو. بسون تيار بيٺيون هيون. منجهن سوار ٿي، امام علي رضا جي روضي ڏانهن روانا ٿياسين.

* * *

تهران جي پنهنجي سونهن آهي. پر، مشهد وڏيڪ سهڻو شهر آهي. چؤطرف ساوڪ، وڻڪار ۽ وڻندڙ نظارا اٿس. امام علي رضا جو روضو پري کان پڌرو آهي. اسان وٽ اڪثر روضن تي ٽي ڳالهيون ڪثرت سان نظر اينديون آهن: فَقيرَ، ڪُتا ۽ مَکيُون. پر، سڄيءَ مشهد ۾ اسان کي گداگر ۽ ڪتو نظر ڪونہ آيو. نہ وري کاڌي پيتي جي شين تي مکين جا ڀُونڪارَ ٻڌڻ ۾ آيا.

امام علي رضا جو روضو تہ خيرُ بهشت جون سِڪون لاهي ٿو. وڏي پرشکوه عمارت اٿس، جنهن جي اڳيان شاهي صحن آهي. اهو پار ڪري، اندر داخل ٿيندا، تہ ننگو فرش نظر ڪونہ ايندو. پير رڳو قالينن تي پوندا. امام علي رضا جي مزار مبارڪ وچ روضي ۾ آهي. مزار کي چوڌاري چانديءَ جو ڪٽهڙو آهي، ۽ مٿان ڇت تي، سونهري گنبذ آهي. روضي جي چوڌاري مسجد شريف آهي. اڪثر ماڻهو نمازن ۽ ورد وظائف ۾ مشغول هئا. اسان مسجد مان لنگهي، مزار ڏي وياسين. پر، ماڻهن جي ڪا پيہ هئي! جنهن شخص لاهور ۾ داتا گنج بخش جي سالياني عرس تي ماڻهن جو ڳاهٽ ڏٺو هوندو، اهو انهيءَ پيہ جو "ڪجهہ" اندازو لڳائي سگهندو. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو مزار تائين پهچي تہ ڪيئن پهچي؟ سو، جيئن تہ ڪو ماڻهو پاڻ کي ڪٽي درياءَ ۾ داخل ڪري، تيئن مون بہ پاڻ کي ماڻهن جي موجن ۾ ڇڏيو. ڪانہ ڪا موج مزار تائين گهلي وئي. بهادرخان ۽ حجازي صاحب بہ ائين ئي مزار تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيا. اسان ٿئي، فاتح پڙهي، واپس مسجد ۾ اچي ويناسين. ڳالهيون ٻوليون ڪندا رهياسين. ڪلاڪ کن روضي ۾ هئاسين. اٽڪل ڏهين بجي ٻاهر نڪتاسين.

دنيا ۾ قرآن ڪريم جي ناياب نسخن جو سڀ کان مشهور ڪتبخانو مشهد مقدس ۾ آهي. منجهس هڪ نسخو اهو بہ آهي، جيڪو سنڌ جي ميرن تحفي طور موڪليو هو. پر، ميزبانن جي بيپرواهيءَ ڪري، اسان انهيءَ عظيم ڪتبخاني جي زيارت کان محروم رهياسون.

* * *

روضي جي آمهون سامهون دڪانن تي هليا وياسون، جتان عام خاص ماڻهو پنهنجن گهر جي ڀاتين لاءِ تسبيحون ۽ زالن لاءِ مٿي جا 'حجاب' خريد ڪندا آهن. حجابُ مٿي ڍڪڻ لاءِ هڪ قسم جو ريشمي رومال آهي. ترڪيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال ۽ ايران ۾ رضا شاهہ ڪبير، پنهنجي پنهنجي دور حڪومت ۾، يورپي لباس رائج ڪيو، جيڪو ٻنهي ملڪن ۾ مٿئين طبقي ۾ عام ٿيو. پوءِ تہ ٻنهي

ملڪن جا مرد ٻه مغربي ماڻهن وانگر سوٽ ڪوٽ ۽ سندن عورتون اسڪرٽ پائڻ لڳيون. اڳهاڙي مٿي جو ته عام رواج ٿي ويو. ڊُپٽو يا رئو، فقط هندستان پاڪستان تائين محدود رهيو. البت، جيڪي زالون مذهبي خيال جون هيون، سي، هڪ خاص قسم جي ريشمي رومال سان مٿو ڍڪينديون هيون. اهو رومال ئي 'حجاب' سڏجي ٿو. هاڻي، ايران ۾ اسلامي انقلاب کان پوءِ، سمورين عورتن کي مٿي تي حجاب ٻڌل آهي. ليڪن، ترڪيءَ ۾ حڪومت جو اجا ٻه زور آهي، ته عورتن کي حجاب جو ڪوبه ضرور ڪونهي مٿو اگهاڙو ڪري هلن.

حجاب ۽ تسبيح جي خريداري ڪئيسون، ته بهادر خان ۽ حجازي صاحب چيو ته "هاڻي، هلو ته هلي ڪٿي چاءِ پيون." هڪڙو ننڍڙو قهوه خانو پرسان نظر آيو. منجهس چاءِ پي، بسن جي اڏي ڏانهن موٽياسين. بسون يارهين بجي صبح جو مشهد مان ايران جي قومي شاعر، فردوسيءَ جي ابدي آرامگاه ڏانهن روانيون ٿيون. سفر جابلو علائقي ۾ هو. منجهند مهل، رود جي پاسي سان "گرانڊ" نالي، هڪ وڏيءَ هوٽل وٽ هلي بيٺيون. هٿ منهن ڌوتوسون، ته چيائون ته "ماني هلي کائو." ماني ڏاڍيءَ محبت سان کارايائون. وري وري پڇندا رهيا ته "ڪباب ڪيپي؟ ڪو مشروب ڪيپي؟" ماني کائي، ڪلاڪ ٻه هوٽل جي لائونج ۾ "آرام-ڪرسين" تي ٽڪ پڳوسون.

هوٽل جي اندر توڙي ٻاهر، ڏاڍو وڻندڙ نظارو هو. سو، مون ٻه ٻين مهمانن وانگر ڪئميرا سان فوٽا پٽي ڪڍيا. ايتري ۾ ٻه نوجوان آيا ۽ چيائون ته اوهان اها "دوربين" پاڪستان ۾ ورتي آهي؟

مون کين چيو ته "منهنجو پٽ چين مان وني آيو آهي. اصل جپان جي نهيل آهي."

چيائون ته، "اسان سان مُٽايو."



گرانڊ هوٽل وٽ هڪ نظارو

مون کين چيو تہ "هيءَ ڪئميرا منهنجي پٽ جي آهي. مان مٿائينداس، تہ دل ۾ ڪندو."

چيائون تہ "ڪراچي سنو شهر آهي؟ وڏو شهر آهي؟ منجهس دوربين جهڙا ٻيا سامان بہ سستا ملن ٿا؟"

مون سندن گفتگوءَ ۾ احساسِ محروميءَ جي جهلڪ ڏٺي. سو، کين چيم تہ "ترسو تہ، مان پنهنجا ساٿي وٺي اچان، تہ توهان سان ڪچهري ڪريون."

مان بهادر خان ۽ حجازي‌صاحب کي ساڻ وٺي، ايراني نوجوانن وٽ ويس. هو پاسي ۾ ڇپر تي هلي وينا. ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪن، تنهن کان اڳ ئي سندن عمر جو هڪ نوجوان، جنهن کي ننڍڙي ڪارڙي ڏاڙهي هئي، آيو ۽ اينترو پريرو اچي وينو، جو اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي سگهي. انهيءَ جي اچڻ ڪانپوءِ ايراني نوجوانن اسان کان ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ پڇي. بلڪل چپ ٿي ويا. اسان کي مٿن ڏاڍو ترس آيو. سندن اکين ۾ اڄ هئي، سو مون کين چيو تہ "اسان کي اڄ لڳي آهي."

اهو ٻڌي، هو ڊوڙندا ويا ۽ ٿڌي پاڻيءَ جا گلاس ڀري آيا. اسان پاڻي پي، سندن شڪريو ادا ڪيو، ۽ هوٽل ۾ موٽي آياسين.

ڇئين بجي شام جو بسن ۾ سوار ٿياسين ۽ هڪڙي شهرڙي ۾ اچي داخل ٿياسون. ميزبانن ان جو نالو ڪونہ ٻڌايو ۽ اسان بہ سندس مزاج تي هري ويا هئاسون. رڳو، اينترو چيائون تہ "اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ خريداري ڪري وٺو." بزار ننڍي پر عمدي هئي. منجهس هونئن تہ گهڻيون ئي وٺندڙ شيون رکيون هيون، پر ٽي خاص هيون: هڪ زعفران، ٻيو عطر گلاب ۽ ٽيون ايراني هٿ جي هنر جا نمونا. مون هٿ جي هنر واري دڪان تان کي 'شو-پيس' خريد ڪيا، جن تي حافظ، سعديءَ ۽ خيام جا شعر نهايت خوش خطيءَ ۾ لکيل هئا. پري کان اوچتو هڪڙي ٻيڏڙي فقيرياڻي نظر آئي. بهادر خان فوراً کيس سڏ ڪيو. پر، اسان کيس خيرات ڏيون ئي ڏيون، تنهن کان اڳ ئي اسان جون بسون هلڻ شروع ٿيون. ستين بجي ڌاران، طوس جي پسگردائيءَ ۾، فردوسيءَ جي ابدي آرامگاهہ تي اچي پهتيون.

* * *

مون ويهہ ورهيہ اڳ حافظ ۽ سعديءَ جي ابدي آرامگاهن تي حاضري ڏني هئي. پر، فردوسيءَ جي مزار تي وڃڻ جو موقعو ڪونہ مليو هو. سعديءَ جي ابدي آرامگاهہ جديد نموني ۾ ناهي اٿن، جنهن جو طرز تعمير ڏاڍو اوپرو ۽ اجنبي ٿو لڳي. ماڻهوءَ کي مزو نٿو اچي. پر، حافظ جي ابدي آرامگاهہ مشرقي روايت موجب نهيل آهي. فردوسيءَ جي ابدي آرامگاهہَ وري حافظ ۽ سعديءَ کان جدا نموني تي آهي. سنگمرمر مان نهيل آهي. قبر جي مٿان هاٿي رحل تي قرآن شريف ۽ هڪ گلدستو رکيل آهي. انقلاب کان اڳ مٿس ڇا هو، سو معلوم ڪونهي. عمارت جي چئن ئي پاسن کان



حافظ جي ابدي آرامگاهہ



**آرامگاه فردوسي. طوس - ايران**

پٿين تي شاهنامي جي شعرن ۾ بيان ٿيل منظر، سنگ مرمر جي تختين تي اڪريل آهن. ڏاڍا سهڻا آهن. انهن کي ڏسي مون کي خيال آيو، ته سنڌ ۾ ڪنهن به شاعر جو روضو ائين سندس شعرن سان سينگاريل ڪونهي.

ڇت جي مٿان سنگ مرمر جو وڏو ٿلهو يا چبُوترو آهي، جيڪو چڱو اچو آهي. انهيءَ تي به فردوسيءَ جا شعر اڪريل آهن. مون ٻڌو ته مٿس فردوسيءَ جو خوبصورت مجسمو رکيل هو، جيڪو اسلامي انقلاب ڪانپوءِ اتان پٽيو اٿن. پر، ان کي بت پرستيءَ جي بهاني ٻيجي ٻورا ٻورا ڪرڻ بدران، ڪنهن ڏاهي جي سمجهاڻ تي، ڪابي طرف، تلاءَ جي ڪناري تي نصب ڪري ڇڏيو اٿن. ليڪن، ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ انگريزي ماهنامي "هيرالڊ" (THE HERALD) جي جنوري ۹۹ع واري پرچي ۾، ضيغم خان لکيو آهي ته 'سنه ۱۹۷۷ع ۾، اسلامي انقلاب ڪانپوءِ جڏهن انقلابي جوان، فردوسيءَ جي روضي تي هلان ڪري ويا، تڏهن سندس قومي شهرت ۽ عظمت کي خيال ۾ رکي، ڪابه پيچ ڏاهه ڪانه ڪيائون: فقط شاهه ايران جي نالي جي تختي پٽي اڇلائي ڇڏيائون.' ضيغم خان ائين به لکيو آهي ته 'تلاءَ جي ڪناري تي لڳل فردوسيءَ جي مجسمي کي به هٿ ڪونه لاتائون.' گويا، ضيغم خان جي خيال موجب، اهو مجسمو اڳي به اتي ئي لڳل هو.

ممڪن آهي ته ائين ئي هجي. بهرحال، فردوسيءَ جو مجسمو ڏسي، مون کي ياد آيو ته اسان جي ملڪ ۾ هاڻي مجسما نظر ڪونه ٿا اچن، پر پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، ڪراچيءَ جي فريئر هال گارڊن ۾، راڻي وڪتوريا جو هڪ خوبصورت مجسمو هوندو هو. ڪاٿي نهيو هو؟ ۽ فريئر هال گارڊن ۾ ڪڏهن ۽ ڇو لڳو هو، تنهن جي ته خبر ڪانهي. پر، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به ڪي سال اتي لڳل هو. وڪتوريا جو مجسمو بت پرستيءَ لاءِ ڪونه هو، ڇو ته ڪوبه هندوُ، مسلمانُ، يا ڪرستانُ، ان

جي اڳيان مٿو ڪونہ ٽيڪيندو هو.*

راڻي وڪٽوريا انگريز حڪمرانن ۾ گهڻي مشهور هئي. سندس مجسمو ڏسي تاريخ جو اهو دور ياد پوندو هو، جڏهن انگريز اسان جيَ ملڪ تي حڪومت ڪندا هئا. انگريزن جي حڪومت لاءِ مشهور هوندو هو، تہ سندن سلطنت 'يڏي تہ وڏي آهي، جو ان تان سج لهندو ئي ڪونهي. هڪڙي ملڪ تان لٿو، تہ ٻئي تي اڀرندو. سو، راڻي وڪٽوريا جي مجسمي ڪي هڪ هٿ ۾ دنيا جو گولو هوندو هو، تہ 'سڄي دنيا اسان جي هٿ وس آهي.' پر، قدرت جو قانون تہ 'هر ڪمال کي زوال آهي،' جڏهن عمل ۾ آيو، تہ انگريزسلطنت جا اڪثر ملڪ، هڪ هڪ ٿي، آزاد ٿيندا ويا. جڏهن انگريز اسان جو ملڪ بہ ڇڏي ويا، تڏهن ڪي جوڌا جوان اُٿيا، ۽ 'حب الوطنيءَ جي جوش ۽ جذبي هيٺ' راڻي وڪٽوريا جي مجسمي ڪي ڀاڙان پٽي، هميشه لاءِ گم ڪري ڇڏيائون. اسلام جو جهنڊو بلند ڪيائون.

سنڌ چيف ڪورٽ جي اڳيان وري مهاتما گانڌيءَ جو مجسمو هوندو هو. جو انگريزن جي خلاف هلايل سندس هلچل جي اعتراف طور لڳل هو. پر، جيئن تہ اهو ڪاري ڪافر جو بت هو، سو، ڀلا، جوانن جي نگاهن کان ڪيئن ٿو بچي؟ راتو رات، لوهي زنجيرون ٻڌي، ٽرڪن سان ڇڪي، ٽوڙي ڇڏيائونس.

چين ۾ سن يات سين جو عاليشان مقبرو آهي. ان ۾ سنگ مرمر مان ٺهيل سندس مجسمو آهي. جڏهن چيئرمن مائوءَ 'ثقافتي انقلاب' شروع ڪيو، تہ اتان جا جوڌا جوان بہ مقبري ۾ گهڙيا ۽ 'ڪميونزم جي جوش ۽ جذبي هيٺ' مجسمي کي ڀڃڻ جي ڪوشش ڪيائون. پر، ملڪ جي وزيراعظم، چو.اين. لاءِ کي خبر پئجي وئي، جنهن ملٽري موڪلي، ڪين ڀڄائي ڪڍيو. ائين، سن يات‌سين جو مجسمو بچي ويو.

ايران ۾ اسلامي انقلاب کان پوءِ فردوسيءَ جو مجسمو بہ ڪنهن طرح بچي ويو. سڄو پٿر جو آهي ۽ انهيءَ انداز سان ٺهيل آهي، تہ فردوسيءَ کي ڏگهو ڪوٽ پيل آهي. مٿي تي دستار اٿس، جنهن جو نمونو سنڌ ۾ دستار ٻڌڻ وارو آهي.** سندس منهن مهاندو ۽ لباس ڏسي، ائين ٿو لڳي تہ ڪو سنڌي چڱو مڙس، وڏيءَ ڪرفر سان وينو آهي. ڇهري ۾ ڏاڍو نيمڪ اٿس. فردوسيءَ پنهنجي ديس جو نمڪ ڪاڏو، تہ ان جو حق بہ ادا ڪيائين. "شاهنامو" ايران جي شاهن ۽ شنهشاهن جو دلپذير داستان تہ آهي. پر، ان کان بہ وڌيڪ منجهس ايران جي مٽيءَ سان محبت جي خوشبو آهي.

---

* تازو، مان ڪنهن سبب سان سيوهڻ وٽان لنگهيس. قلندر شهباز جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏنم ۽ فاتحہ پڙهيم. هڪ زيارتي آيو ۽ پيرانديءَ واري پاسي کان، دروازي جي چانئٺ تي پيشاني رکي، باقاعدي مزار کي سجدو ڪيائين. اهڙا منظر پين بہ ڏٺا هوندا. پر، ڪنهن بہ اعتراض ڪونہ ڪيو آهي، تہ هي غيراسلامي ڳالهيون بند ٿيڻ گهرجن.

** پانئجي ٿو تہ دستار ٻڌڻ جو اهو نمونو ايران مان سنڌ ۾ آيو هو، ڇو تہ سنڌي مسلم ڪلچر تي ايران ۽ سينٽرل ايشيا جي مسلم ڪلچر جي اونهي ڇاپَ لڳل آهي. سنڌ جو اصلوڪو لباس تہ اهو هو، جيڪو سنڌي هندن جو هو.



**فردوسيءَ جو مجسمو**

مون سنڌ جي سمورن مُحب وطن اديبن طرفان، وڏي ادب ۽ احترام سان، فردوسيءَ جي اڳيان، تعظيم طور، ڪنڌ نمايو، ته سندس لبن مان "شاهنامي" جو هڪ دلاويز شعر ٻڌم:

بسي رنج بردم درين سال سي

عجم زنده كردم بدين فارسي

* * *

بسون سانجهيءَ جو، طوس جي پسگردائيءَ ۾، فردوسيءَ جي ابدي آرامگاهہ تان هليون، ته سڌيون اچي مشهد ايئرپورٽ تي بيٺيون. هوائي جهاز تيار بيٺو هو. منجهس سوار ٿي، اچي تهران لٿاسين. سفر جو ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿڪ تہ ٿئي ٿو. هوٽل ۾ پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ گهڙياسين، ته هرڪو وڃي بستري ۾ داخل ٿيو. پر، مون گرم پاڻيءَ سان غسل ڪيو. منهنجو پٽ، عزيز چين ۾ انجنيري پڙهي آيو آهي. پنج سال اتي رهيو. ٻڌايائين تہ چيني ماڻهو رات جو سمهڻ مهل غسل ڪندا آهن. چوندا آهن تہ سڄي ڏينهن جي ٿڪَ لاهڻ لاءِ اٺين ڪرڻ صحت لاءِ سٺو آهي. چيني ماڻهن جي ڏاهپ ضرب المثل آهي.

* * *

ايران جي دوري ۾، طوس جي انهيءَ يادگار سفر کان پوءِ ٻيو سفر "قم" جو ٿيو. سنڌ ۾ ڪنهن زماني ۾، پرائمري اسڪول جي ٻارڙن کي ڏکين لفظن جي معنيٰ سيکاريندا هئا. چوندا هئا تہ "خيابان" (Osis) معنيٰ بيابان ۾ اهو هَنڌ، جتي پاڻيءَ جو چشمو هجي، کجيون ۽ ٻيا وڻ ٽڻ هجن، بلڪ ڪو باغ هجي. پر، هاڻي، ايران ۾، روڊن ۽ رستن کي خيابان ڪوٺن ٿا. اسان جي قومي زبان اردوءَ ۾ شايد لفظن جي کوٽ آهي، سو، ڪراچيءَ جي ڊفينس ڪالونيءَ ۽ اسلام آباد ۾ بہ رستن کي خيابان ڪوٺن ٿا.

ايران ۾ "قم" اهڙي بستي آهي، جيڪا صحيح معنيٰ ۾ خيابان آهي. پاڻيءَ جي ٿو تہ آهي بہ

آڳاٽي، چو ته چنگيز خان جڏهن خوارزم شاهه جي سلطنت تي حملو ڪيو هو، تڏهن موجوده ايران جا جيڪي شهر اجاڙي ڇڏيا هئائين، تن ۾ قم به شامل هو. ظهور اسلام کان پوءِ، خليفي عمر رضه جي ڏينهن ۾ جڏهن عربستان جي اسلامي لشڪر ايران تي حملو ڪيو هو، ته قم ۾ فوج جو تعداد ڏيڍ لک هو.*

پر، قم جي شهرت، غالباً، امام علي رضا جي همشيره جي روضي ڪري وڌي، جنهن جو نالو حضور پيغمبرﷺ جن جي نياڻيءَ، بيبي فاطمة الزهرا جي نيڪ نالي پنيان "زهرا" هو. قم ۾ امام خمينيءَ جي درسگاهه به آهي. هونئن به قم آهي ئي مدرسن ۽ درسگاهن جو شهر. پاڪستان جي الائي ته ڪيترن شهرن جا طالب العلم اتي پڙهن ٿا.


حجازي ۽ مقدم صاحب

هڪ ڏينهن تهران ۾ ناشتي جي ميز تي ويٺا هئاسين، ته ٻڌوسون ته قم هلڻ جو پروگرام ٺهي رهيو آهي. منجهند جي ماني کائي، ٻي بجي، بس ۾ روانا ٿياسين. اسان جي ميزبانن ۾ هڪڙي کي 'مقدم' پئي ڪوٺيائون. ڏاڍو چُستُ، مُستَعدُ، ۽ پنهنجي فرض جو پابند هو. قم جي سفر ۾ اسان جو گائيڊ هو.

تهران کان روڊ رستي قم ٻن ڪلاڪن جو سفر آهي. علائقو جابلو آهي، ۽ اهڙو ئي جهڙو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾ آهي. فرق اهو آهي ته ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ روڊ جي پاسن سان وري به ٿورا گهڻا وڻ ٽڻ ۽ ڪي جهنگلي ٻوٽا نظر اچي ويندا. پر، تهران ۽ قم جي وچ ۾ روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاهه جو ٻج به نظر ڪونه ايندو. رڳي سُڃ آهي. البت، روڊُ، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد واري "سپرهاءِ وي" کان گهڻو بهتر آهي. بس ايئرڪنڊيشنڊ هئي. منجهند جي ماني کائي چڙهيا هئاسين، سو، "خمارِ گندم" پنهنجو رنگ لاتو. اسان جون اکيون ٻوٽيون، ته وري تڏهن پٽيون، جڏهن بس ۾ هل ٿيو، ته قم اچڻ وارو آهي.

اڌ مني ڪلاڪ ۾ بس قم پهچي وئي. بس مان لهي، سڌا سنوان بيبي صاحبه جي روضي تي هليا وياسين، جنهن جو منظر ساڳيو امام علي رضا جي روضي وارو آهي. ليڪن، زيارتين جي پيه ايڏي ڪانهي.ان جواندازو هن ڳالهه مان لڳائجي، ته مون به ٻين زيارتين وانگر، ڪڙڪيءَ جي جاريءَ کان بيهي، وڏي آرام سان، بيبي صاحبه جي مزار مبارڪ جي زيارت ڪئي ۽ فاتح پڙهي. مزار مبارڪ جو لـ ح سنگمرمر جو آهي، جنهن تي ڪاري رنگ جي ڪيمخاب جو پَڙُ پيل آهي. ۽ سيرانديءَ واري پاسي کان رحل تي قرآن شريف رکيل آهي. مزار مبارڪ جي چوڌاري امام علي رضا جي روضي وانگر چانديءَ جو ڪٽهڙو آهي، جنهن جا ٻه پاسا، مرد زيارتين جي زيارت لاءِ مخصوص آهن ۽ ٻه پاسا خواتين لاءِ آهن. روضي جو گنبذ سونهري آهي. اسان فاتح پڙهي، مسجد ۾ آياسين ۽ غاليچن تي ويهي ڪجهري ڪئيسون.ڪجهه دير کان پوءِ ميزبانن ٻاهر سڏ ڪيو، ته بزار گهمي اچو.

* شبلي نعماني: "الفاروق."



**بيبي معصومه جو قُم ۾ روضو**

روضي جي پاسي سان ڊگهي بزار آهي، جتان زيارتي، پنهنجن گهر جي ڀاتين ۽ دوستن لاءِ شيريني ۽ سوغاتون وٺي ويندا آهن، جن ۾ تسبيحون ۽ فيروزا عام آهن. اسان به هلڪِي سلڪِي خريداري ڪئي. بزار ۾ گهمندي، اوچتو مون کي ڪتابن جو دڪان نظر آيو. وڏي شوق سان اندر ويس. ڪتاب سڀ ديني هئا، تاريخي ۽ ادبي ڪونه هئا. مون خوابن جي تعبير بابت هڪ ڪتاب خريد ڪيو. پر، جڏهن بس ۾ ان جا ڪي ورق پڙهيم، ته بهادر خان روديني ۽ حجازي صاحب کل روڪي نه سگهيا. ڇيائون ته وڏيڪ هوٽل ۾ هلي، پنهنجي مُنهنِ پڙهنداسين.

قم مان موٽندي، مان سڄو وقت اهو سوچيندو رهيس، ته جنهن زماني ۾ بيبي صاحبه تشريف فرما ٿي هوندي، تنهن زماني ۾ ته سڄو سفر گهوڙن يا اُٺن تي ٿيو هوندو. سو، خبرناهي ته انهيءَ ويران علائقي ۾ پهچندي، ڪين گهڻا ڏينهن سفر جا ڪشالا ڪاٽڻا پيا هوندا؟ اها به خبر ڪانهي ته اهو سفر ڇو اختيار ڪيائون؟ زندگيءَ جا آخري ايام، بيابان جي هن خيابان ۾، ڇو اچي گذاريائون؟ پنهنجي ناني سائينءَ، حضور پيغمبر ﷺ جن جا متبرڪ ڪَکَ، ڪهڙيءَ مجبوريءَ هيٺ ڇڏيائون؟

ليڪن، ايترو ته پڌرو پيو آهي ته اسان مسلمانن ئي ساڻن اهي عقوبتون ڪيون. ڪين پنهنجن اباڻن ڪکن ڇڏڻ تي مجبور ڪيوسون. ڪٿي به قرار وٺڻ ڪونه ڏنوسون. در بدر ڪيوسون.

بيبي صاحبه ته قم ۾ ڪنهن علالت ڪري وفات ڪئي. پر، امام علي رضا کي، زهر ڏئي، شهيد ڪيائون. جن اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو، تن ۾ ڪير به مجوسي، يهودي يا عيسائي ڪونه هو. سڀ سندن ناني سائينءَ، حضور پيغمبر ﷺ جن تي پنج وقت ڪلمو پڙهندڙ، مومن مسلمان هئا.

قم مان اسان چئين بجي شام جو واپس موٽياسين. روڊ ته ساڳيو هو، پر، سج بس کي پٺيرو هو. سو، ان جي تپش محسوس ڪانه ٿي. رستي تي هڪ عجب نظارو ڏٺوسون. سمجهوسون، ته ڪو

وڏو درياءُ آهي، جو اسان اڄڻ مهل ڪونہ ڏنو هو. پر، بس جي ڊرائيور ٻڌايو، تہ لوڻ جي ڍنڍ آهي. ڍنڍَ ايڏي تہ وڏي هئي، جو حدنگاهہ تائين رڳو لوڻ جي اڇاڻ ئي اڇاڻ ٿي نظر آئي.

جڏهن بس تهران کي اچي سٽائي ٿي، تہ رات جا ڪارا پاڇا پئجي چڪا هئا. ليڪن، پري ڪان، امام خمينيءَ جي روضي جا روشن چراغَ ائين ٿي چمڪي رهيا هئا، جيئن اونداهيءَ ڳات ۾ گمراهہ مسافرن لاءِ آسمان جا تارا چمڪندا آهن.

* * *

شاهہ ايران جي حڪومت ۾ امام خمينيءَ اول گرفتار ٿيو، پوءِ نظر بند ٿيو ۽ آخر ۾ جلاوطن ٿيو. ليڪن، جڏهن شاهہ جي حڪومت جي خلاف ايران ۾ هلچل زور ورتو، تہ امام خميني ئي شاهہ جي مخالفن جو 'هيرو' هو.

تاريخ پاسو ورايو، تہ شاهہ کي تخت، تاج ۽ وطن ڇڏڻو پيو. امام خميني، فرانس ۾ جلاوطنيءَ جا ڏينهن پورا ڪري ايران آيو. لکين ماڻهن سندس استقبال ڪيو. اقتدار جون واڳون ورتائين ۽ ايران جي مغرب زده معاشري ۾ اسلامي انقلاب آندائين، جنهن جا پري پري اثر پيا. وچ اوڀر وارن عرب ملڪن ۾ زلزلو اچي ويو. سڀ کان اول، "مسلمان مومن بادشاهن" کي پنهنجي پنهنجي تخت ۽ تاج جو الڪو ٿيو. سو، يهودين ۽ عيسائين ڏي واهر لاءِ واجهائڻ لڳا. هنن عراق کي چُرچُ ڏئي، ايران تي حملو ڪرايو. ورهين جا ورهيہ جنگ هلي. رت ٻنهي پاسن مسلمانن جو وهيو. جنگي هٿيار وڪڻي، پئسو، يهودين ۽ عيسائين ڪمايو.

ايران ۾ شاهہ جي خلاف انقلاب اهو ڪو پهريون ڀيرو ڪونہ آيو هو. اڳي بہ آيو هو. تڏهن بہ شاهُ ايران ٻين مومن مسلمان بادشاهن وانگر، يهودين ۽ عيسائين ڏي واهرَ لاءِ ويو هو. انهيءَ ڀيري، ايران ۾ ڪوبہ مسلمان مذهبي اڳواڻ يا مذهبي جماعت سندس مخالف ڪانہ هئي. بلڪ، سندس مخالف، ڪميونسٽ پارٽي هئي ۽ ايران جي تڏهوڪيءَ هلچل جو 'هيرو' محمد مصدق هو، جيڪو ملڪ جو وزيراعظم هو. قومي خيالن جو ماڻهو هو. ايران جي ڪميونسٽ پارٽي، سندس ئي ڇپرَ ۽ ڇانوَ هيٺ ڪم ڪندي هئي.

مصدق ايران کي زور وٺائڻ لاءِ پيٽرول کي قومي ملڪيت قرار ڏنو ۽ تيل جو ڪاروبار ڪندڙ مغربي ڪمپنين کي تڙي ڪڍيو. پر، اهي ڪمپنيون، ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وانگر، پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ ڏاڍيون بااثر هونديون هيون. مغربي ملڪن ايراني فوج سان ساز باز ڪري، شاهہ کي واپس ايران آندو ۽ تخت تي وهاريو. شاهہ پهريون ڪم اهو ڪيو، تہ مصدق کي گرفتار ڪري، تاعمر، قيدِتنهائيءَ ۾ رکيو، جتي هن اداسائيءَ ۽ اڪيلائيءَ ۾ دم ڏنو.

مصدق کي ختم ڪري. ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وجهي، شاهُ ايران وڏي آرام سان ملڪ تي حڪومت ڪرڻ لڳو. فوج سان تعلقات پڪا ڪرڻ لاءِ جنرل زاهديءَ جي پٽ کي پنهنجي ڌيءُ

پرڏايائين. مغربي ملڪن جي مشوري تي "ساوڪ" نالي هڪ جاسوسي تنظيم ٺاهيائين، جيڪا ملڪ جي سياسي سرگرمين تي ڪڙي نظر رکندي هئي ۽ سندس مخالفن کي ڪچلڻ ۾ سختيءَ کان ڪم وٺندي هئي. ليڪن، ساوڪ جي ڏاڍاين ڪري، شاهه جي حڪومت بدنام به ڏاڍي ٿي. عام ماڻهن جو ذهني ڪلچر مذهبي هو، سو، هُو مذهبي رهنمائن جي اثر هيٺ هئا. اها ڳالهه به شاهه لاءِ خطري جو سبب هئي، سو، امام خمينيءَ سميت گهڻن ئي مذهبي اڳواڻن جي مخالفت، شاهه جي حڪومت لاءِ گويا قدرتي ڳالهه هئي. شاهه جي پوليس ۽ فوج ڪيترا ڀيرا قم جي مدرسن تي فائرنگ ڪئي. ٻئي طرف، ساوڪ مذهبي عالمن کي ڏاڍو آزاريو. امام خمينيءَ جو نالو ته انهن عالمن ۾ سرفهرست هو.

ايران پيٽرول جي کاڻ آهي. پيٽرول کي 'ڪارو سون' (BLACK GOLD) ڪوٺيندا آهن. شاهه ايران ملڪ ۾ پنهنجي مقبوليت وڌائڻ لاءِ، پيٽرول جي پئسي کي هٿيار طور استعمال ڪيو ۽ ٻين ملڪن جي بداخلاق حڪمرانن وانگر، ايران ۾ ڪرپشن ۽ رشوت کي زور وٺايو. جڏهن شاهه پنهنجن وزيرن، اميرن ۽ درٻارين جا پيٽ ڀريا، ته هنن به شاهه جا پير پختا ڪرڻ ۾وسان ڪونه گهٽايو. ليڪن، اڳتي هلي اقتدارجي نشي ڪري، هو پنهنجو ذهني توازن قائم رکي ڪونه سگهيو. انهيءَ ڳالهه جي هڪ جهلڪ، سندس انهيءَ انٽرويو ۾ نظر اچي ٿي، جو آريانا فلاچيءَ (INTERVIEW WITH HISTORY) ڪتاب ۾ ڏنو آهي. پڙهڻ وٽان آهي. شاهه ايران انٽرويو ۾ ٻڌايو آهي، ته پاڻ حضرت علي ڪرم الله وجه سان به ملاقاتون ڪندو هو.

اقتدار جو نشو ڏاڍو سخت ٿئي ٿو. شاهہ پاڻ کي ايران جي پنجويهه سؤ سالہ بادشاهت جو حقيقي جانشين سمجهڻ لڳو. اها ڳالهه مڃائڻ لاءِ ايران جي اڳوٽي گاديءَ، تخت جمشيد جي ڀرسان هڪ وڏي ميدان ۾ زبردست جشن ڪيائين، جنهن ۾ انگلستان جي راڻيءَ سميت، دنيا جي گهڻن ئي ملڪن جا سربراهه سڏيائين.اڳتي هلي، ماڳهن، پيٽرول جون قيمتون مقرر ڪرڻ ۾ خود مغربي ملڪن سان به ڪوسڻ لڳو.

هاڻي اها ڳالهه ڏاڍي ڏکي هئي. اهڙا شاهاڻا شوق اهڙن ماڻهن کي ڪونه ٿا جڳائن، جيڪي ٻين جي ڪلهن تي سوار ٿي، اچي تخت تي ويٺا هجن! سو، دنيا جي يهودي ۽ عيسائي حڪمرانن منجهائنس هٿ ڪڍي ڇڏيا. نتيجو اهو نڪتو، ته هڪ ڏينهن، اوچتو ڌڌڪو ٿيو: اعليٰ حضرت، شهنشاهه ايران، محمد رضا شاهه پهلوي، 'آريا مهر' پَٽَ تي اچي ڦهڪو ڪيو. ليڪن، چون ٿا ته هينري ڪيسنجر ان کان گهڻو اڳي چئي ڇڏيو هو ته اسان کي ٽن شخصن کي احسان فراموشيءَ جو سبق سيکارڻو آهي: هڪ ايران جو شاهه، ٻيو پاڪستان جو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٽيون لبيا جو معمر قذافي.



هينري ڪسنجر ۽
ذوالفقار علي ڀٽو

شاهہ ايران جو انجام ڏاڍو ڏکوئيندڙ ٿيو. پنهنجي ملڪ مان نڪتو، تہ دنيا ۾ ڪيس پناهہ ڏيڻ وارو ڪونہ هو. دنيا ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڌڪا کائيندو رهيو. پنجابي زبان جو محاورو، "منجي ڪٿي ڊاوان" مٿس سو فيصد صحيح ۽ صادق هو. جتي وڃي، اتي سندس حڪومت ۾ جلاوطن ٿيل ايراني شاگردَ اچي سندس خلاف مظاهرا ڪن. ڏاڍو پريشان ٿيو. پنهنجي ملڪ مان قومي دولت چورائي، فلپائينس جي صدر مارڪوس جي گهر واريءَ وانگر، ٻاهرين ملڪن جي بئنڪن ۾ جيڪي ڪروڙين ڊالر جمع ڪيا هئائين، پر، اهي ڪنهن بہ ڪم ڪونہ آيس. آخرڪار، لئٽن آمريڪا جي هڪ ڊڪٽيٽر پناهہ ڏنس. پر، اتي اچا ساهہ بہ ڪونہ پٽيو هئائين، تہ هڪ ڏينهن سندس راڻيءَ، فرح ديبا، اچي ٻڌايس تہ "هن شيطان کي اسان سان تہ ڪابہ همدردي ڪانهي. هو تہ اسان جي ڪسمپرسيءَ جو فائدو وٺي، مون کي دادِ عيش ڏيڻ لاءِ راغب ڪري رهيو آهي."

اهو ٻڌي، شاهہُ، پنهنجي زالَ، ٻارَ ۽ ٻچا وٺي، مصر ۽ تيونس ڏانهن پناهہ لاءِ ڀڳو. ڪئنسر جو پراڻو مريض هو. گهٽا ڏينهن جيئرو ڪونہ رهيو. هاڻي، تاريخ جي ورقن تائين محدود آهي.

* * * *

هڪ ڏينهن تهران ۾ اسان کي ڪن تي پٽڪو پيو، تہ ڪي غير ملڪي مندوبين، شاهہ ايران جو محل ڏسڻ وڃي رهيا اَهن. اهو ٻڌي اسان بہ ميزبانن کي عرض ڪيو. پر، هنن عذر ڏنو تہ اهي تہ اڳي ئي بسن ۾ چڙهي، محل ڏسڻ هليا ويا. اسان کين عرض ڪيو، تہ مهرباني ڪري اسان کي بہ موڪليو. موٽ تي پنهنجن پئسن مان ڪا سواري ڪري موٽنداسين. اها ڳالهہ کين قبول پئي. هڪڙو نوجوان ڇوڪرو ٽئڪسيءَ ۾ اسان کي محل جي گيٽ وٽ لاهي ويو. پهريدار اسان کي سڌا هڪڙي فوجي ميوزم ۾ وٺي ويا، جنهن ۾ ايران جي اڳوڻن بادشاهن جا هٿيار، ترارون، ڍالون، زرهون وغيره رکيل هيون. اهي ڏيکارڻ کان پوءِ، تہ ٻيو فوجي سپاهي اسان کي ٽئڪسيءَ ۾ چاڙهي شاهہ جي محل جي اڳيان ڇڏي ويو. اسان جا ڪي پاڪستاني ساٿي محل ڏسي موٽي رهيا هئا، تن کي چيوسون "ترسو تہ اسان بہ اوهان سان گڏ بس ۾ موٽي هوٽل هلون ٿا." هنن چيو تہ "يلا، جلدي ڪري وڃو." محل جي دروازي تي پهتاسين، تہ هڪڙو ايراني ڇوڪرو اندران نڪتو ۽ چيائين تہ: "خيلي ڪشنگ است." (ڏاڍو عاليشان آهي). اسان کي اهو "نفسياتي ڊوز" ڏئي، هو تہ هليو ويو. پر، اسان کي تہ محل پنهنجين اکين سان ڏسڻو هو.

شاهہ ايران جو محل ٻن حصن ۾ هو: هڪڙو طبقو هيٺ هو ۽ ٻيو مٿي. چيائون تہ هيٺيون شاهہ ايران جو هو ۽ مٿيون سندس والد، رضا شاهہ ڪبير جو. ٻئي طبقا هڪجهڙا هئا: هڪڙو ڊرائنگ روم، هڪ ڊائننگ روم، هڪ ملاقاتين سان ملڻ جو ڪمرو، هڪ ٽپال نيڪال ڪرڻ جو ڪمرو ۽ بيڊ روم وغيره. شاهہ جي والد واري طبقي جو رنگ ڍنگ ۽ فرنيچر ان دؤر جي عڪاسي ڪري رهيو هو ۽ شاهہ ايران جي رهائش وارو طبقو موجوده دؤر جي طور طريقي موجب هو.

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ "لٺ ڏُکو ڪٺجي، ياءُ ڪاڻ، پر، شاهدي ڏجي، خدا ڪارڻ." سو، سچي ڳالھ اھا آهي تہ شاھ جو مَحلُ، چڱي آرام واري رهائشگاھ هئي. پر، منجهس شاهاڻو ٺٺ ٺانگر ڪوبہ ڪونہ هو. نڪي تہ ڊائننگ ٽيبل تي سونن روپن ٿانون جي نمائش هئي، نہ صوفن ۽ ڪرسين تي هيرا جواهر جڙيل هئا، ۽ نہ وري ڇت مان ڪرسٽل جا شئنڊليئر چمڪي رهيا هئا.*

ليڪن، ائين هجي ها، تہ بہ اسان کي حيرت ڪونہ ٿئي ها، ڇو تہ بادشاهن جي رهڻي ڪهڻي خلقِ خدا کان جدا ٿيندي آهي. ڀلا، بادشاھ جو ٿيا! چين جي گاديءَ بيجنگ ۾ شاهي محل ڏٺوسون. عاليشان هو. راڻيءَ جو ڪمرو ڏٺوسون، تہ مون گائيڊ کان پڇيو: "بادشاھ کي ڪيتري زال هئي؟"

جواب ڏنائين تہ "سندس مرضي هئي تہ روز ساڳيءَ زال وٽ شب باشي ڪري يا نئينءَ زال وٽ وڃي. جڏهن تخت تان لٿو، تہ بہ هزار خوبصورت زالون، محل ۾ ساڻس شب باشيءَ لاءِ، پنهنجي واري جون منتظر هيون. سڀئي سندس راڻيون هيون."

هن زماني ۾، اڳين بادشاهن جا قصا تہ اعتبار ۾ ئي ڪونہ ٿا اچن. پر هر دؤر ۾ بادشاھَ شايد ائين ئي هوندا آهن. آمريڪا جي هفتيوار "ٽائيم" رسالي ۾، ڪجھ عرصو اڳي، هڪ سعودي شهزادي جو هي داستان ڇپيو آهي:

"شهزادو ۽ سندس گهر واري، آمريڪا جي هڪ هوٽل ۾ رهندا آهن.

'سندن ڏينهن رات جو نائين بجي شروع ٿيندو آهي.

ننڊ مان اٿي، وهنجي سهنجي، لٽا ڪپڙا پائي، هار سينگار ڪري تيار ٿيندا آهن تہ سندن دوست بہ اچڻ شروع ٿيندا آهن. شراب جو دؤر شروع ٿيندو آهي. اول نوجوان جوڙا (Couples) مغربي موسيقيءَ جي ڌن تي ڊانس ڪندا آهن. پوءِ شاهاڻا شغل شروع ٿيندا آهن، جيڪي پوئينءَ رات تائين جاري رهندا آهن. بعد ۾ ڊنر لڳندي آهي. ماني کائي، ٻاهران آيل مهمان، هوريان هوريان موڪلائڻ شروع ڪندا آهن، تہ باک بہ ڦٽندي آهي. شهزادو ۽ سندس اهليہ مهمانن کي رخصت ڪري، پنهنجيءَ خوابگاھ ۾ هليا ويندا آهن.

زندگيءَ جي انهيءَ طور طريقي ڪري، شهزادي تي هوٽل جو بل گهڻو ٿي ويو، جو سندس جمع ڪرايل ايڊوانس کان لکين ڊالر مٿي هو. هوٽل وارا جڏهن تقاضا ڪري ٿڪا، تڏهن وڃي ڪورٽ ۾ پڪاريائون.

شهزادي صلح صفائيءَ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. هن غريبَ تہ يهودين جي فنڊَ ۾ بہ چڱي چوکي رقم چندي طور ڏني. پر، پوءِ بہ هوٽل وارا هوڏ تان ڪونہ لٿا، تہ لاچار شهزادي جو نمائندو ڪورٽ ۾ ويو ۽ هوٽل جو بل، ڏنڊ سميت، ڀري ڏنائين. بعد ۾ اخباري نمائندن کي ٻڌايائين، تہ هوٽل وارن اجايو پاڻ کي ڏنو ڪيو. ڀلا شهزادي کي ڪهڙي پرواھ! سندس پنهنجو پلازا تقريباً تيار ٿي ويو آهي. سو، هو هاڻي مستقل طرح انهيءَ ۾ منتقل ٿي ويندو."

"ٽائيم" رسالي جي هن رپورٽ ۾ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ 'حقيقت' ۽ ڪجهہ 'افسانو' هجي جو تہ "ٽائيم" اينگلو-آمريڪن لابيءَ جو ترجمان آهي. اينگلو آمريڪن لابيءَ ۽ اسلامڪ بلاڪ جي جيڪا پاڻ ۾ اڻبڻت آهي، سا ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي.

* * * *

حضور پيغمبر ﷺ جن جي زماني ۾ مسلمانن جون يهودين سان جنگيون ٿيون. پاڻ فرمايائون تہ "يهودين ۽ نصارن کي جزيرة العرب مان ڪڍي ڇڏيو." سندن وصال کانپوءِ، خليفي عمر جي ڏينهن ۾، يهودين ۽ عيسائين کي سندن مسلسل حرڪتن ڪري، 'جزيرة العرب' مان نيڪالي ملي. پر، هنن اهو ڏکُ وساريو ڪونہ. هاڻي، جڏهن بہ موقعو ملندو اٿن، تہ مسلمان ملڪن جي خلاف ڪڏون ڪوتيندا آهن.*

صليبي جنگيون انهيءَ ئي سلسلي جون ڪڙيون هيون. پر، صلاح الدين ايوبيءَ، عيسائين ۽ يهودين جي گڏيل فوجن کي شڪستن پٺيان شڪستون ڏنيون. اڳتي هلي، جڏهن خود مسلمان حڪمران عياشيءَ ۾ ڪاهي پيا، تہ يهودين ۽ عيسائين کي موقعو مليو. هنن سياسي سازش ڪري، ترڪن جي اسلامي خلافت کي ڌاهي وڌو. پر، رڳو انهيءَ ڳالهہ تي اڪتفا ڪانہ ڪيائون. عربن کي ترڪن جي خلاف پڙڪايائون. ان ڪم ۾ لارينس آف عريبيا وڏو رول ادا ڪيو. برطانوي امپريليزم جي مدد سان، حجاز ۾، "شريفِ مڪه" اقتدار ۾ آيو ۽ سندس مٿن مائٽن کي وري اول شام ۽ پوءِ اردن جو تخت ۽ تاج مليو. انهن سيني تاريخي واقعن جي پٺيان مغربي طاقتن جو ذهن ۽ هَٿُ ڪم ڪري رهيو هو. -۽ اڄ ڏينهن تائين ڪري رهيو آهي. هن وقت تہ صورت حال هينئن آهي تہ اسرائيل ۽ ترڪي هڪٻئي جا فوجي مددگار آهن.

سلمان رشديءَ ۽ تسليمہ نسرين جا ڪتاب بہ انهيءَ ئي تخريب ڪاريءَ جا تازا ورق آهن. ازبيڪستان ۾ "تحريڪ اسلامي" جي روپوش امير قاري محمد طاهر، ڪجهہ ڏينهن اڳ چيو آهي تہ "ازبيڪستان ۾ يهودين جي اسلام- دشمن سازشن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، ڇو تہ ملڪ جو صدر يهودي آهي. سندس چرچ تي، ڪجهہ ڏينهن اڳ، بخارا ۾، امام بخاريءَ جي هڪ هزار سالہ قديم تاريخي مدرسي ۾ يهودي ڇوڪرا ننگا ٿي نچيا. يهودي صدر جي مدد سان، ڪيترن ئي اهم مدرسن ۽ مسجدن ۾ شرابخانا کوليا ويا آهن، جتي نوجوان يهودي ڇوڪريون ۽ آواره ڇوڪرا فحش حرڪتون ڪن ٿا."

يهودين جي انهن حرڪتن جي ردعمل ۾، سابق سوويت ريپبلڪ، چيچنيا، هاڻي، "اسلامي جمهوريہ" ٿيڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ صدر، اسلان مشادوف چيو آهي تہ "ڪوهہ قاف جي هِن

---

*عهد نبوت کان وٺي، موجوده دؤر تائين، مسلمانن جي خلاف عيسائين ۽ يهودين جي سازشن ۽ تخريبڪاريءَ جو 'گهرو-اڀياس' INDEPTH STUDY ڪرڻ لاءِ "عالم اسلام کی اخلاقی صورتحال" نالي ڪتاب پڙهڻ گهرجي. منجهس ايران، وچ ايشيا، هندوستان، افغانستان، ترڪي ۽ جزيرة العرب ۾ يهودين ۽ عيسائين جي سازشن جو مفصل احوال ڏنل آهي.

اسلامي جمهوريہ جو آئين قرآن تي مبني هوندو.“ ٻئي طرف، يوگوسلاويا جي مسلمان پرڳڻي، ڪوسوو ۾ مذهبي ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي. ڪوسوو بہ درحقيقت، ڪنهن زماني ۾ ”ترڪيءَ جي اسلامي خلافت“ جو پرڳڻو هو. اتان جي نوي سيڪڙو آبادي مسلمان آهي. سربيا جي يهودين ۽ عيسائي فوجين ڪجهہ ڏينهن اڳ، ڪوسوو ۾، چاليهن ٻارن، ٻڍن ۽ مسلمان زالن کي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڪُهي ڇڏيو! ليڪن، بي.بي.سي. جي رپورٽ موجب، ناٽو جون فوجون ”زباني دڙڪي دهمان“ کان وڌيڪ سربن جي خلاف ڪوبہ قدم کڻي ڪونہ سگهيون. سو، ڪوسوو ۾ مسلمانن جو عام قتل، وقفي وقفي کانپوءِ جاري آهي. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ سوويت يونين جي زوال کان پوءِ، اينگلو آمريڪن لابيءَ لاءِ ”ڪميونزم“ هاڻي خطرو ڪونهي. هينئر سندن دشمنيءَ جو نشانو ”اسلامي دنيا“ آهي.

هن بين الاقوامي منظر نامي ۾، امام خميني جڏهن ايران ۾ اقتدار ۾ آيو، تہ مغربي امپيريلزم جو چئلينج، سوچي سمجهي، قبول ڪيائين. سلمان رشديءَ جي قتل جي فتويٰ جاري ڪيائين. يهودين ۽ عيسائين فوراً رشديءَ کي پناهہ ۾ ورتو. هو اڄ ڏينهن تائين سندن ئي گودَ ۾ آهي. هاڻي جو امام خميني هن جهان ۾ ڪونہ آهي، تہ انگلنڊ ۽ آمريڪا وڏا وَسَ ڪيا آهن تہ ايران جي موجوده قيادت فتويٰ کي منسوخ ڪري. درحقيقت، ايران ۾، تازو، ڪن اڳواڻن اهڙي چرپر ڪئي بہ هئي. رائٽر لنڊن جي حوالي سان اها خبر هنن اکرن ۾ ڏني هئي:

> LONDON: IRAN AND BRITIAN AGREED TO NORMALIZE TIES LAST SEPTEMBER IN NEW YORK, WHEN THE TEHRAN GOVERNMENT PUBLICITY DISSOCIATED ITSELF FROM THE 1989 DEATH EDICT AGAINST BRITISH AUTHOR SALMAN RUSHDIE. --Reuter.

پر، تهران يونيورسٽيءَ جي شاگردن جڏهن مظاهرا ڪيا ۽ للڪاريو تہ ”اسان ڏسون ٿا، تہ امام خمينيءَ جي فتويٰ کي رد ڪرڻ جي جرئت ڪنهن ۾ آهي!“ تہ چوطرف چپ ٿي ويئي.

* * * *

اسان جي دوري ۾ هڪ يادگار تقريب، پاڪستاني مندوبين جي اعزاز ۾ ڊنر هئي، جنهن ۾ انقلاب جا اڳواڻ ۽ خود امام خمينيءَ جو پوٽو، حسن خميني شريڪ ٿيا.

ميزبان اسان کي شام جو بس ۾ وهاري وٺي هليا ڪن مندوبين مٿن زور رکيو هو، تہ تهران ۾ هڪ اعليٰ درجي جو پبلڪ پارڪ آهي، جتي شام جو ماڻهو سير تفريح لاءِ ويندا آهن. اول اهو اسان کي ڏيکاريو. سو، هو پهريائين اتي هليا. بس کي رستي جي هڪڙي پاسي بيهارياءون ۽ چيائون تہ ’وڃي گهمي اچو.‘ پارڪ چڱو وڏو ۽ سهڻو هو. وڻ ٽڻ، گل ڦل، پاڻيءَ جا ڦوهارا ۽ چوڌاري ماڻهن جا هجوم هئا. هڪ ايراني خاتونءَ، اسان جو غيرملڪي لباس ڏسي، اهڙي نموني نهاريو، جو جڻ تہ

اسان کان ڪجهہ پڇڻ گهري ٿي. نيٺ، چيائين تہ 'پاڪستاني آهيو؟' اسان هائو ڪئي. تڏهن چيائين تہ 'مان ايراني آهيان. آمريڪا ۾ پڙهندي آهيان. وئڪيشن تي آئي آهيان.'

اسان مان ڪنهن چيس تہ، "اوهان جو هتان جون رهندڙ آهيو ۽ پڙهو آمريڪا ۾ ٿيون، تہ ڇا ٿيون سمجهو؟ ايران جون حالتون ڪيئن آهن؟"

چيائين تہ "هي ٻاهريون ڏيکاءُ آهي. گهڻو وقت جٺاءُ ڪري ڪونہ سگهندو."

انگريزن جي ڏينهن ۾ اسان وٽ ڪنمشڙن جو مسالو تيليءَ جي چوٽيءَ تي چنبڙائي، دڪانن تي عام وڪرو ڪندا هئا. ان کي "چوپٽي" ڪوٺيندا هئا. ايران ۾ هاڻي آئيس ڪريم ائين وڪڻن ٿا. ان کي "بستني" ڪوٺن ٿا. پاڻ هڪڙي بستني چوپي رهي هئي.

مون ڪانئس پڇيو تہ "اها بستني الائي ڪٿي ملي ٿي؟"

روڊ جي پرئين پاسي اشارو ڪري چيائين تہ "هُتي."

بهادر خان، حجازي صاحب ۽ مان ڪانئس موڪلائي، بستنيءَ واري دڪان تي آياسون. ٽي بستنيون ورتيوسين ۽ بس ۾ اچي ويناسين.

بس، ٿوريءَ دير ۾ اچي هڪ جاءِ جي اڳيان بيٺي، جتي امام خميني درس ڏيندو هو. سندس رهائشگاهہ چند قدم پري هئي. هڪ عام رواجي فليٽ هو. چيائون تہ "اوهان کي اتي وٺي هلي ڪونہ ٿا سگهون، جو منجهس امام خمينيءَ جي فيملي رهي ٿي." امام خميني پاور ملڻ کان پوءِ بہ ان فليٽ ۾ رهيو. مٿس اقتدارَ جو جادو ڪونہ هليو.

اسان کي جنهن جاءِ ۾ وٺي ويا، تنهن ۾ گهڙياسين، تہ اذان ٻُڌيسون. سو، وضو ڪري سڌا نماز جي هالَ ۾ هليا وياسين. ويهارو کن ماڻهو اڳيئي صفون ٻڌيو بيٺا هئا. پاڪستان ۾ شيعن جي ذاڪرن وارو حليو هئن. اسان مان هڪڙو ڄڻو سو سيني کان جدا ٿي وڃي سنين وانگر نماز پڙهڻ لڳو. پر، ٻيا سڀ جماعت ۾ شريڪ ٿيا. منهنجو شيعن سان گڏجي نماز پڙهڻ جو اهو پهريون موقعو هو. نماز امام جي پٺيان پڙهبي آهي. سو، مون کان ڪنهن دوست پڇيو تہ "نيت ڪيسے باندهي؟" مون نہ پهہ کيس جواب ڏنو تہ: "جو نيت همارے امام کي، سو نيت هماري."

شيعن ۽ سنين جي نماز ۾، طور طريقي جي لحاظ کان، ڪافي فرق آهي. رڳو هٿ ڇوڙي پڙهڻ جي ڳالهہ ڪانهي. ليڪن، اها تہ فقط ظاهرداري آهي. اصل ڳالهہ عبادت آهي. اوهان هٿ کولي ڪيو، هٿ ٻڌي ڪيو، ڪوٽ پتلون پائي ڪريو، عربي لباس ۾ ڪريو يا سنڌي سلوار قميص ۾ ڪريو. توهان جي مرضي. ڪابہ بندش ڪانهي. خدا تہ ماڻهوءَ جي نيت ڏسي ٿو.

نماز پڙهي، پاسي واري ڪمري ۾ وياسون، جو ڇڳو وڏو ڪشادو هو. منجهس ويهن پنجويهن ماڻهن جي وهڻ لاءِ هيٺ غاليچن تي، پٺين جي پاسن کان طول وهاڻا رکيل هئا. سڀ مهمان ويهي ويا، تہ بهادر خان، حجازي صاحب ۽ منهنجي وهڻ لاءِ جاءِ اتي وڃي ٻڇي، جتي مجلس جي صدارت

لاءِ بہ طول وھاڻا رکيل ھئا. ميزبانن، انتھائي اخلاق سان، اصرار ڪري، اسان کي اتي وجي ويھاريو.

ڪجھہ دير کان پوءِ، ھرھڪ مھمان جي اڳيان پليٽون، ڇريون ۽ ڪانٽا رکي ويا. ان کان پوءِ خوبانيءَ، چيريءَ، موسمين ۽ مختلف ميون سان ڀريل خومچا کڻي آيا ۽ ھرھڪ کي پيش ڪندا ويا. سڀ ميزبانَ، وڏا وڏا ديني عالم ھئا ۽ اسلامي لباس ۾ ھئا. فقط ھڪ اڌڙوٽ عمر جو شخص قميص پتلون ۾ ھو، جو ايرانين جو عام لباس آھي. اردو صاف ٿي ڳالھايائين. مون تہ ائين سمجھيو، تہ ڪو ايراني- پاڪستاني آھي. نھايت خوش مزاج ھو. ماڻھوءَ جو آھي ٿي قرب ۽ اخلاص. انھيءَ جي ميزبانن ۾ ڪھي ڪانہ ھئي. اوچتو، قميص پتلون وارو اھو شخص اٿي بيٺو ۽ وڏي واڪي چوڻ لڳو:

روحِ خـمـيـنـي زنـدھـہ ھـئـہ،

اخـلاقِ خـمـيـنـي زنـدھـہ ھـئـہ،

کـردارِ خـمـيـنـي زنـدھـہ ھـئـہ.

ايتري ۾ ھڪڙو وجيہ ۽ قداور نوجوان، جنھن جي عمر ويھہ پنجويھہ ورھيہ ھوندي، وڏي وقار سان ڪمري ۾ داخل ٿيو. ڪيس ديني عالمن وارو لباس پيل ھو. قدرت کيس خوش شڪل ۽ خوش اخلاق جي نعمتن سان نوازيو ھو. سندس وار ننڍڙا ۽ سونھري رنگ جا ھئا ۽ اکيون حياءَ واريون ھيون. چپن تي پياري مشڪ ھئس. ڏاڍو سڀاجھو ھو. سڀ حاضرين محفل، ادب سھان اٿي بيٺا. جڏھن وينو، تہ ستر اسي ورھين جو ھڪ بزرگ، جيڪو امام خمينيءَ جو دستِ راست ھو، سو سندس پاسي ۾ اچي وينو. نوجوان جو نالو حسن خميني ھو. امام خمينيءَ جو پوٽو ھو.

اسان مان آغا موسويءَ لاھوريءَ سندس آجيان ۾ خوبصورت لفظ چيا ۽ پاڪستاني مندوبين جو تعارف ڪرايو. ان کان پوءِ، حسن خمينيءَ پنھنجي پاڪستاني مھمانن کي خطاب ڪيو. غالباً، پندرھن ويھہ منٽ ڳالھايو ھوندائين. پر، جيڪي ڳالھايائين، سو نھايت آرام سان ۽ بنا تصنع جي ڳالھايائين. سندس گفتگوءَ ۾ ڏاڍو تاثير ھو. سچائيءَ ۽ اخلاص ۾ ھڪ عجيب خوشبو ٿئي ٿي. پاڪستان ۽ پاڪستانين لاءِ ازحد محبت جو اظھار ڪيائين ۽ چيائين تہ "اسان تہ ائين ئي سمجھون ٿا، تہ ايراني ۽ پاڪستاني پاڻ ۾ ڀائر آھيون." ڪجھہ دير ڪچھري ڪري، جڏھن محفل مان اٿيو، تہ سڀ مھمان ۽ ميزبان سندس ادب ۾ اٿي بيٺا.

قدرت جا نوازيل ڪي ڪي انسانَ، حسن خمينيءَ وانگر، "ڪرشمہ ساز شخصيت" جا مالڪ ٿين ٿا. جڏھن ھو محفل ۾ آيو، تہ جڻ نُورَ جي شمع روشن ٿي وئي، ۽ جڏھن اٿي ويو تہ:

**پھر چراغوں میں روشنی نہ رہی**

اسان جا ميزبان حسن خمينيءَ کي 'خدا حافظ' چئي، موٽي آيا، تہ پاسي واري ڪمري ۾ وٺي ويا، جتي دسترخوان اڳيئي وڇايل ھئا ۽ ايران جو دستوري کاڌو، چانور، ڪباب، سلاد ۽ پيپسي ڪولا جون بوتلون رکيل ھيون.

ماني ڪائي اٿياسين ۽ هٿ ڌوتاسين، ته ڪتابن جا پاڪيٽ کڻي آيا. مون کي ۽ بهادر خان کي سڀ کان عمدو تحفو يعني فردوسيءَ جي شاهنامي جو (DELUXE EDITION) ڏنائون. ٻين مهمانن کي به سهڻا ڪلاسيڪي ڪتاب ڏنائون. مثلاً، رباعيات عمر خيام ۽ ديوان حافظ. -- تهران جي اها وڻندڙ شام گهڻن پاڪستاني مهمانن کان ڪانه وسرندي.

* * * *

تهران کان واپسيءَ جو سفر سڪون وارو هو. ايراني ميزبان ايئرپورٽ تي پهچائي ويا. حجازي صاحب، بهادر خان ۽ مون وچي ايئر پورٽ جي لائونج ۾، وڏي آرام سان چاءِ پيتي. پوءِ ايئرپورٽ واري سوکڙين پاکڙين جي دڪان تان، ڪرسي ۾ باقي بچيل ايراني سڪن مان ڪجهه خريداري ڪئيسون. تهران ۾ رهائش دوران به اسان، پنهنجي حال سارو، ڪانه ڪا شيءِ ورتي هئي. مثلاً: مون زعفران واري مصري ورتي هئي.

پهرئين ڀيري، جڏهن مان ۽ نواب نور احمد لغاري (مرحوم) ايران ويا هئاسين، تڏهن دوري ختم ٿيڻ تي، ميزبان اسان کي ايراني دستڪارين جي هڪ سٺي دڪان تي وٺي ويا هئا ۽ چيو هئائون ته پنهنجي لاءِ ايران جي ڪانه ڪا سوغات پسند ڪريو. دڪان ۾ گهڻئي وڻندڙ سامان پيو هو. پر، اسان جو حجاب ڏسي، ميزبانن کي چوڻو پيو ته، "اوهان اسان جا سرڪاري مهمان آهيو. اوهان کي جيڪي به سوغاتون پسند اينديون، سي ايران سرڪار اوهان کي نذر ڪندي."

ايران سرڪار جي اها حد درجي جي فياضي هئي. پر، اسان پوءِ به پنهنجو اخلاق ڏيکاريو. جڏهن ايراني ميزبانن ازحد اصرار ڪيو، ته اسان چاءِ پيڻ جي شيشي جي ننڍڙن ايراني گلاسن جو سيٽ ۽ رنگين چٽساليءَ وارو شيشي جو مرتبان پسند ڪيو. اهي سوغاتون مون وٽ اڄا محفوظ آهن ۽ تڏهوڪن ايراني ميزبانن جي محبت جو يادگار آهن.

هن ڀيري، اهڙي ڪابه نفيس شيءِ، اسان کي "القدس" اسٽور تي به نظر ڪانه آئي، جيڪو تهران جو سڀ کان مشهور ڊپارٽمينٽل اسٽور آهي ۽ شاهه ايران جي حڪومت ۾، غالباً، 'سائرس اعظم' جي نالي پنيان سڏبو هو.

هوائي جهاز تهران کان ڪراچيءَ پهتو، ته جيئن وڃڻ وقت ڪراچيءَ جي خانه فرهنگ ايران جو ڪوبه ملازم اسان کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ ڪونه هليو هو، تيئن وٺڻ به ڪونه آيو. سو، حجازي صاحب ايئرپورٽ تان ئي اسان کان موڪلائي، لاهور روانو ٿيو، ۽ بهادر خان صبح واريءَ فلائيٽ ۾ ڪوٽيا وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. مان حيدرآباد هليو آيس. سڄي سفر جو ٿورو گهڻو ٿڪ ته هو، سو ڏاڍي ننڊ آئي. ڏينهن ٻن کان پوءِ حيدرآباد جي خانه فرهنگ مان مظفر ملڻ آيو. مون ڪيس ڀاڪر پائي، شڪريو ادا ڪيو. ماڻهوءَ کي هرحال ۾ دوستن جي قرب جو قدر ڪرڻ گهرجي. جيڪو عزت ڏئي، تنهن کي ٻيڻي عزت ڏيڻ کپي.

*    *    *    *

ڏهن ڏينهن جي دوري جي آڌار تي، ايران جي اسلامي انقلاب بابت خاطريءَ سان راءِ ڏيڻ نہ ممڪن ڪونهي. هونئن بہ جوندا آهن تہ شريعت ظاهر تي آهي، يعني ماڻهو فقط ان بابت ئي راءِ ڏئي سگهي ٿو، جيڪي ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ اچي.

ويهارو ورهيہ اڳ چين جو هڪ وفد پاڪستان جي دوري تي آيو هو. موٽ تي هڪ اخباري بيان ڏنائين تہ "اسان پاڪستان ۾ خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جي تصوير (PICTURE OF PROSPERTY) ڏٺي آهي." اسان ايران ۾ اهڙي ڪابہ صورت ۽ مورت ڪانہ ڏٺي. پر، بک ۽ بيروگاري بہ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. ان باري ۾ هڪ ڳالهہ ڏاڍي اهم آهي، جا وسارڻ نہ کپي. سا، هيءَ تہ انقلاب ڄڻ تہ هڪ زلزلو آهي. زلزلي کان پوءِ حالتون درست ٿين، تنهن ۾ وقت لڳي ٿو. پر، ايران ۾ تہ انقلاب کان پوءِ بہ حالتن جي سازگار ٿيڻ جو موقعو پيدا ڪونہ ٿيو. ايران-عراق جنگ لڳي، جنهن ۾ لکين خاندان اجڙي ويا. مغربي ملڪن جو پيٽ اتي بہ ڪونہ ڀريو، سو، ايران کي ڏڪيو بکيو رکڻ لاءِ مٿس اقتصادي پابنديون (SANCTIONS) هنيائون، جيڪي اجا ڪونہ لٿيون آهن. انهن مڙني ڳالهين جا ملڪ جي معيشت تي تباهہ ڪن اثر پيا هوندا.

هڪ ڏينهن مون تهران جي "القدس" اسٽور تان ڪيلا ورتا. هوٽل ۾ اچي حساب ڪيم، تہ پاڪستاني سٺ رپين ۾ ٽي ڪيلا مليا.

تهران جي قديمي مارڪيٽ ۾ وياسين. اتي خشڪ ميوي جي دڪان تان پستا ورتاسون. سٺا هئا ۽ مناسب قيمت تي مليا. پر، مون کي ياد ڪونهي، تہ دڪان تي پستن خريد ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ماڻهن جو ننڍو يا وڏو ميڙ هو.

تهران ۾ مون ٽن جدا جدا موقعن تي ٽئڪسيءَ وارن کان پڇيو تہ 'اوهان اڳئين دور ۾ خوش هئا يا هاڻي؟' هڪ ڄڻي، روزگار ۽ ڪمائيءَ جي لحاظ کان موجودهہ دور جي تعريف ڪئي ۽ ٻن ڄڻن اڳئين دور کي ساراهيو.

شيريٽن هوٽل ۾ جيڪي زالون ڪمرن ۾ صفائيءَ جو ڪم ڪنديون هيون، تن جي پگهار تمام ٿورڙي هئي. مون حيران ٿي، هڪ کان پڇيو تہ "انهيءَ پگهار مان اوهان گذر ڪيئن ٿيون ڪريو؟"

آگر اُبي ڪري، جواب ڏنائين تہ، "رب جي رضا تي راضي آهيون."

پهرئين ڏينهن، شيريٽن هوٽل ۾، اسان کي ڪمرا ڏئي، هڪڙو ڇوڪرو سو برابر رشوت وٺڻ آيو هو. پر، انهيءَ کان پوءِ، ڪٿي بہ ڪو ٻيو اهڙو ماڻهو ڪونہ گڏيو، جنهن سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح اسان کان "بخشيش" گهري هجي.

اسان جي ملڪ ۾ مذهب جي نمائش گهڻي آهي. پر، ان جي تعليم تي عمل ٿورو آهي. ايران ۾

صورتحال ابتڙ آهي. ايراني حڪومت دين جي آبرو قائم رکي آهي. اهڙو ڪوبه ڪم ڪونه ڪيو آهي، جو ماڻهوءَ جو دين تان ئي روح ڪڄي وڃي.

مون کي ياد آهي تہ حيدرآباد ۾ ڪنهن زماني ۾ هڪ عمدي هوٽل هوندي هئي، جنهن جي پاسي ۾ مسجد هئي. هوٽل جي مالڪ مون کي پاڻ ٻڌايو تہ مسجد جي متوليءَ لائوڊ اسپيڪر جو منهن هوٽل ڏي رکيو. سو، رات جو جڏهن اوچتو بلند آواز سان بانگ جو آواز ايندو هو، تہ هوٽل ۾ رهندڙ ماڻهن ڪان ڇرڪ نڪري ويندو هو. مون مسجد شريف جي متوليءَ کي منٿ ڪئي، تہ مهرباني ڪري، ائين نہ ڪريو. انهيءَ تي هن هڪ بدران چار لائوڊ اسپيڪر هٽايا ۽ چئني جو منهن هوٽل ڏي ڪيو.

ايران ۾ اسان اهڙي قسم جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ ڏٺي. شيريٽن هوٽل ۾ اجتماعي طرح نماز پڙهڻ جو بندوبست ٿيل هو. پر، اسان ڪڏهن بہ ڪمرن ۾ لائوڊ اسپيڪر تان بانگ جو بلند آواز ڪونہ ٻڌو. هونئن، جن کي اجتماعي طرح نماز پڙهڻي هوندي هئي، سي نماز جي هال ۾ هليا ويندا هئا. ٻيا وري پنهنجن ڪمرن ۾ پڙهندا هئا. ڪير بہ ڪنهن کي مجبور ڪونہ ڪندو هو. اسان کي اجتماعي طرح نماز جو موقعو ٻن ٽن جاين تي مليو: هڪ امام علي رضا ۽ سندس همشيره جي روضن تي ۽ ٻيو حسن خمينيءَ جي دعوت ۾. هر ڀيري حقيقي سڪون آيو ۽ قرآن مجيد جو فرمان ياد آيو تہ 'دلين کي قرارُ خدا جي ذڪر سان ئي ايندو آهي.'

ايران ۾ هرشخص پنهنجي ڌنڌي ۽ روزگار سان هو. فقير تہ جڻ هئا ئي ڪونہ. تهران ۾، مشهد ۾، قم ۾، توڙي طوس جي پسگردائيءَ ۾، مون ڪنهن کي بہ پنندي ڪونہ ڏٺو. امير ۽ غريب ضرور هوندا. پر، ڪنهن کي بہ ٻيرين اگهاڙو ڪونہ ڏٺم.

ايراني عورتون ڏاڍيون حسين هيون. پر، مون ڪنهن کي بہ پنهنجي حُسنَ ۽ هار سينگارَ جي نمائش ڪندي ڪونہ ڏٺم. ٻيو تہ ٺهيو، ڪنهن بہ شهر جي ڪنهن بہ ديوار تي ڪو فلمي پوسٽر بہ نظر ڪونہ آيو، جنهن ۾ عريانيت جي جهلڪ هجي.

ليڪن، ويهہ ورهيہ اڳ، مان جڏهن شاهہ ايران جي حڪومت ۾، تهران ۾ پهريون ڀيرو "القدس" اسٽور ڏسڻ ويو هئس، تہ بہ خوبصورت ايراني خواتين، بظاهر، خريداريءَ لاءِ هيڏي هوڏي شيون ڏسي رهيون هيون. حقيقت ۾، پنهنجي حُسُنَ ۽ جِسمَ جي نمائش ڪري رهيون هيون. مردن جهڙيون سفيد قميصون ۽ انهن جي مٿان سفيد پينٽون پائي آيون هيون. پر، اهڙيون ٽائيٽ، جو اتي ئي لاهي بيهي رهن ها، تہ جيڪر ايتريون عريان ڪونہ لڳن ها.

ايران ۾ اسلامي انقلاب ڪانپوءِ هاڻي بہ عورتون هر هنڌ، آزاديءَ سان گهمن ڦرن ٿيون. پر، وڏي وقار سان. هرڪنهن کي ڪاري چادر ڍڪيل آهيءَ مٿي تي حجاب ٻڌل اٿس. مون علامہ طباطبائي

يونيورسٽيءَ ۾ پڇيو تہ اسلامي انقلاب کان پوءِ ڪلاس روم ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ پڙهن ٿا يا الڳ الڳ؟ ٻڌايائون تہ اسلامي انقلاب کان پوءِ تهران جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾، هڪ پروفيسر پنهنجي ڪلاس روم ۾ پارٽيشن ڏياري، شاگرديائين کي هڪ پاسي وهاريو ۽ شاگردن کي ٻئي پاسي. امام خمينيءَ کي انهيءَ ڳالھ جي خبر پئي، تہ هڪدم پارٽيشن کي هٽائڻ جو حڪم ڏنائين ۽ چيائين تہ اهو طريقو نہ رڳو "غيراسلامي" آهي. پر، "غير انساني" آهي.

* * * *

ايران جي هن دوري ۾ اسان کي ڪوبہ نندو اديب ڪونہ مليو. ليڪن، اڳي گهڻا مليا هئا، جن مان ڪن جا نالا اڃا ياد اٿم: استاد فروزانفر، پروفيسر عبدالحسين زرين ڪوب ۽ آغا جعفر محجوب. هاڪارو ايراني عالم، آقاي سعيد نفيسي مون ڪونہ ڏٺو. محمد حسين تسبيحي تہ خير منهنجو پراڻو دوست آهي ۽ ساڳيءَ طرح، خانم طاهره پڻ، جنهن جو هي انقلابي شعر، شاھ ايران جي دؤرِحڪومت جي عڪاسي ڪري ٿو:

تو گاھ کي چيٽارڻ لاءِ مٿس سيمنٽ ۽ ڪانڪريٽ جو پلستر چاڙهيو،
پر، ڏِسُ تہ گاھ جا پن، فرش کي ٽوڙي، ڪيئن نہ ٻاهر نڪري آيا آهن!

تهران ۾ ڪتابن جي دڪانن جي ڪمي ڪانہ هئي ۽ دڪانن ۾ وري ڪتابن جي ڪمي ڪانہ هئي. هئا سڀ فارسيءَ ۾. لاچار ڪو انگريزيءَ ۾ هوندو. پر، دڪانن ۾ گهڙڻ سان معلوم ٿي ٿيو، تہ ماڻهن ۾ ڪتابن جي خريداريءَ جو ڏاڍو شوق آهي. چيائون تہ عام طرح ڪتاب جون ٽي هزار ڪاپيون ڇپجن ٿيون ۽ ٻن ٽِئن مهينن ۾ وڪامي وڃن ٿيون.

* * * *

پاڪستان جي اينمبي ڏماڪن جو ايران ۾ پڙلاءُ هو ۽ ايراني انهيءَ ڳالھ تي خوش هئا تہ اسلامي بلاڪ ۾ هاٿي نيوڪليئر ٽيڪنالاجي آهي. هو اسان سان سياسي گفتگو اصل ڪونہ ڪندا هئا. پر، انهيءَ ڳالھ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيائون. ساڳيءَ طرح، انهيءَ ڳالھ تي بہ ڪليوڪلايو افسوس جو اظهار ڪيائون تہ "اوهان جو ملڪ تہ آسودو آهي. پر، اوهان جي قِيادَتَ، قومي پئسو خزاني ۾ وجهڻ بدران، پنهنجي 'پرس' ۾ وجهندي رهي آهي."

هو سياسي مسئلن تي گفتگو شايد انڪري ڪونہ ڪندا هئا، جو ايران ۾ اظهار خيال جي آزادي ڪانهي. چوڏهين ڊسمبر تي بي.بي.سي. خبر ڏني، تہ ايران ۾ ٽي دانشور قتل ٿي ويا آهن، جو تہ. اهي "خيال جي اظهار جي آزاديءَ" جا حامي هئا. انهيءَ واقعي تي تهران ۾ گوڙ ٿيو. عورتن، مظاهرا ڪيا. ستين جنوريءَ تي بي. بي. سي. وري ٻڌايو تہ دانشورن جي قتل ۾، خود سرڪاري

ايجنسين جا جاسُوسَ ملوث هئا. ايران جي رهبر ۽ صدر، ٻنهي ڄڻن، قتل جي انهيءَ واقعي جي سخت مذمت ڪئي آهي. انهيءَ پس منظر ۾، انگلستان جي مشهور اخبار، "مئنچيسٽر گارجين" موجوده صورتحال تي هي "تبصرو" ۽ "تجزيو" شايع ڪيو آهي:



A Stunning admission by the Iranian secret police last week that death squads drawn from their ranks were responsible for murdering dissident intellectuals seems certain to give President Mohd. Khatami more contrl over law enforcement.

It is perhaps the first time in Iran's modern history that such an admission has been made by powerful forces in the ruling establishment. The fact that it came from the secret police is even more extraordinary.

Many in Iran suspected that hard-liners were responsible for the murders, but few could have imagined the veil of secrecy that protected them would be lifted.



Reformers supporting Mr. Khatami were quick to claim victory in the political battle.

Since President Khatami came to power in May 1997 he has pushed for reform of all government institutions.

The statement included a promise to end the violence that has destablised Iran for years and to provide security for all law-abiding citizens.

*The* **Guardian, Weekly** Vol 160, No 3, Week ending January 17, 1999

* * * * *

طلوعِ اسلام کي هاڻي چوڏهن سؤ سال گذريا آهن. پر، "خلافت راشده" جو زمانو فقط 'ٽيهارو ورهيه' چون ٿا. (ٻيو ڪٿي ان ۾ عمر بن عبدالعزيز جي خلافت جا ٻه ٽي سال شامل ڪجن). باقي ته سمورو عرصو "خلافت" نالي ۾ هئي؛ اصل ۾ "ملوڪيت" هئي. ملوڪيت (بادشاهت) ۾ ڇا نٿو ٿئي! ڪيئي ڪيسَ ٿي وڃن ٿا.

بداخلاقي بادشاهن جو زيور آهي. رڳو شاهه ايران بداخلاق ڪونه هو. اڪثر، بادشاهه ائين هوندا آهن. ليڪن، ڪوبه سماج، ڪابه سوسائٽي، پوءِ اهو بادشاهي نظام تي ٻڌل هجي، يا جمهوري ۽ عوامي نظام تي مبني هجي، "اعليٰ اخلاق" ڪانسواءِ هلي نٿو سگهي. جارج برنارڊشا "Apple Cart" نالي هڪ ڊرامو لکيو آهي، جنهن ۾ انگلستان جي بادشاهه جو ذڪر آهي. هڪ پڙهيل ڪڙهيل خاتونءَ سان سندس دعا سلام آهي. بادشاهه جڏهن امورِ سلطنت مان ٿڪجي ٿو، ته انهيءَ خاتونءَ وٽ چانءِ پيئڻ ۽ صلاح و مشورو ڪرڻ (TEA AND SYMPATHY) واسطي وڃي ٿو: هڪ ڏينهن، هوءَ چويس ٿي ته:

"ڏس، مان ڪهڙي نه سهڻي ۽ عقلمند آهيان. توکي ڪهڙيون نه سٺيون صلاحون ڏيان ٿي. تنهنجي راڻي ته بس گوبيءَ جو گل آهي. مون سان شادي ڪر، ته تنهنجا سڀ سور لاهي ڇڏيان."

بادشاهه ڏيرج سان سمجهائيس ٿو ته:

"اميندا، اسان هن دنيا جا انسان، آسمان جي تارن وانگر آهيون. تارن جي وچ ۾ رڳو ڪشش ڪانهي. بي پناهه مفاصلو بہ آهي. جڏهن بہ ٻن تارن جي وچ ۾ "ڪشش" "مفاصلي" تي غالب اچي ٿي، تڏهن ٻئي تارا پاڻ ۾ ڀاڪر پائي ڪونہ ٿا ملن. هڪٻئي سان ٽڪرائجي، ذرڙا ذرڙا ٿي وڃن ٿا. ڪائنات جو نظام "توازن" تي منحصر آهي. توازن جو ٻيو نالو "اخلاق" آهي. ڪوبہ انساني سماج اعليٰ اخلاق ڪانسواءِ هلي نٿو سگهي."

* * * * *

آدم جو اولادُ، آد جڳاد کان وٺي، هرهنڌ، بک، بيماريءَ، ڏوهہ ۽ خوفَ کان نجات جي تلاش ۾ آهي. ڪڏهن هو اهو ڪيميائي نسخو جمهوريت ۾ ڳولي ٿو، تہ ڪڏهن اشتراڪيت ۾. يورپ ۾ صنعتي انقلاب نہ اچي ها، تہ جمهوريت جا ساوا سلا زور ڪونہ وٺن ها. روس ۽ چين ۾، اشتراڪي انقلاب نہ اچي ها، تہ ماٺهو اتان جي بادشاهي نظام ۾ اجا پيڙبا رهن ها.

طلوعِ اسلام (ADVENT OF ISLAM) انساني تاريخ جو عظيم انقلاب هو. انهيءَ جو اصل ڪمال اهو ڪونہ هو، تہ ڏاچين جو کير پيندڙ، اڻ پڙهيل عربن، ايران جي تختَ ۽ تاج کي لتاڙي، چيٿاڙي، ذرڙا ذرڙا ڪري ڇڏيو. اسلام جو اصل ڪمال اهو هو تہ اڻ پڙهيل ۽ وحشي عربن ۾، اهڙا اعليٰ انسان پيدا ڪيائين، جيڪي هن ڌرتيءَ تي "سڄيءَ انسانذات جي سونهن" ثابت ٿيا. منٽگمري واٽ جي لفظن ۾، "اعليٰ انساني اخلاق جا مثالي نمونا بڻيا." صديون گذري ويون آهن. پر، اڄ بہ دنيا کين سڪ سان ساري ٿي.



اسان جي دور ۾، امام خميني انهن ئي اعليٰ انسانن جو روحاني جانشين هو. هن پنهنجي قول ۽ عمل وسيلي، ان ڳالهہ جو ثبوت ڏنو، تہ انسانُ، اعليٰ اخلاق وسيلي، اقتدار ۽ دولت جي مقناطيسي ڪشش تي بہ غالب اچي سگهي ٿو.

امام خمينيءَ، اسلامي انقلابَ ڪانپوءِ، ايران ۾ زرعي سڌارا (LAND REFORMS) آندا. پر، اهڙا نہ، جهڙا اسان جي ملڪ ۾ حڪمرانن آندا هئا. تازو، پاڪستان جي مشهور "ٻاويهن امير ترين خاندانن" جي ملڪيتن بابت هڪ ڪتاب شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ سندن ملڪيتن جا انگ اکر ڏنل آهن. منجهس سنڌ جي هڪ وڏي زميندار لاءِ لکيل آهي تہ وٽس هڪ لک ايڪڙ زمين آهي ۽ ٻئي وٽ اسي هزار ايڪڙ آهي. گويا، اسان جي ملڪ ۾ زرعي سڌارن اچڻ ڪانپوءِ وڏن زميندارن جي زمين پاڻ وڏي آهي.

شاهہ ايران جي حڪومت ۾ بہ ائين ئي هوندو هو. وڏا وڏا زميندارَ ڏاڍمڙسيءَ سان ننڍن ننڍن آبادگارن جي زمين زوريءَ ڦٻائيندا هئا. شاهہ کان وڌيڪ "شاهہ پرست" هوندا هئا. سو، ڪوبہ سرڪاري اهلڪارُ، سندن وارُ ونگو ڪري ڪونہ سگهندو هو.

امام خمينيءَ اسلامي انقلاب آندو، تہ هڪ طرف اهڙن زميندارن کان ناجائز زمينَ کسيائين ۽ اصل حقدارن کي موٽائي ڏنائين. ٻئي طرف، سموري سرڪاري زمين عام هارين کي ورهائي ڏنائين تہ "وڃي کيڙيو ۽ کائو."

اهو طريقڪار، ٿوريءَ ڦير گهير سان، هندستان ۾ بہ رائج ٿيو. زمينداري ۽ جاگيرداري ختم ٿي وئي. هاڻي هندستان ۾ ڪوبہ آبادگار وڌ ۾ وڌ چويهہ ايڪڙ زمين رکي سگهي ٿو. چين، روس ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن ۾ تہ زميندارن جو وجود هاڻي ميوزيم ۾ بہ نظر ڪونہ ٿو اچي.

شاهہ ايرانُ، مغربي ملڪن جو ڪارندو هو. سو، ايران جي آسپاس سڄي علائقي ۾ سندن پوليس وارو (POLICE-MAN) سڏبو هو. پاڻ ويو تہ ايران جو نقشو ئي بدلجي ويو. امام خمينيءَ مساوات محمديءَ تي عمل ڪيو. غريبن جي مٿي تي هٿ رکيو. شيڪسپيئر پنهنجي لافاني ڪلام ۾، "انتهائي غربت" کي (HOMELESS POVERTY) سان پيٽيو آهي. امام خمينيءَ انهن ئي اجڙيل ماڻهن کي اجهو ڏنو. سندن اکين جا ڳوڙها اگهيا. مغربي سرمايہ دار ملڪن کي اها پاليسي پسند ڪانهي. سو، هو ايران جي اسلامي انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪندا.

چنگيز خان ست سوَ سال اڳ چين فتح ڪيو هو. دنيا جا فوجي ماهر اهو معمو حل ڪري نٿي سگهيا، تہ گوبيءَ جي رڻ پٽ جو هڪ اڻ پڙهيل ۽ رولاڪُ شخصُ، چين جي "ديوارِعظيم" (GREAT WALL) جي حفاظت ڪندڙَ، فوجي ڪرنيلن ۽ جرنيلن تي ڪيئن غالب پئجي ويو؟

تاريخنويسن کي انهيءَ سوال جو جواب آخرڪار چنگيز خان جي هڪ قول ۾ ملي ويو. چيائين تہ "ڪنهن بہ ديوار جي مضبوطي انهيءَ ڳالهہ تي منحصر آهي، تہ ان جا محافظَ، ڪيتريءَ دليريءَ سان ان جو بچاءُ ڪري سگهن ٿا."

ايران ۾ اسلامي انقلاب جي ڪاميابي بہ انهيءَ ڳالهہ تي منحصر آهي، تہ اتان جي موجوده قيادت، امام خمينيءَ جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪيتري جرئت ۽ صلاحيت رکي ٿي.



# ڪھاڻيون

"ٻارن، عورتن، نوڪرن، ڪمزورن، غريبن ۽ بي سمجهن جون غلطيون دراصل مائٽن، مُڙسن، مالڪن، طاقتورن، مالدارن ۽ عالمن جون غلطيون هونديون آهن. جيتريقدر ٿي سگهي، ماڻهن کي صحيح رستو ڏيکاريو. ماڻهن جي گمراهيءَ جو ذميوار اسان جو سماج آهي، جيڪو انهيءَ اونداهيءَ کي عام ٿو ڪري، جيڪا گناهه ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. انهن گناهن جي ذميواري گناهه ڪرڻ وارن تي نه، بلڪ انهن تي آهي، جيڪي معاشري کي اونده سان ڍڪيو ڇڏين." - **وڪٽر هيوگو**

گرمين ۾ موڪلن ۾ ڳوٺ اچبو تہ هيءُ پيو حويليءَ تي لامارا ڏيندو ۽ هٽ اچي ويومانس تہ سڪ سان باغ گهمائيندو. مِنا سُنا ٻول ٻڌائيندو. سوٽ ماسات گڏ ٿي اٿي ڏڪر يا بيت بال کيڏندا هياسين تہ ڪنڌ تي هٿي بيهندو جو اسان جا مت مائٽ شايد سندس يتيمي، غربت يا باغائي هجڻ ڪري ڪيس گهٽو ويجهو اچڻ ڪونہ ڏيندا هيا. ڇوڪرا بہ کيس گهٽو تتو راند ۾ شامل نہ ڪندا هيا. پر پوءِ سڀ گهرا ٿيندا ويا. ڇرچي گهبي ۾ مامي شمن تي ڪِلن جا هوڪرا هوندا هيا. مامي کي بيت بال راند جو شوق هوندو هو. ڪڏهن تہ زوري فيلڊنگ ڪندو هو ۽ اسان کي بال ڪٽي آڻي ڏيندو هو. اسين بہ کيس ڏاڍو ڊوڙائيندا هياسين. جڏهن ٿڪبو هو تہ مون کي منٿ قياس ايندو هو.

"ماما تون هاڻي ويهي رهہ."

هو سهڪندي چوندو هو، "پلا منهنجو وارو ڪڏهن ايندو."

هُن غريب جو وارو مڙئي گهٽ ايندو هو. بيو مامي شمن کي ڳائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. اُن وقت جا مقبول فلمي گانا پنهنجي بي سري آواز ۾ پيو ڳائيندو هو. گهٽو تٽو هوٽلن تي ويهي بي آني واري ڪوپ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وينو گانا ٻڌندو ۽ اُنهن ڳائڻ سان وينو ڳائيندو. پيسا نہ هوندس تہ ڪٿان بہ پٽي سٽي هوٽل تي ويهندو ضرور. ائين کيس هوٽل تي ويهڻ جي جُوس پئي. ڪڏهن سُري ايندو:

"مائٽ! پلا بہ چار آنا آهن."

خرچي ئيَ بہ آنا ملندي هئي، ڪدي ڪٽي ترپءَ تي رکندو هيومانس. ڪٽي ڊوڙ پائيندو. ٻئي ڏينهن ملندو تہ نوان گانا ڊُنَ ڊُنَ....ڪري ڳائيندو. محمد رفيع جو تہ عاشق هوندو هو، اُن جو ڳايل هيءُ گانو:

"غريب جان ڪي مجهہ ڪو نہ تم ڀلا دينا."

ور ور ورجائيندو "غريب جان ڪي..... غريب جان ڪي....!"

مان جيڪڏهن جهونگاريندو هيس، "غريب جان ڪي!" تہ يڪدم ڪٽي وات تي هٿ ڏيندو:

"مائٽ تون تہ نہ چئہ!"

"ڇو!"

"تون غريب ٿوروئي آهين. غريب تہ مان آهيان، شمس الدين غريب!"

خبر تڏهن پئي تہ "غريب" سندس تخلص ٿي ويو ۽ فلمي گانن جي طرز تي ڪلام چوندو. جڏهن جو چيائين، "غريب جاٽي وجهاڻ نہ هنڙو ڇڏائي..." تہ سڄي سنگت ڪٽي منهن مٺو پنيو. سوٽ گلڻ تہ ڪِڏ هوندو هيس.

"اڙي شمس‌الدين غريب! ڪارا بيدولا! ڪهڙي توکي هنڙو ڏيندي؟ چئہ تہ 'غريب جاٽي پلي وجهاڻ هنڙو ڇڏائي.' يار اسين جو وينا آهيون، پلي اچي."

سوٽ گلڻ کيسي کي ڪڙڪائيندو بہ چار دينگلا رپيا ڪٽي ڏيکاريندس. بنهہ رُسي ويندو. يار پرچائي وني ايندس تہ اُهڙي جو اُهڙو.

"مون تي ٿوکون ۽ چٽرون پلي ڪريو، پر سوٽ! منهنجي محبوب لاءِ ڪجهہ نہ چئو."

سندس غريبي حال کي ڏسي اسان مان هرڪو بہ چار آنا ڏيندو هيس تہ خوش ٿي ويندو.

هڪ ڏينهن ونگ تي چڪر پئي ڏناسين، تہ مون وڏا گول ڳاڙهسرا انگور ڏٺا. وڏي وجي هٿ وڏم. رپئي جا ڪٽي ورتم.

"سوٽ هيءُ تو ڇا ڪيو؟ اجايا پيسا پريئہ. مان ٿو توکي انگور آڻي ڏيان. مان اجڪلهہ انگورن جي باغ ۾ نہ ڪم ڪندو آهيان."

ٻئي ڏينهن دونو انگورن جو گهر ڏئي ويو. مون کي احساس ٿيو. عيد جي تازي خرجي ملي هئي، بہ رپيا ڪٽي ڏنامانس. ڏاڍو خوش ٿيو.

گهر پهتس تہ امڙ يڪدم چيو، ”شمن هيءُ کهڙا انگور ڏيئي ويو آهي، ڪتا تڙهه!“
وري جو ڪنهن ٻڌايس تہ مون ڪيس بہ رپيا ڏنا آهن تہ ٻنهي برُ تي ويئي.
”هنن ڪتن انگورن جا بہ رپيا! ڪتا انگور باغ تان چورائي، اسان جا يار تو ڦُري! بيهہ، تہ مان تي ڏسانس!“
مامي شمن کي ڏيڏيءَ ۾ گهرائي اهڙي دٻ ڏنائينس جو مامو ٻنهي گم ٿي ويو. نيٺ هڪ ڏينهن منهن ۾ مليو.
”ماما هيءُ ڀلا چاهي.“
”بس سوٽ، ڳالهہ ڇڏي ڏي. غريبن جا انگور هميشہ ڪتا نڪري پوندا آهن.“
ڳوڙها ڳڙي پيس. اسان بہ پڙهائي سانگي گهٽو ٿو ٻاهر، وقت ائين گذري ويو. مامو ٻنهي وسري ويو. ڪڏهن عيد براد تي ملندو تہ ٻنهي منجهيل ۽ مرڪون ڪسيل. وڏيڪ ڪارو پيو لڳندو.ڏکن ڏوجهرن هٿي ڪيس پورو ڪري ڇڏيو هو. ڪڏهن ڪٿي پورهيو، ڪڏهن ڪٿ نوڪري يا وري ڇپو مٿي تي. مڙهي ماءُ مرڻ کان اڳ هڪ يتيم مائٽياٽي ڪٿي پرڻايس. ٻنهي ونجي ويو. ٻار ٻچا ٿيس تہ ڪُبو ٿي ويو. ڪاڏي ويا گانا بجانا، ڪاڏي ويون هوٽلون، ڪاڏي ويا ٺهڪ ۽ مُرڪون! جي وقت کي جهل ڪانهي تہ زماني کي بہ روڪ ڪانهي. مامو اڄ بيحال هيو. سندس پٽ بہ ڇبو ڪنيون پيو هوڪا ڏئي. سوچن جي دهشتي درياهہ مان نڪري واپس چونڪ وٽ پهتس ۽ ڏٺم تہ نينگر ڪونہ هيو. پٺ ورائي مامي جي گهر ڏي ڏٺم. دم نہ جهلي سگهيس، ”ڪهڙي منهن سان وڃان، يا ڪا ٻي ويل وڃان. سندس نينگر بہ نہ ڪونهي.“ اهي ويچار ويچاريندو گهر پهتس تہ ڏسان تہ در کان ٿورو پريرو مامي شمن جو پٽ ڇبو ڪنيون بينو آهي.
”اڙي بابا! تون هت بينو آهين. مان توکي اُتي پيو ڳوليان. پٺين بيمار آهي، پڇڻ هلونس ها.“
هو سُري آيو. ”ها سائين، بابا بيمار آهي، توهان انگور وٺندو....ڏادا مِنا سُنا اٿو....؟
ڇبو ڪٽي آڏو ڪيائين. اُهي ئي ڳاڙهسرا گول ساوا انگور. مان جڻ تہ ڪي زمانا پوئتي هليو ويس. يادگيريون وڻ ويڙهيءَ وانگر ويڙهي ويون. ڏاڍي ڏکيائيءَ سان جان ڇڏائي سُڪائيندڙ وڻ ويڙهيءَ وارين ولين جي جار مان نڪري آيس. شڪر جو اُن وقت اجان بينو هو. مون يڪدم کيسي مان سؤ رپين جو نوٽ ڪڍي ڪيس ڏنو. ”هيءُ مامي کي ڏجانءِ.“
هو ڪا گهڙي نوٽ کي ڏسندو رهيو، پوءِ انگورن جو سڄو ڇبو ڪٽي مون ڏانهن وڌايائين.
”سائين! هيءُ توهان جا انگور.“
مان هبڪي بيهي رهيس. اکين ۾ پاڻي پرجي آيم. جهڪي بہ چڳا انگورن جا ڪنيم. پني ۾ ويڙهيم. نينگر جي مٿي تي هٿ ڦيريم، ڳوڙها ڳڙي پيا. تڪڙو پٺ ورائي گهر ۾ گهڙيس. سامهون وڏي ڀيڻ بيني هئي. امڙ تہ هاڻ هئي ڪانہ. گهر جي وڏي بہ اُهائي هئي ۽ ڳوٺ ۾ گهر بہ اُها سنڀاليندي هئي.
”ڀائو، ٻاهر مامي شمن جو پُٽ هو نہ، هوڪا پئي ڏنائين.“
مون اخبار ۾ ويڙهيل انگور کيس ڪٽي ڏنا. ڳالهائڻ جي سگهہ ڪانہ هيم. منهنجو ڀاٽيجو جيڪو اڳ ٻاهر بينو هو، اندر گهڙي آيو.
”امان، ماما وڏي اهي سؤ رپين ۾ ورتا آهن.“
انهيءَ وچ ۾ ادي وڏيءَ بہ انگور ڪٽي وات ۾ وڌا، ڪتا تڙهہ لڳس.
”سو رپيا! پر ڀائو، هيءُ تہ انگور ٻنهي ڪتا آهن.“
مان پر ۾ پيل کٽ تي ويهي رهيس. مان وڏو زمانو لتاڙي وڏو سفر ڪري آيو هيس. ٻنهي ٿڪجي پيو هئس.
”امان منهنجي! زماني جو دستور ائين ئي آهي، غريبن جا انگور هميشہ ڪتا نڪري پوندا آهن.“

•

انيس انصاري

# ميڊم فاخره

ميڊم صابره جي سختي ڏاڍي مشهور هئي. ڇوڪرين ۽ ٽيچرس جي پاءُ يا پيءُ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ ساڻن ملڻ جي اجازت ڪانہ هوندي هئي. البت شادي شده ٽيچرس جي حالت ۾ انهن جي مڙسن کي انهن سان ملڻ ڏنو ويندو هو. ڪزن جي نالي کان تہ بيزار هوندي هئي. روبرو ملڻ تہ وڏي ڳالهہ هئي، ڪاليج جي ٽيليفون تي بہ مٿي ذڪر ڪيل عزيزن کان سواءِ ٻين کي ساڻن ڳالهائڻ بہ نہ ڏيندي هئي. البت ضروري ۽ بي ضرر نياپا پاڻ (سندس غيرحاضريءَ ۾ وائيس پرنسپل) وصول ڪري واسطيدارن کي پهچائيندي هئي. ان ڪاليج جي خصوصيت اها بہ هئي جو چوڪيدار کان سواءِ سمورو اسٽاف عورتن تي مشتمل هوندو هو. ڪيس معلوم ٿيو تہ ميڊم فاخره کي سندس فرسٽ ڪزن ڪار ۾ ڪڏهن ڪڏهن لفٽ ڏئي گهر پهچائيندو آهي. هڪ ڏينهن ذڪر ڪندي فاخره ڪيس ٻڌايو تہ سندس سوٽ شاهد گارمينٽ فيڪٽري جو مالڪ آهي. هو آفيس مان موٽندي ڪيس ڪڏهن ڪڏهن اُن جي گهر القصر چڙي، جاتہ ڀي پنهنجي ڪلفٽن جي بنگلي تي ويندو آهي. اهو بہ ٻڌايائينس تہ هو ساڻس شادي ڪرڻ وارو آهي.

ميڊم صابره شرلاڪ هومز تہ ڪانہ هئي جو وٽي پيرا ڪڍندي. هوءَ ان ڳالهہ تي محڪم هئي تہ سندس جوابداري. ڪاليج جي ٻاهرين گيٽ جي چائنٽ تي اچي ختم ٿئي ٿي. شاهد جي گاڏي بہ تہ چائنٽ کان ٻاهر بيهندي هئي.

هڪ ڏينهن ميڊم فاخره جي والده پرنسپل سان ڳالهائڻ گهريو. ميڊم صابره جي هيلو چوڻ تي شڪايت ڪيائين تہ فاخره هفتي ۾ هڪ اڌ ڏينهن ڪاليج ۾ فنڪشن يا ميٽنگ ڪري گهر دير سان پهچندي هئي. وڌيڪ چيائين، "ميڊم! اهڙن فنڪشنن يا ميٽنگن جو تعداد گهٽائي نٿو سگهجي؟ اڄ بہ فاخره ڪانہ پهتي آهي. مناسب سمجهو تہ فنڪشن يا ميٽنگ مان ڪيس گهرائي وٺو، مون کي ساڻس ضروري ڳالهائڻو آهي."

ميڊم صابره چيو، "ڀيڻ! اسان وٽ ٽن مهينن ۾ ڪو فنڪشن ٿيو ئي نہ آهي. البت پگهار ملڻ واري ڏينهن ڪجهہ دير ضرور ٿيندي آهي. ڪشش جو معاملو آهي نہ؟ ڪاليج اڄ بہ وقت تي بند ٿيو هو ۽ ميڊم فاخره کي سندس سؤٽ شاهد صاحب ڪار تي وٺڻ آيو هو."

"پوءِ ٺيڪ آهي. مون کي بہ ڪيس اهو نياپو ڏيڻو هو تہ ڪاليج مان سڌو چاچي جي گهر سندس طبيعت جو پڇڻ وڃي. مان سَنڌن جي سور جي ڪري گهمڻ نڪري بہ نہ سگهندي آهيان."

فاخره گهر پهتي تہ سندس والده دستوري آءُ - پيڪٽ کانہ ڪيس ۽ ان کي چيائين تہ ڪپڙا تبديل ڪري وٺس اچي جو ساڻس ڪيس ڪجھہ ڳالهائڻو هو.

"فاخره! تنهنجي لاءِ منتي آئي آهي."

"امان! مان پي.ايچ.ڊي ڪرڻ کان اول شادي نہ ڪنديس."

"ڊاڪٽريٽ شاديءَ بعد بہ تہ ڪري سگهجي ٿي نہ؟"

"نہ امان! شادي بعد ماڻهو جهنجهٽ ۾ ڦاسي وڃي ٿو."

"چوڪري! ٻڌ تہ سهين، رشتو ڪير ڪرڻ ٿو گهري."

"ڪير بہ هجي، مان شادي کانہ ڪنديس."

"پوءِ رشتو گهرندڙ ڪٿي تنهنجو سؤٽ شاهد چو نہ هجي!"

فاخره جون لوندڙيون ڏنوڻ لڳيون. پهر وني ويس. ڪرڻ تي هئي تہ ماڻس وجي جهليس. آهستگي سان صوفي تي ويهاريائينس ۽ گلوڪوس جو گلاس اچي هٿ ۾ ڏنائينس.

فاخره کي سوٽ ڪونہ هو.

"فاخره! ڪالهہ اوهان جي والده اوهان لاءِ پڇيو هو. مون ڪيس ٻڌايو تہ هوءَ ڪاليج بند ٿيڻ بعد پنهجي سوٽ شاهد سان گڏ رواني ٿي وئي آهي. اوهان کي جي اوڏانهن وڃڻو هو تہ پنهنجي والده کي اڳوات ٻڌايو تہ ها، ڪيس ڏاڍو انتظار ٿي پيو هو."

"ها ميڊم! شاهد صاحب ٻڌايو تہ چاچي سائين جي طبيعت اوچتو وڌيڪ خراب ٿي ويئي هئي. بيمار تہ ڪافي ڏينهن کان آهي، ان ڪري اوڏانهن هلي ويئي هيس."

"اوهان جي والده کي بہ اهو نياپو ڏيڻو هو تہ اوهان ڪاليج مان سِڌو اوڏهن وڃو."

فاخره کي هاڻي معلوم ٿيو تہ سندس والده کي شاهد بابت ڪنهن ٻڌايو هو.

فاخره جا والدين هروڀرو پراڻن خيالن جا بہ نہ هئا. هو پنهنجي اڪيلي نياڻيءَ جي شادي سندس مرضيءَ مطابق ڪرڻ چاهين پيا. البت فاخره جي والده کيس چيو تہ جيسين معاملو پڪو نہ ٿئي تيسين شاهد صاحب سان ڪاليج بعد نہ ملي. فاخره پنهنجي والده کي يقين ڏياريو تہ شاهد صاحب سان سندس ڪابہ ويجهائي کانہ هئي.

فاخره سلجهيل چوڪري هئي ۽ هئي بہ يقين جي قابل.

ٽن ڏينهن بعد آنٽي ڪرمان کي شاهد صاحب کان "شينيل-٥" پرفيوم عيد جو تحفو مليو.

هڪ ڏينهن فاخره ماءُ کي ٻڌايو تہ شاهد صاحب جا وڏا فوت ٿي چڪا هئا. سوٽن سان ملڪيت تي سندس ڪيس پئي هليا. ان ڪري سندس گهر جا ڀاتي رشتي گهرڻ لاءِ اچي نہ سگهندا. البت شاهد صاحب ڪن دوستن سان گڏجي ايندو.

ماڻس چيس، "ڌيءَ! اڄ ڪلهہ سنا رشتا ڏاڍا مشڪل سان ٿا ملن. ماڻهن تي اعتبار بہ نٿو جمي. ڳوٺ ۾ شادي ڪري ٻي اچي ٿا شهر ۾ ڪن. ان کان سواءِ ماڻهن جو حسب نسب بہ ڏسجي. منهنجو تہ خيال آهي تہ شاهد صاحب جي ڳوٺ ماڻهو ڀيجا ڳاڇا لاءِ موڪلجي. هتي بہ پڪ ڪجي تہ سندس چال چلت ڪيئن آهي، آمدني وغيره ڪيتري اٿس."

مُنهن سُجائي فاخره چيو، "امان! سندس ڪيريڪٽر جي گواهي مان ڏيندس. ايترن ڏينهن جي واقفيت هوندي ڪڏهن هن گٿو لفظ زبان مان نہ ڪڍيو آهي ۽ نہ ويجهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئين. ڪلفٽن ۾ بنگلي رکندڙ، قيمتي ڪار ۾ گهمندڙ ۽ گارمينٽ فيڪٽري جي مالڪ بابت اوهان ڪهڙي ڀيجا ڪندا. مون تي يقين ڪيو امان."

ماڻس ڪٺي بس ڪئي.

ڪاليج ۾ فاخره جي ويجهي دوست ڪنوينٽ ۾ پڙهيل ڪرسچن مس پنڪي هئي. هڪ ڏينهن ڪامن روم ۾ ٻئي سهيليون اڪيليون ويٺيون هيون.

Madam Pinki said, "Fakhur! I feel jealous about your fiancee. Such elegant personality! What an expensive car he drive.Will you please exchange him with my fiancee John?"

فاخره چيس: " چپ بي شرم!" پنڪي چيو: "All was in a joke" ٻئي ڄڻيون کلڻ لڳيون.

فاخره هروڀرو ايڏي فارورڊ بہ نہ هئي. ان ڪڏهن شاهد سان سندس آفيس ۾ ڪونہ ڳالهايو هو. ميڊم صابره جي هڪ سهيلي آمريڪا مان آئي هئي، جنهن کي هن تريت ڏيڻ ٿي چاهي. فاخره سان ان ذڪر ڇيڙيو تہ کيس شاهد صاحب جي گاڏي ٻن ڏينهن لاءِ ڊرائيور سميت گهربل هئي.

فاخره فيڪٽريءَ جو نمبر ملايو.

"رسيپشنسٽ!"

"مان مالڪ سان ڳالهائڻ چاهيان ٿي."

"اوهان جو نالو."

"اوهان فون ملايو."

"او.ڪي ميڊم."

"هيلو! عرفان اسپيڪنگ."

"عرفان صاحب! مان فيڪٽريءَ جي مالڪ سان ڳالهائڻ گهُران ٿي."
"ڳالهايان ٿو."
"مذاق ڇڏيو. مان شاهد صاحب سان ڳالهائڻ گهُران ٿي."
"اوهان ڪير ٿا ڳالهايو؟"
"اوهان جو ان ۾ ڇا؟"
"اوهان ميڊم فاخره ته نه آهيو."
حيرانيءَ مان، "ها."
"معاف ڪجو ميڊم، شاهد صاحب ضروري ميٽنگ ۾ آهي. اوهان پنجن منٽن بعد فون ڪجو يا پنهنجو نمبر عنايت ڪيو."
"مان بعد ۾ فون ڪنديس."
ڪنيڪشن ڪٽجڻ سان ئي عرفان شاهد کي چيو: "شاهد! ميڊم فاخره فون ڪئي هئي. فيڪٽري جي مالڪ سان ڳالهائڻ پئي گهريائين."
تو ڇا چيس: شاهد پڇيس.
"چيومانس ته مالڪ ميٽنگ ۾ آهي. پنجن منٽن بعد فون ڪجو."

... ڪاليج جي فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. ميڊم صابره فون کنئي.
"ميڊم! مان شاهد ٿو ڳالهايان. ميڊم فاخره سان ڳالهائڻو آهي."
پهريون دفعو ڪاليج جي فون مان ڪنهن ڪزن سان ڳالهايو ويو.
"فاخره! توهان آفيس فون ڪئي هئي. ان مسخري عرفان کنئي هئي. ڪا بدتميزي ته ڪانه ڪئي هئائين."
"نه شاهد. فون ان لاءِ ڪئي هيم ته ميڊم صابره کي ڊرائيور سميت اوهان جي ڪار کپي. هوءَ آمريڪا مان آيل سهيلي کي ٽنڪل ريسٽوران ۾ ٽريٽ ڏيڻ گهري ٿي."
"گاڏي ڪڏهن کپي؟"
"سياڻي."
"ٺيڪ آهي. پر اهو چڱو نه ٿيندو ته پريهن موڪل به آهي، ان ڏينهن سڄي ڏينهن جو پروگرام ناهي هاڪس بي تي هلون. اتي منهنجي هٽ به آهي."
"ٽريٽ ۾ ڪيمل رائيڊ منهنجي طرف کان ٿيندي. وڏي گاڏي ڪٽنداسين. ڊرائيور موڪل سبب ڪونه هوندو. ڊرائيو مان ڪندس. اوهان ميڊم کان پڇو."

ميڊم اها ڳالهه نه نه ڪرڻ بعد فاخره جي زور ڀرڻ تي منظور ڪئي.

هاڪس بي تي بندوبست ڏاڍو سٺو هو. ميڊم صابره، مهمان مس ڊمپل عزيزي، ميڊم پنڪي ۽ ميڊم فاخره ڏينهن سٺو گذاريو.

ٻئي ڏينهن تي ميڊم صابره، مس ڊمپل ۽ ميڊم پنڪي فاخره کي اهڙي "سٺي ڪزن" تي مبارڪ پيش ڪئي.

"امان، مان شاهد صاحب کي آچر جي شام جو چانهه لاءِ چيو آهي. اجازت ڪپي."

ماڻس مسڪرائيندي چيو: "اها اجازت وري ڪهڙي؟ تو نه اڳي ئي چانهه لاءِ چئي ڇڏيو آهي نه؟"

"امان!"

آچر جي ڏينهن تي شاهد بهترين ڪپڙن ۽ قيمتي ڪار ۾ اچي القصر ۾ پهتو. فاخره جا والدين ان جي شخصيت کان ڏاڍا متاثر ٿيا.

ڪراچيءَ ۾ اهڙي ڌوم ڌڙاڪي سان شادي ويجهيءَ ۾ ڪانه ٿي هئي. ٻهراڙيءَ مان شاهد جا مائٽ اختلافن ڪري شادي ۾ شريڪ ڪونه ٿيا. البت اها ڪمي شاهد جي دوستن پوري ڪئي.

هني مون ڪوهه مريءَ ۾ گذارڻ جو فيصلو ٿيو. اتان جي مشهور هوٽل "هائيٽس" ۾ ڪمرو بوڪ ڪرايو ويو.

نئين شادي ڪيل جوڙي جا ٽي ڏينهن ڪل خوشيءَ ۾ گذريا. چوٿين ڏينهن دستوري روزانه اخبار سان گڏ ماهوار "گليمر" رسالو به ناشتي سان گڏ بيرو ڪمري ۾ ڇڏي ويو. شاهد صاحب شاور هينان هو. گليمر جا پنا اٿلائيندي "تازه شادي ڪيل جوڙا" جي صفحي تي ٻين سان گڏ شاهد ۽ پنهنجي تصوير ڏسي فاخره جي چپن تي مسڪراهٽ مڙي آئي. تصوير هينان تعارفي لفظ پڙهي فاخره جي هٿ مان رسالو ڇڏائجي ويو.

لکيل هو: "عرفان گارمينٽ فيڪٽريءَ جي مئنيجر شاهد حميد جي شادي خانه آبادي ميڊم فاخره حق سان."

وڏيڪ هوءَ پڙهي نه سگهي.

●●●●

اڪبر لغاري

# وڄڻ ڇو وٽڪار

آئون هڪ انتهائي مصروف ماڻهو هوس. سڄو ڏينهن ڪاروباري ڪمن کان ذرا به فرصت نه هوندي هئي. ماڻهن سان ملڻ، معاملا طئي ڪرڻ، ڪاروباري ذهانت (منافقت) جو ڀرپور استعمال ڪرڻ، ڏيتي ليتي، ٽيليفون، اگهه ٻار، مارڪيٽ، شيئر بازار، وغيره وغيره، ڏينهن سڄو انهن ئي ڪمن ۾ گذرندو هو.

شام جو وري جيمخانه، انتظاميه سان دوستي، بزنس ڊنرز (Business Dinners) شراب ۽ شباب وغيره منهنجون مصروفيتون هونديون هيون.

سڄو ڏينهن منهنجو ذهن، اهي ڳالهيون سوچيندو رهندو هو ته پئسو ڪمائجي، پنهنجو ڪم ڪيئن ڪڍجي، رشوت ڪيئن ۽ ڪيتري ڏجي ۽ دوکو ڪيئن ڪجي.

گهر پهچندي پهچندي رات اڌ کان وڌيڪ گذري چڪي هوندي هئي. زال ۽ ٻار ستل هوندا هئا. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ، شراب جو نشو، ڪاميابين جو سرور، دولت جو غرور، ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو، گهري ننڊ ۽ وري صبح جو ساڳيو ڪار وهنوار شروع.

دولت جي هوس، طاقت جي خواهش، حسن جي تمنا ۽ شهرت جي تڙپ مون کي ماڻهو منجهان مشين ناهي ڇڏيو. منهنجي سخت محنت، چالاڪي ۽ موقع پرستي مون کي بي انتها دولت مند ناهي ڇڏيو.

زندگي جي گاڏي تيز ڊوڙڻ لڳي. گهڙي جو ڪانٽو ڪنهن بي رحم سپاهيءَ جيان، وقت کي ڳترا ڳترا ڪندو ڏوڪندو رهي ٿو ۽ هڪ سيڪنڊ لاءِ به ساه نٿو پٽي.

منهنجي بيگم به ڏاڍي مصروف هوندي هئي. سڄو ڏينهن سوشل ورڪ، مينا بازار، زيورات، تقريبات، ملبوسات وغيره وغيره. اسان ٻنهي وٽ سڀ ڪجهه هو پر "وقت" نه هو. اسان وٽ هڪٻئي لاءِ وقت نه هو، ٻارن لاءِ وقت نه هو ۽ پنهنجي لاءِ وقت نه هو.

* * * *

رات جو پوئين پهر، ماحول تي رعبدار سناٽو، آئون ٿڪل ٿڪل ۽ ننڊ جي وادي ۾ گم.

اچانڪ منهنجي اک ڪنهن آواز تي کلي پئي. ننڊ جي خمار ۾ پهرين ته سمجهه ۾ نه آيو ته ڪهڙو آواز آهي، ليڪن پوءِ اهو آواز آهستي آهستي صاف ٿيڻ لڳو. ائين لڳو ڄڻ ڪو سُڏڪا ڀري روئي رهيو هو. مون بتي ٻاري پهرين ڪمري جو جائزو ورتو، پوءِ ٻاهر نڪري چڱيءَ طرح جاچ ڪيم

ليڪن ڪير بہ نظر نہ آيو. روئڻ جو آواز بند ٿي چڪو هو. آئون اچي وري سمهي رهيس.

هن واقعي کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا، ليڪن هي معمو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ان رات مون ڪنهن جا سڏڪا ٻڌا هئا. بهرحال هي واقعو منهنجي مصروفيت جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهجي گم ٿي ويو ۽ آئون وري مصروفيت جي درياهہ ۾ غرق ٿي ويس.

*  *  *  *

تقريباً هڪ سال کان پوءِ آئون آفيس ۾ وينو هوس تہ اچانڪ وري سڏڪن جو آواز ٻڌم. هوبهو ساڳيو آواز هو. پٽيوالي کي گهرائي پڇيم تہ ٻاهر ڪير پيو روئي. ليڪن پٽيوالو وائڙو ٿي ويو ۽ چيائين، "نہ سائين آفيس ۾ تہ ڪير بہ نہ پيو روئي." مون ڪيس وري ٻاهران ڏسي اچڻ لاءِ چيو ليڪن ان مون کي عجيب نظرن سان ڏٺو، ائين جيئن هن کي منهنجي ذهني ڪيفيت تي شڪ ٿيو هجي. آئون ڪڪو وڪو ٿي ويس. ليڪن غور ڪيم تہ آواز واقعي بند ٿي چڪو هو.

آئون پريشان ٿي ويس، ڇا هي سيڪجهہ وهم هو. شايد ڪم جي زيادتي جي ڪري ائين ٿيو هجي، ليڪن سڏڪن جو آواز تہ مون چٽو ٻڌو هو. ائين لڳي رهيو هو جيئن ڪير ڏاڍي تڪليف ۾ هجي پر پنهنجي روئڻ کي لڪائي رهيو هجي. گهٽيل گهٽيل سڏڪا، ليڪن صرف ٿوري دير لاءِ.

*  *  *  *

پوءِ انهن سڏڪن منهنجو سک ڦٽائي ڇڏيو. ٿورن ٿورن ڏينهن کان پوءِ مون کي ائين محسوس ٿيندو هو تہ منهنجي اوسي پاسي ۾ ڪو اهڙو شخص آهي جنهن کي عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي ۽ هو ڪنهن مجبوري سبب زور سان نٿو روئي سگهي. روئڻ جي آواز کي لڪائڻ جي ڪوشش ۾ گهٽيل گهٽيل سڏڪا نڪرن ٿا. ڪير آهي ايتري عذاب ۾؟ انهن سڏڪن جو آواز ٻيا ڇو نٿا ٻڌن؟

انهن سڏڪن جو آواز مون تي جادو جو اثر ڪندو هو. انهن سڏڪن ۾ جيڪو عذاب ۽ جيڪو ڪرب هو اهو مون کان برداشت نٿي ٿيو. جيئن ئي سڏڪن جو آواز ٿي ٻڌم، فوراً ان آواز جو پيڇو ڪندي ڳولا ٿي شروع ڪيم.

منهنجي زال مون کي ڪنهن ماهر نفسيات سان رجوع ڪرڻ جو مشورو ڏنو. آئون خوفزده ٿي ويس. دولت مند ماڻهو هوڻئن بہ وڏيڪ ڏڃٽو هوندو آهي. ڇا آئون دماغي توازن وڃائي رهيو هوس؟ ڇا آئون چريو ٿي رهيو هوس؟

ماهر نفسيات ڪجهہ ڏينهن تہ منهنجو علاج ڪيو ۽ پوءِ مشورو ڏنو تہ ڪجهہ ڏينهن گهمڻ جي لحاظ کان ڪنهن پرفضا مقام تي هليو وڃان.

*  *  *  *

گهمڻ وارو وقت تمام سٺو گذريو. خوبصورت ۽ بلند پهاڙ ڏٺم، انهن جون برف پوش چوٽيون

ڏنم، آبشارن جي فرحت انگيز پاڻي ۾ وهنتس، سائي مخملين چادر سان ڍڪيل جبلن جي هيٺانهين مٿانهين تي چهل قدمي ڪيم. مطلب تہ قدرت جي نظارن ۽ ان جي خوابيده حسن کي چڱي طرح ڏٺم. پُرسڪون ٿي ويس ۽ فرحت محسوس ڪيم. هن دوران مون هڪ دفعو بہ سڏڪن جو آواز نہ ٻڌو.. خوش خوش موٽي آيس.

واپس اچڻ ڪانپوءِ وري پنهنجي دنيا ۾ گم ٿي ويس. هيترن ڏينهن جي غيرحاضري جو ڪاروبار تي برو اثر پيو هو. ان خال کي پرڻ لاءِ وري اڳي کان بہ وڌيڪ ڪم ڪرڻ لڳس ۽ اتان ئي منهنجا حال خراب ٿيڻ شروع ٿيا.

"سڏڪا" وري شروع ٿي ويا. ياالله! هي ڇا ماجرا آهي. هاڻي سڏڪن جا آواز اڳي کان بہ وڌيڪ ڇنا ۽ ڪافي دير تائين هلڻ لڳا. عذابناڪ سڏڪا-

ڪنهن چيپاٽيل ۽ چچريل شخص جا سڏڪا-

ڪنهن دائمي تڪليف ۾ مبتلا شخص جا سڏڪا-

روئڻ کي زبردستي دٻائڻ جي نتيجي ۾ دهشتناڪ سڏڪا-

سڏڪا.....سڏڪا......سڏڪا......

سڏڪا منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿي ويا. سڏڪا تازيانہ بنجي منهنجي ذهن تي وسڻ لڳا. آئون بي قابو ٿي ويس ۽ آواز جو پيڇو ڪرڻ لڳس. ڪمري ۾، ڪمري کان ٻاهر، آفيس جي هر ڪمري ۾ ڳولا شروع ڪري ڏنم.

هي حالت مستقل ۽ باقاعده عادت ٿي ويئي، جنهن منهنجي ڪاروبار تي تمام برو اثر ڇڏيو. منهنجي ننڊ اڏامي چڪي هئي، ذهني يڪسوئي جي فقدان ۽ بي آرامي ۽ بي قراري سبب آئون چيڙاڪ ۽ غصيلو ٿي ويس. منهنجا دوست مون کان پري ڀڄڻ لڳا. پارٽين ۾ مون کي دعوتون ملڻ بند ٿي ويون. زال سان روزانہ ڪنهن نہ ڪنهن ڳالھہ تي جهيڙو ٿيڻ لڳو ۽ جيمخانہ جي ميمبرشپ ختم ٿي ويئي.

هن صورتحال ۾ ڪاروبار تي توجہ ڏيڻ ممڪن نہ رهيو. سڏڪن منهنجو چين ڪسي ورتو. شيو وڌي وئي، ڪپڙا گدلا ٿي ويا ۽ صحت ڪمزور ٿي ويئي. هن حالت ۾ منهنجي زال مون کي سنڀالڻ ۽ توجھہ ڏيڻ بجاءِ الٽو ٻارن کي وٺي پنهنجي دولت مند پيءُ وٽ هميشہ هميشہ لاءِ آمريڪا هلي ويئي ۽ وري ڪڏهن بہ واپس نہ آئي.

اڪيلائي منهنجي مقدر بنجي ويئي ۽ سڏڪا منهنجا ساٿي. منهنجو ڪاروبار منهنجي بي توجهي سبب تباھہ ٿي ويو ۽ آئون برباد ٿي ويس.

منهنجي حالت چرين جهڙي ٿي ويئي. مون کي هروقت ۽ هر طرف کان سڏڪا اچڻ لڳا. الائي

ڪيترا مهينا يا سال گذري ويا، ليڪن اها ڪيفيت برقرار رهي. مون پنهنجو پاڻ کي ڪڏهن شهر جي گهٽين ۾ ڀٽڪندي ڏٺو ته ڪڏهن جهر جهنگ ۾ رلندي ڏٺو. ڪڏهن پاڻ کي ڪنهن مزار تي لنگر ونندي ڏٺم ته ڪڏهن بيابانن جي خاڪ ڇاڻيندي.....

جيئن ئي روئڻ جو آواز ٻڌندو هوس، سيڪجهه ڇڏي ان آواز جي پويان پوندو هوس. هڪ خبط، هڪ جنون سوار هو ته ڪيئن به انهن سڏڪن جو راز معلوم ڪريان. اڪثر انهن سڏڪن ڏي منهن ڪري آئون به رڙيون ڪري انهن کي آواز ڏيندو هوس، ليڪن سڏڪا منهنجي دسترس کان ٻاهر هوندا هئا. آئون به روئڻ لڳندو هوس. آئون انهن سڏڪن کان ايترو متاثر هئس جو پاڻ به انهن سڏڪن وانگر ئي سڏڪڻ لڳس.

هاڻي ائين ٿيڻ لڳو جو جيئن ئي سڏڪا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، آئون به سڏڪن ۾ پئجي ويندو هوس، جو ته انهن سڏڪن جي پويان ڀڄڻ جي طاقت مون ۾ نه هئي. منهنجا ڪن هروقت گهٽيل ۽ چچريل سڏڪا ٻڌڻ لڳا. اهي سڏڪا ڪڏهن منهنجا ته ڪڏهن....خبر نه آهي ته ڪنهن جا هئا.

مون مان طاقت ۽ توانائي ختم ٿي ويئي. ڪنهن هڪ جڳهه تي پيو هوندو هوس. پاسي مان گذرڻ وارا مون کي روئندو ڏسي، ڪو مجذوب سمجهندا هئا ۽ رحم کائي، ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيندا هئا.

* * * *

هڪ رات وري رات جي پوئين پهر اڪ ڪلي ۽ روئڻ جو آواز ٻڌم. آواز جي طرف جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪيم پر سمجهه ۾ نه آيو. آهستي آهستي اهو روئڻ جو آواز بند ٿيو ۽ ان روئڻ واري مون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"اي بيوقوف انسان، ڪجهه پنهنجو عقل استعمال ڪر، ائين ته سڄي جمار مون کي ڳولي نه سگهندين."

مون ڏٺو ته اهو آواز ڪنهن ٻئي هنڌان نه پر منهنجي اندران اچي رهيو هو.

"ها! حيران ٿيڻ جي ڪا به ڳالهه نه آهي. جيڪڏهن تون ٿورڙو به عقل استعمال ڪرين ها ته هن حال کي نه پهچين ها. آئون تنهنجي اندر جو آواز آهيان، تو وٽ ڪڏهن به مون کي ڏيڻ لاءِ وقت نه هو. آئون رڙيون ۽ ڪوڪون ڪندو رهيس، ليڪن تون ان کي پنهنجو وهم سمجهي علاج ڪرائيندو رهئين..... ليڪن ان وقت دير ٿي چڪي هئي. آئون، جيڪو تنهنجي اندر ۾ رهان ٿو، سو بيمار ٿي پيس ۽ ان بيماري جو ڪارڻ تون هئين....."

منهنجي اندر جو آواز ڪنهن جابلو غار ۾ پڙاڏي وانگر گونجي رهيو هو. مون ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي ته دڙڪو ڏيندي چيائين:

"بند ڪر پنھنجي بڪواس، مون کي خبر آھي تہ تون مون کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ھميشہ وانگر مصروفيت جو جواز ڏيندين. مون جڏھن بہ توسان ڳالھائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنھنجي مصروفيت، تنھنجي ڪنن تي پردا چاڙھي ڇڏيا. تون مون کي وقت نہ ڏيئي، مون تي ظلم ڪندو رھئين ۽ آئون ڪمزور ٿيندو ويس، ۽ آخر ايترو لاچار ۽ بي وس ٿي ويس جيترو لاچار ھينئر تون آھين، توکي آواز ڏيندي ڏيندي منھنجي قوت گويائي ڪمزور ٿي ويئي. آئون مجبور ٿي روئڻ لڳس. شايد روئندو روئندو مري وڃان ھا، ليڪن شڪر آھي جو تو منھنجو آواز ٻڌي ورتو.....

پرھہ ڪان باک ڦٽي رھي ھئي.

* * * *

اڄڪلھہ آئون ھڪ پرائمري استاد آھيان. صبح جو سوير اٿي قدرت جا نظارا ڏسڻ لاءِ چھل قدمي ڪندو آھيان. پوءِ اسڪول مان ٿي، باقي وقت يا تہ پڙھڻ کي ڏيندو آھيان يا پنھنجي گھر واري ۽ ٻارن کي. منھنجي پھرين زال منھنجا برا حال ڏسي، مون کي اڳي ئي ڇڏي چڪي ھئي ۽ مون ھڪ غريب ڇوڪري سان شادي ڪري ڇڏي ھئي.

ھاڻي مون کي ڪوبہ روئڻ جو آواز ڪونہ ٿو ٻڌڻ ۾ اچي، ڇو جو ھر وقت منھنجو دوست مون سان گڏ ھوندو آھي ۽ اسان ھڪٻئي سان ڪچھري ڪري بي انتھا خوشي ۽ سڪون محسوس ڪندا آھيون. توھان سمجھي ويا ھوندا تہ اھو دوست ڪير آھي؟



# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(۱) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن ڪي خيال ۾ رکڻ ڪيپي ۽ اهو جاڻائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا رسالي کي نہ موڪليل آهن.

(۲) ترجمي جي صورت ۾، جنهن مواد ترجمو ڪيو وڃي، ان اصل جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح ضروري حوالا پڻ ڇپائيءَ سان جاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ آڻجن.

(۳) مواد ۾ پيش ڪيل رايون، تجويزن، نتيجن ۽ علمي ۽ فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ ڪيپي.

(۴) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب جاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر بڌل نہ رهندو.

(۵) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(۷) مواد، صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس جاڻائڻ نہ وسارجي، فون نمبر هجي تہ اهو بہ لکجي.

(۸) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ ڪيپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ بڌل نہ رهندو.

(۹) تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ ڪافي وقت ڏيڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي. -- **ادارو**



انگريزن جي زماني ۾ ملازمت دوران سنڌي ٻولي سکڻ جي اهميت بابت هڪ دستاويز،
جنهن مطابق هڪ ملازم، سن ١٨٥٤ع ۾ عربي ٻوليءَ سان گڏ "سنڌي ٻولي" سکي
وڃڻ جو اطلاع ڏيندي گهُر ڪئي آهي ته سنڌس روڪيل پگهار ڪيس جاري ڪيو وڃي.

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کين بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿيِ، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي ڀاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ڀاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)